سوالات حاظ اشان

جوابات

صادق اشان

احقر العباد فقیر نور الدین بلوچ مختاری نقشبندی

۲۸ جمادی الثانی سنہ ۱۳۷۶ مطابق

30 جنوری ۱۹۵۷

30 جنوری 1957

تعارف

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم - اما بعد

معلوم هجي ته هڪ شخص نالي "فولاد علي" قوم ننڌ بلوچ ضلع خيرپور ميرس
(سنڌ) جي تعلقه ميرواه جي ڳوٺ مينگهي فقير ۾ سڪونت پذير آهي سنڌ ۾
و فقط "فولاد" آهي پر اڪثر آدمي کيس "پولات" به چوندا آهن -
ڪور ه آدمي جي عمر هن وقت اٽڪل ٻه سؤ سال جي قريب آهي هو
ترين ڪارناما - عبرت انگيز ڪارروايون ۽ پرعجب عناديه ڪلام جي
ع خيرپور جا پر گهوٽڪي سڀني سنڌ ۾ نهايت مشهور آهي اهڙي طرح
پاڪ جو سخت مخالف - نماز - روزه - حج - زڪواة وغيره تمام ارڪان
عمل ڪرڻ ۾ عام مسلمانن لاءِ شديد مانع ۽ هر وقت خلاف شرع مشاغل
شاغل رهندو آهي - ان جي انتهائي عبرتناڪ مضلہ حالت جي اها حد آهي
ان پاڻ کي الله سڏائيندو رهندو آهي - سنڌ ۾ مذهبي لاڙ گهوٽڪي تشيعه
ذانهن آهي پر اڪثر ڪري مخبند وانهن جي اصولن کي بر ڪوڙ آهي - ڪيترا
اڳ سنڌ ۾ ان دعوئي الوهيت ۽ بين اسلامي قانون جي ابتري ۽ ناشائسته
ڪارنامن خلاف چند مجاهدن اسلام حڪام رياست خيرپور ميرس
جي سماعت هيٺ ڪورٽن ۾ مقدما هلايا هئا جن جي نتيجي ۾ فاضل ججن کيس تعزير شرعي
۽ سخت پورهئي سان ستر اڍائي جيل جي انعام سان نوازيو هو ليڪن ان هوندي به
هي بوڪين ساڳي پرچار بدستور اول جاري رکيائين اهڙي ۽ طرح ان جي ان راڄ
ڪيل غير اسلامي ۽ معاندانه تحريڪ ۾ ڪيترا بوجهه ۽ بي علم مسلمان ڦاسي ويا ۽ اڃا
وڌيڪ ڦاسندا رهن ٿا - کيس هڪ فرزند "علي گوهر" نالي آهي سو به پنهنجي ڪارنامن
۾ والد کان پٺ به ترقي ڪندڙ آهي -

ڳالهه ٿا ڪن ته اهو ساڳيو شخص (فولاد علي) پنهنجي حياتيءَ جي ڏور اول ۾ شرع

مقدس جو پيرو ڪار، نماز، روزه وغيره جو پابند عابد ۽ زاهد هيو ۽ پڻ
هڪ مدرسه ۾ مدرس جي حيثيت سان تدريس علم ديني جي شغل ۾ ڪيترا
سالن جا سال بسر ڪندو رهيو...... بالآخر ڪيس اوچتو هڪ اهڙي قسم جي رهبر
جي رهنمائي نصيب ٿي جنهن جي رهبري بدولت سندس ظاهر خواه باطن
جيڪو اڳ شريعت اسلاميه سان مزين ۽ آراسته هو سو يڪايڪ شرع محمدي
(صلي الله عليه وسلم) جي عظيم عداوت ۽ قرآن پاڪ جي صريح مخالفت ۾ تبديل ٿي
ويو ۽ اهڙي ءَ طرح ان اڻچ انقلاب جي ڪري ان جي منقلب شده حالت اُها
مستقل سيئه صورت اختيار ڪئي جنهن جو مڪمل نه بلڪ مختصر خا
ڪيل حالات ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

ها...... ۽ ائين ٿي سگهي ٿو ته اهڙي عبرتناڪ آدمي جي مڪم
حيات ۽ ان جي همه ڪارنامن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي عام ۽ خا
خواهش رکندڙ هجن مگر رساله جي رٿيل بحث ۽ ان سان تعلقدار مختلف
مد نظر انهن جي اهڙي تمنا کي پوري ءَ طرح پوري ڪرڻ بدران سندس
جي تفصيلي حالات لکڻ عوض ان جي سوانح تي مٿي جا ٽاپل معلومات موجب
طور وڌل روشني تي ئي اڪتفا ڪرڻي پوي ٿي...... خير!

ڪجهه وقت ٿيو ته ان شهر ۾ حضور حضرت مرشدي و مربي قبله صا
ادام الله فيوضه جن جو فرزند ارجمند بنام جناب محمد خليل الرحمٰن دام حيا
ساڪن رحمت پور شريف لاڙڪاڻه سنڌ خاص تبليغ اسلام لاءِ تشريف فرما
چونڪه ڪين فولادعلي جي خلاف شريعت جاري ڪرده ڪارنامن جي اڳ ۾ ئي خبر
هئي ان ڪري سندن اها دلي تمنا هئي ته جنهن صورت ۾ سانگي سان انهي ءَ ئي
ڳوٺ ۾ اچڻ ٿيو آهي ته بهتر ٿيندو جيڪڏهن مذڪور فولادا سان جيڪر تهنجي
قائم ڪيل نظريه تي روبرو علمي بحث ڪري ممڪن آهي ته راه راست تي اچي ۽
دين ۽ بغاوت اسلام کان باز اچي نيڪو ڪار بڻجي پوي! مگر آه!...... فَمَنْ يَهْدِيْ
مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ. قدرتاً اهڙو اتفاق بڻجي نه سگهيو!

بعد ۾ جناب حضرت صاحبزاده صاحب موصوف جن انهي ءَ ئي سفر ۾ ان

...يمان ڪيو ته توهان فولادعليءَ وٽ ديرو وڌي
...ڪري ڇڏيو ته جيئن جو ديرو ملاقات ۽ بحث
...ڪن هن توهان چاهيو ته ماڻين اصولي اختلاف جي
...صورت سان اهام ادبر صواب ٿي سگهي ٿي ته اوهان پنهنجي
...تحريرقلمبند ڪري موڪليو ته اسان وري انهن جا
...بون ته جيئن پل حق باطل ظاهر ٿئي.

...ب فرمان مذڪور حضرت صاحب جن جي فولادعلي وٽ
...ر ويش ڪيم جتي سندس فرزند علي گوهر بدان وقت وٽس
...ته انهن پنهنجي ذاتي عادت موجب عجيب وغريب چيڙجا ٽچالو
...ي مقصد کي نظر ۾ رکي بروقت سندن غيرشرعي گفتار جي جواب
...اموشي اختيار ڪئي...... جلدئي انهن وٽ ڏيءَ خوشيءَ سان
...پيش ڪش قبول ڪري پنهنجي طرفان مڪمل سوالات لکي ڏنا

...ن ڪه واپس وٺن آيس انهن پنهنجي ڪيل انعام مطابق اڳ ۾ئي تفصيلي
...ڪري ڇڏيا هئا ۽ جن جا جوابات براهِ راست اسمي طور حضور عاليجاه
...ين سراج العارفين فريد الدهر حضرت قبله صاحب مرشدي ومربي
...ي جن کان طلب ڪيا ويا هئا اهڙيءَ طرح اهو تحريري سوالنامو هن
...سوال پڇيو ويو ۽ گڏوگڏ پڻ ڏاڍو تاڪيد ڪيا ئون ته " سوالن جا جواب ا
...ن کي تمام جلد ضرور پهچن. نه ته بي صورت ۾ ائين سمجهنداسون ته حق
...ٿي آهي" بعده......

...هي بحثي لکيل سمورا سوال حضور حضرت بابرڪت پير طريقت ورهنمائي حقيقت
...بي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيا ويا...... پر جنهن صورت ۾ سوال نهايت حيرت
انگيز ۽ پنهنجي نوعيت ۾ يگانه هئا ۽ سائلن جي ڪمال جهالت ۽ سندن اعلى ضلالت
جو ثبوت ڏيئي رهيا هئا ان ڪري انهن جي مطالعه بعد فرمايائون ته " جواب جاهلان
باشد خموشي" چونه...... قال الله تبارک وتعالى. اِذَا خَاطَبَهُمُ الْجَاهِلُوْنَ

قَالُوا سَلَامًا ۔ (جڏهن بي سمجھ (جاهل) ما
تڏهن انهن کي چوندا آهن ته.... سلام هجي!)۔
كِرَامًا ۔ (۽ جڏهن بيهوده ڪمن وٽان لنگهندا
عزت سان گذر ڪري ويندا آهن))

واقعي جيڪڏهن سائلن جي هنن سوالن جو غور
سمورن سوالن تي ڳو خالص جهالت ئي جهالت حاوي ته
جاهل آدمي سان مخاطب ٿي ان سان انهي جاهلانه تحرير جي
بموجب فرمان خدا الله تبارڪ وتعاليٰ جي نيڪ ۽ صالح
ماڻهن هڪ سهڻي خصلت آهي.... ليڪن هن احقر جي حيرت
جڏهن انهن جاهل سائلن حضرت مربي عالم و عارف حقاني ۽
مصلحت قرآني موجب جواب ڏيڻ کان خاموش رهڻ جي رد
نه ڏيئي سگهڻ جي حالت قرار ڏيئي عام وخاص آدمين ۾ اهڙ
وئي اهو هل اٿاريو ته ڇو جي جيڪڏهن اهي ملا راه حق تي هجن ها
ڪامل هجن ها ته ضرور اسان انهن انهن لدني علم سان واسطه رکندڙ
صحيح موڪلي ڏين ها۔ مگر ڇڪ اهي انڌا اسان جون اهي باطني گجهارتون
جو ته هو فقط ظاهر بين آهن ۽ سندن اندر وارين اکيون پوريل آهن.....
هاڻي ته اسان جي عارفانه دعويٰ کي صحيح تسليم ڪندؤ يا اجابه نه ڏيندؤ؟! وغيره

اهڙي ۽ طرح انهن جي ان هنگامه خيز ۽ گمراهه ڪن زهر افشاني ۽ ڏ
گندي ۽ پروپيگنڊا منهنجي دل کي مضطرب ۽ مجروح ڪري مونکي هن لاءِ مجبور
ترجمت في الحال ته مان ئي انهن جي اٿاريل سوالن جا جواب پنهنجي ناقص طاقت
آهر ڏيئي سندن ٺاٺ گوئي (ٻڪ ٻڪ) ڪندڙ ٻوٿ کي ٻنجو ڏيان۔

علاوه انهن جي ڪٿي ڪيل هڪ سوال جي خاص نوعيت مان اندازو لڳي
محسوس ڪيم ته..... واقعي هي فولادي فتنه شريعت مطهره يا ملت اسلاميه لاءِ
خطرناڪ ۽ بدترين سازش آهي ۽ جنهن کي متعلقين مذڪور ڪليو ڪلايو ٻي ڊپائي
سان سرميدان وجود ۾ آندو آهي... ۽ جيڪڏهن وقت سر انهي جي ان

نهر آلوده ۽ ناپاڪ منصوبه جي قلع قمع ڪرڻ جو مناسب انتظام نه ڪيو ويو ته
امڪان آهي ته اجايه وڌيڪ [illegible] جاڻ ۽ آڳوجهه مسلمان ان فتني جي لپيٽ ۾ اچي پنهنجو
دين و ايمان تان هٿ وڃائي ويهن. [illegible] ڪري لازم آهي ته مذڪوره سائلن جي انهن موڪليل
پرخطر سوالن جا مڪمل [illegible] لکي ڏئي انهن موڪلي ڏجن جيئن جا ٺڳيءَ (اهي جوابات
انهن جي اڻ علم اُن اسلام جي [illegible] سيلاب جي انسداد لاءِ ڪافي ڪارآمد ثابت ٿين ۽ اڳ
خودسند نه خواه سنڌ نه مقلدن لاءِ راهه راست تي اچڻ جو باعث بڻجي پون!!

اهڙيءَ طرح انهن بنيادي سببن جي آڌار تي آخر اهو طئي ڪيو ويو ته انهن مذڪوره
شخص جي موڪليل جاهلانه ۽ معاندانه سوالن جا جواب قانون قرآني جي روشنيءَ
۾ ضرور ۽ جلد ڏيڻ گهرجن ۽ ان لاءِ پڻ حضور حضرت قبله صاحب مدظله العالي جن
کان اهڙي جوابي بحث تحرير ڪرڻ جي اجازت وٺڻ به لازمي ڄاتي ويئي... بنابرين
ان آڌار ۽ موجب حضرت مرشدي ومربي قبله جن جي خدمت گرامي ۾ [illegible]
عرض پيش ڪري ڏنائين اهڙي اجازت مرحمت ڪرڻ جي طلب ڪئي ويئي جيئن
استدعا کي منظور فرمائيندي پاڻ انهن سوالن جي جوابات لکڻ جي اجازت عنايت
فرمايائون.

اهڙيءَ طرح سنڌ ان [illegible] مبارڪ جي زير اثر سائلن جي سوالات جي جوابات
لکڻ لاءِ قلم هٿ ۾ کنئي ويو ۽ هيءَ قدر مڪمل ومفصل جواب لکي پورا ڪيا ويا.

سچ پچ ته ملازمت ۾ بيٺا اهم مصروفيتن سبب هن ڪم جي سرانجامي مون
قاصر هٿان ٿيڻ نهايت مشڪل هئي مگر اهو حقيقي طاقت جو مالڪ حق سبحانه تعالى
جيڪو ظاهر خواه باطن علم ڪل جو عالم ۽ پنهنجن ٻانهن تي ٻاجهارو ۽ غالب آهي
۽ جنهن پنهنجي قوت غلبه سان نمرود جهڙي سرڪش ۽ نافرمان انسان کي مڇر
جهڙي ادنى ترين مخلوق ذريعي لحظ اندر تباهه ۽ برباد ڪرائي ڇڏيو تنهن قادر مطلق
جيڪڏهن خاص پنهنجو ڪرم وفضل فرمائي پنهنجي هڪ ناچيز ۽ ڪمزور طاقت ٻانهي
هٿان ڪنهن دشمن اسلام شخصيت کي زير ڪرايو ته حقيقت ۾ اُهو به اُن جي ذات
ڪبريا جي قوت. ڪماليت ۽ بنده نوازي آهي! إِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيدُ. (تحقيق
خدا جيڪي چاهي سو ڪري ٿو)

مٿي ڇپيو ويو آهي ته فولاد هڪ مشهور عدوِّ مذهب اسلام شخص آهي ۽ هو پنهنجي علت عناد سبب ڪتاب حديث صحيح يا مطابق شريعت اقوال اهل الله هرگز نه مڃيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سندس فرزند علي گوهر به ان جي مذڪور نظريه تي عامل آهي؛ لهذا لازم ڄاتو ويو ته هنن جي سوالن جا جواب فقط آخرين ڪلام حجت (قرآن پاڪ) مان اخذ ڪري ڏجن جنهن کي ڪين انڪار ڪرڻ جي مجال نه رهي پوءِ يا ته خود بخود حق تسليم ڪن يا وري ٻيا ڪين راهه راست تي اچڻ لاءِ مجبور ڪن ! . . . .
علاوه جيڪڏهن انهن جي همه سوالن کي تحقيقاتي نظر سان غور ڪري ڏسبو ته اهي سندن اٿاريل سوال ڪنهن به خاص هڪ شخصيت سان وابسته ٿيل نظريه ايدا بلڪ بروئي مفهوم انهن جو واسطو براهِ راست تمام عالم اسلام جي مسلمانن جي بنيادي عقائد کي چيلنج ڪرڻ ۽ ان سان گڏ اسلامي نظام عمل تي شڪ ۽ ملامت ڪرڻ سان ئي ٿيل ڏسڻ ۾ ايندو ان ڪري ضروري ڄاتو ويو ته اهي غلط ترين ۽ اجهل سوال ۽ انهن جا ڏنل جواب باصواب عام اهل اسلام اڳيان ظاهر ڪيا وڃن ته ڪ عام مسلمان فتنه فولاديت کان باخبر رهن ۽ انهي ڇپيٽ ۾ اچي ويل الوجه مسلمان خبردار ٿي آئنده پنهنجي عاقبت ۽ سفر اخروي جو خيال رکي طريقه محمدي (صلي الله عليه وسلم) جا پيروڪار بڻجي حياتي پوري ڪن.

اهڙيءَ طرح اهو مقصد هن صورت کان سواءِ حاصل ٿيڻ ناممڪن نظر آيو ته مذڪوره بحث (سوالات وجوابات) کي رساله جي صورت ۾ باالترتيب لکي ان جون مناسب تعداد ۾ ڪاپيون ڇپرائي عام مسلمانن ۾ تقسيم ڪيون وڃن. ان حالت مد نظر مقصود مذڪور بر آمد ڪرڻ لاءِ سموري بحث کي رساله جي صورت ۾ ڇپرائي منظر عام تي آندو وڃي ٿو ۽ ان شروعات تي پيش ڪيل حقيقت جي بناتي رساله جو نالو "سوالات ڪاذب انسان وجوابات صادق قرآن" رکيو ويو آهي. رساله جي مضمون جي ترتيب هن طرح آهي جو اول ته مذڪور سائل جو سمورو سوالنامه سندس اصل تحريري صورت بموجب هڪ هنڌ لکيو ويو آهي. بعد ۾ هڪ هڪ سوال ۽ ان جو جواب ڌار ڌار سلسليوار لکي سمورا سوال ۽ جواب پورا ڪيا ويا آهن يعني هڪڙو سوال لکي اُن جي هيٺان اُن

جوجواب تحرير ڪري بعد ۾ ٻيو سوال ۽ ان جو جواب لکيو ويو آهي.

اهڙي طرح بعد از اختتام سوالات و جوابات چند صفحن تي مشتمل جامع نصائح ماخوذ به صحيح دلائل قرآن مذڪور سائلن ۽ سندن پالڻ لاءِ بعنوان "آخري انتباه" لکي بعد ازان "چند اشعار دلپسند براءِ هدايت گم گشتگان باديه ضلالت" پڻ فارسي زبان ۾ قلمبند ڪري ان سموري عبارت کي ختم ڪيو ويو آهي.

رساله ۾ تحرير شده سوالن جي صحيح جوابن ۽ انهن سان بين تعلقدار مناسب حقيقتن جي صحت متعلق جن مسلمه فاضل حضرات علماء محققين و ڪاملين بعد از مطالعه بصورت تصديق و تقريظ ريمارڪ فرمايا آهن ۽ جن جا اُهي دستخط شده بعينه نوٽ رساله جي آخر ۾ لکيا ويا آهن تن جمله حضراتن جا اسماءِ گرامي بطور تعارف ناظرين ڪرام هن هيٺ لکجن ٿا جي پڻ هي آهن:-

١- جناب حضرت قبله خواجهءِ خواجگان رهنماءِ گمراهان قطب دوران عامل و عارف قرآن عامل و مڪمل ۽ ڪامل مرشدي و مربي سيدي و سندي حضرت مولانا محمد عبدالغفار ادام الله فيوضه مدظله سڪنه رحمت پور شريف لاڙڪاڻه (سنڌ).

٢- جناب حضرت مولانا مولوي عبدالستار صاحب سڪنه جلالپور پيروالا خاص موضع لنگر ضلع ملتان (پنجاب)

٣- جناب حضرت مولانا محمد خليل الرحمان صاحب فرزند ارجمند حضرت قبله مرشدي و مربي رحمت پور شريف

٤- جناب حضرت مولانا مولوي محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسين ضلع سکر سنڌ مفتي شرع سنڌ و بلوچستان

٥- جناب حضرت مولانا مولوي محمد نجم الدين صاحب " " " "

٦- جناب حضرت مولانا مولوي عبدالباقي صاحب باقي صاحب هميوني

٧- جناب حضرت مولانا مولوي محمد حماد الله صاحب هاليجوي

٨- جناب حضرت مولانا مولوي محمود حسين صاحب هاليجوي

٩- جناب حضرت مولانا مولوي عبدالرحمان صاحب مهتمم و صدر مدرس مدرسه عربيه اسلاميه انوار الرحمان دريا خان مري ضلع نوابشاه

١٠- جناب حضرت مولانا مولوي عزيز الله صاحب نائب مهتمم جامعه دينيه دار الهدیٰ ٺيڙهي

١١- جناب حضرت مولانا مولوي رشيد احمد " مفتي " " " "

۱۲۔ جناب حضرت مولانا مولوي عبدالحليم صاحب شهدادڪوٽي

۱۳۔ جناب حضرت مولانا مولوي الله بخش صاحب پٺاڻ جهنگوي متصل اسٽيشن ڪوٽ لعلو ضلع خيرپور ميرس

۱۴۔ جناب حضرت مولانا مولوي غلام الرسول صاحب ساڪن شهر ٺارهه خان شيخ تعلقه ڦنبي ضلع لاڙڪاڻو

۱۵۔ جناب حضرت مولانا مولوي نور محمد صاحب معلم مدرسه نورالهدىٰ منگلا متصل اگرا تعلقه گمبٽ ضلع خيرپور ميرس

۱۶۔ جناب حضرت مولانا مولوي محمد صالح صاحب صدر مدرس مدرسه جامعه عربيه مخزن العلوم آگاڻي متصل ماهوٽه ضلع لاڙڪاڻه سنڌ

۱۷۔ جناب حضرت مولانا مولوي اله بخش صاحب بلوچ مدرس گوٺ ولي محمد خان بيٺي ضلع خيرپور

۱۸۔ جناب حضرت مولانا مولوي محمد يوسف صاحب نقشبندي متصل ديري تعلقه گمبٽ ضلع خيرپور

۱۹۔ جناب حضرت مولانا مولوي الٰهي بخش صاحب غفاري خانپور تعلقه ڪڪڙ ضلع دادو سنڌ

ڏنو ويندو ته جن تصديقات ۽ تقريظات ثبت ڪندڙن علماء ۽ عرفاء محققين جا اسماءِ گرامي تعارفاً لکيا ويا آهن تن حضرات صاحبن جي علم و عرفان صحيح هجڻ جو هر ذي عقل وسليم الطبع مسلمان اصولي طرح ضرور اقرار ڪندو ان ڪري رسالي زيرِ قلم اندر بحث متعلق عالم اسلام جي همه علماء ڪرام جي راءِ تحرير ڪرائڻ بدران صرف انهن مذڪوره مسلمه علماء محققين ڪاملين والراسخين جن جي تحرير ڪيل تصديقن ۽ تقريظن تي ئي اڪتفا ڪري ٿي بيٺي ۽ اهڙي طرح انهن حضرات جي مسلمه حقانيت مد نظر رکندي ان تلمبند ڪيل راءِ جي تائيد ۾ تمام اسلامي دنيا جي حقاني عالمن جو لازماً متفق هجڻ سمجهي طوالت جي بجاءِ اختصار مان سائيو مقصد برآمد ڪيو ويو آهي۔ بنابرين هيئن سمجهڻ گهرجي ته عالم اسلام جا سمورا علماء ڪرام انهن مذڪوره چند برگزيده هستين جي سائل فولاد علي ۽ سندس برپا ڪيل فتنه متعلق قائم ڪيل عالمانه ۽ محققانه راءِ جي متفق طور تائيد ڪندڙ آهن جنهن ڪري اهل نظر حضرات کي ڏسڻ ۾ ايندو ته رسالي جي سموري تحريري بحث تي علماء محققين مذڪور جي تلمبند شده محققانه تقريظات ۽ تصديقات نه رڳو سائلن جي اٿاريل سوالات جي ڏنل جوابات جي صحيح هجڻ تي مڪتفي آهي بلڪ انهن عارفانِ حقيقت و عاشقانِ شريعت ۽ پيروڪارانِ طريقت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ڪيل

۽ ان تصديق ڳويا مذڪور مشهور سائلن جي علم عمل خواه عقائد مٿان ھي فتويٰ به ڏيئي رهي آهي ته..... "انهن جو تمام علم و عمل فاسد آهي ۽ سندن هر عقيدو ملحدانه آهي. ڇاڪاڻ جو سندن هر هڪ فعل دستور قرآن جي برعڪس ۽ ضد ۾ رائج آهي".
ته اهڙي طرح سائلن جي رائج ڪيل تحريڪ تي انهن چند عارفن جي قائم ڪيل راءِ مذڪور ڪي ڳويا دنيائي اسلام جي همه محقق عالمن طرفان پڻ ساڳي قائم ڪيل لاءِ ڄاڻڻ گهرجي.

سچ پچ دل جي ٿي ۽ جگر ڪامي ٿو جڏهن هنن اکين سان حضور سرور ڪائنات مفخر موجودات صلي الله عليه وسلم جن جي پياري شريعت مطهره مٿان اهڙن ولايت و عرفان حقيقي جي حاملات جي ڪوڙي دعويٰ ڪندڙن کي ڏاڍ بي ديني. علم قرآن کان قطعي جاهلن شيطانيت جي علمبردارن ۽ انوجهه مسلمانن جي ٻاڙي لوٽ پيدڙن رهزنن هٿان انتهائي درد انگيز، اندوهناڪ ۽ اذيت رسان حملا ٿيندي ڏنا وڃن ٿا! ۽..... درد و غم جي حد ٿي نٿي رهي جڏهن انهن قلزم الحاديت ۾ غرق ٿيل آدمين جي واتن مان حقه چڪيندي، ڀنگ پيئندي، آفيم کائيندي، چرس جا سوٽا هڻندي ۽ شراب نوش ڪندي هر لحظه فرعون وانگر انانيت جا نعره ۽ آواز هنئي ڪنن سان ٻڌا وڃن ٿا!!

هائو..... بيلا واقعي جڏهن سابق صحيح مسلمانن جي حلال نطفه مان پيدا ٿيل ٻسماندہ شخصيتن جا هيءَ ڪارنامه خداوند قدوس مالڪ الملڪ سان بغاوت ۽ انجي محبوب و مقبول دين "اسلام" جي صريح مخالفت ۽ عداوت ۾ قائم ٿيل ڏنا وڃن ۽ اهڙي طرح سندن علمي خواه عملي ڪارروائيون پڻ حبيب خدا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي شريعت وطريقت مقدسه (اسلامي دين يا قرآني دستور العمل) کي ڪيڏي ۽ نيست و نابود ڪرڻ ۾ ڪليو ڪلا پوسر ميدان وجود ۾ اينديون ڏٺيون وڃن ٿيون..... ان حالت ۾ انهن درد ناڪ ۽ دلخراش ۽ ايمان سوز نظارن ڏسڻ بعد پڻ ڪهڙي دردمند، باحميت ۽ توحيد و رسالت تي ايمان رکندڙ مسلمان جو قلب و روح تي مجروح ٿي تڙپندو ۽ ڇڄڪيندو نه هوندو؟!!
بهرصورت هيٺ زيربحث آيل تحريڪ فولاديت جو مڪمل طور مطالع ڪندي ۽

ان ملان جي طرح آيل هر اصول وعقيده کي سامهون رکندي جيڪڏهن جا
بجا نظر ڦيرائي ڏسبي ته ڏرڳوان آتشِ فتنه مذڪور جي نه دم ڇڳو ڇوکو
ته آدمين جو ڪاميل نظر ايندو مگر بعينه اهڙين ڪيترين ئي مختلف ايمان
سوز تحريڪن جي لپيٽ ۾ به انداز ڪثير افراد مبتلا ٿيل ڏٺا ويندا....

۽ اهڙيءَ طرح اِن طوفان ضلالت والحاديت جي چپيٽ ۾ آيل انسانن وٽان
هر وقت صادر ٿيندڙ عمليات جي جزو ڪل تي منصفانه غور ڪرڻ سان چڱيءَ
پر معلوم ٿيندو ته انهن گمراهن جا تمام ڪردار نه فقط غير قرآني يا خلاف شرع
آهن بلڪ بجوئي ڏسڻ ۾ ايندو ته سندن ڪل ڪرتوت فقط مطلق العناني
جي نظريه تحت رنگ لادينيت ۾ رنگين ٿيل ۽ لباسِ دهريت ۾ ئي ملبوس ٿيل آهن
ڇو ته بموجب اصولِ دهريت اشخاص گروه مذڪور به ان بالاترين هستيءَ
آڏو جنهنکي اسان "خداوند تعاليٰ" جي نالي سان پڪاريون ٿا فقط هڪ منٽ
لاءِ به سر تسليم خم ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه آهن ۽ ڪڏهن به سندن ضمير کين اها
اجازت نه ٿو ڏئي ۽ نه ڏيندو ته هو اُن ذات لازوال باري تعاليٰ عزاسمه کي
مالڪ الملڪ معبود ۽ مسجود حقيقي تصور ڪري سندس اڳيان سربسجود ٿي
ان جي معبوديت ۽ مسجوديت ۽ پنهنجي عبديت ۽ مخلوقيت جو اقرار ۽ اظهار
ڪن!! جيتوڻيڪ هو نئين عام رواجي ٻوليءَ ۾ اهڙن اوصاف مضله مذڪور
شخصيتن کي "بي دين گمراه ۽ جاهل صوفي وغيره" سيئه القاب سان ياد ڪيو
ويندو آهي مگر ايندڙ تحقيقاتي بحث جي بنا تي جو ڪه محض دستور قرآن تي مبني آهي کين
"لامذهب مطلق العنان ۽ دهريو" سڏڻ بيجا نه بلڪ بجا ٿيندو ۽ يقيناً ان حالت ۾
اهڙن ناقابل معافي خطاڪار انسانن کي فقط "گنهگار مسلمان" سڏڻ ئي جرم
عظيم ٿيندو!!

اهل بصيرت حضرات وعلم قرآن جي عالمن خواه همه ڪلمه گو مسلمانن کي يقيني
طور هن ڳالهه جو علم ۽ احساس ڪلي آهي ته تنظيم اسلاميه يا شرع محمديه يا قوانين قرآنيه
کي درهم برهم ڪرڻ ۽ ان جي عديل ۽ هر انسان جي پسند پيداڪ ۽ سندن ذاتي آئين
نظام حيات کي صفحهٔ هستي تان مٽائڻ واسطي فرعونيت جي مقلدن جو ايجاد شده

اهوئي تباهه ڪن آلو آهي جنهن کي اڄ ڪلهه ”دهريت يا لادينيت“ جي منحوس نالي سان سڏيو وڃي ٿو ۽ واقعي ڪو به ذي عقل مسلمان هن حقيقت کان انڪار ڪري نه سگهندو ته برابر فتنه دهريت جنهن جو سنگ بنياد ”فقط“ خدا جي هستي ۽ کان انڪار“ تي رکيل آهي سو برابر اسلامي شريعت يا مسلمانن جي آئين ذاتي ۽ لاءِ سم قاتل ۽ پيغام موت آهي...... نه هاڻي اِن ناقابل انڪار حقيقت جي مدنظر هن رساله ۾ نه بحث آيل تحريڪ فولاديت کي ڏنو ويندو ته ڇا فقط دهريت يالادينيت جي طوفان ۾ پيشل ۽ انجي تاريڪي ۾ مدغم ٿيل ڏسڻ ۾ ايندي گويا ڪه دهريت جي نظريات ۽ فولاديت جي اصولن ۾ ڪو به فرق نظر نه ايندو هان........ جيتوڻيڪ تحريڪات مذڪور بظاهر ڌار ڌار اسمن سان موسوم آهن ليڪن اُهي ٻنهي هڪ ٻئي جي تحويل ۾ ايتري ته رَل ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جو ڪنهن به صورت ۾ ڪين ٻن ڌار ڌار نالن سان سڏڻ ۽ سندن وجوديت ۾ فرق پيدا ڪري نه ٿو سگهجي ۽ اهو جيڪو لفظي تفاوت نظر اچي ٿو سو فقط لساني آهي ۽ نه حقيقي ـــ جيئن ڪِ مثال طور...... جنهن شيءِ کي عربي ۽ ٻولي ۾ جهنم جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ته ان ساڳي چيز کي فارسي زبان ۾ يا سنڌي محاوره ۾ اندر دوزخ جي نالي سان پڪاريو وڃي ٿو. اهڙي ۽ طرح جنهن هلچل کي عربي ۾ دهريت جو نالو ڏنو ويو آهي تنهن ساڳي تحريڪ کي گويا بروچي ٻولي ۾ فولاديت جي اسم سان سڏيو وڃي ٿو جنهنڪري بالمقصوديت فولاديت کي دهريت ۽ دهريت کي فولاديت سان تعبير ڪرڻ بالڪل صحيح ٿيندو.

ها...... مٿي ظاهر ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته اسلامي دين يا نظام قرآن کي نيست نابود ڪرڻ لاءِ آتش دهريت جو شعله خيز طوفان فقط اسلام ۽ قرآن جي دشمنن جو ئي برپا ڪيل آهي ته ان صورت ۾ به تقاضائي غيرت هر مسلم ڪلمه گو تي عين لازم آهي ته هو اهڙي موجوده لادينيت جي هنگامه خيز تحريڪ کي پٽڻ اسلام جهڙي مقدس مذهب واسطي خطرناڪ منصوبه تصور ڪري ان فتنه جي انسداد ۽ خاتمي لاءِ مڪمل طور عملي قدم ضرور کڻي!!..... ٻي صورت ۾ خدانخواسته جيڪڏهن ان حقيقت افروز اهم معامله کي معمولي ڄاڻي ۽ بدستور خواب غفلت ۾ رهي ته انهي فساد لادينيت (فولاديت) جو جلد ئي سدِ باب نه ڪيو ويو ته يقيناً ان باد سموم (زهريلي هوا) جيا

ٿيو ٿيندڙ سمجهي (رهيا) اثرات تمام عالم اسلام جي مسلمانن جي دلين تي اثرانداز ٿي سندن قلبن مان ايمان جي ضيائي (روشنائي) کي ختم ڪري انهي جي قائم مقام ڪفر و الحاد جي سياهي ڇانئجي وڃي حقيقي موت جي آغوش ۾ ڏيئي ڇڏيندا.

...... ته پوءِ ......

اي توحيد و رسالت جي حرمت برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي پياري جان قربان ڪندڙ ايمان دار مجاهد مسلمانو! اي انوار شمع محمدي (صلي الله عليه وسلم) جي مقدس شريعت و طريقت جي عزت خاطر موت کي حياتي تي ترجيح ڏيندڙ صحيح عاشقو!!! — جڏهن ته ...... هنئير نه فقط خداوند تعاليٰ جي مقبول دين ۽ ان جي محبوب رسول اعظم (صلي الله عليه وسلم) جن جي پياري شريعت و طريقت ۽ سندس موڪليل مقدس ڪتاب (قرآن مجيد) جي خلاف جابجا عداوت جي شعله خيز آگ ڀڙڪي رهي آهي مگر ...... خود خدا جي خدائي کان انڪار جا آواز هر طرف کان فضا ۾ گونجي رهيا آهن تنهن صورت ۾ غيرت اسلامي جي تقاضا موجب اوهان تي واجب نه بلڪ عين فرض آهي جو هاڻي ...... خدائي دين جي توقير جي تحفظ خاطر پنهنجي پياري جان جي خون جي آخري قطره قربان ڪرڻ کان به دريغ نه ڪيو!!!

هان ...... جيتوڻيڪ اهين برابر آهي ته تحريڪ قولاديت جي باني قولاد علي پاڪ بين الاقوامي مهلڪ سازشين جي باني ڪارن جي مروجه ڪارنامن جي گندي شدت (اهڙي) آهي جنهن مان پڻ هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انهن خواه انهن جي تقليدي گمراهن جو پيڇڻ ڪارگذارين تي نادم ٿي موٽي راه راست تي اچڻ ڏاڍو مشڪل آهي مگر ...... تاهم ان هادي حقيقي ذات باري تعاليٰ شانه وعز برهانه جي بي پايان رحمت و رئوفيت ۾ واثق اميد جا ٿي سندس بارگاه ۾ دست بدعا آهيون ته شال الله تبارڪ و تعاليٰ اهڙن نافرمان سرڪش ۽ دهريت جي پرچار ڪندڙن انسانن ۽ سندن سيني پوءِ لڳن کي شريعت محمدي (صلي الله عليه وسلم) يا قرآني دستورالعمل مطابق پيرو ڪار ٿيڻ جي مستقل طرح توفيق عنايت فرمائي.. ۽ اميد آهي ته اشخاص مذڪوره ۽ سندن عمل با نفا اسان جي هن گهايل دعا جي پڙهڻ سان انهي پويان "آمين ثم آمين" جا الفاظ اچاري دعائے مذڪوره جي اجابت

۾ اچڻ لاءِ پنهنجي خواهش ۽ آمادگي ڏيکاري پنهنجي دلين کي هدايت جي طرف لاڙڻ جو ثبوت ڏيندا ...!! پر جيڪڏهن هو اسان جي طرفان سڏن تي حق ۾ مڙ ڪو رڳو گهريل دارين جي سعادت واري دعا جي قبوليت کان عيبائيندي شرع رسول عربي (صلي الله عليه وسلم) تي عمل پيرا ٿيڻ يا عامل بالقرآن ٿيڻ کان ڪند ڪيائيندي ۽ بيزار ٿيندي "آمين ثم آمين" چوڻ بدران حقي جو ترو وات ۾ وجهي زور وشور سان "ڳٽ ڳٽ ڳٽ" جا آواز پيا اچار ڪندا ته سچ پچ اها سڏن ڪمال درجي جي ڪم نصيبي جنهن جي اهڙي صورت ۾ سندن ان قياس جوڳي حالت تي جيترو به ارمان ۽ ڏک ڪيو وڃي ٿورو ٿيندو - ڪيئن جو ..... ڀلا هڪ فرد بني آدم جيڪو اشرف المخلوقات جي لقب احسن سان سينگاريل آهي ۽ جنهن تي پنهنجي خالق جي طرفان نهايت زبردست ذميواريون عائد ٿيل ٿيون ۽ جنهن کيا تا دم زندگي لازمي طور خداوند تعالى جي عبادت ڪرڻ لاءِ جوابدار نفر ڪيو ويو آهي ته اهو خليل بالهو جو عذاب جهنم کان ڇوٽڪارو ولهڻ گهري ۽ انعامات اخروي جي حاصل ڪرڻ جي خواهش ڪري ته ان شخصيت واسطي آخر دستور الهي يا قانون قرآن مطابق حياتي گذارڻ کان سواءِ بيو ڪهڙو رستو ٿي سگهي ٿو جنهن موجب اوقات زندگي بسر ڪندي فلاح حقيقي ۽ سڪون ابدي حاصل ڪري سگهي ؟! بهرصورت ..... هر فرد انسان جي دنياوي خواه اخروي زندگي جي ذاتي ۽ حقيقي فلاح جي ضمانت فقط ان هڪ ئي دستور العمل ۾ آهي جنهن کي شريعت مقدسه يا اسلامي قانون يا قرآني آئين جي مختلف مگر هم معنى نالن سان سڏيو وڃي ٿو - پوءِ ..... جيڪڏهن ڪو به آدمي ان اسلامي دين يا خدائي قانون جي خلاف ۽ ابتڙ قوانين رائج ڪري يا انهن تي عمل پيرا ٿيندو ته ان بد نصيب شخص کي فرمان خدا موجب لازماً بجز صريح نقصان جي بيو ڪجهه به پلئه نه پوندو - جئين ته :- بقوله تعالى

وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ

مِنَ الْخَاسِرِيْنَ ٥ (قرآن ـ ٣ ـ آل عمران ـ رڪوع ٩) يعني:- ”جيڪو اسلام جي رستي کان سواءِ ٻيو ڪو طريقه اختيار ڪندو ته (ان جو اهو دين يا مذهب) ڪڏهن به هرگز قبول نه ڪيو ويندو ۽ اهو (مذهب اسلام جو مخالف شخص) آخرت ۾ نقصان وارن مان هوندو.“

ها.... اهڙي طرح اخير ۾ انهيءَ اعلانِ قرآن کان متاثر ٿي ان فرمان الاهي آڏو سر تسليم خم ڪندي ـ دستور اسلام جي لاثاني ۽ بي مثال هجڻ جي صداقت جو اعتراف ڪندي. ان ذات خداوند تعالى جي خالقيت ۽ معبوديت ۽ پنهنجي مخلوقيت ۽ عبديت جو اقرار ۽ اظهار ڪندي سندس اڳيان سر بسجود ٿي ان مالڪ حقيقي جي مسجوديت جو مظاهرو ڪندي ۽ پنهنجي عاجزيت ۽ انڪساريت ۽ ان ذات رب العالمين جي صمديت ۽ برتريت کي ظاهر ڪندي بارگاه ايزدي ۾ گداگرانه نيچي حالت سان گدائيءَ مناجاته الفاظ آلاپيندي ۽ پڪاريندي.... ان طرح هلندڙ مقدمي جي هلايل سلسلي کي مالڪ الملڪ حقيقي آڏو هيئن مناجات ڪرڻ جي صورت ۾ آڻي ختم ڪريان:- رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ط

يا سميع، بصير خدايا.... هن وقت تنهنجي خلقيل عالم دنيا تي دهريت، الحاديت ۽ ڪفريت جي آتش فشان طوفان جي جلائيندڙ شعلن جي برسات وسي رهي آهي ۽ تنهنجي وحدانيت جا پوڄاري ان ايمان سوز شعلا باري جي گهيري هيٺ اچي چڪا آهن ۽ تنهنجي امداد جي انتظار ۾ منتظر ٿي آخري دم کڻي رهيا آهن. خدايا! انهن پنهنجي ٻانهن جي ان وقت کان التجاءِ مدد نه ماءِ ڪئي پنهنجي دستِ امداد ذريعي لادينيت ۽ الحاديت جي ماحول مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي خالص اسلامي شريعت جي فضا ۾ پهچاءِ. يا عليم خبير مولا.... تنهنجا پيدا ڪيل ٻانهاءِ تو سان تنهنجي ربوبيت جو اقرار ڪري آيل افرادي آدم اڄ تنهن تولاديت ۾ حڪمت جي تنهنجي مقبول ۽ منظور شده دين اسلام“ سان بغاوت ۽ تنهنجي نازل فرمايل ڪتاب (قرآن مجيد) جي عداوت جو اعلان ڪري تنهنجي بنايل نظام انسانيت (قانون اسلام) کي درهم برهم ڪرڻ جو عزم مصمم ڪري چڪا آهن ۽ ها.... نه فقط ايترو بلڪ تنهنجي ذاتي يڪتائي ۽

بيچونگي جو انڪار ڪري تنهنجي بي مثل ذات بابرڪات کي تمثيلات جي دائره ۾ آڻي ٿو بيچون ۽ بي مثل خدا کي انتهائي يقين سان ان شيءِ جهڙو سمجهي رهيا آهن جيڪا هن دنيا اندر هنن اکين سان ظاهر ظهور ڏسي به سگهجي ٿي ۽ جيڪڏهن دل چاهي ته ان تي هٿ به رکي سگهجي! ها..... ۽ اهڙا جهنم سوز ۽ قيامت خيز اعلان سرميدان پنهنجي انهن زبانن مان صادر ڪري رهيا آهن جن زبانن کي تو ئي ڪلام ڪرڻ جي طاقت بخشي آهي! واءِ افسوس..... ۽ اهڙي طرح فولاديت جا مقلد ۽ مبلغ عالم دنيا کي موت جي منهن ۾ ڏيندڙ. حشر بپا ڪندڙ ۽ دولت ايمان کي ساڙيندڙ ڪفريه آتش جي انهن اُلن جي شعله باري انهن ايماندارن جي دلين مٿان سندن نور ايمانيه کي جلائي ختم ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهن جيڪي تنهنجي بي مثاليت. لازواليت اعلىٰ جلاليت ۽ لا انتها ربوبيت کي انتهائي يقين قلبي سان تسليم ڪندڙ آهن!!

ياقادر ذوالجلال سائين..... پنهنجن انهن بي پهچ ٻانهن کي جيڪي تنهنجي ذات جي يگانگيت. لامثاليت ۽ بيچونگيت تي حق اليقين رکندڙ آهن ان آتش فولاديت. لادينيت ۽ دهريت جي سوز شي اثرات کان مامون ۽ محفوظ رک جن مٿان اڄ انهيءَ ايمان سوز باهه جي بارش وسي رهي آهي..... ۽ ياهادي المضلين خدا تون پنهنجي نور هدايت سان انهن اوجهه ۽ ڪم عقل انسانن جي وري به رهنمائي فرماءِ جيڪي پنهنجي جهالت سبب فتنهٔ فولاديت جي ڄڀيٽ ۾ اچي پنهنجي لاءِ تنهنجي غضب ۽ قهر جو سامان مهيا ڪري رهيا آهن. ياارحم الراحمين ومقلب القلوب خداوندا..... اهڙي طرح موجوده ڪل تحريڪات ضلالت کي پنهنجي پيدا انقلاب سان مبدّل ڪري انهن کي تنظيمات هدايت ۾ تبديل فرماءِ —— يا رهنمائے ڪائنات ڪلّ اڄ ڪشتيءِ امت محمد به طوفان ڪفر و الحاد جي زد ۾ اچي چڪي آهي! يالطيف وڪريم ذات پاڪ مولىٰ. پنهنجي حبيب مصطفىٰ صلي الله عليه و سلم جي امت خير الامم تي هن نازڪ دور ۾ پنهنجي خاص لطف وڪرم جي نظر فرمائي سندن سفينهٔ ايمان کي ان تباهه ڪندڙ طوفان جي لهر مان آزاد ڪري ان کي سلامتي سان ڪناري تي پهچائڻ جي ناخدائي فرماءِ!! يارب العالمين هادي حقيقي انسان بي سروسامان نادار ٻانهن کي انهيءَ ايمان ۽ هدايت جي نعمت سان

مالامال ۽ سرفراز ڪرڻ کان پوءِ به ڪفر ۽ گمراهي ۾ ئي هئا... يا مالڪ الملڪ مجيب الدعوات اسان عاجزن ۽ قاصرن جون دعائون قبول فرمائي اسان کي پنهنجن برگزيده بندن جي محبت ـ صحبت ۽ رهنمائي نصيب ڪرڻ جي رفاقت وصحبت بدولت فقط تنهنجي محبت جو ثمرو حاصل ڪري سگهون .... ۽ ..... يا دافع البليات رب السموات والارض مولا ... اسان اڻ ڄاڻن ۽ بي سمجهن کي انهن گمراهن ـ بي دينن ۽ شرع اسلاميه جي دشمن عناصرن جي سنگت ۽ صحبت کان پري ڪرڻ مغضوب ومقهور شخصيتن جو قرب ۽ رفاقت لازمي طرح تنهنجي غيظ وغضب جو باعث بڻيل آهي ـ يا اڪرم الاڪرمين ويا صاحب الجود والعطا ويا خالق ارض وسما .... اسان کم ورن ۽ ناقص بانهن کي اهو صحيح عقل ـ علم وعرفان عنايت ڪر جيڪو تنهنجي معرفت اصلي جي حاصلات لاءِ رهبري ڪري سگهي ـ ۽ اسان کي انهيءَ صالح عمل جي توفيق عطا فرماءِ جنهن جي ذريعه خاص تنهنجي محبت ورضا جو لاانتها ۽ غيرفاني سرمايه حاصل ڪري سگهون!

وَاٰخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ـ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى حَبِيْبِهٖ سَيِّدِنَا وَسَنَدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ ه اَللّٰهُمَّ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ـ اَللّٰهُمَّ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ

آمِيْن ثُمَّ آمِيْن يَا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ

احقر العباد فقير نورالدين بلوچ غفاري نقشبندي

٢٨ جمادي الثاني سنه ١٣٧٦هه مطابق ٣٠ جنوري سنه ١٩٥٧ع بروز چهارشنبه بوقت نيم روز

سائلن جو سوالنامه

٧٨٦

حق موجود

خودشناس وخودشناس وخودشناس

دور کن از خویشتن عبدی لباس

بعد از حق موجود- المطلب ته اڄ ڪلهه زماني ۾ جيڪي صوفي اهل الله جيا وڃن ٿا انلاءِ جو هوا نهي ۽ علم باطني نبوي علم لدني جا پاءِ ٻڌ ۾ شاگرد آهن منجهن اهل عوام جو اهل الهيت ۽ باطن ٻيني ۽ جو حسن ظن آهي جيڪڏهن ڪري متابعت ۾ بيعت ڪن ٿا. تصوف وارن باطن بينن کي مناسب آهي ته مشڪل مسئلن کي حل ڪن. جيا ڪا ط ته سون ڪوڻي سان ڪر وڪو ٿو سچا بٽو آهي- موتي يا ڪچ ٻه صراف سڃاڻندا آهن. ان موجب اوهان درويش صاحبن کان چند مسئله قرآن مجيد مان پڇجن ٿا جن جو جواب باصواب ضرور ارسال ڪندا-

سوال نمبر ا:- آية ڪريمه وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَأْتِيَكَ الْيَقِيْنُ- ۽ خدا اچي پرستش يقين تائين ڪريو- عام ظاهري عالم يقين کي موت جي تاويل ڪن ٿا ليڪن اها غلط آهي ڪنهن جاهل بڪر ادڪان يقين جو پڇيو ته معنيٰ وسياه چوند وته موت- هاڻي خدا اچي ڪلام مان معلوم ٿيو ته خدا اچي عبادت يه يقين بعد معاف يا ٽل ڇٽي- هاڻي ٻڌايو ته يقين ڪهڙي موقع ۾ سالڪ کي اچي ٿو ۽ اها حد ڪهڙي؟

سوال نمبر ٢:- آية ڪريمه هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ- اول آخر ظاهر باطن خدا تعاليٰ آهي اول الله معني روز ازل وارو الله اهو ۽ گهڻو وقت گذ شنه جو بيان آهي آخر الله معني قيامت

جي موتعدواد و الله آهي. باطن الله معنيٰ ڏسڻ کان غائب الله جو بيان آهي ظاهر الله معنيٰ ڏسڻ ۾ ايندڙ الله. هائي اول الله ۾ آخر الله ۾ باطن الله جو نتو ٻيجي ڇو ته اهو گهڻو عرصه ديرءِ مخفي ٿيڻ بدايي تو. تنهڪري فقط ظاهر الله ڏيکاريو ۽ ان تي هٿ رکي ڏيکاريو ظاهر معنيٰ آهي جا شيءِ هٿن اکين سان ڏسڻ ۾ اچي ان کي ظاهر چئبو آهي) اهو ظاهر الله بمعه ثابتي ۾ شاهدن جي ڏيکاريو ۽ هٿ بر رکوس. جيئن هٿ زمين. آسمان. سج. چنڊ. تارا. ڪائنات جي نالي چوندو ته اها قدرت هن جي نهيل آهي تدرت کي قادر نه چئبو.

سوال نمبر ٣:- آية ڪريمه إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِينِ. اهو حق يقين ڪٿي آهي ان جو مقام ۾ حد مڪه آهي يا مدينه شريف؟

سوال نمبر ٤:- آية ڪريمه يَا بَنِيٓ آدَمَ لَا تَعْبُدُوا الشَّيْطَانَ إِنَّهُ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِينٌ. آدمين جو پڌرو دشمن شيطان آهي اهو ڪٿي رهي ٿو ۽ صورت شڪل مهانبو ڪمن واڻن ۾ ان تي به هٿ رکي بدايو.

سوال نمبر ٥. وَرَفَعَ أَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَخَرُّوا لَهُ سُجَّدًا. (سورة يوسف) ماءُ پيءُ کي تخت تي ويهار يائين سجدو ڪيائونس يعني ڪرين اڳيان ان جي ١١ ڀائرانجا او هانکي معلوم هوندو ته ابراهيم صلعم نبي پاڪ بت پرستي کان بيزار هيو ان جا پٽ پوٽا بہ نبي پاڪ هيا بت پرستي مشرڪي آهي اها بت پرستي اهڙن پاڪ هٿين ڇو ڪئي؟ ١١ ڀائرن ۽ ماءُ سميت سجدو ڪري ڇا عامي آدمي بر جي اها سهو ڪن ها ته عجب نه هو تعجب و ڏو آهي ته بت پرستي نبين کان ڇو ٿي؟ حالانڪ غير حق جو سجده ڪفر ۽ مشرڪي آهي انهي حد تي ڇا هڙا پاڪ نبي پهتا؟ آدمي کي جو سجده آدمي کي ناجائز آهي پو ۽ ان جو جواب ڏيو ته اهو غلط ڪم ڇو ڪيائون؟

سوال نمبر ٦:- قرآن مجيد مان ته جنهن صورت ۾ موسيٰ نبي صاحب شريعت هيو نبوت بہ مليل هيس پو ۾ ڇو خداوند اڪبر خضر جهڙي بي شريعتي خوني ۽ ظلم ڪندڙ طرف ارشاد ڪيس ته لدني علم خضر کان سک اهو سبب ڇا؟ ان جو جواب ڏيو ته ڇو نبي موسيٰ خضر جي متابعت ڪئي؟ هو ڏانهن هو (خضر) حق جي فرمان موجب انجاني شيل گناه ڪبيره ڪري چڪو هو.

(متفرق سوال مختلف اهل الله جا)

سوال نمبر ١:- از ديوان امام رباني مجدد الف ثاني سلطان نقشبند رحمة الله عليه

پير مادر كوئي آن دلدار شد ؛ از خدا و مصطفى بيزار شد

فرمائي ٿو ته اسان جو مرشد انهي محبوب جي بازار ۾ ويو آهي جو خدا ۽ رسول کان بيزارڻي ويو. هاڻي ٻڌايو ته اهو محبوب ڪهڙو ويو ان جو نالو ڇا آهي جنهن الله تعالى ۽ محمد صلعم کان بيزار ڪيو.

سوال نمبر ٢:- بيت از مخدوم لعل شهباز بلند پرواز نور الله مرقده عارف سلطان سند.

مطلوب نطلبيم که اين طلب حرام است ؛ الله نگوئيم که در شرک بمانيم

مرشد نه گويند اسان جو اهو گو لاڪرڻ حرام آهي. الله جو نالو نه کڻند اسان جو مشرڪ ۾ پوندا اسون. هاڻي ٻڌايو ته الله جو نالو جوڻ مشرڪي وڃائي ته پڙهنڪي مشرڪ چو ٿو ڪري؟

سوال نمبر ٣:- نسبت بيت بهلول دانا رح

چه خوش گفت بهلول فرخنده فال ؛ که من از خدا پيش بودم دو سال

بهلول دانا رح فرمايو ته مان الله کان ٻه ورهيه وڏو آهيان ڌهت په معرفت دار و جواب ڏيندو)

سوال نمبر ٤:- ايضاً (بيت بهلول دانا رح)

من آنوقت که دم خدا را سجود ؛ که آدم نبود و خدا هم نبود

معنى:- مان الله کي سجده تڏهن ڪيو هو جڏهن آدم به نه هيو ۽ الله به نه هيو پوءِ ٻڌايو ته ڪنهنڪي سجده ڪيائين ۽ اهو وقت ڪهڙو هو؟ همت عقل ڪم نه ڏيندو.

سوال نمبر ٥:- لنگ ڪيريائون لانگ موتي ڪيائون نه مسڪو

جا الست کان اڳ هئي سا ٻڌائون بانگ

ساڻي جهاڳي سانگ وسنو ڪي ڏيکها ٿيا

(بيتائي صاحب رح)

ٻڌايو ته اهو لنگ ڪهڙو ويو؟ ۽ اها لانگ ڪهڙي؟ اها ٻانگ جيڪا الست کان اڳ هئي سا ڪهڙي؟

سوال نمبر ٦:- بيت

نڪي هاڙهي هل نڪي ويهه پنيور
ڪوڙ ڳالهائي ڪينڪي سچي ساک نسل
جاٻ ڪاٺ نه جل سک وسار نه ڀسئي

ان جي معنيٰ ۽ مطلب ٻڌايو.

سوال نمبر ٧:- بيت

منهن محراب پرين، جو جامع سڀ جهان
ڏري جا فرقان جي ڪاتيائون قرآن
سيوئي سبحان ڪاڏهن نيئي نيتان

ان جي معنيٰ ڇا آهي؟

سوال نمبر ٨:- بيت بيدل فقير

جڏهن ياٺون سڀ سانگ ڪندا ڪوه نماز ڪي
جيڏهن عالم آسرو تيڏهن ڪن نه نانگهه
نڪي پيرن ڪلمون نڪي ٻڌن ٻانگ
لاهوتي ٻي لانگ جي ادب کان اڳي ويا

ان جو مطلب ڪهڙو؟

سوال نمبر ٩:- ابيات مولانا روميءَ صاحب زخاص ڪري نماز جي باري ۾

راست فرمود آن رسول خوش خبر
گر نماز و روزه مي فرمايدت
هر که محراب نمازش گشت عين
هر که با سلطان شود او همنشين
دست بوسش چون رسيد از پادشاه
گرچه سر بر پانهادن خدمت است

ذره عقلت به از صوم و نماز
نفس مکار است مکري زايدت
سوي ايمان رفتنش ميدان توشين
بر درش شستن بود حيف و غبين
گر گزيند بوس پا باشد گناه
پيش آن خدمت خطا و ذلت است

شاه را غيرت بود بر هر که او — بو برد گر بعد از آن که ديد رو
گر محبت فکرت و معنیٰ ستي — صورت صوم و نماز نيستي
گر وزيري را کند شه محتسب — شه عدوئے او بود نبود محب
ليک آن اوّل وزيري شه بدست — محتسب کردن سبب فعل بدست
تو يقين ميدان که جبر مي کردهٔ — جبر را از جهل پيش آوردهٔ

(مثنوی مولانا روم)

سوال نمبر ۱۰:- بيت از سچل فقير ؒ

در در عشقي در لطائفهائے نيست — راهِ مولا در وظائفهائے نيست
شيخي و پيري بزرگي رهزني — اين خيال باطل از ما و مني

(انهن ٻنهي بيتن جو مفهوم سمجهي سندن حقيقت کولي ٻڌايو)

(سوالات شروع از طرف فقير صاحب فولاد علي فقير سندن چشم ديده سير حقيقت معنوي)

سوالات نمبر ۱:- الله - نفس - شيطان ٽئي هڪ هنڌ آهن جدا جدا ڪرڻ سمجهايو ته ڪيئن جدا ٿيندا؟

سوال نمبر ۲:- عرش عظيم کي ڪيترا دروازا آهن؟ درگاه جو نمونو ڪهڙي دستور آهي؟ عرش عظيم جي درگاه جو فرش ڪهڙي رنگ ۽ ڪهڙي دستور تي آهي؟ حضرت ذوالجلال والاڪرام الله تعاليٰ عرش عظيم ۾ ڪهڙي هنڌ تي ۽ ڪهڙي طرف ويٺل آهي؟ ۽ سندس منهن مبارڪ ڪهڙي طرف آهي؟ سندس ڪرسي ۽ جو رنگ ڪهڙو آهي ۽ عرش جي ٻاهران ڇا آهي؟

سوال نمبر ۳:- لوح محفوظ جي پهرين سٽ ۾ ڇا لکيل آهي انهن اکرن جو رنگ ڪهڙو آهي ۽ لوح محفوظ جي فرش ۽ جو رنگ ڪهڙو آهي؟

سوال نمبر ۴:- بهشت جو دروازو ڪهڙي طرف آهي دروازي تي ڪير بيٺل آهي؟ ان جي صورت ڪهڙي آهي؟ حورن جي ڪيترا ڪهڙي رنگ جا

آهن ۽ سندن جسم جي مشابهت ڪهڙي آهي؟ بهشت جي وڻن جو ذڪر ڪهڙو ۽ انهن جو قد ڪيترو ۽ بهشت جي ديوار جو نمونو ڪهڙو آهي؟

سوال نمبر ٥:- چار مقرب ملائڪ جبرائيل، اسرافيل، ميڪائيل عزرائيل جن ڪاٿي رهن ٿا؟ انهن جي صورت ڪهڙي منهن ڪهڙي طرف اٿن ۽ ڊيل ڇا ٿي آهن؟

سوال نمبر ٦:- ملڪوت ڇا آهي ان ۾ ڪهڙي حقيقت آهي؟ اٿي ڇا وٽل آهي جبروت ڇا آهي؟ يا هوت هاهوت ڪاٿي آهن دنيا ۾ آهن يا شام روم ۾؟ (هينيان سوال علي گوهر فقير ڇا چشم ديده بطور امتحان پڇيا جن تا جي پڙ اسانکي سڀ معلوم آهن)

سوال نمبر ١:- اٺ بهشت مشهور جي آهن اُهي ڪهڙي هنڌ آهن انهن جا نالا ڇا آهن ۽ انهن ۾ ڇا ڇا رهي ٿو؟ انهن جي اڏاوت جدا جدا ٻڌايو. بهشت برين جي حقيقت ڪهڙي رهي منجهس ڇا ڇا آهي؟ ڪتابن ڳالهه نه ڳرجي اکين ڏٺو جواب ڏيو.

سوال نمبر ٢:- ست دوزخ جيڪي آهن انهن جي حقيقت اکين ڏٺي ٻڌايو هر هڪ دوزخ ۾ ڪهڙي قسم جا ڏوهي رهن ٿا؟ سڀيئي دوزخ جي باهه جو رنگ ڪهڙو ۽ اهي ڪهڙي طرف آهن؟ ڪتابن جي ڳالهه نه ڳرجي اکين ڏٺو جواب ڏيو.

سوال نمبر ٣:- دنيا جي جهان کي ٺهئي ڪيترا ورهه ٿيا آهن باقي قيامت ۾ ڪيترا ورهيه آهن؟ توهان ٻڌايو يا نه ته اسين ٿا ٻڌايون.

سوال نمبر ٤:- امام مهدي عليه السّلام جي اچڻ ۾ باقي ڪيترو وقت ۽ ڪيترا ورهاڻس؟

سوال نمبر ٥- عام خاص ملان مولوي چون ٿا ته چوڏهون سن ختم ٿيندو ته قيامت ايندي پر ڏهون سن ڪونه هلندو اوهان ٻڌايو ته چوڏهين سن بعد قيامت ايندي ڇا؟

سوال نمبر ٦- سيني زمين جي حالت ٻڌايو زمين پهرين ڪا ن آهن ته ٿئين ڇا آهي؟ آسمان ۽ زمين گردش ڪهڙي طرح ڪن ٿا. انهن جي گردش جي ڪنجي ڪهڙي نمونه ۽ ڪنهن جي هٿ ۾ آهي ۽ ڪهڙي وقت هنگي ڇا ٻي ڏني آهي ۽ ڪوه

قاف جي پريان ڇا آهي؟

سوال نمبر ٧:- اوهان پنهنجي عمر جا باقي سال ٻڌايو ته ڪيترو وقت رهندو يا اسان تا پنهنجي باقي عمر جا سال ٻڌايو ته دنيا ۾ اسانکي باقي ڪيترو وقت رهڻو آهي.

اوهان جو بيت شاهه ۾ آيل هو ته وسي وعظ ڪيائين مگر مليي نمونه ته توحيد جي دستور تي اسان کي ڪن سنڌس صحبتن ٻڌايو نه آيو آهي. ليڪن اسانکي ڪنهن جي صحبت جي ضرورت نه آهي .... اسانکي اهو ليند ايذو جيڪو انهيءَ لدني علم جا جواب ٻڌائيندو. هن جو جواب باصواب ضرور ڏيندا هر حال ۾ هن کان اڳ به توهان خط جو جواب نه ڏنو هو. بهانه جي تنگ عذر ڏيڻ جيو هيو ته ڦڏن آهن. جواب جي طاقت شايد پاڻ ۾ نه جاڻي بهانه جوئي ڪيو. هاڻي بهرصورت جواب باصواب ضرور ارسال ڪندا.

دستخط

(الراقم فولادعلي فقير، علي گوهر فقير)

جوابات بمع سوالات شروع

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

خودشناس وخودشناس وخودشناس
دور هن از خويشتن عبدي لباس

سوال نمبر ١:- آية كريمه وَاعۡبُدۡ رَبَّكَ حَتّٰى يَاۡتِيَكَ الۡيَقِيۡنُ. يعني خدا جي پرستش يقين تائين ڪريو ۽ ظاهري عالم يقين کي موت جي تاويل ڪن ٿا سي ڪي ٿا غلط آهي. ڪن جاهل بزرگن ڪان يقين جو پڇيو ته معنيٰ ويساهه چوندو نه موت. هاڻي خدا جي ڪلام مان معلوم ٿيو ته خدا جي عبادت بعد يقين بعد معاف يا لٽل ڇٽي. هاڻي بدايو ته اهو يقين سالڪ کي ڪهڙي موقعي ۾ ۽ ڪڏهن حاصل ٿئي ٿو ۽ اُها حد ڪهڙي آهي؟

جواب:- سوالن جا جواب شروع ڪجن ان کان اڳ ۾ اوهان (فولاد ۽ علي گوهر) جي ذيان تي هي ڳالهه ضرور ذهن نشين ڪرائڻي آهي ته مابين اختلافي مسائل (ڀوڻ اُهي اصولي هجن خواهه فروعي) جي حل ڪرڻ لاءِ طبائع فريقين متعصبانه نه بلڪ منصفانه هجن. پر جيڪڏهن اهو ضروري اصول قائم نه رهيو ته ڪنهن به موضوع تي بحث ڪرڻ گويا ٿيند وياڻي ولوڙڻ جنهن مان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو ۽ پراڻلندڙن حالت ۾ اهي اختلافي مسائل سلجهڻ بدران خطرناڪ بڻجي پوندا.

ان ڪري ان زرين اصول کي نظر ۾ رکي ضد. تعصب ۽ نفسانيت کي پاسي ڪري ان جي بجاءِ تسليم حق. منصف مزاجي ۽ للهيت کي اندر ۾ سانڍي غور ۽ تدبر سان ڏنل جوابن کي دل سان هنڊ ايو اميد ته حق ظاهر ٿي پوندو.

هاڻي اوّل اوّل اوهان جيڪو فارسي بيت شروع ۾ ”خودشناس وخودشناس و

خودشناس - دور ڪن از خويشتن عبدي لباس“ لکيو آهي جيتوڻيڪ ان بنسبت
اوهان جي طرفان ان تي سوال ڪيل نه آهي تاهم جيڪي ڪجهه اڳئين هلي اوهان
سوالات لکيا آهن تن سيني جو روح ان مذڪور بيت ۾ ئي سمايل نظر اچي رهيو آهي
انڪري اول ئي ان لکيل بيت جو جواب ڏيڻ لازم ڄاڻي ڏجي ٿو ۽ ان سان گڏ هي پڻ
معلوم هجي ته انهن بزرگان دين، صلحا، ائمه ومجتهدين پر بالآخر انبيا عليهم السلام
جن جا صحيح قول جي اسانوٽ هر حالت ۾ حجت قوي آهن مبادا اوهان اهي اقوال صحيح
نه سمجهو ۽ انڪار ڪري اٿن جيئن ”بعضن“ اهي قول اوهان هٿ جا ناهيا آهن، تنهن ڪري
انهن قولن کي ڇڏي فقط ڪلام الاهي (قرآن پاڪ) مان آيات محڪمات پيش ڪري جواب
ڏيندا سون. جنهن ڪه اوهان کي انڪار ڪرڻ جي مجال باقي نه رهي ڇو ته هي مسلم حقيقت آهي
ته اهو مقدس ڪلام ڪنهن به گهٽ وڌائي يا تحريف کان بلڪل منزه ۽ مبرا آهي ۽ هر ڪلمه گو
مسلم لاءِ آخرين ڪلام حجت اهو ئي قرآن آهي ۽ بس - انڪري ئي ٻين قولن ۽ ڪلامن کي
ڇڏي ان پاڪ ڪلام (قرآن) کي حجت قوي ڄاڻي آيا آن ٿي اوهان جي سوالن جا جواب ڏجن ٿا جي
غور ۽ تدبر سان پڙهي ۽ سمجهو -

مذڪوره بيت جنهن ۾ ته اوهان ڪلم ڪلا يو عبديت (پانهپ) کان ٻاهر نڪرڻ جي
تلقين ڪئي آهي انلاءِ انجو جواب قرآن پاڪ جي روشني ۾ ڏبي ٿي ان حقيقت کي ظاهر ڪجي
ٿو ته آيا بلحاظ مفهوم اهو بيت صحيح آهي غلط ۽ واجب التعميل آهي يا اجلي ڇڏڻ جهڙو
آهي -

معلوم هجي ته عبديت (پانهپ) جو ضد آهي معبوديت (هين کان پانهپ ڪرائڻ) اهڙي
ء طرح عبد (پانهي) جي اينٽرنيو معبود (خدا) اوهان مذڪور بيت ۾ هر انسان کي مخاطب ڪ
انداز ۾ اها هدايت ڪئي آهي ته دوپاڻ کي اهڙي طرح سمجهاڻ (يعني عمل پيرائي ڏ) جيئن عبديت
مان خارج ٿي وڃين“ هاڻ ظاهر آهي ته جيڪڏهن توهان جي مذڪور فرمان تي عمل ڪندي خدا جي
پانهپ (عبادت) ڇڏي ڏي ته هن ۾ جيتوڻيڪ دائره عبديت کان ٻاهر نڪري معبود بنجي هرگز
نه سگهبو باقي اوهان جي تلقين موجب دل ۾ هوس معبود (خدا) بنجڻ جي ئي جاءِ گهر ڪري ويندي ۽
اهائي نفس جي ڪمال انانيت جي منزل آهي جيڪا فرعون کي حاصل هئي - هو به گهڻو ئي ان
هوس ۽ تمنا هوندي به معبود (خدا) بنجي نه سگهيو باقي ان سند ۾ ساري حياتي اهڙو نه محو ۽ سرگردان

رهيو جو هر ڳڙهي اهو نعرو بلند ڪندو رهيو ته ”أَنَا رَبُّكُمُ الْأَعْلَىٰ“ (قرآن) (مان آهيان توهان جو وڏو پروردگار) سندس عاقبت ڪيئن ٿي ۽ اسلامي زبان ۾ ڪيس ڪرڻ انڌاين سان پيو ڪارو ڪيو ويو؟ سا ته خود اوهان کي به خبر آهي۔ ها... اُن ۾ شايد ان بيت مرقوم ۾ عمل ڪندي عبديت (خدا جي بانهپ) جو لباس لاهي ڦٽو ڪيو هو ۽ پاڻ کي ٿو ته اهو شعر جنهن مان پڻ فرعوني امّاريت جي بدبوءِ اچي رهي آهي سو به ضرور ڪنهن فرعون جي پوءِ لڳ جوڳي چيل آهي والله اعلم۔

هاڻي هن هيٺ چند آيات قرآنيه مان انسان جي عبد هجڻ ۽ هميشه خدا جي بانهپ ۾ لازمي طرح گذارڻ ۽ انهي ئي شغل ۾ معرفت الاهي حاصل ڪرڻ وغيره ثابتي لاءِ پيش ڪجن ٿيون جن تي ضروري آهي ته عاقلانه غور ڪيو وڃي۔ قال الله تبارڪ و تعالىٰ

(١) وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ ○ (قرآن ٢٧۔ ذاريات رڪوع ٣)

(يعني رب تو فرمائي ٿو) اسان جن ۽ انسان کي خاص پنهنجي عبادت لاءِ ئي خلقيو

غور جو مقام آهي ته جنهن صورت ۾ ”تخليق انساني ۾ مشيت ايزدي صرف اها آهي ته آدمي خدا جو ٻانهو ٿي پنهنجي عبادت ڪندي حياتي پوري ڪري“ ته ان حالت ۾ وري مذڪور مرقوم بيت ناهي ان حڪم الاهي جي صريحاً خلاف نعرو بلند ڪرڻ ته ”عبديت (بانهپ) جو لباس لاهي ڦٽو ڪريو“ ڪمال حماقت ۽ ناداني نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟!

(٢) يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَرْضِيَّةً ۔ فَادْخُلِي فِي عِبَادِي وَادْخُلِي جَنَّتِي ۔ (قرآن ٣٠۔ الفجر رڪوع ١٤)

معنيٰ:۔ اي اطمينان حاصل ڪيل نفس پنهنجي رب ڏانهن موٽي هل (تون ان کان راضي ۽ (هو توکان) خوش (آهي) پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي ۽ منهنجي بهشت ۾ داخل ٿي وڃ۔

هاڻي ان مان معلوم ٿيو ته بانهپ جو مقام بهتر بلند ترين منزل آهي جا خدا جي خاص ٻانهن کي ئي حاصل ٿئي ٿي ۽ خدا جي ٻانهن جو ئي نفس فرمانبردار ٿئي ٿو ۽ حصول مقام رضاءِ الاهي لاءِ پڻ خدا جي بانهپ لازمي شرط آهي ۽ نه ته بهشت جو لازوال انعام به انهن لاءِ ئي خاص آهي جيڪي صحيح معنيٰ ۾ رعونت جي خلاف عبديت جي زيور سان

آراسته ٿيل آهن -

(٣) سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ (قرآن - ١٥ - بني اسرائيل - رڪوع ١)

معنيٰ - پاڪ آهي اُهو رب جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد صلی الله عليه وسلم) کي سير (معراج) ڪرايو.

هاڻي ذرا ويچار ڪرڻ گهرجي ته حضور نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي پنهنجي ذات بابرڪات ۾ بي مثال آهن تن لاءِ به رب تو فرمائي ته ”اسان پنهنجي ٻانهي کي معراج ڪرايو“، ان صورت ۾ تعجب آهي ته اوهان اهڙن ملحدانه نظريه ڪتان ڪري هٺ ڪيو آهي. جنهن جي آڌار تي قرآن جي آيتن جا تلقين ڪندا رهو ته ”عبديت کي ڇڏي ڏيو“ العياذ بالله

(٤) هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰى عَبْدِهٖٓ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ (قرآن - ٢٧ - الحديد - رڪوع ١)

معني اهو (الله) آهي جيڪو پنهنجي ٻانهي (نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم) تي (قرآن جون) پڌريون آيتون تو موڪلي ته جئن اوهانکي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنائيءَ ۾ آڻي.

معلوم ٿيو ته اتي به الله تبارڪ وتعالیٰ حضور سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن کي پنهنجي ٻانهي هجڻ جي سرويا سان سرفراز فرمايو آهي! پوءِ ٻڌايو ته ڇا توهان جي لاءِ خدا جي ٻانهپ نقصان ڪار آهي؟!

(٥) اِنِّيْ عَبْدُ اللّٰهِ ۣ اٰتٰىنِيَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِيْ نَبِيًّا وَّجَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ (قرآن - ١٦ - مريم - رڪوع ٢)

معنيٰ :- (حضرت عيسيٰ عليه السلام فرمائي ٿو ته) مان الله جو ٻانهو آهيان مونکي انجيل ڏنو ويو آهي - مان نبي آهيان، مان ٻلارڪو آهيان جتي به هجان

ڏسو ته انسانن ۾ اشرف ۽ اڪرم ترين ته انبياء عليهم السلام جن جو آهي جن ما

حضرت عيسىٰ نبي عليه السلام آيت مذڪور موجب صاف صاف اعلان ٿو ڪري ته مان
الله جو ٻانهو آهيان،، نهايت حيرت ۽ تعجب آهي ته اوهان جي عنهن گمراه رهبر جي
رهبري اهڙي اسفل ترين مقام ۽ منزل تي وڃي پهچايو آهي جو تعليم اسلام ۽ نظريه قرآن جي
ابتڙ ان پاڪ رب خلاف حقيقي ۽ سچي غلامي ۽ کان نفرت جو مظاهر ۽ اهڙن مذڪور ننفران
عبديت اشعارن ذريعه ڪري ڏيکاريو اٿو!

(٦) لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۔

(قرآن - ٨ - الاعراف - رڪوع ٨)

(ايضاً ٧) وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ۔ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ
مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۔ (قرآن - ٨ - الاعراف - رڪوع ٩)

معنىٰ - حضرت نوح ۽ حضرت هود نبي پنهنجي قوم کي پڪاري ٿا چون ته خدا جي ٻانهپ
(بندگي يا عبادت) ڪريو جو ان کان سواءِ توهان جو ٻيو رب ڪونه آهي.

(٨) اِنْ كُلُّ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِلَّآ اٰتِي الرَّحْمٰنِ عَبْدًا (قرآن - ١٦
مريم - رڪوع ٦)

معني - آسمان ۽ زمين ۾ ڪو به اهڙو شخص نه آهي (جو خدا جو ٻانهو نه هجي) مگر رب
وٽ سڀ ٻانهائي ايندا.

انهن معلوم ٿيو ته هر هڪ شخص خدا جو ٻانهو (عبد) ئي آهي. چاهي هو فرعون وانگر
پاڻ کي ڪٿي ڪيئن به سمجهي مگر طوعاً ڪرهاً هو خدا تعاليٰ جو ٻانهو ئي آهي هر نبي عليه السلام لاءِ
پڻ تبليغي نصب العين اهو ئي هيو جو هو پنهنجي قوم کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي فرمان موجب فقط
اها دعوت ڏيندا رهندا هئا ته ”اي قوم هڪ خدا جي عبادت (بندگي) جي شغل ۾ مشغول هجو“
ها..... پوءِ هر جيڪو شخص مٿين پيش ڪيل حقيقت مد نظر خدا جي ٻانهپ (عبديت)
مان پاڻ کي ڪڍي پنهنجي خواهش دل ۾ ڏاري ۽ پنهنجي ئي گمان موجب احڪام الاهي جي فهمائش
جي ابتڙ فرعون وانگر پاڻ کي وري معبود (العياذ بالله) پيو سمجهندو هجي ته اهڙي بدا

بخت کي خداوند تعالیٰ غيور حقيقي قيامت جي ڏينهن ڪهڙي عبرتناڪ سزا جي سر و پا
پڌرائيندو؟ ان باره ۾ قرآن ڪريم جيڪي فرمائي ٿو سو ٻڌي ڇڏيو۔ قال الله تبارڪ وتعاليٰ

وَمَنْ يَقُلْ مِنْهُمْ اِنِّيْٓ اِلٰهٌ مِّنْ دُوْنِهٖ فَذٰلِكَ نَجْزِيْهِ جَهَنَّمَ۔ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ۔ (قرآن - ١٧ - الانبياء - رڪوع ٢)

معنيٰ ۾ جيڪو انهن مان چوي ته آن (الله) کان سواءِ مان معبود (خدا) آهيان
ته پوءِ ان کي دوزخ بدلہ ڏينداسون (جيئن ته) ظالمن کي اهڙي سزا ڏيندا آهيون۔

پوءِ ...... اي بندگان خدا پاڻ کي خدا جي عبديت (بانصيب) مان خارج ڪري
پنهنجي لاءِ بدست خود ڇوته عذاب جهنم جو سامان ڪٺو ڪريو؟!

ياد رکو ته توهان پاڻ کي ڪٿي ڪيئن به سمجهو يا توهان جا پالڪا وهانکي ڪيئن به ڪري
پيا پانئين پر بهرصورت اوهان سڀ خدا جا پانهائي آهيو ۽ هوندؤ ڪڏهن به دائره
عبديت مان نڪري نه سگهندو! پوءِ ڇالاءِ پاڻ کي خوامخواه خدا آڏو رسواءِ ذليل
ڪري رهيا آهيو؟ ڇا اڃا به اوهان پيش ڪيل قرآني حقيقتن جو اعتراف نه ڪندؤ؟
واءِ افسوس! ڇا ان خلاق حقيقي اوهان کي ملڪ عدم مان عالم وجود ۾ ان ڪري آندو
آهي ته جيئن توهان سندس مخالفت ۾ بغاوت جو طوفان برپا ڪري ڏيو؟ ڇا ماسابقه
قومن ۾ جن نردن اوهان جهڙا اپير ڪيا هيا انهن جو بدترين انجام ڪيئن ٿيو سا توهان کي
خبر ڪانه آهي؟ المطلب ته:-

پيش ڪيل آيات قرآنيہ جي مفهوم مان هي ثابت ٿيو ته سبب نزول تمام ڪتب سماوي
يا وجود و ورود انبياء عليهم السلام وتعليم حضرات ائمه و مجتهدين و اولياءِ ڪرام و بزرگان
دين وغيره صرف اهائي هئي ته انسان صحيح معنيٰ ۾ خدا جا ٻانها بڻجن ۽ حقيقي عبديت جي
تاليف سان پاڻ کي آراسته ڪن ۽ نفس جي جيڪا اَمّاريت - فرعونيت ۽ خودي جي عمارت
اڏيل آهي ان جي تلع قمع لاءِ عبديت جي تلوار ڪڻي جهاد ڪن تان جو جيئن ڪه فَادْخُلِيْ
فِيْ عِبٰدِيْ وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ،، جو انعام حاصل ڪن۔ پر ... عجيب آهي جو توهان
وري برخلاف انجي اهڙا الگراه ڪن بيت تا هي تعليم قرآن پاڪ جي صريحاً خلاف
تلقين ڪندا نظر هوندي ...... ،، پاڻ کي اهڙي طرح سمجهائو جيئن ڪه خدا جي عبديت

(ٻانهپ) مان نڪري وڃو! (العياذ بالله)

سچ پچ هت جيڪي ذهن انسان لاءِ عبديت جي لازمي هجڻ ۽ خدا جي ٻانهپ ٻاٻند گيا فضائل مڪمل طور تي بيان ڪيا ته دفتر درڪار آهي پر جو نڪه توهان جي لڪل ۾ سمجهه نهايت قوي آهي ان ڪري في الحال ته اسيٽري دليل ٻاري ڪي ۽ وهان جي سمجهڻ لاءِ ڪافي ڄاڻي ان تي ئي اڪتفا ڪجي ٿي " لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ "، (مان توهان سوچ ويچار ڪيو)

هاڻي اوهان جي سوال نمبر ا ۾ پيش ڪيل آية پاڪ جي مفهوم تي اُٿاريل سوال جو جواب ڏن هيٺ ڏجي ٿو جنهن تي تڏهن سڀني غور ڪرڻ ضروري آهي.

ها.... سالڪ کي اُهو يقين (توهان جي خيال ۾ عقيدي موجب مون نه پر وبياءِ) تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن خدا تعاليٰ جي طرفان ڪيس هن لفظن سان پوڪاريو ويندو ته: قال الله تعاليٰ

يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً

فَادْخُلِي فِي عِبَادِي وَادْخُلِي جَنَّتِي (قرآن - ٣٠ - الفجر - رڪوع ١٤)

يعني: - اي اطمينان حاصل ڪيل نفس پنهنجي رب ڏانهن موٽي هل جو هو توکان راضي ۽ تون هنکان راضي ٿيئڻ، منهنجي ٻانهن ۾ ۽ منهنجي بهشت ۾ داخل ٿي وڃ.

هاڻي مٿين پيش ڪيل آية جي صاف معنيٰ ڏيکاري ٿي ته اهو مذڪوره خطاب اعليٰ خداوند تعاليٰ شانه جي طرفان مؤمن (سالڪ) ٻانهي کي تڏهن ٿيندو جڏهن وٽس موت ايندو. يعني جنهن وقت سندس رضا الاهي حاصل ڪيل روح قفس عنصري مان آزاد ٿي رهيو هوندو. جونه هي مسلمه حقيقت آهي ته ڪنهن به عارف ڪامل سالڪ مؤمن وغيره لاءِ هن دنيا جي حياتي ۾ دخول جنت (بهشت ۾ داخل ٿيڻ) قطعاً ناممڪن آهي. آية مذڪوره ۾ جڏهن ته " فَادْخُلِي جَنَّتِي "، (۽ داخل ٿيءُ منهنجي بهشت ۾) الفاظ صريح وارد آهن ۽ رب جي طرفان پنهنجي برگزيده ٻانهي کي موت وقت ٿيندڙ خطاب مان اهو " منهنجي بهشت ۾ داخل ٿي وڃ " وارو خطاب بلڪل آخري آهي جنهن مان مطلب ظاهر ٿيو ته سالڪ ٻانهو به اتر مرگ خدا جي حڪم موجب جنت ۾ داخل ٿي سگهي ٿو ۽ اهاڻي حد (اوهان جي سوال موجب) ان يقين جي سمجهڻ گهرجي جنهن لحل صحيح طور عبد تان معبود جي عبادت جو ٻار لهي وڃي ٿو. ان لاءِ ٿي اول خداوند تعاليٰ شانه اهو

صحيح حڪم صادر فرمائي ڇڏيو ته ”تيستائين منهنجي عبادت (بندگي) ڪندا رهو- جيستائين جو اوهانکي يقين يعني موت پهچي“ جو بعد ۾ اوهان کي بعوض عبادات انعام طور ”وَادْخُلِي جَنَّتِي“ جي خطاب سان بهشت ۾ داخل ڪيو ويندو- مطلب ته ورتيون آيتي يقين کي موت ۽ موت کي يقين سان تاويل ڪرڻ بلڪل صحيح ٿيندو-

ها..... ۽ سي جو اوهان وري پنهنجي غلط گمان موجب ”يقين“ لفظ جي معنيٰ کي ”ويساهه قرار ڏيئي ان جي بيهي ثابتي لاءِ وري ”جاهل ٻڪرار“ جي مستعمل محاوره ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي ۽ لکيو آهي ته ”ڪنهن جاهل ٻڪرار کان يقين جو پڇيو ته معنيٰ ويساهه چوندو نه موت“ تنهن صورت ۾ پهريائين اوهان جي ان معقول اصول مد نظر ان سلسلي ۾ اوهان واري ”جاهل ٻڪرار“ کان جيڪو قرآن ۾ آيل ”يقين“ لفظ جي معنيٰ پنهنجي حفظ ڪيل صدري لغت موجب ”ويساهه“ ٻڌائي ان اديب ڪان وري جيڪڏهن ڪلام الاهي ۾ آيل بين چند الفاظن جهڙوڪ:- ماءِ = پاڻي + نحن = اسان لَنْ = هرگز + يسر = وڏيڪ + البقر = اک + شر = بڇڙائي + هل = ڇا + وغيره جي معنيٰ پڇي ويندي ته ڇا سواءِ ڪنهن هٻڪ جي ويچار جي بنا دير مذڪوره لفظن جي معنيٰ هيٺين موجب نه ٻڌائي ويندو؟ جيئن ته:- ماءِ = امڙ + نحن = آڳرين جا نهن + لَنْ = ... + يسر = نائل حسين + البقر = پوڙو وارو ڪڪر + شر = برجيڪي ذات هَلْ = هَلُ (هلڻ) !! على هذا القياس-

هاڻي ڇڏهن اوهان جي تحت طور پيش ڪيل جاهل ٻڪرار جا هي پڌرا پڪار آهن ته اهڙي علامه لاءِ وري زير بحث آيل قرآني لفظ ”يقين“ جي معنيٰ ”ويساهه“ مقرر ڪرڻ ۾ ڪهڙو عجيب ۽ وڏي ڳالهه آهي؟! پر معلوم ٿو ٿئي ته اوهان بذات خود نه ڪي ان جاهل ٻڪرار جي جامي ۾ ڪڙي ۽ ظاهر ۾ ان غريب جي اوٽ وٺي پاڻ ئي اهڙيون عجيب ٻوليون ڪري رهيا آهيو جو ته اهي ٻول ٻڪرار جي حيثيت کان بلڪل بالاتر آهن ”چه عجب ڪه اين ڪرامت بود“ پورءِ ..... سچ ته اوهانکي ان ڪري هاڻي هيئن چوڻ گهرجي ته ”لفظ يقين بزبان ڪنون ويساهه سڏايا ميں وو ميں“

ها..... توهان کي هاڻي پنهنجي مذڪوره اختيار ڪيل غلط رويه جو حق اليقين ضرور حاصل ٿي ويو هوندو ۽ پڻ محسوس ڪيو هوندو ته الفاظ قرآن مان پنهنجي گهڙه

مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به ”جاهل بڪرار“ کي وچ ۾ آڻڻ وڪرين جي دانائي
غلط الفاظ اچارڻ ڪمال حماقت ۽ خجالت آهي!

اوهان کي مذڪوره بيتن ڪيل حقيقت جي صحيح طور ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ ۽ مڪمل
تسڪين ۽ اطمينان ڏيارڻ لاءِ هن هيٺ اجابه وڌيڪ واضح دليل ۽ ثابتيون ان آيات صريح
قرآنيه پيش ڪجن ٿيون تان ته سن حق ڏانهن رجوع ڪريو:- قال الله تبارڪ وتعالیٰ.

(١) فِي جَنّٰتٍ يَتَسَآءَلُوْنَ - عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ - قَالُوْا
لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ - وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ - وَكُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ
وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ - حَتّٰى اَتٰنَا الْيَقِيْنُ - فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ

(قرآن - ٢٩ - المدثر - رڪوع ٢)

معنیٰ:- بهشت جي باغن ۾ (الله جا پيارا ٻانها) ويهي گنهگارن کان دخول
جهنم جو سبب دريافت ڪندا ته اوهان کهڙي سبب ڪري دوزخ ۾ پيئو؟
مجرم جواب ۾ هيٺيان چار سبب بيان ڪندا ته ١- اسان نماز نه پڙهندا هئاسون
٢- مسڪين کي طعام نه کارائيندا هئاسون ٣- ۽ اجائي بحث ڪندڙن سان گڏجي اجايو
بحث ڪندا هئاسون ٤- قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙو ڀائيندا هئاسون (ان حالت
۾ رهندي رهندي وقت گذرندو ويو) تان جو اسان کي يقين (موت) پهتو. هاڻي انهن
لاءِ ڪنهن جي به سفارش فائدو نه ڏيندي.....

پيش ڪيل مثبت آيات ڪلام الاهي جي واضح مفهوم مان هي حقيقت چٽي طرح
روشن ٿئي ٿي جو جنهن يقين لفظ کي توهان ويساه سان تعبير ڪيو ٿا ۽ اُن ويساه جي
حاصلات اوهان جي خيال موجب سالڪ کي موت کان اڳ ۾ ئي هن دنيا جي زندگي
۾ حاصل ٿي وڃي ٿي ۽ جنهن بعد ان تان عبادات الاهيه جو بار لازماً موقوف ٿي وڃي
تو ته پوءِ دلائل مذڪوره قرآنيه اهو خيال فاسد ۽ وهم باطل ثابت ٿئي تو. هتي
”حَتّٰى اَتٰنَا الْيَقِيْنُ“ (تان جو اسان کي يقين پهچي ويو) ۾ ”اليقين“ جي
معنیٰ موت پڌري آهي ڇاڪاڻ جو موت کان اڳ ۾ آدمي مجرمانه اعمال ڪندو ڪري

راهه راست تي اچي گناهن جي تلافي ڪري آئينده نيڪوڪار بڻجي موت تائين ان حالت ۾ گذاري رضاء الاهي حاصل ڪري جنت جو حقدار بڻجي سگهي ٿو جڏهن ته مجرم جيڪي جهنم جو خوراڪ ٿيڻ وارا آهن نه مان مڃيان نيڪ عمل ڪيا تان جو يقين (موت) پهچي ويو جو ويلا انهن ڪجهه به نه ٿي سگهيو، دوزخ ۾ وڌو ويو.

دوزخين جي متين زباني آلايت مان معلوم ٿو ٿئي ته جيڪڏهن اهي پيش از مرگ (موت کان اڳ ۾) نماز پڙهن ها. مسڪين کي طعام کارائن ها. خلاف شرع لغويات ۽ بڪواس کان ڪناره ڪن ها، ۽ قيامت جي ڏينهن تي ويساهه آڻن ها ته جيڪو عذاب جهنم کان بچي وڃن ها. پر انهن نيا ڪن کي به پتو تڏهن پيو، پنهنجي غلطي ان وقت محسوس ڪيائون جڏهن وٽن ملڪ الموت اچي ٺڪ ڪيو! گويا انهن مجرمن جهنمين کي به توهان وارو يقين تڏهن حاصل ٿيو جڏهن وٽن کو به دم جياپي جو باقي نه رهيو جو پوءِ اُهي (فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشَّافِعِيْنَ) جا مصداق بڻجي پيا. الله ڪريم ٻي خداوند تعالىٰ شانهٗ اهو حڪم صادر فرمائي ڇڏيو ته وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ يعني تيستائين رب جي عبادت (تمام احڪام شريعت جو عمل) ڪندا رهو جيستائين اوهان کي موت پهچي! ڇڱو ڀلا...... اوهان پنهنجي قائم ڪيل نظريي جي روسان آيات مذڪور جي مفهوم کي ڇڪي ڪهڙي طرح ڏيان ٿا ۽ وڌيڪ پنهنجن ۾ توهان کي پٽ اهو ٿي ڏسڻ ۾ ايندو ته عبادات الاهي کان روگرداني ڪرڻ وارن کي به جڏهن اوهان کي حاصل ٿيل يقين جهڙو ويساهه هن جياپي ۾ ئي حاصل ٿيو. تڏهن اهو ئي يقين سندن لاءِ خود جهنم ۾ وڃي لوڙهڻ جو ڪارڻ بڻيو! ها...... اهڙي طرح اوهان پاڻ به ڪيترن سالڪن ويڻي نرگو خدا جي عبادات (نماز، روزه، حج، زڪوات علاوه تمام اسلامي عمل) کان بنو ڇڏيو آهي بلڪ ان حقيقي مالڪ جي فقط پانهب جي اعتراف ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهيو، انهي ڪري شغل ۾ اوهان کي وري اهو يقين به حاصل ٿي ويو آهي جنهن کان پوءِ لازماً عبادات الاهي جو سلسلو بلڪل منقطع ٿي وڃي، ته نه ان حالت ۾ اوهان کي پر اهڙو ئي يقين جيڪو قرآني حڪم جي روسان دخول جهنم جو باعث آهي حاصل ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ۾ پٽ لوهري شڪ شبهي جي به گنجائش باقي نه آهي.... پوءِ سچ پچ جيڪڏهن اوهان پنهنجي ان اهڙي حاصل ڪيل يقين تي صدا ومت ڪيئي ۽ ان ٻي

حالت ۾ موت پهچي ويو، ان اهڙي صورت ۾ ٻيو وڌيڪ حڪم قرآن ياد رکو ته جهنم ۾ مجرمن ان اداءِ ۾ مٿيون آلاپون الاپون، اهڙي ڪان به ضرور ٿي پوندي ڪري ٿيندو ته انهيءَ سان انهن حاصل شده نفعن تي نهايت پشيماني ۽ حسرت جاهڙا ملندا رهندو! (ربنا اصرف عنا عذاب جهنم)

(٢) وَ اَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ فَاَصَّدَّقَ وَ اَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ

(قرآن - ٢٨ - المنٰفقون - رڪوع ٢)

معنيٰ:- خرچ ڪريو جيڪي ڏنو ويو اوهان کي، ان وقت کان اڳ جڏهن اوهان مان ڪنهن کي موت پهچي پوءِ چوي ته اي رب! ڇو نه مون کي ڪجهه وقت ڏنئين هان ته مان جيڪر خيرات به ڪريان ها ۽ نيڪ به ٿيان ها.

معلوم ٿيو ته خدا جي ڏنل رزق مان في سبيل الله خرچ ڪرڻ به عبادت ۾ داخل آهي ان تي ٻيا به عبادات تي موت تائين مدا ومت ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي جو ته هت صاف لفظ "موت" موجود آهي جنهن مان ثابت ٿيو ته معبود حقيقي جي عبادت جي مدت موت تائين آهي. هن آية جي مفهوم کي آية سابقه " وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ " جي معنيٰ سان ملايو ته جنهن يقين جي لفظ کي اوهان وسيلا سان تعبير ڪيو آهي جيڪو اوهان جي خيال موجب موت کان اڳ ۾ حياتي ۾ ئي حاصل ٿي وڃي ته ان جي معنيٰ فقط موت ئي ٿيندي ۽ نه ته اوهان وارو حياتي ۾ حاصل ٿيل وسيلا مطلب ظاهر ٿيو ته موت کان اڳ ۾ اهڙي ڪا به حد ڪانه آهي جنهن تي پهچڻ سان ماڻهو نيڪين کي ڪٽي ڇڏي ۽ بهشتي بڻجي پوي.

(٣) وَ اَوْصٰنِيْ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ حَيًّا. (قرآن - ١٦ - مريم رڪوع ٢)

معنيٰ:- حضرت عيسيٰ عليه السلام جا فرمايل لفظ ته:-

مونکي نماز ۽ زڪواة ادا ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي جيستائين جيئرو هجان

(٤١) رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَاصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ

(قرآن - ١٦ - مريم - رکوع ٣٤)

معنی:- حضور نبي ڪريم صلّی اللہ عليہ وسلم جن ڏانهن فرمان باري تعالیٰ آهي ته:-

تون ان رب جي عبادت ۾ لڳو ره جيڪو آسمانن ۽ زمينن ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تن جو مالڪ آهي.

علاوه اها آية پاڪ جنهن جي مفهوم تي خود اوهان جو سوال آتارېل آهي جيئڪا (قرآن - ١٤ - الحجر رکوع ٦) ۾ واقع آهي تنهن جو حڪم به براه راست حضرت رسول مقبول صلی اللہ عليہ وسلم جن ڏانهن صادر ٿيل آهي ۽ جنهن ۾ پڻ رب پاڪ کين بہ صيغه امر مخاطب نطور تاڪيدي انداز ۾ شغل عبادت تي مداومت ڪرڻ جو فرمان نازل فرمايو آهي ۽ هي پڻ مسلّم حقيقت آهي ۽ جنهن جي انڪار ڪرڻ جي اوهان کي به مجال نه آهي ته حضرت رسول اڪرم صلی اللہ عليہ وسلم جن ان حڪم خدا تحت پنهنجي تمام مقدس حياتي رب العزت جي بندگي ۾ صرف ڪئي ۽ بلڪل وقت موت تائين اللہ تبارڪ و تعالیٰ جي عبادت جي شغل ۾ شاغل رهيا..... پوءِ ڇا اوهان جي ان فاسد خيال موجب نبي صلی اللہ عليہ وسلم جن ڪي اهڙي منزل حاصل ٿي نه سگهي جنهن بعد پاڻ تان عبادات الٰهيہ موقوف ڪري ڇڏين ها! (نعوذ باللہ تعالیٰ منہ)

هاڻي غور ۽ فڪر جو مقام آهي ته جنهن صورت ۾ اهڙن مقرب، مقدس ۽ اولوالعزم نبين سڳورن لاءِ به دائمي طور تا وقت مرگ عبادت الٰهي ۾ مشغول رهڻ لازمي امر ٿيو ۽ هو تادم زندگاني دنيا جي ۾ خداوند قدوس جي بانصيب يا عبادت جو فرض انجام ڏيندا رهيا ته باقي آدمين مان جيڪو ري حياتي ۾ ئي اهڙي حد ڳولي هٿ ڪري جنهن تي پهچڻ بعد عبادت خدا کان ڪناره ڪشي ڪيئي کيي ويهي رهي ته بحڪم قرآن پڪ ڄاڻو ته اهو گمراه، مڪار، ڪذاب ۽ شيطان جي قبضه ۾ آيل آهي.

ڇا حضرت رسول ڪريم صلی اللہ عليہ وسلم ۽ ٻيئن انبياء عليهم السلام جن کي به اهڙي منزل ۾ مقام حاصل نه ٿيو جنهن ڪري جيڪر هو خداوند تعالیٰ جي بندگي ء جي بار کان ڇٽي پون ها؟

ڇا اوليائے ماسلف وائمه اطهار وغيرهما رحمهم الله تعالیٰ جن کي به اهڙي منزل ولايت هٿ نه آئي جنهن جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ رب جي بندگي جو بوجهه سندن سرتان لهي ويندو هجي؟ ڇا اُهي سلف صالحين عاملين مڪملين وعارفين برگزيدن مان ڪنهن پرهيز لاءِ اهو ثابت ڪري سگهندو ته ان هلندي هلندي دنيا جي حياتي ۾ موت کان اڳ ئي عبادت الهي کان ڪنهن منهن موڙيو هجي؟ جي نه ته پوءِ ..... اي نفس ۽ شيطان جي دوکي ۾ آيل گمراه انسان ذرا هوش ڪريو - پاڻ سنڀاليو ۽ پنهنجي حال تي نظر ثاني ڪريو.

وائے افسوس! عقل ڪيڏانهن ويو جو اهڙا امر ڪُلُوْا وَاشْرَبُوْا (کائو ۽ پيو) فرمان الهي ته جا هر لحظا ايتري قدر نه پيروڪار آهن جو سندن معدي مان هر گهڙي ته اها صدا بلند ٿيندي پئي رهي ته "هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ" (اڃا ٻيو ڪجهه ڏيو آهي ڇا؟) ياڪي رب العالمين جي عبادت معاف ٿيڻ لاءِ هنن کي پڪو يقين حاصل ٿي ويو ڇا اها منزل ولايت آهي يا مقام ضلالت آهي؟

مطلب ته ان حقيقت تي جيڪڏهن اڃا به وڌيڪ بحث کي طويل ڪبو ته قرآن پاڪ مان اهڙيون سوين آيتون ثبوت لاءِ پيش ڪري سگهجن ٿيون ته:

"موت تائين هر فرد بشر لاءِ عبادت خدا جي لازم ۽ فرض ٿيل آهي موت کان اڳ شرط عقل سالم شخص به شخص تان فرضيت عبادات الهيه موقوف ٿي نه ٿي سگهي."

هاڻي ايتري وضاحت بعد جيڪڏهن مخاطب صاحب جو عقل سالم آهي ۽ سندس حواس خمسه درست آهن ته پوءِ ڪيس انڪار ڪرڻ جي مجال نه آهي يا ڪي مجنون ۽ پاگل تي ڪاڻ شمار ڪانه آهي.

ٻيو به ياد رکو ته اهڙو ڪو آدمي جنهن کي اهڙو ڪو مقام حاصل ٿي ويو هجي جنهن بعد (پنهنجي گمان ۾ اهڙيت پيو سمجهي ته هاڻي عبادت جي حد ختم ٿي وئي بلڪه برڪات پيٽ جي تابعداري ٻيا جاري آهي) ته پڪ ڄاڻو ته اهو منحوس خدا جي حڪم صحيح جو منحرف ۽ نفس ۽ شيطان جو تابع آهي اَللّٰهُمَّ اهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ

سوال نمبر ٢ :- هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ - يعني اول آخر ظاهر باطن خدا تعالیٰ آهي.

اول الله معنيٰ روز ازل وارو الله اُهو برگهٽو وقت گذشته جو بيان آهي آخر الله معنيٰ قيامت جي موقعه وارو الله - باطن الله معنيٰ ڏسڻ کان غائب الله جو بيان آهي ۽ ظاهر الله جي معنيٰ آهي ڏسڻ ۾ ايندڙ الله. هاڻي اول الله ۽ آخر الله باطن الله جو نٿو ڏسجي جو ته اُن ۾ گهڻو عرصو ديرُ ٿي ۾ مخفي ٿيڻ بدران ٿو ته هن کري اوهان کان فقط ظاهر الله جو ڏسجي ٿو - اُهو ظاهر الله اسانکي ڏيکاريو - ۽ اُن جي هٿن ڪي ڏيکاريو - ظاهر معنيٰ جا منٿي هنن اکين سان ڏسڻ ۾ اچي انکي ظاهر چئبو آهي. مطلب ته اُهو ظاهر الله بمعه ثابتي شاهدن جي روبرو ڏيکاريو ۽ هٿ به رکوس. جيڪڏهن زمين. آسمان سج - چنڊ - تارا ڪائنات جي نالي چوندو ته اُها قدرت هجي قبيل آهي قدرت کي قادر نه چئبو -

جواب - اڄ ڏني الله تي ايمان آڻڻ وارن جي صفت خود خدا قرآن پاڪ جي مُنهن وارين آيتن ۾ بيان فرمائي آهي ته ” يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ“ اِلىٰ اٰخِرِهٖ (قرآن پارو ا - البقره رکوع ا) سو - توهان جي خيال موجب جيڪڏهن الله ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندو ته هجي هاڻي ”بِالْغَيْبِ“ جو لفظ ٿي نه اچي آهي -

باقي جنئن اوهان مٿين آية پاڪ تي سوال ڪيو آهي ۽ جنهن ۾ توهان جي سوالانه انداز تحريرمان پڻ هي پيو معلوم ٿئي ته گويا اوهان جي خيال ۾ عقيده موجب جمله چار الله (العياذ بالله) آهن جيئن ته هڪ روز ازل وارو - قيامت وارو - باطن ۽ ظاهر - سو... اول اوهان جي اِن باطل ۽ فاسد عقيده ۽ خيال جي ترديد لاءِ هن هيٺ نص قرآن پيش ڪري بعده مذڪوره سوال جي جزئيات تي عيحده عيحده جواب پڻ قرآن جي روشني ۾ ڏنا ويندا - پڙهو! قال الله تبارڪ وتعالىٰ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ - وَلَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ - اِنْتَهُوْا خَيْرًا لَّكُمْ - اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ - (قرآن - ٦ - النساء - رکوع ٢٤) معنيٰ (اي نصاريٰ) ايمان آڻيو الله ۽ اُن جي رسولن تي ۽ نه چئو ته خدا ٽي آهن - اِن ڳالهه کي ڇڏيو ته اوهان لاءِ چڱو ٿيندو ۽ نه آهي خدا مگر هڪڙو -

معلوم هجي ته آية مذڪوره ۾ اُهن نصارن ڏانهن خطاب آهي - جن جو اهو غلط عقيده هو ته خدا جمادتي آهن ١ الله ٢ عيسىٰ ٣ مريم - رب تعالىٰ کين متنبه فرمايو ته خبردار! اهو گندو خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ اِيئن نه

سڀ هونه ني خدا آهن. مگر اهو الله جيڪو هر چيز جو خالق ۽ مالڪ آهي.
سو پنهنجي ذات خواه صفات ۾ "واحد" اڪيلو ۽ يگانو آهي. هاڻي جيڪڏهن
توهان جي من ڪوڙه عقيده ڪي (جنهن ۾ ڏيکاريو اٿو ته الله جملو چار آهن)
ذڪر ڪيل نصارن واري خيال سان ڀيٽ ڪري ڏسجي ته توهان پنهنجي
مردود خيال ۽ باطل عقيده ۾ نصارن کان به گوءِ کڻي ويا آهيو. ڇو ته اهي جو
هنن اعلان ڪيو ته خدا ٽي آهن. پر توهان ظاهر ڪيو آهي ته جملو چار الله
آهن (نعوذ بالله منه)
پوءِ اِن حقيقت مد نظر توهان کي ڪهڙي خطاب ۽ لقب سان سڏجي!
اِن جو اندازه ۽ فيصلو خود توهان پاڻ ئي ڪري سگهو ٿا.
باقي توهان پيش ڪيل آيت پاڪ جي لفظ "والظاهر" جي مفهوم مان
جيڪا ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندڙ "الله" جي مراد ورتي آهي ۽ ان غليظ خيال
جي آڌار تي جيڪو ذات باري تعالىٰ عز اسمه جي باره ۾ وڏو گندو طوفان ڪڙو
ڪيو اٿو. تنهن لاءِ اي ڪوڙ باطن ڪلهن سائو! دل جاخن ڪولي اُن متعلق اسان جي
هيٺ پيش ڪيل جوابي بحث کي ويهي هيانو سان هنڊايو!
علماء الٰهي جي ان آيه شريف مان اهو مطلب آهي ته اول. آخر. ظاهر ۽ باطن
خدا تعالىٰ موجود آهي ۽ توهان جو لفظ "والظاهر" تي ورتي جيڪو عبرت پاڪ
سوال اُٿاريل آهي اُن جو مقصد به الفاظ مجمل هي آهي ته اهو هڪڙو ئي الله
جيڪو ازل ۾ به هيو اهو ابد ۾ به هوندو ۽ قيامت ۾ به اُهو ئي سائين رب
هوندو سا ڳيطرح باطن ۾ خواه ظاهر ۾ به اُهو ئي الله موجود آهي ۽ اهڙيطرح ان ذات جي هر جا
موجودگيت (موجود هجڻ) يروي دلائل ظاهر بلڪل روشن ۽ ظاهر آهي ۽ هت
جيڪا توهان الظاهر لفظ جي * - علاوه اُن ذات حق سبحانه تعالىٰ جي جاڻ ۾ هر
شيءِ سمايل آهي جو اُگتي اِهي الفاظ "وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ" اُن خدا جي
وسعت علمي تي دلالت ڪندا. هو ذات باري تعالىٰ اڪيلو قديم القديم -
واجب الوجود ۽ حي قيوم آهي -
هت وري توهان جو سوال آهي ته "ظاهر الله ڏيکاريو ۽ سنا هدڻ"
جي ۾ ويو ۽ اُن تي هٿ ڏيو. اهو توهان جو سوال اهڙو آهي جنهن مان

رب پاڪ بنسبت اوهان جي گندن خيال ۽ باطل عقيدن جو هن طرح اندازو لڳائي سگهبو ته اوهان جي نظر ۾ "الله" هڪ اهڙي معمولي شيءِ وانگر آهي جنهن کي ظاهر ظهور هٿن اکين سان ڏسي به سگهجي ٿو ۽ جي دل چاهي ته ان تي شاهدن جي روبرو هٿ به رکي ڏيکاري سگهجي ٿو (نعوذ بالله تعالیٰ منه)

پر...... ياد رکو ته جنهن الله پاڪ تي اسان ايمان آندو آهي ۽ جنهن ذات کي اسان الله جي نالي سان سڏيندا رهيا آهيون اُن مالڪ حقيقي واجب التعظيم جي وصف لطور اختصار بيان ڪرڻ لاءِ هن هيٺ چند آيات قرآنيه اخذ ڪريون ٿا جن ٿيون جن جي مفهوم اصلي مان توهان جي باطل عقيدن ۽ فاسد خيال جي ترديد به ٿي ويندي...... قال الله تبارڪ وتعاليٰ

ذَالِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَا إِلٰهَ إِلَّا هُوَ ۔ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۔ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ۔ لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ وَهُوَ يُدْرِكُ الْاَبْصَارَ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ۔ (قرآن - ٧ - الانعام - رکوع ١٣)

معنیٰ:- توهان جو رب اُهو الله آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪو نه آهي - اهو هر چيز جو پيدا ڪندڙ آهي پوءِ اُن جي عبادت ڪريو ۽ اهو هر چيز تي ڪارساز آهي ان کي اکيون نٿيون ڏسن (پر) ۽ اهو اکين کي ڏسي ٿو ۽ اهو نهايت خبردار ۽ مهربان آهي

(٢) قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۔ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۔ (قرآن - ٣٠ - اخلاص - رکوع ١)

معنیٰ:- (اي نبي صلی الله عليه وسلم) چئو ته اُهو الله (پنهنجي ذات خواه صفات ۾) اڪيلو آهي (۽ اُهو) الله بي نياز آهي -

(٣) اَللّٰهُ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۔ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ (قرآن - ٣ - البقر - رکوع ٣٤)

معنیٰ:- الله اُهو آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق نه آهي

اُهو جنهن ۾ قائم آهي.

(۴) اِنَّمَا اِلٰهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِی لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ وَسِعَ كُلَّ شَیْءٍ عِلْمًا.

(قرآن - ۱۶ - طٰهٰ - رکوع ۵)

معنیٰ:- توهان جو الله اُهو آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو به لائق عبادت ڪونه آهي ۽ سڀ شيءِ اُن جي علم ۾ سمايل آهي.

(۵) لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ وَّهُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ (قرآن ۲۵ - شوریٰ رکوع ۲)

معنیٰ:- ڪا به شيءِ اُن (الله) جهڙي نه آهي ۽ اُهو ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي

هاڻي مٿين پيش ڪيل آيات ڪلام الٰهي مان ان ذات ربّ العٰلمين جون بي انت صفات جميل سان موصوف آهي سندس واڪاڻ خاطر صرف چند صفات سوال مذڪور جي جواب ڏيڻ لاءِ بطور ثبوت هيٺ لکجن ٿيون

(۱) اُهو الله اهڙو آهي جنهن کي اسان جون اکيون ڏسي نٿيون سگهن پر هو (الله) اکين کي ڏسي ٿو.

(۲) الله اُهو آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود نه آهي ۽ هو پنهنجي ذات وصفات ۾ اڪيلو ۽ بي نياز آهي.

(۳) هو ڪنهن به شيءِ جي مثل نه آهي ۽ نڪا شيءِ اُن جهڙي آهي. ان جي ذات بي مثل ۽ بي مثال آهي ۽ ساڳئي وقت ٻڌندڙ ڏسندڙ به آهي.

هاڻي غور ڪرڻ گهرجي ته بموجب نص قرآن جنهن ذات پاڪ کي اکيون ڏسي نه سگهن ۽ نه وري اُن جي مثل ڪا شيءِ هجي ته اهڙي مخفي هستيءَ تي اوهان جي پُرعجب سوال مطابق هٿ ڪيئن ٿو رکي سگهجي ! يا وري اُهو الله شاهدن کي ڪيئن ٿو ڏيکاري سگهجي؟! (العياذ بالله)

هئي افسوس! صد افسوس!! ڇا هڪ فرد بني آدم ۽ ڇا ان جا پنهنجي خالق ومالڪ حقيقي جي باري ۾ اهڙا غلط سوال!

اي قطره مني مان پيدا ٿيل انسان ذرا شرم ته ڪر ڀلو! پنهنجي زبان مان

نڪتل الفاظن تي دوباره ڪجهه ويچار به ڪيو اٿو.... ته انسان پنهنجي خالق اڪبر جي ذات بنسبت ڪهڙا ڪهڙا بيهوده جملا سرميدان اُڇلي چڪا آهن!!

ڪاش.... خدا جي زمين تي اهڙا سرڪش ۽ متڪبر آدمي نه هجن ته بهتر.... ها.. ها.. پر ڪير ٻڌي ٿو، سو آهي مقرر وقت تائين فعل المختار آهن - جن ڪين وٽ نٿن پيا ڪن - نيٺ آخر اوچتو پڪڙيا ويندا۔

پر، وهڻي ته نص قطعي مان مٿي ثابت ڪيو ويو آهي ته رب جي ذات بي مثل و بيچون آهي ۽ هي اکيون انکي هرگز ڏسي نه سگهنديون. هو ذات جي قيوم واجب الوجود آهي ۽ هر ظاهري ۽ مخفي ڳالهين جو ڄاڻندڙ پڻ آهي ته هاڻي ان وجود ان واضح ۽ نا قابل انڪار، حقيقت جي جيڪو شخص نص قرآن جي خلاف ايها دعوى ڪري ته مان اَن الله کي اکين سان ڏٺو آهي ۽ جو ته مان اَن الله تي شاهدن جي روبرو هٿ به رکي ڏيکاريندس ته بموجب فرمان اِلهي اهو ڪذاب معتّا، ۽ مفتري آهي ۽ سچ پچ اهڙو مردود شخص خود اُن ذات باري تعالى تي ڪوڙ هڻي رهيو آهي ته ورى اهڙي ٺڳ جي آخر عاقبت ڪيئن ٿيندي ۽ ڪهڙي صورت ۾ سندس حشر ٿيندو، اُن جي اِها حالت قرآن پاڪ جي روشني ۾ عبرت خاطر لکي پڌري ڪجي ٿي. قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ -

وَتَرَى الَّذِينَ كَذَبُوا عَلَى اللَّهِ وُجُوهُهُمْ مُّسْوَدَّةٌ ۚ أَلَيْسَ فِي جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْمُتَكَبِّرِينَ ۝ (قرآن - ٢٤ - الزمر - رکوع ٦)

معنى- الله پاڪ فرمائي ٿو ته :-

۽ جنهن الله تي ڪوڙ ناهي هنيا تن جو منهن ڪارو ٿيل ڏسندين ڇا جهنم ۾ اُنهن متڪبرن جي رهڻ جي جاءِ نه آهي؟!

سچ پچ ته وهان به عيوانات الهي کي ڪاوڙ آڻت جهڙو رهو بهوا هڙو بدتر بيرن سوال ڪيو آهي جهڙو ڪ حضرت موسىٰ عليه السّلام جي نافرمان قوم ڪاٿو ٿي ڪيو هو بلڪ اوهان ته سوال ڪرڻ ۾ اُنهن کان به اڳتي وِڪ وڌائي چڪا آهي۔

جهڙي تہ :- قال الله تبارڪ وتعالیٰ

يَسْئَلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَنْ تُنَزِّلَ عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَاۗءِ فَقَدْ سَاَلُوْا مُوْسٰۗى اَكْبَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَقَالُوْۗا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ (قرآن - ٦ - النساء ٢ ڪوع -

يعني (اي نبي) اهل ڪتاب وارا توکي سوال ٿا ڪن تہ اهي آسمان کان تڪيل ڪتاب نازل ڪرين - پر بيشڪ موسیٰؑ کان تہ اِن کان بہ وڏو سوال ڪري چڪا آهن جو چيائون تہ اسانکي الله ظاهر ڏيکار پوءِ اُهن تي اُن گناہ سبب وِڄ ڪڙڪي!

هاڻي بہ ايترو الله پاڪ جي بارہ ۾ موسیٰ عليہ السّلام واري سرڪش ٿا فرمان قوم جهرة وبعينہ بلڪ اُن کان بہ وڌيڪ غليظ ترين سوال اوهان بہ ڪيو آهي ياند؟ ڪيئن جو هن تہ ”گوينظاهر الله ڏيکار“ پوءِ جو سوال ڪيو هو مگر اوهان چئو ٿا تہ آهو الله ڏيکار پوءِ بہ اُن تي شاهدن جي روبرو وهت بہ رکو ... سُبْحٰنَہٗ وَتَعَالیٰ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ - ها.. هت شايد اوهان وري هي سوال ڪندؤ ڪيو تہ ”توهان جي خيال موجب جڏهن تہ اسان بہ حضرت موسیٰ عليہ السلام واري قوم جهرة وبلڪ اُهن کان بہ وڌيڪ بد ترين سوال ڪري رهيا آهيون تہ پوءِ جنهن صورت ۾ اُن قوم تي اُن غلط اُتاريل سوال جي پاداش (عيوض) ۾ مٿن آسمان مان بصورت عذاب وِڄ ڪڙڪي ۽ سڀ ختم ٿي ويا تہ پوءِ اِن حالت ۾ اسان تي بہ وِڄ ڇونہ ٿي ڪري؟ اِن مان ثابت آهي تہ اسان جو اِهو مذڪورہ سوال معقول مناسب ۽ صحيح آهي -

اِن جو جواب وري هي آهي تہ :-

پر وڏي ڳالهہ جي تہ بہر صورت اوهان جو سوال فرعون جي اُلوهيت واري خطائي عظيم کان البت گهٽ مجرمانہ حيثيت رکيو تہ هاڻي اِهڙي بدترين مجرم (فرعون) کي بہ اُن ذات حليم بار بتعالیٰ الحال مهلت جوت جتي ڏنو هو پر بالآخر جيڪا سزا تعدي تي هئي تنهن جي سموري خبر اوهانکي بہ آهي -

ساڳئي طرح توھانکي ۽ جيڪڏھن اھڙي خلاف احڪام قرآن عمل ڪندي ڪندي ڏٺو ۽ ڏٺي ويئي ۽ في الحال پڪڙ نه ٿي ته ان جي معنيٰ ھروڀرو ان رھائي آھي ته اوھان ضرور ڇٽي آھيو. بلڪ سمجھو ته قدرت طرفان اھڙن مجرمن کي وقت مقرر تائين ڇيڪ ڇڏيو ويندو آھي ته جيئن اھي پاڻ ته پنھنجي واسطي اجايو وڌيڪ عذاب جو سامان گڏ ڪندا رھن - جيئن ته قال الله تبارڪ

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا أَنَّمَا نُمْلِي لَهُمْ خَيْرٌ لِأَنْفُسِهِمْ إِنَّمَا نُمْلِي لَهُمْ لِيَزْدَادُوا إِثْمًا وَلَهُمْ عَذَابٌ مُهِينٌ ۝

قرآن - ع۴ - آل عمران رڪوع ١٨ -

معنيٰ - ۽ ڪافر اھو نه سمجھن ته اسان جو انهن کي ڍر ڏني آھي سو انهن جي لاءِ ڪا ڀلائي آھي! پر اسان انهن کي ھن ڪري مهلت ڏني آھي ته گناه زياده ڪن ۽ بالآخر انهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آھي -

ھا - . . پوءِ اھڙي طرح ثمودات قرآن جي منڪرن کي مهلت مزيد ڏيس ڏيئي متان اوچتو ئي اوچتو عذاب ڪڙڪايو ويندو آھي لقوله تعالیٰ -

وَالَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُونَ - وَأُمْلِي لَهُمْ - إِنَّ كَيْدِي مَتِينٌ ۝ قرآن - ٨ - الاعراف ٢٣

معنيٰ - ۽ جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو تن کي درجي بدرجي (بصورت عذاب) اُتان پڪڙينداسون جتان خبر نه هوندن ۽ (في الحال) کين مهلت ڏينداسون - بيشڪ منھنجي رٿ پڪي آھي -

سو ھاڻي ياد رکو ته ... توھان جي ۽ جيڪڏھن رھا ساڳي خلاف قرآن عملي ڪارروائي بدستور جاري رھي ۽ پنھنجي بد افعالن تي نادم ٿي توبه تائب نه ٿيو ته پوءِ يقين سمجھو ته توھان تي به اُن غيبي خدا طرفان سنڌ يه عذابي حالت ۾ اچڻ ئي جاڳ وڃ ڪري ! ! لقوله تعالیٰ

وَيُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيبُ بِهَا مَنْ يَشَاءُ وَهُمْ يُجَادِلُونَ فِي

اللهِ وَ هُوَ شَدِيدُ الْمِحَالِ - قرآن ١٣ - الرعد - رڪوع ٢ -
معنيٰ ۽ (اهو الله) جو وجود تو موڪلي - پوءِ جنهن لاءِ گنهگار سرڪش) انهن تي گهري اوندا
ڪيرائيندو آهي ۽ اهي خدا جي ڳالهه ۾ تڪرار ٿا ڪن ۽ اهو سخت پڪڙيندڙ آهي
ڀائي بنا ايوته ڪجهه ڳالهه سمجهه ۾ آئي اٿو يا نه؟ ها... ضرور محسوس ڪيو هوندو
ته انهي ڏر ۾ جيڪي جذبا پر نهايت خطرناڪ نتيجا پوشيده آهن -
پوءِ... اي احڪام قرآن پاڪ کان منهن موڙيندڙ انسانو! اوهان کي ان لاءِ
اجهو پنهنجي هم حالات تي نظرثاني ڪري ضرور عاقلانه ويچار ڪرڻ گهرجي
رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا
فرعون دعويٰ ڪئي ته مان خدا آهيان (انا ربكم الاعليٰ - قرآن) تنهن ڪري
منهنجي عبادت ڪئي وڃي ۽ سندس جسم انساني هو - جنهن کي سڀ ڪنهن جون
اکيون ظاهر ظهور ڏسي ٿي سگهيون ۽ جيڪڏهن ڪو چاهي ها ته اُن (فرعون)
تي هٿ به رکي سگهي ها - اهڙي طرح سامري هٿ سان گابو ٺاهي عام ماڻهن ۾
تبليغ شروع ڪئي ته هي (گابو) اوهان جو معبود آهي ۽ اهو گابو به اهڙو هيو جنهن کي
سڀڪو ڪلايو ڏسي ۽ هٿ به رکي ٿي سگهيو - ته هاڻي فرعون جا تابعدار ۽
سامري جا چيلا چپيندا ته اهڙا اهڙا جو انهن کي جيڪڏهن اهو سوال ڪجي ها -
جيڪو وهابي ڪيو آهي ته "الله ظاهر ڏيکاريو ۽ اُن تي هٿ به رکو" ته هو به
جيڪو به پاسي وڃي ڪونه ها ۽ يڪدم ڪٿي فرعون ۽ گابي تي هٿ رکن ها - ۽ ان
وري هي بخاطري ٿي ٿي ته اهڙا واهيات ۽ گندا سوال به فرعون ۽ سامري جا
تابعدار ئي اُٿاري سگهن ٿا - باقي اهي موحد جيڪي خدا کي بيچون ۽ بي مثل واجب
الوجود ۽ لم يلد ڪري مڃيندا آهن اهڙا اجهل ۽ ڪافرانه سوال هرگز اٿاري نٿا سگهن
ڏسو ته ... حضرت موسيٰ عليه السلام جڏهن رب جي ذات جي ديدار لاءِ تڙپي
رهيو آهي ۽ اُن يزدان حقيقي کي سوال ٿو ڪري ته "ديدار ڏي" ته هن اُن محبوب
نبي ڪليم الله کي به صاف انڪار ۾ جواب ٿو ملي ته "لن تراني" موني نه ٿو ڏسي
نه سگهندين - باوجود ان انڪار جي نبي عليه السلام جنون محبت سبب اصرار ڪندو
رهيو تا آخر ذات باري تعاليٰ جي ڪنهن صفا تي ٿڌي تجلي تي نظر پوڻ سان يڪدم

بيھوش ٿي ڪري ٿڦڪي ٿي ٿي هئي... عجيب آهي جو اسان اُن خدا کي جنهن اڳين سان ظاهر
ظهور ڏسون ٿا ۽ شاهدن جي روبرو وري اُن ۾ هٿ ٻه رکون. ته ٿي هي ڳالهه ڪيتري ڏکوئيندڙ
ڏاڍي!!! اِنَّ هٰذَا بُهْتَانٌ عَظِيْمٌ
سُبْحٰنَهٗ وَتَعَالٰى عَمَّا يَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا كَبِيْرًا - الله پاڪ آهي ۽
جيڪي اِن بابت چون ٿا تنهن کان نهايت بلند ۽ مٿاهون آهي.

اهڙن جي مذڪوره ڪيل سوال مان معلوم ٿو ٿئي ته شايد اهڙن کان اهڙي
شئي ڏٺي آهي جنهن کي اُن جي جوڙ سان پنهنجي غلط گمان موجب خدا ڪري سمجهيو
آهي ۽ ٻيو جو قرآن ۾ "وَالظَّاهِرُ" جو لفظ ڏنو اٿو سو هيڪاري پڪي ٿي ويئي
اٿو ته نعوذ بالله اهو آهي ۽ انهي کي اهڙن ظاهر ڏسي سگهون ٿا - ۽ جيڪو اُن ۾ هٿ
رکڻ گهرو ته مٿس شاهدن جي روبرو ٻه هٿ ڪيائي رکي ٻه سگهون ٿا - ته اِن صورت
۾ اسان اهڙن جي اِن عجيب گمراهي کان متاثر ٿي اهڙن کي هي نيڪ صلاح ڏيندا آهيون
ته اي بندگان خدا ذرا هوشيار ٿيو! پڪ ڄاڻو ته اِهو الله نه آهي بلڪ اِهو ڪا
وچون مئي بلا آهي ته اِهو اوهان کي گمراهه ڪري مستحق عذاب جهنم بڻائي رهي آهي.
۽ ايئين برابر صحيح آهي ته اُن آفت جي فريب عدو کي ماڃي پنهنجي حياتي جو ڪافي عرصو
ختم ڪري چڪا آهيو... سو هاڻي اوهان کي گهرجي ته پنهنجي لاءِ قرآن پاڪ کي
مشعل راه بڻائي اُن جي روشني ۾ پنهنجي عمر جا باقي دم گذاريو ۽ اڪري ٻي صورت
۾ ياد رکو ته اِهو دغاباز دشمن (شيطان) جيڪو توهان کي طرحين طرحين سبز ڪرائي
رهيو آهي ۽ اوهان انکي دوست جا ماڪ آلائي جا ڄا سمجهي رهيا آهيو ڏسيو
بالآخر آخري موقعه تي اوهان کي ناهي جو ڙي ڇڏ تينه ۽ اوهان کان هٿن ۾
حسرت لفظن چوندي چوندي هميشه لاءِ جدا اُٿي ويندو جيئن ته قال الله تعالى
اِنِّيْ بَرِيْءٌ مِّنْكَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ (قرآن ٢٨- الحشر رڪوع ٢)
يعني:- (شيطان پنهنجي قبضه ۾ آندل گمراهه آدمي کي سندس موت وقت چوندو ته
مان هاڻي تو کان بيزار آهيان جو تحقيق مان جهانن جي پالڻهار کان ڊڄان ٿو.
نه فقط ايترو بلڪ اوهان جيڪو هن اُن (شيطان) جي تسلط هيٺ تادم زندگي
رهيو ته خود اوهان کي ٻه اُن وقت حسرت جا هٿ ملڻا پوندا - جيئن ته بقوله تعالى

يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِيْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا - لَقَدْ اَضَلَّنِيْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِيْ - وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ۝ (قرآن - ١١ - الفرقان - رکوع ٣)

معني (اُهو شيطان جي جنبي ۾ اچي گمراه آهي چوندو ته) هاءِ افسوس! مان جيڪر فلاڻي کي دوست نه ڪري ها - جنهن مونکي نصيحت (قرآن) اچي ته اُن کان پوءِ مونکي (شيطان يا ڪنهن ٻئي ابليس جهڙي) گمراه ڪيو ! بتحقيق شيطان آدميءَ کي وقت تي دغا ڏيڻ وارو آهي - (فَاعْتَبِرُوْا يٰاُولِي الْاَبْصَارِ)

تنهن ڪري ٿورهاڻي ڳالهه جي ته اڄ ڪي اهڙي فريبي - دوکيباز ۽ مشهور نڪد (شيطان) کان بيزار ٿي ۽ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ جي تلوار هٿ ۾ ڪري ساڻس جنگ جو اعلان ڪري ڏيو - نه ته جڏهن جو نقصان جي ٻيڙي اُهو (شيطان) پنهنجي ڪئي ڪمائيءَ ويل ڏسي هميشان لاءِ حسرت ڇاهت ملينداو رهي !!

ياد رکڻ گهرجي ته اسان جو خدا اُهو هڪ آهي جو ازل تا ابد حيّ قيوم آهي اسان جو الله اُهو آهي جو ربّ الارباب آهي - اسان جو الله اهو آهي جنهن جي مثل ڪا به شئي نه آهي اسان جو مالڪ خالق اهو آهي جنهن جي صفت لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ آهي اسان جو پالڻهار اُهو آهي جنهن کي اسان جون اکيون هن دنيا جي حياتيءَ ۾ هرگز ڏسي نه سگهنديون پر هو مالڪ هر شئي کي هر جاءِ تان هر وقت ڏسي سگهي ٿو. باقي اهڙو خدا جنهن تي روهان جي عقيده موجب هٿ ۾ رکي سگهجي - شاهدن کي به ڏيکاري سگهجي ته اهڙي مصنوعي معبود کان اسان جي هر وجهان ۾ بيزاري آهي جو ته اهڙو خدا فرعون ۽ سامري جو هيو جنهن کي هٿ ۾ رکي ۽ شاهدن کي ڏيکاري سگهندا هئا - سُبْحٰنَهٗ وَتَعَالٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ - لَيْسَ كَمِثْلِهٖ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ۝

سوال نمبر ٣) آية ڪريمه اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ ۝ اُهو حق اليقين ڪيئن آهي ؟ اُن جو مقام ۽ حد مڪي ۾ آهي يا مدينه شريف ۾

جواب :- حقيقت هي آهي ته جنهن مطلب ۽ مقصد لاءِ اِهي الفاظ قرآن پاڪ جا واقع آهن اُن مقصد جي وضاحت اُنهن الفاظن کان اڳ ۾ لاڳيتو ايندڙ آيتن ۾ موجود آهي مگر اوهان مڪمل ماقبل

آيات کي ڇڏي فقط مؤخر الفاظ تي جاچ ڪري لکي اُن تي سوال اُٿاريو آهي.
شايد رُوهان يا تنهائي واري اُن آيات مقدم کي حذف ڪري ڇڏيو آهي يا وري سير
سمٰوٰت جي محويت غالب اچڻ ڪري نظر چوڪ ٿيڻ سبب ائين ٿي ويو اٿو . .
حين... جابه حقي هر صورت اسان اُن جي جواب ڏيڻ لاءِ آهي سمورين ماقبل
آيتون جيڪي اُن مذڪوره پيش شده آية سان بروئي مفهوم مربوط رکنديون
آهن هيٺ ڏکي اُن موجب ئي جواب ڏيون ٿا.

وَاَمَّا اِنْ كَانَ مِنَ الْمُكَذِّبِيْنَ الضَّآلِّيْنَ - فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ
وَّتَصْلِيَةُ جَحِيْمٍ ۝ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ ۝ قرآن - ٢٧ - الواقعة (٣)

معنيٰ - اُهي جيڪي ڪوڙا ۽ گنهگار آهن تن جي مهماني آهي ٽهڪندڙ پاڻي
۽ ٻنڪ باه جي - ۽ اها ڳالهه آهي بالڪل سچي ۽ پڪي وِساه ڪرڻ جهڙي.
هاڻي - جيڪڏهن رُوهان آيات مرقوم جي مفهوم تي ڌيان ڏيندا ته اوهان
جي ڪيل سوال جو جواب با صواب اُهو خود ئي ذهن نشين ٿي ويندو.
يعني :- جڏهن ته مٿين آيتن جو مختصر مطلب اهو آهي ته جيڪي ڪوڙا (خدا تي
ڪوڙ ڳالهيندڙ - قيامت کي ڪوڙو ڀائيندڙ ۽ منهنجي گمان کي قرآن جي حڪمن تي
ترجيح ڏيندڙ وغيره) ۽ گنهگار انسان هوندا اُنهن کي قيامت جي ڏينهن پٽو سزا
ٽهڪندڙ پاڻي پيار يو ويندو ۽ ڪين پڪڙي جهنم ۾ وڌو ويندو - الله تبارڪ
وتعاليٰ اِن ڳالهه جي يقيني ۽ لازمي هجڻ لاءِ پڪو پڪي وِساه ڏيارڻ لاءِ اڳين ايندڙ
لفظن ۾ فرمايو ته " اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ " يعني اهڙن ڪوڙن ۽ ڏوهن
کي اهڙا سزا ايڪ ۽ ضرور بالضرور ملندي اِن ۾ ذري جو شڪ به ڪونهي - پهر
صورت مذڪوره گنهگارن سان اهڙو تعدي ضرور ٿيندي ضرور ٿيندي!
اِن لاءِ گويا رب جا ارشادهن آڻايڪ سمجھڻ گهرجي - اهڙي طرح سمجھو ته اهڙي
پڪي ويساه جي آخري حد کي حق اليقين چئبو آهي - يعني اُهو يقين يا ويساه جنهن ۾
ذري جيتري شڪ شبهي جي ڪا گنجائش نه هجي - . . . هاڻي جڏهن حق اليقين جي
واضح معنيٰ اِها ثابت ٿي چڪي ته هن اُتي وري اِهو سوال ته " يقين جي حد

مڪو آهي يا مدينه شريف ۾ ڪيئي اهن مفهوم آيت جو ۽ ڪيئي اهن اوهان جو جيڪي
جاهلانه سوال ! تو هان پاڻ هائي سمجهي سگهو ٿا ته اِنِي مڪه يا مدينه شريف
سان حق اليقين جو ڪهڙو واسطه ؟ !
سوال نمبر ۴ - آية ڪريمه - يٰبَنِيٓ اٰدَمَ اَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ اِنَّهٗ لَكُمْ
عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۝ آدمين جو پڌرو دشمن شيطان آهي - پڌرو ته اهو ڪيئي تو
رهي ؟ شڪل صورت ۾ مهانڊو ڪهڙو آهي ؟ اُن تي به هٿ رکي پڌرو ايو ......
جواب :- الله تبارڪ وتعالىٰ شانه پنهنجي مقدس ڪلام ۾ جا بجا انسان کي
خبردار فرمايو آهي ته شيطان اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي اُن جي تابعداري
نه ڪريو - شيطان جي دشمني نص قرآن مان ثابت آهي - پر ڏسجي تو ته اوهان جهڙي
طرح سوال ۲ ۾ لفظ ”والظاهر“ جي معنىٰ پنهنجي بي سمجهي سبب ”ظاهر
ظهور ڏسڻ ۾ ايندڙ الله“ سان ڪئي آهي اهڙي طرح هت به ساڳي طرح لفظ ”مُبِين“
(پڌرو) مان غلط تاويل ڪري انکي ورتي ”هو بهو جيئن پيو ظاهر ڏسڻ ۾ ايندڙ
شيطان“ سمجهي ورتي سوال ڪري ورتو ويو ! ها ...... سو اُميد نه هت به
اوهان کي اِن سوال جو مڪمل ۽ خاطري جهڙو جواب ملي ويندو - ڪير ايو
.... ياد رکڻ گهرجي ته شيطان لعين به ثبوت نص قرآن جتي هن ترهه
فرد انسان جو پڪو دشمن آهي ۽ دشمن هميشه نقصان ۾ پوڻ جا ئي ڪم ڏسندو
آهي اهڙي طرح ابليس احمق به بني آدم کي گمراهه ڪرڻ لاءِ هر وقت اهڙين رٿن تي
۽ انهن هلائڻ جي ڪارروبار ۾ محو ۽ ڪمر بسته آهي - آدم عليه السلام
جي اولاد سان سندس وير ۽ عداوت اُن جي ذاتي عادت آهي - پر رب تعالىٰ
شانه اُن خبيث جي پيدائش وري اهڙي نموني ڪئي آهي جو ڪو به آدمي هن
(شيطان) يا هن جي ٽولي (جنن) کي ڏسي نه ٿو سگهي - اگر ڪو شخص اُن جي زيارت
جو قصد ۽ ڪوشش به ڪئي ڪري تاهم به وٽي خِلقت به موجب نص قرآن اُهن
(شيطانن) جو ديدار اُن لاءِ مشڪل نه بلڪ ناممڪن آهي ! مگر هان ......
اُهو شيطان جيڪڏهن به ارادهٔ خود ڪنهن پنهنجي گهري دوست کي گهر ڏيئي
وٺي زيارت ڪرائيندو ته البت اِها ڳالهه وِسهڻ جهڙي آهي - جو ته بلحاظ

سرشت آهي شيطان ۽ سندس ٻاتي (جن) انسان کي آسانيءَ سان ڏسي سگهن ٿا! اِن پيش ڪيل مذڪوره حقيقت جي ثبوت لاءِ هن هيٺ قرآن پاڪ جي آها آية شريف پيش ڪجي ٿي جنهن ته :- قال الله تبارڪ وتعالى-

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ۭاِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۭاِنَّا جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝ (قرآن ٨- الاعراف- رڪوع ٣-)

معنى- اي اولاد آدم! متان اوهانکي شيطان گمراه ڪري جيئن اوهان جي پيءُ ماءُ (حضرت آدم ۽ بيبي حوا) کي بهشت مان ڪڍيائين ۽ اُنهن پنهنجين کان ڪپڙا لهرايائين ته کين سندن اگهڙ ڏيکاري يڪ هو (شيطان) ۽ اُن جي قوم (جن) اوهانکي ڏسندا- پر اوهان اُنهنکي ڏسي نٿا سگهو- ۽ تحقيق اسان شيطانن کي اُنهن جو رفيق بڻايو آهي جيڪي بي ايمان آهن-

هاڻي خيال ڪري ڏسو ته جنهن صورت ۾ بموجب فرمان خدا (شيطان جي ذاتي بناوت پڻ اهڙي آهي جو اسان هنکي ڪڏهن به ڏسي نه سگهنداسون- پر هو اسانکي ڏسي سگهي ٿو ته پوءِ اِن حالت ۾ جيڪا شيءِ ڏسڻ ۾ ئي نه ٿي اچي سگهي تنهنجو مهانڊو يا شڪل صورت ڪيئن معلوم ڪري ٿي سگهي! يا ڪڏهن اهڙي يقيني شڪل ۽ گهڙي شيءِ تي هٿ به ڪيئن ٿو رکي سگهجي؟ خداوند تعالى شانه جي فرمان تي اعتبار ڪجي يا اوهان جي ڳالهه تي؟ پوءِ .... (اي باطل بين دوستو! نص قرآن مان ته اِهو کُلي ثابت ٿيو ته بني آدم (انسان) لاءِ شيطان جو ڏسڻ ۽ اُن تي هٿ رکڻ ۽ اُن جي شڪل صورت ۽ مهانڊو بيان ڪرڻ قطعاً ناممڪن آهي. باقي پا وجود اِن ناقابل ترديد

حقيقت جي جيڪا هن روهاڻ انجي ”ويتلا ديدار“ جا مدعي آهيو، چئو ٿا ته
اسان اُن شيطان کي اکين سان ڏٺو آهي ۽ اُن تي هٿ به رکي سگهون ٿا ۽
سندس شڪل صورت جو خاڪو به ٺاهي سگهون ٿا ته پوءِ اِن حالت ۾
وري بحڪم قرآن يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اوهان آدمي نه پر خود،،،
آهيو! ڇو ته ”اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ وَ قَبِيْلُهٗ“ بموجب مدعي رويائي شيطان
(شيطن جي ديدار جي دعوىٰ ڪندڙ) جو انجي ڪتب مان هجڻ ثابت آهي.
باقي انساني فطرت کان اِها ڳالهه بالڪل بعيد آهي جو ڪو به آدمي شيطان کي
ڏسي ۽ اُن تي هٿ به رکي سگهي! (اين خيال است و محال است و جنون)
سوال نمبر (٥) ”وَرَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَخَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا“
يعني ماءُ پيءُ کي تخت تي ويهاريائين ۽ سجده ڪيائونس ۽ ڪريس
اڳيان انجي ١١ ڀائر اُنجا.

روهاڻ کي معلوم هجڻ گهرجي ته ابراهيم صلعم نبي پاڪ بت پرستي کان
بيزار هيو. ان جا پٽ پوٽا به نبي پاڪ هئا بت پرستي مشرڪي آهي اِها
بت پرستي اهڙين پاڪ هستين کان ڇو سرزد ٿي؟ ١١ ڀائر پيءُ ماءُ سميت
سجده ڪري چڪا. عامي آدمي به جيڪا هن اِها سهو ڪن ها ته عجب نه
هو. تعجب وڏو آهي ته بت پرستي نبين کان ڇو ٿي؟ حالانڪ غير حق جو
سجده ڪفر ۽ مشرڪي آهي. انهي ڪري احد تي جو اِهڙا پاڪ نبي پهتا؟
آدمي؟ جو سجده آدمي کي ناجائز آهي. پوءِ اُن جو جواب ڏيو ته اِهو غلط
ڪم ڇو ڪيائون؟!

جواب!- اول ته جيڪا هن اوهان مذڪوره هستين کي نبي ڪري ڄاڻو ٿا
نه پوءِ اِن صورت ۾ اهڙن معصوم انبياءِ عليهم السلام جن ڏانهن ڪفر ۽ شرڪ
جي نسبت ڪرڻ ۽ سندن احسن فعل کي غلط عمل سان تعبير ڪرڻ نه رڳو
ڪمال حماقت آهي بلڪ هن اجي اُن ڇو ته بيل گروه بهترين اخلاق شخصيتن
مان ڪنهن به هڪ جي قول خواه فعل ۾ اهڙو وڏو فاسد رکڻ ڪفر ۽ الحاد
کان به بدتر ۽ وڏيڪ بدترين جرم آهي. ڇو ته تمام انبياءِ عليهم السلام جي

مبعوث ٿيا صرف اِن لاءِ ھو ته ڪفر ۽ شرڪ جي پاڙ پٽي ۽ انسانن جي دلين ۾ فقط اُن ھڪ ئي ھستيءَ (الله) لاءِ محبت پيدا ڪئي ۽ آدمي توحيد الٰهي ڏانھن رجوع ڪن..... نه ھائي اھڙن مقدس ھستين وٽان شرڪ ۽ ڪفر جا ڪم (العياذ بالله) جيئن ڪ اوھان مذڪور سوال ۾ اھڙو وافترا اٿڪر وڪيو آھي) ڪيئن ۽ ڇوسرزد ٿيندا؟!

حضرت يعقوب و حضرت يوسف وغيره عليھم السّلام جن تي اوھان ھن سوال ۾ سجده مذڪور سبب شرڪ ۽ ڪفر جو الزام ڏنو آھي ۽ جيڪو نه ڇو انھن نبين کان اھڙي غلطي ٿي ٿئي؟ اِن لاءِ خَرُّوا لَهُ سُجَّدًا اھو ڏانھن سجدي ڪندي ڪِريا) جي جواب ڏيڻ کان اڳ اول انهن پاڪ انبيا عليھم السّلام جن جي افضليت ۽ انهن مبارڪ ھستين جو ڪتاب خطائن شرڪ کان مستثنيٰ ھجڻ وغيره جي ثابتي از دلائل صريحه آيات قرآنيه پيش ڪجي ٿي.. . جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالیٰ -

۱ وَوَهَبْنَا لَهُ إِسْحٰقَ وَيَعْقُوبَ - كُلًّا هَدَيْنَا - قرآن ۷ - الانعام رڪوع ۱۰

معنیٰ - ۽ اسان اُن کي (حضرت ابراهيم عليه السّلام کي) اسحٰق ۽ يعقوب بخشيو سون ۽ ھر ھڪ کي اسان ھدايت ڪئي -

۲ ايضًا - كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ (بحواله اوّل)

معنیٰ ھر ھڪ (نبيّ) نيڪ بخت ھيو -

۳ ايضًا - وَكُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ (بحواله اوّل)

معنیٰ اسان سڀني (نبين) کي جھان وارن تي فضيلت ڏني -

۴ - وَمِنْ اٰبَآئِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَاجْتَبَيْنٰهُمْ وَهَدَيْنٰهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (بحواله اوّل)

معنيٰ - ۽ ڪن کي سندن ابن ڏاڏن مان ۽ سندن اولاد مان ۽ ڀائرن مان
اسان هدايت ڪئي ۽ کين اسان پسند ڪيو ۽ سڌي راه تي هلايو -

5 ايضاً وَلَوْ اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ - اُولٰئِكَ الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ - (بحواله اول)

معنيٰ - ۽ جي (انبياء عليهم السلام) جي شرڪ (بت پرستي) ڪن ها ته جيڪي ڪيو هئائون سو سندن ضايع ٿي وڃي ها - هي اهي هئا جن کي اسان ڪتاب ۽ حڪمت ۽ نبوت ڏني -

6 ايضاً - اُولٰئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰهُمُ اقْتَدِهْ (بحواله اول)

معنيٰ - هي اهي هئا جن کي خدا هدايت ڪئي پوءِ (اي محمد صلى الله عليه وسلم) تون به انهن جي طريقي تي هل -

هاڻي مٿين پيش ڪيل منواتر آيتن مان جيڪي واضح حقيقتون ظاهر ثبوت سان هن هيٺ ڪولي لکجن ٿيون جيئن ته

1. سڀئي انبياء عليهم السلام سڳورا ۽ برگزيده آهن -
2. اهي جهان جي بين سيني انسان خواه ٻين مخلوقات کان هر صورت ۾ افضل ۽ اعلىٰ آهن -
3. سمورا انبي توحيد پرست ۽ آلائش شرڪ کان بلڪل پاڪ ۽ مبرا آهن ..... هاڻي جن نبين (حضرت يعقوب و يوسف وغيره عليهم السلام) ڏانهن اوهان شرڪ ۽ بت پرستي جي نسبت ڪئي آهي سي به چونکه نبي ٿي هئا ته اوهان جي ان باطل خيال جي رد ۾ مٿين پيش ڪيل دليلن سان گڏ خاص طور آية شريف نمبر (5) جو صاف مفهوم ته آهي ته انبياء عليهم السلام هر صورت جي شرڪ کان قطعاً پاڪ هئا جو ته ڪن مشرڪ هستين جو وجود مسعود نه خود مشرڪن ۽ انهن جي شرڪ کي رد ڪرڻ لاءِ پيغام موت هيو - علاوه ازين تاته اسان جي پياري رسول

مقبول صلي الله عليه وسلم جن کي ٻه خداوند تعاليٰ شانهٗ سابق انبياء عليهم السلام
جن جي طريقهٔ عمل تي ڪاربند رهڻ جو فرمان ڪيو آهي. اِن جو مطلب اهو آهي
ته الله پاڪ طرفان از اولين تا آخرين تمام حضرات رسلن و انبياء عليهم السلام
جن لاءِ اصولي طور ديني طريقه يا دستورالعمل سواءِ ڪنهن ڦيرقار جي ساڳيو ئي
هڪڙو مقرر ڪيو ويو هو. جيئن ته قال الله تبارڪ و تعاليٰ:-

وَمَا أَرْسَلْنَا مِن قَبْلِكَ مِن رَّسُولٍ إِلَّا نُوحِي إِلَيْهِ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا
أَنَا فَاعْبُدُونِ ۝ (قرآن-١٧- الانبياء- رڪوع ٢)

معنيٰ- ۽ توکان اڳ جيڪي به پيغمبر موڪليا سون انهن ڏي اهوئي حڪم
ڏنو سون ته مون کان سواءِ ڪو به عبادت جو لائق نه آهي پوءِ منهنجي بندگي
ڪريو...!

معلوم ٿيو ته سڀئي نبي سڳورا اصولاً هڪڙي ئي دين مذهب جا پيروڪار
هُئا ۽ سندن تمام اعمال حرڪات وسڪنات فقط "أَنَا فَاعْبُدُونِ- (پوءِ
منهنجي عبادت ڪريو) جي تحت وجود ۾ ايندا رهندا هُئا. ته اِن صورت ۾
ڪنهن به نبيءَ ڏانهن شرڪ (جو بڻ غيرالله جي پوڄا جو ٻيو نالو آهي) جي
نسبت ڪرڻ ٿيندو گويا سڀني نبين کي مشرڪ بڻائڻ (نعوذ بالله)

هاڻي اِن اصول مدنظر ڏسجي ٿو ته اوهان جو اهو لڳ وڪيل بهتان خاص
طرح ڪنهن به هڪ يا ٻن نبين سان واسطه نٿو رکي بلڪ اوهان پنهنجي اِن مذڪوره
حلقهٔ افتراءَ ۾ سڀني پيغمبرن عليهم السلام کي آڻي ڇڏيو آهي...! پوءِ!
ڇا هڪ ڪلمه گو مسلمان ۽ توحيد ور سالت تي ايمان رکندڙ شخص جي زبان
مان نبين جي نسبت ۾ اهڙا ڪلمات (اهانت آميز الفاظ) صادر ٿي
سگهن ٿا ۽ ڇا اهڙي مفتري کي به اصولِ اعتقاد مسلمان سڏي سگهجي ٿو
هرگز نه! ته هاڻي توهان کي پڻ خود پنهنجي اِن اختيار ڪيل رويه موجب
ڪهڙي لقب سان ۽ ڇا سڏڻ گهرجي؟ اِن لاءِ پاڻ اوهان منصف ٿي
پنهنجي حق ۾ پاڻ ئي فيصلو ڪيو!-

هاڻي باقي رهيو اوهان جي اِن سوال جو مکيه پهلو ته حضرت يعقوب عليه السّلام ۽ ٻين حضرت يوسف عليه السّلام کي سجده ڇو ڪيو؟ حالانڪ غير الله کي سجده ڪرڻ شرڪ آهي-

اُن جو جواب هي آهي ته ”اول ته تمام انبياء عليهم السّلام، ثبوت سابق مرقوم آيات قرآنيه شرڪ جهڙي بدترين جرم جي آلائش کان بلڪل پاڪ هئا ۽ سندن هر فعل مان ”اَنَا فَاعۡبُدُوۡنِ“ موجب فقط خاص خدا جي ئي پرستش جو ثمره برآمد ٿي سگهيو ٿي. ٻيو ته اِن حالت ۾ ثابت نٿي ٿئي ته حضرت يعقوب عليه السّلام ۽ ٻين جو اِهو عمل ”خروا له سجدا“ وارو مشرڪانه هرگز نه هيو- البت اِها خود توهان جي دماغ جي مشرڪانه فراست ئي آهي جنهن نبين جهڙي برگزيده هستين جي احسن ترين عمل کي فعل شرڪ سان تعبير ڪيو آهي، سو اِن لاءِ بهتر آهي ته اڳ ۾ اوهان پنهنجي دماغ مان غليظ مفسدانه ۽ مشرڪانه مواد بذريعه فصد به نشتر قرآن کولائي خارج ڪرايو بعد ڪلام پاڪ جي انهن آيتن تي ويهي ويچار ڪيو!!

پر فرض ڪري ته حضرت يعقوب عليه السّلام ۽ اُن جي ٻين پٽن وغيره جو حضرت يوسف عليه السّلام آڏو جهڪڻ تعظيما هو نه ڪِ عبادتا، جو ته مٿي صاف ذڪر ڪيو ويو آهي ته خصوصا نبين وٽ خدا کان سواءِ ٻئي جي پوڄا ڪرڻ قطعا حرام آهي- حضرت يوسف عليه السّلام کي سجده اِنڪري ڪيو هئائون جو هو لائق تعظيم و تڪريم ...... هيو، ۽ هي ته اُن وقت بادشاهن آڏو تعظيما جهڪڻ جائز هو- چونڪه يوسف عليه السّلام اُن وقت مصر جو بادشاهه هو ۽ خود سندن دين ۾ ائين بادشاهه آڏو تعظيما جهڪڻ جائز هو، سو اِن ڪري ئي حضرت يعقوب عليه السّلام ۽ ٻين حضرت يوسف عليه السّلام کي تعظيم و تڪريم واسطي سجده ڪيو- ليڪن بعد ۾ اِهو حڪم منسوخ ڪيو ويو- اهڙي طرح هِن وقت مذهب اِسلام ۾ ڪنهن کي به تعظيمي سجده ڪرڻ قطعا حرام آهي-

علاوه اِن ۾ خدا تعالىٰ حضرت يوسف عليه السّلام جي اُن لاءِ ل...

خواب کي ٻه سڄو ڪري ڏيکاريو جيڪو سالن سندس ڀائرن جي عداوت ۽ ٻين تڪليفن جو باعث ٿيو هو- جو ڏي يوسف عليه السلام پنهنجي آڏو پنهنجي والد ۽ ڀائرن وغيره جي تعظيماً جهڪڻ کي اُن پنهنجي قديمي لڌل خواب سان تعبير ڪيو ۽ اِها حقيقت پڻ بيان ڪري (حضرت يعقوب عليه السلام) کي مخاطب ٿي هنن لفظن ۾ پيش ڪئي. جن ته- قال الله تبارڪ وتعالیٰ

وَقَالَ يَا أَبَتِ هَٰذَا تَأْوِيلُ رُؤْيَايَ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّي حَقًّا ۝ (قرآن س ١٣- يوسف- رڪوع ١١)

معنیٰ:- (حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي پيءُ کي چيو) ۽ چيائين (اي) ابا هي اُن اڳين منهنجي خواب جو تعبير آهي. پڪ ته منهنجي رب سچو ڪيو...

هاڻي توهان جي مذڪوره معترضانه سوال جو جواب واضح طور ڏنو ويو آهي. جيڪو توهان جي آڏو آهي، باقي اُن کي صحيح تسليم ڪرڻ يا غلط سمجهڻ سو توهان تي آهي ۽ توهان جي ذاتي فراست ۽ حاصل شده باطني علم جي غلط يا برابر هجڻ تي مبني!!

سوال نمبر (٦):- قرآن مجيد مان ته جنهن صورت ۾ نبي موسیٰ صاحب شريعت هيو نبوّت ۾ مليل هيس پوءِ ڇو هُو اُونداڪبر خضر جهڙي بي شريعتي خوني ۽ ظالم جي طرف ارشاد ڪيس ته لدني علم خضر کان وڃي سِکُ. اِهو سبب ڇا؟ اُن جو جواب ڏيو ته ڇو نبي موسیٰ خضر جي متابعت ڪئي؟ هو ڏٺو هو (خضر) خوني ۽ حق جي فرمان موجب انهيءَ تي گناهه ڪبيرو ڪري چڪو-

جواب:- اول ته اسين پاڻ علم لدني (علم باطن) جا قائل آهيون حضرت موسیٰ عليه السلام کي الله تبارڪ وتعاليٰ اِهو حڪم (ته لدني علم وڃي خضر عليه السلام کان سِکُ) اِن ڪري ڏيو هو ته جيئن موسیٰ ڪليم الله تي اِها حقيقت منڪشف ٿي وڃي ته علم حد اجو نهايت وسيع آهي- پنهنجي

خاص لطف و ڪرم سان جنهنکي جيترو عنايت فرمائي ته اُن جي ئي اختيار ۾ آهي جڳن ته قال الله تبارڪ و تعالیٰ

نَرْفَعُ دَرَجَاتٍ مَّنْ نَّشَآءُ وَ فَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ؛

(قرآن - ۱۳ - يوسف - رکوع ۹ -)

معنیٰ :- اسان جنهنکي گهرون، اُن جا درجا بلند ڪريون ۽ سڀڪنهن ڄاڻندڙ جي مٿان هڪ ڄاڻندڙ مٿي آهي -

اِتان معلوم ٿيو ته هر علم جي نهايت خداوند آهي - ۽ بس ۽ باقي پنهنجن ٻانهن مان ٻه جنهنکي جيترو قدر علم جي عنايت فرمائي ته اُها به سندس ئي وس جي ڳالهه آهي - ٻئي صورت ڪو به انسان پنهنجي ذاتي اِرادي موجب ڪو به علم ڪو نٿو سگهي - علاوه . . . . .

اوهان جيڪو پنهنجي سوال ۾ خضر عليه السلام تي بي شرعي جو اِلزام ڏنو آهي، سا خود اوهان جي ناداني آهي - ڪيئن جو جڏهن اُن (خضر عليه السلام) پنهنجن ڪيل فعلن جي وضاحت ڪئي ته معلوم ٿيو ته هو پنهنجن ڪمن ۾ حق بجانب هيو - حضرت موسیٰ عليه السلام جيڪڏهن صاحب شريعت هيو ته حضرت خضر عليه السلام به پابند شريعت ضرور هيو - تاهم . . .

خضر عليه السلام کان جيڪي ڪجهه فعل سرزد ٿيندا رهيا تن سڀني لاءِ آخر اِئين چيائين ته :- قال الله تبارڪ و تعالیٰ

وَمَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِيْ (قرآن - ۱۶ - ڪهف - رکوع - ۱۰ -)

معنیٰ (چيائين ته) مان اِهي ڪم پنهنجي اِرادي سان نه ڪيا آهن -

اِتان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت خضر عليه السلام کي خاص خداوند علم جي طرفان الهي ڪمن ڪرڻ جو فرمان عطا ڪيو ويو هو ۽ من جمله فرمودات الهي کي ئي شريعت چيو آهي - پوءِ جڏهن ته خضر عليه السلام

اُهي عمل خدا تعاليٰ جي حڪم ماتحت ٿي انجام ڏنا ته اِن حالت ۾ ڪيس بي
شرع يعنيو ۽ ظالم سڏڻ ٿي ڪمال جهالت ۽ حماقت آهي -
انهن سوا ءِ پر وڙڻ گهرجي ته حضرت خضر عليه السّلام کي علم لدني مان
ڪجهه جيڪو هن کي حاصل هيو ته سا گهڻي وقت وري ڪيس کي اهي گهڻيون
حاصل نه به هيون جيڪي ڪي پڻ موسيٰ عليه السّلام کي عطا ٿيل هيون جهڙوڪ
يد بيضا - عصا جو نانگ بڻجڻ - الله تبارڪ و تعاليٰ سان ڪلام ڪرڻ وغيره
وغيره - جنهن مان بالآخر هي نتيجو ظاهر ٿئي ٿو ته : - "هر علم جي مڪمليت
۽ انتها صرف رب العالمين وٽ ئي آهي" ۽ بس -
هت جيڪو هن اسان حضرت خضر عليه السّلام ۽ حضرت موسيٰ عليه
السّلام جي علم جي ڪاس وٽ وڃي پيٺ ڪندا سون ته ضرور هڪ کي گهٽ
۽ ٻئي کي وڌ سمجهڻو پوندو - پر ياد رکو ته انبياء عليهم السّلام يا خدا جا
صالح ٻانهان جن بابت قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ ڪجهه قدر قصا سبق
آموزي لاءِ ۽ اُنهن جي وقار ۽ احترام قائم ڪرڻ خاطر نازل فرمايا آهن
سي هر صورت خدا تعاليٰ وٽ مقبول و منظور سڏيا آهن ته اِن حالت ۾
اُنهن جي مابين ڀيٽ ڪرڻ سان ايمان وڃڻ جو خطرو ضرور آهي - اِن ڪري
اسان کي اهو عقيدو آهي ۽ هئڻ گهرجي ته سڀ اُهي پيارا اسان جيڏا لائق
عزت و احترام آهن - اسان کي پڪ ڪان ٿي ڪا ايها ٻئي مقرر ٿيل ڪاند آهي
ته ويهي ويچار ڪريون ته علم لدني ۾ حضرت خضر عليه السّلام وڌيڪ يا
حضرت موسيٰ ڪليم الله - ۽ وري هي سوال اُٿاريون ته موسيٰ عليه السّلام
خضر عليه السّلام وٽ ڇو ويو ۽ هن سندس متابعت ڇو ڪئي ۽ خدا
ڪيس اُن ڏانهن ڇو موڪليو ؟ - پس جيڪڏهن موسيٰ عليه السّلام انوقت
ويو ته به خدا تعاليٰ جي حڪم سان ۽ جي وڃي اُن جي متابعت ڪيائين ته به
رب جي فرمان موجب - پوري جيڪي ڪم خضر عليه السّلام کان پيش آيا
تن جي باري ۾ هينئر به احڪام الهي ماتحت ! يو ... اِن ۾ باقي توهان
ڪهڙو نقصو ڪاٿي ڏٺو جو اُنهي ڪمي وارا اُنهي ۾ اڻ هوندا ؟ - جيڪڏهن

اوهان سنجيده نموني ۾ ادب جي دائري اندر ويهي سوال ڪيو ته ڪو حرج
ڪونه آهي ليڪن ڏٺو وڃي ٿو ته اوهان سوال ڇڪيندي بي لغام
ٿئون وانگر اٿون هڻي - اُن لاءِ جي ادب ۽ تهذيب جي لوڙهي کي ٻه لتاڙي وڃي ٿا
ڪنن ۾ ڦهڪو ڪيو جيڪو ادب ۽ احترام خصوصاً هر ڪلمه گو مسلمان کي ضرور
ملحوظ خاطر رکڻو آهي - ڇا انبياء عليهم السّلام جي شان ۾ ڪنهن به مسلم
کي اِهانت جي هڪڙي اکر استعمال ڪرڻ جي جرأت ٿي سگهي ٿي؟ جي نه نه
پوءِ اوهان پنهنجي سوالنامه واري ڇا ڪارگذاري کي وري به نظر مان
ڪيڏي ڏسو ته ڪيئن نه اوهان ادانه ۽ بي باڪانه انداز ۾ اُن خدا جي چونڊيل
مقدّس گروه تي طرح طرح جي اِلزامن جي بارش وسائي ڇڏي اٿوَ ايوءِ .....
ٻڌايو ته ڇا اهڙن سياه ترين اقوالن اُچارڻ واري زبان منجهان ڪلمهٔ صداقت
جو لفظ نور و ذر وصادر ٿي سگهي ٿو؟ ڪڏهن به نه! هرگز نه!!

هِتي هڪ نقطو ياد رکو ته قرآن پاڪ ۾ ڪي آيتون محڪم آهن ته ڪي
متشابه جيڪي آيات محڪمات آهن تن جي معنيٰ ظاهر آهي ۽ آيات متشابهات
جي معنيٰ تاويل ڪرڻ سان جدا جدا نمونن ۾ ٿي سگهي ٿي ته اهڙي طرح جيئن
دلين ۾ اِلحاد ۽ ضلالت سبب کوٽ خرابو هوندو آهي اُهي قرآن پاڪ
مان اهڙيون متشابهات آيتون ڳولي هٿ ڪندا آهن ۽ اُهن جون
معنائون پنهنجي مطلب موجب تاويلون ڪري مڙهيندا آهن جيئن ته
قَالَ اللّٰهُ تبارڪ وتعاليٰ -

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ
وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ فَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ
مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ الْفِتْنَةِ وَابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ ط قرآن ٣- آل عمران

معنيٰ اُهو ئي آهي جنهن توتي قرآن نازل ڪيو- اُن ۾ ڪي آيتون محڪم آهن
۽ اُهي اصل آهن ۽ ٻيون متشابه آهن پوءِ جن جي دلين ۾ بيماري هوندي آهي

سي اُهي متشابهات جي ڪڏهن لڳندا آهن ۽ فتن لاءِ تاويلون ڪندا آهن.

ته ڀائي توهان جي طرز سوالات کي ڏسجي ٿو ته جيڪي ڪجهه اوهان پنهنجي سوالنامه ۾ قرآن پاڪ جون آيتون داخل ڪري اُهن تي سوال ڪيا آهن سي ته حقيقتاً آيات محڪمات ئي آهن جنجو مفهوم ۽ مطلب جمهور علما محققين وٽ بلڪل سائيو ۽ کريو ئي آهي ۽ منجهن ڪنهن به قسم جي اختلافي تاويل ڪرڻ جي گنجائش ڪانه آهي پران هوندي به اوهان اُهن صريح آيتن کي گويا متشابهات جو رنگ ڏيئي انهن صاف ۽ سڌي معنيٰ کي مروڙي سروڙي ۽ مڇي پروڙي سڀني علماءِ عالم اسلام جي قائم ڪيل مڪا اصول ۽ نظريه جي بلڪل برعڪس رڳو پنهنجي ڪاري قياس جي آڌار تي اُبتي معنيٰ مقرر ڪري پنهنجي رڳو نفساني مطلب برآوري لاءِ وڏي ڌرهلو طوفان ڪڙو ڪيو آهي! مٿين پيش ڪيل آيتن جي حڪم موجب ته رڳو اُهن آدمين جي دلين ۾ ور وڪ ۽ ڪوٽ هجڻ گهرجي جيڪي فقط آيات متشابهات مان بغرض نفساني تاويلون ڪري ويندا رهن انتشاني ڪن. پر اُهن اوهان جهڙن شخصين جي دلين جي امراض جو اندازو ڪيئن نٿو سگهجي. جيڪي صاف محڪم آيتن جي صحيح مطلب ۽ معنيٰ کي غلط مفهوم ۾ تبديل ڪندي ويهي ئي ڪانٿا ڪن!

ها..... جڏهن ته جيڪڏهن اوهانجي ڪوشش هئي ته آيه رفع ابويه موجود آهي. جيڪڏهن خضر عليه السلام ظاهر ۾ گناه جهڙا ڪم ڪيا اوهانجي به گويا ڪلمه ڪلا جهڙن ڪمن ڪرڻ جي اجازت ملي ويئي. ان لاءِ اوهان وٽ ڀڄڻ ۽ حجت اها آهي ته اسانکي به خضر عليه السلام وانگر علم لدني حاصل آهي. ۽ توهان وٽ آيه " وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ؕ " تمام عبادات الٰهيه کان روگرداني ڪري ڪانئي ڪيئي حقوقي نيڪي وڃي رهڻ واسطي ڪافي سند آهي. سچ آهي ۽ بلڪل سچ آهي ته...

زُيِّنَ لَهُمْ سُوْٓءُ اَعْمَالِهِمْ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ۝

قرآن-١٠-التوبة-رڪوع-٥-

معنیٰ:- يعني سينگا رياويا آهن ان لاءِ سندن ڇڏڻ اکين ۾ تحقيق خدا
ڪافرن کي هدايت نٿو ڪري

متفرقه سوال مختلف اهل الله جا

سوال نمبر (١):- بيت از ديوان امام رباني مجدد الف ثاني سلطان نقشبند رحمة الله عليه-

پير مادر گوئي آن دلدار شد ۞ از خدا و مصطفيٰ بيزار شد

فرمائي ٿو ته انسان جو مرشد اهڙي محبوب جي بازار ۾ ويو آهي جو خدا ۽ رسول کان بيزار ٿي ويو آهي- هاڻي ٻڌايو ته اهو محبوب ڪهڙو آهي؟ اُن جو نالو ڇا آهي؟ جنهن الله پاڪ ۽ محمد صلعم کان بيزار ڪيس؟!

جواب!- هاڻي اوهان اڳيان اهل الله عارفن ۽ ڪاملن جا اقوال بصورت شعر پيش ڪري تن تي سوال ڪيا آهن- جيڪي عالم اسلام ۾ تسليم شده صاحب ولايت و ڪرامت آهن- جيئن ته- حضرت مجدد الف ثاني رح- مولانا مثنوي روم رح بهلول دانا و- قلندر شهباز رح شاه ڀٽائي رح بيدل فقير- سچل فقير وغيره-

اِن لاءِ اول توهان جو ڌيان هن ڳالهه ڏانهن ڇڪائجي ٿو ته هڪ بحث جو اُصول آهي ته جيڪا هن ڪنهن به سائل جي طرفان پيش ڪيل بيت يا عبارت جو مڪمل طور تي حواله ڏنل نه هوندو آهي ته انکي غلط ۽ بي بنياد تصور ڪري انجي جواب ڏيڻ کان نه ڏيڻ بهتر سمجهيو ويندو آهي جو ته اِن حالتم ۾ اِئين سمجهيو آهي ته سچ پچ جيڪا هن اِها پيش شده عبارت ڪنهن به صحيح ڪتاب ۾ موجود هجي ها ته پوءِ ضرور اُن جو حواله به ڏنو وڃي ها- اِن ڪري عبارت جي عدم حوالدمان پڪ ٿيندي آهي ته اِهو مصنوعي مضمون ٺاهي هنيو ويو آهي جنهن جو جواب ڏيڻ بي عبث ٿيندو آهي-

بلڪل اهڙيءَ طرح اوهان بہ هنن سوالن جي پٺيان ڪي شعر، بيت وغيره
پيش ڪيا آهن۔ تن مان ڪنهن هڪ جو بہ حوالو نہ ڏنو ويو آهي۔ اِن صورت ۾
(صوفي طرح اسان کي اهڙن اوهان جي عدم حوالہ وارن پيش ڪيل سڀني
اشعارن جا جيتوڻيڪ جواب نہ ڏيڻا هيا مگر اِن هوندي اسان وري بہ
توهان جي ڳالهہ تي اعتبار ڪري انهن سمورن شعرن ۽ بيتن جي معنيٰ
سمجهائڻ جي زحمت سر تي کڻڻ گوارا ڪريون ٿا۔ ڪيئن جو اسان کي تہ اوهان جي
عرش ڪان وفي تحت الثريٰ تائين سڀ ڪجهه پتو آهي تہ ڇو آخر ايڏي
شديد مصروفيت سببان فقط ترجمو ڪري ٿا توهان چند ابيات ۽ اشعار
جو حوالو جي اپلي ڏنا ترا ڪا ڪو هوريان جي ڪا اعتراض جوڳي نہ ڇڏجي!
خير۔ هاڻي جيڪي بيت وغيره اوهان پيش ڪيا آهن ۽ انهن ڏانهن منسوب
ڪري ڪي انهن تي سوال ڪيا آهن انهن جي جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ هي حقيقت
واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ ايا اهي بيت وغيره جي انهن مشهور مسلم ولين
جا چيل مشهور ڪيا ويا آهن سي سچ پچ انهن جا ئي چيل آهن يا ڪنهن ٻين
وڃي واهوءَ ٺاهي ڪري انهن درويشن تي مڙهيا آهن۔ اِن لاءِ اهو ڪهڙو معيار
آهي جنهن جي ذريعي ڪو بہ مقولو۔ بيت۔ عبارت وغيره پرکي ڏسجي تہ ايا هي
عبارت سچ پچ ڪنهن عارف باللہ ولي کان صادر ٿيل آهي يا ڪنهن عارف بالشيطان
مصنوعي طور تي پنهنجي ذاتي مطلب حاصل ڪرڻ خاطر ڪنهن عارف اهل
اللہ ڏانهن منسوب ڪئي آهي۔ هاڻي جي هيٺ اهڙي معيار مذڪور جي
وضاحت ڪجي ٿي ذرا غور ڪري سمجهو۔

اسان مسلمان دين محمدي صلي اللہ عليہ وسلم جا پيروڪار آهيون جنهن
کي دين اسلام چيو وڃي ٿو۔ اسان پنهنجي حياتي ڪهڙي شغل ۾ ڪيئن
گذاريون اِن لاءِ رب جو ڪليل ڪتاب قرآن پاڪ ئي مشعل راه آهي جنهن
۾ هر فرد انسان جي ظاهري خواه باطني دنياوي توڙي اخروي زندگي جا مڪمل
علوم واضح طور بيان ٿيل آهن۔ هي هڪ چٽي حقيقت آهي تہ تمام انبياء اسلام
هن دنيا ۾ آيا (حضور سرور ڪائنات محبوب موجودات صلي اللہ عليہ وسلم

جن جي سمجهايل طريقه (جيئن عيني قرآني طريقه آهي) تي هلندڙ هئا ۽

هلي رهيا آهن. اهڙيءَ طرح هر فرد انسان جو عموماً ۽ هر هڪ مسلم جو خصوصاً ذاتي يا فطرتي مذهب ٻه صرف اسلام ئي آهي - ۽ خدا تعالیٰ حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن ذريعي اهو اسلامي دين مڪمل طرح ٻڌايو، انعام موڪلي ڇڏيو جنهن جو نمونو ڏيو ته - قال الله تعالیٰ

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ (قرآن - ٦ - مائده - رکوع - ١ -)

يعني ته الله تبارڪ وتعالیٰ فرمايو ته اڄ مان توهان جو دين مڪمل (پورو) ڪيو ۽ مان توهان تي پنهنجو احسان پورو ڪيو ۽ توهان لاءِ اسلامي دين کي پسند ڪيو

اهڙيءَ طرح ٻي جاءِ فرمايو ويو ته

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ (قرآن (٣) - آل عمران رکوع ٢)

يعني تحقيق الله وٽ (قبول پيل) دين اسلام آهي -

هاڻي انهن آيات مذڪوره مان ثابت ٿيو ته خدا تعالیٰ وٽ ٻه منظور ۽ مقبول دين (مذهب) فقط اسلام ئي آهي ۽ تمام اولياء الله (الله جا دوست) به اهي ئي مقبول ترين ۽ منظور ٿيل دين اسلام جا پيروڪار رهيا ۽ آهن ۽ اهڙيءَ طرح اسلامي نظام عمل جي مڪمل وضاحت رب جي نازل فرمايل ڪتاب قرآن پاڪ ۾ درج ٿيل آهي - انهي معلوم ٿيو ته سمورا اهل الله ۽ عارف بالله جيڪي خاص طرح رضا الهي جا جويان هوندا آهن ۽ الله تبارڪ وتعالیٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي منظور ڪرده دين اسلام جي پيروي ڪرڻ لاءِ ان طرح اسلامي دستور مطابق هلڻ ضروري آهي ۽ ٻيو اسلامي دستور العمل جو مڪمل مسودو آهي قرآن پاڪ يا ڪلام الهي انهي مطلب ظاهر ٿيو ته الله تبارڪ وتعالیٰ جا پيارا ۽ ان جا ڪي عارف ڪامل ٻه جيڪي آهن لازماً عامل بالقرآن هوندا آهن جو انهن لاءِ ٻڌڻ اهو هڪ خاص معيار ۽ شرط آهي

اهڙيءَ طرح جڏهن ته اجا هي برگزيده بندا جن جو مشڪل راه فقط قرآن تي آهي تن لاءِ هر دو جهان ۾ سعادت ئي سعادت آهي - برخلاف انهن جي جيڪي مخصوص وري قرآني دستور (اسلام) کان سواءِ ڪنهن ٻئي مصنوعي طريقه موجب پنهنجي زندگي عجون گهرنويءَ ٿا، سي نه آهن تنا ۽ وري سعادت جي بجاءِ خسارن ئي حاصل ٿيندي آهي - جيئن ته :- قال الله تعاليٰ -

وَمَنْ يَبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخَاسِرِيْنَ ۝ (قرآن - ٣ - آل عمران - رکوع ٩)

معنیٰ - ۽ جيڪو اسلام جي رستي کان سواءِ ٻيو ڪو طريقه اختيار ڪندو ته (اُن جو اهو دين) کانئس هرگز قبول نه ڪيو ويندو ۽ اهو (مذهب اسلام جو مخالف) آخرت ۾ نقصان وارن مان هوندو -

ته هاڻي جنهن صورت ۾ (قرآن عين اسلام آهي ۽ اسلام عين قرآن تڏهن) حالت ۾ ڪنهن به عارف بالله بزرگ جو طريقه ڪار نظام اسلام يعني قرآني دستور کان ٻاهر ٿي نه ٿو سگهي - بهرصورت انهن ولين جي زندگي جي هر پهلو ۽ جو دستور العمل فقط اسلام يعني قرآن يا فرمان الهي تي مبني هوندو آهي -

ان معيار مطابق انهن عارفن ڪاملن جي نشست برخاست خورد و نوش - بود و باش - تحريڪ - تبليغ - اقوال - افعال - اطوار مطلب ته سندن هرهڪ فعل مذهب اسلام يعني قرآني دستور جي عين مطابق هئڻ لازمي ۽ يقيني آهي - باالمقصود ته انهن ولين جو ڪو به قول و فعل پوءِ اهو چاهي الهامي هجي يا غير الهامي هجي حالت سڪر جو هجي يا حالت صحو جو هجي بهرصورت خلاف دستور قرآن ٿي نه ٿو سگهي -

هاڻي اسان وٽ اقوال - افعال و اطوار اهل الله عارفن لاءِ بلڪل صحيح طور ۽ ٺيڪ طرح معيار مقرر ٿي چڪو يعني صرف قرآني دستور" عليس ....

هاڻي جڏهن هر ولي عارف جي هر عبارت ۽ قول جي صحيح پرک واسطي

قرآني ڪسوٽي قائم ٿي چڪي ته ان صورت ۾ ڪوبه قول وغيره جيڪو ڪنهن
مسلمه عارف بالله ڏانهن منسوب ڪيو ويو هجي ته اهو هن قائم شده اصول
موجب احڪام قرآن سان ڀيٽي ڪري ڏسبو ته اهو مقوله فرمودات
ڪلام الاهي (نظام اسلام) جي عين مطابق هوندو ۽ نه ڇا ٿو ته اها عبارت برابر
ولي الله جي فرمايل آهي. پر برخلاف ان جي جيڪڏهن اهو منسوب شده
بيت يا شعر وغيره بيت ۾ دستور قرآن مطابق پورو نه هوندو بلڪ سندس
مفهوم خلاف قول قرآن هوندو ته پوءِ ان حالت ۾ يقيني طور سمجهبو ته اهو
قول وغيره ان عارف ڪامل بزرگ اهل الله جو چيل ٿي نه آهي پر اهڙي
صورت ۾ ائين ٿيو آهي بيت شعر وغيره ڪنهن ٻئي بيدين ملحد
يا شيطان ٺاهي پهچي گندا ته غلط مطلب حاصل ڪرڻ جي ارادي سان
انهن قولن جي نسبت ڪنهن مشهور تسليم شده اهل الله عارف
ڏانهن ڪري ڇڏي آهي جو ته ڪلام ولي الله خلاف ڪلام الله (قرآن)
ٿيڻ بلڪل قطعاً ناممڪن ۽ غير يقيني امر آهي.

هاڻي جنهن اهو مذڪوره معيار يا ڪسوٽي شعر- مقوله بيت
وغيره جي صحيح يا غير صحيح هجڻ لاءِ آزمائش واسطي قائم ٿي چڪو ته
توهان وارا مو ڪليل ابيات وغيره جيڪي سائينءَ وليءَ بزرگن ڏانهن
منسوب ڪيا اٿو سي پڻ ان ڪسوٽيءَ تي پرکي ڏسي انهن متعلق صحيح
راءِ قائم ڪري ڇڏو ۽ ٻيو سندن مطلب وغيره به ڪولي ڪولي بيان ڪيو
ويندو - جنهن وضاحت ۾ پڻ انهن متعلق توهان جي ڪيل سوالن جا
جواب به ظاهر ٿي پوندا. -

هاڻي اوهان جي پيش ڪيل بيت ۽ مذڪوره (جيڪو به حضرت
مجدد الف ثاني رح ڏانهن منسوب ڪيل آهي) اتي اوهان جو سوال آهي ته
اهو محبوب ڪهڙو آهي جو نالو هاڻي جنهن الله تعالیٰ ۽ حبيب صلعم کان
بيزار ڪيس! وغيره

جاڻڻ گهرجي ته بيت ۾ جو ضد آهي ته اعداد ۾ ڪنهن به انسان جي

قلب ۾ ڪنهن به هڪ ئي هستي جي لاءِ اهي ٻئي ضد يڪجا جمع ٿي نٿا سگهن -
جيڪڏهن ڪنهن به شخصيت جي تابعداري دل ۾ قائم هوندي ته سائي
وقت اُن کان بيزار ٿيڻ ناممڪن آهي پوءِ جڏهن متابعت نه رهندي
تڏهن اُن جي قائم مقام بيزاري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو .

مذڪوره بيت جڏهن ته بصورتِ الفاظ ظاهرا معنيٰ ته ڏيکاري
ته بيت چوندڙ جو مرشد هڪ اهڙي شخص وٽ ويو جنهن اهڙي تعليم
ڏني ته بيت سان سندس رهبري ڪئي جو هو اُن جي تعليمي اثر کان متاثر ٿي
الله پاڪ ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم کان بيزار ٿي ويو هاڻي جڏهن
اهو خدا ۽ رسول صلعم کان بيزار ٿيو ته اِن حالت ۾ گويا هو اُهن (خدا ۽
نبي صلعم) جي اطاعت ۾ نه رهيو بلڪ سندن مخالفت ۾ سرگرم رهيو.

ته هاڻي.... اهڙو شخص جيڪو خدا ۽ رسول صلعم جي تابعداري کي
ترڪ ڪري انهن کان بيزار ٿي ۽ سندن مخالفت ۽ عداوت ۾ ڪاهي پوي
۽ ڦري پيو ڪيس جيڪو اهڙي تباهه ڪن ۽ گندي منزل تي پهچائڻ لاءِ سندس
رهبري ڪري ۽ هو اُن رهبر نه پر رهزن کي محبوب رکيا ڪري سڏي ته
اِن حالت ۾ جواب ظاهر آهي ته اهو محبوب سندس "شيطان" لعين ئي
هوندو جنهن جو ڌنڌو ۽ نصب العين فقط اهو آهي ته آدمي خدا پاڪ ۽
نبي صلي الله عليه وسلم کان بيزار ٿين ۽ سندن تابعداري کي ترڪ ڪن -
هتي اهڙن آدمين (جيڪي خدا ۽ رسول کان بيزار آهن) جي حالت بيان
ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ مان فقط هڪ ئي آية لکي ظاهر ڪجي ٿي ... پوءِ توهان
خود اندازو لڳايو ته جا هڪ ولي الله جي زبان مان خلاف مفهوم قرآن ۽
الله جي پاڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي بيزاريءَ جا الحادانه جملا
صادر ٿي سگهن ٿا؟! قَالَ اللهُ تبارڪ وتعاليٰ -

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ اُولٰٓئِكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ

(قرآن - ٢٨ - المجادلة - رڪوع ٣)

معنيٰ - بيشڪ جيڪي خدا ۽ رسول جي مخالفت (ٻيزاري) ڪن ٿا اهي ئي
تمام ذليل ۽ خوار آهن -

اِتان ثابت ٿيو ته الله پاڪ ۽ نبي صلي الله عليه وسلم کان بيزار ٿيندڙ
مخالف هميشه هر جا ذليل ۽ خوار ٿيندا رهندا ۽ ظاهر آهي ته اِهي مذڪور
حالتون اولياء الله عارفن ڪاملن جي خصائل جي بلڪل برعڪس ۽ ضد ۾
آهن بلڪ يقيناً اِهي آثار ڪافرن ۽ گومنڪور اعداءالله (الله جي دشمن
جائي آهن)

يار ڪجهه گهرجي ته توهان اِهو بيت جنهن اڪمل ومڪمل شخصيت
(حضرت مجدد الف ثاني ؒ) ڏانهن منسوب ڪيو آهي اُهو اسان جي طريقه
نقشبندي جو پيران پير آهي جن جي ڪثرت فيض رساني جي اِها حد هئي
جو هزارين ملحد - زنديق - ڪافر - بدعتي - خدا ۽ رسول کان بيزار ٿيل
سندن حلقه صحبت ۾ اچي اِطاعتِ خدا ۽ رسول سان رنگجي پڪا
موحد ۽ سچا مسلمان بڻجي ويا ته اِن حالت ۾ ڇو ري اهڙي متبرڪ تسليم شده
ڪاملِ اڪمل ولي الله ڏانهن مذڪوره بيت (جنهن جو مفهوم فرمودات
قرآن جي بلڪل اُبتڙ ۽ جنهن مان پڻ ملحدانه ۽ ڪافرانه بيان جي بدبوءِ
ظاهر اچي رهي آهي) جي نسبت ڪرڻ ڇاهڪ نهايت بدترين افتراء ۽ غليظ
بهتان نه آهي؟! -

ها.... پر اِئي .... اوهان وري شايد اِئين چئو ته اهي بيت جي باطني
حقيقت ۾ ٻي آهي ۽ اُن ۾ ڪا وڏي مام ۽ رمز آهي - پوءِ ڀلا ته ايو ته اهڙين منهن
۽ ٻجهارتن ڏيڻ جو اهو مطلب ڪهڙو؟ اهڙيون ڳالهيون ۽ غليظ رمزون
پيو ولبيون جن جو مطلب قرآني دستور جي صريحاً خلاف آهي سي فقط توهان
تائين محدود هجن ته بهتر، باقي ٻين ابو جهم ۽ بي علم مسلمانن جي آڏو اِهو گند کولي
چوتا اُهنکي مدهوش ۽ بيمار بنايو؟ !

غصه نه ڪجو! مثلاً اوهانکي ڪو آدمي روبرو منهن تي بيهي صاف لفظن ۾
گاريون ڏيئي ۽ اوهان جي ڪاوڙجڻ تي هو وري توهانکي چوي ته ريهي جيڪي

تو ھاڻي مان چئي رھيو آھيان سو جيتوڻيڪ ظاھر ۾ اھي الفاظ ڪارين جا
آھن ۽ اوھان به انھن کي پنھنجي خيال ۾ ظاھري طرح ڪاريون ٿا سمجھو پر.....
حقيقت ۾ انھن جملن جو باطني مطلب ۽ مخفي رمز ۽ معنيٰ وچون ئي ٻي آھي
جيڪا اوھان سمجھي نٿا سگھو“ پر ۽ بد ايوته جا اُن ڪار ڏينه تي جي اُن جوڻ ۽
اهڙي سمجھاڻي ڏيڻ تي اوھان مطمئن ٿي ويندا؟ ھرگز نه..... بلڪ ضرور اُن
بيھودہ گوسان جي بيوته ته به ھٿن جي صفائي ته ضرور ڪندؤ...

انسان اھو مثال صرف ان لاءِ ڏنو آھي ته جئن جو عام طرح اوھان جھڙن باطني
ڳجھارتن جي ماھرن ۽ قرآن پاڪ جي ھنين سڌي صحيح معنيٰ کي پنھنجي نسياہ مقصد
جي حاصلات لاءِ اونڌو ڪري ٿو ڪندي ته جاھلن جي دماغ ۾ ھي ٻوٽ وجھي آھي ۽ ھيئن
ٿا سمجھن ته قرآن جي ظاھري لفظن واري عام ۽ واجي عربي ٻولي موجب معنيٰ
اصل نه آھي بلڪ حقيقت ۾ سچي قرآن جو مفھوم ظاھر جي بلڪل برعڪس آھي
جنھن جي سمجھڻ لاءِ علم لدني درڪار آھي ۽ اُن علم ظاھري بيڪار آھي.
اهڙي طرح سندن زبان تي ھر وقت ھي تڪيه ڪلام ھوندو آھي ته ”بابا ڪي
رند پير وڏن رازن ڪامل ھن قرآن جو ۽ پنھنجي ظن فاسد موجب سمجھندا آھن
ته اولياءَ الله عارفن وٽان صادر ٿيل عبارتون به ظاھري مفھوم جي برعڪس
مخفي مطلب ۽ ڳجھي معنيٰ سان ڀريل ھونديون آھن - سا ڪنھن وقت وري ھيئن به
پا ڪيندا آھن ته ولين عارفن ڪاملن جي قولن جو ظاھري رنگ شريعت پاڪ جي
بلڪل اُبتڙ ۽ خلاف ٿي ھوندو آھي جو ته جنھن ھو حقيقت ۽ معرفت جي اعليٰ
مقام تي وڃي پھتا آھن تي سندن لاءِ شريعت جو پابند رھڻ لازمي نه بلڪ غير
ضروري آھي...... ته ھن اھڙن مثالن بدران سان انھن عقل جي نٿن جو اکيون
کُلي پون ۽ ڪين پنھنجي ڪوڙ باطني جو احساس ٿئي - بھر صورت انھن وھمي بيماري
۾ مبتلا ٿيل مريضن جي دماغ ۾ فسق فجور سبب جيڪو فاسد خون جمع ٿي
رھيو آھي ۽ جنھن جي وقت سر ازالو نه ڪرڻ ڪري سندن لاءِ موت ظاھر نه بلڪ
مرگ حقيقي جو واقع ٿيڻ يقيني آھي ته اُن گندي مواد جي اخراج لاءِ سندن واسطي
بند و بست ڪرڻ به انسان پاڻ تي لازم ڄاڻون ٿا -

بنا برين انهن ٻنهي صحيح حقيقتن ۾ سريع الاثر سمجهائيون. جي ٻئي مرض مذڪور
جي موافقت لاءِ ڪارآمد آهن اُهي ازعين اصولِ قرآن ٺڪي ظاهر ٿيڻ جُڳن ٿيون. تان
ته مَن اُهي مرض باطن سبب مدهوش ٿيل مريض پنهنجي قياس جوڳي حالت ۾ سوچ
۽ ويچار ڪري راهه راست تي اچي رضا الاهي حاصل ڪن ا-ها-... بس!

پر وڌيڪ ڪهڙي نه جيڪي ته جيڪي شعور حقيقي کان بي بهره ور انسان پاڻ
کي مدبر پروڙيندڙ "رند" سمجهي خيال ٿا ڪن ته قرآن جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب
عربي ٻولي جي ظاهري الفاظن موجب نه آهي بلڪ اُن جو حقيقي ۽ اصل مفهوم
ويچارڻ سان اڀري ٿو" ته هائي ... صورت ۾ جيڪا هن اُهن رندن جي سمجهائڻ جي
رندن کان پڇجي ته ميان آيت شريف-

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيْرِ

(قرآن ٦- المائدة- رڪوع-١-)

(يعني توهان تي حرام ڪيو ويو آهي مردار جانور- رت ۽ سوئر جو گوشت)
جي باطني معنيٰ ٻي ڪهڙي آهي؟ نه حد (جاءِ) ته اُهي لدني علم جا پنڊار
اُن محڪم آيت مذڪور جي الائي ڪهڙي مخفي معنيٰ ٻڌائيندا؟ ۽ ٻي آيت شريف

وَأَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا-

(قرآن -٣- البقر- رڪوع ٣٨-

يعني الله وارا حلال ڪيو آهي ۽ وياج حرام ڪيو آهي) جو الائي ڪهڙو ٻيهو
راز بيان ڪندا!!

ازين قسم اهڙي طرح ڪلام الهي ۾ جيڪي به احڪام صريح بروءِ آيات
محڪمات بالتفصيل مرقوم آهن- جهڙوڪ ته... حلال و حرام جي تفصيل
سمجهائيون- نڪاح و طلاق بابت ارشادات- زنا ۽ چوري ۽ ٻين حدون- نماز
روزه- حج- زڪوٰة جا احڪام- جهاد جا مسائل- قيامت- جنت ۽ دوزخ
جا حالات- تنظيم معاشيات- متعلق فرمودات- غير قومن سان وهنوار

رکڻ جي نوعيت - اقوام سابقه جا عبرت انگيز ۽ سبق آموز قصه ۽ فلاح اُخروي
جا ذرائع و وسائل وغيره جيڪي به بلڪل ظاهر آهن تن سڀني لاءِ نه معلوم ته اهي
رمز پرور تنبيه ڏيندڙ باطني ڳجهارتن پجڻ جا ماهر انڪل جا تير هڻي الائي
ڪهڙي نڪال باطني معنيٰ مقرر ڪري ڇڏيندا -

پر ..... ڏٺو وڃي ته ڪانه پڻ جون حرام ۽ حلال چيزون جيڪي
قرآن پاڪ ۾ ٻڌايل آهن - تن مکيه آيتن تي گهٽو گهٽ ڪري اُنهن باطن بينن جو
عمل ضرور آهي - جئن ته ٻڪري ڪاٽڻ ۽ خنزير نه واپرائڻ - گئون مينهن وغيره
جو گوشت تناول فرمائڻ ۽ مردار جانور کي هٿ نه لائڻ - قرآن جي ٻڌايل حلال
جانورن جو ڪين استعمال ڪرڻ ۾ سندن ڪي رت نه ٻيٺڻ - ياوري ..... نڪاح
اُنهن عورتن سان ڪرڻ جن لاءِ حڪم قرآن اجازت آهي ۽ ڏي - ڀيڻ ماء
ڦُفي - ماسي وغيره - جن لاءِ حرمت نڪاح ڪلام پاڪ جي نص قطعي سان
ثابت آهي تن جي وڃ هوندي - وغيره - ته اِهي سندن اِنڪري به مان
ثابت آهي نه هوندا ڪا قرآن پاڪ جي صرف اُنهن حڪمن تي عامل آهن جن
لاءِ ڪين نفس کي گهڻي مصلحت خاطر اجازت ڏئي ٿي ته جيڪڏهن اهڙين
عام انسانن مروج ڳالهين تي هو عمل نه ڪندا ته دنيا جي تمام مسلمانن مرفايت
خوار خراب ۽ بدنام ٿيندا - ياوري اهڙن حڪمن تي عمل پيرا آهن جن
مان سندن نفس کي گهڻو شهواني حاصل ڪرڻ ۾ مطلوب آهي -
جئن ته نڪاح ڪرڻ ۽ گوشت کائڻ وغيره -

ته هاڻي معلوم ٿيو ته اُهي علم باطل جي ماهر جو قرآن پاڪ جي اهڙين
بعض چند آيتن تي بظاهر عمل ڪرڻ - صرف خلق جي بدنامي کان بچاءَ خاطر يا
حظ نفساني حاصل ڪرڻ جي نيت سان ٿي آهي نه ڪي احڪام الاهي تي عمل ڪرڻ
خاطر! هو تن ته ڪين پنهنجي مقرر ڪيل ذاتي نظريه مطابق اهڙي ۾ حڪم
آيتن جي ظاهر جي خلاف ڪا ٻي باطني معنيٰ ۽ مخفي رمز به ضرور اچڻ ڪيندي
هئي - پر ..... افسوس جو اِهي سندن عرفان ۽ باطن بيني ڪم ڏئي نه
سگهي - ۽ اهڙين آيتن جي مخفي رمزن ۽ ماڻهن جي پرورش لاءِ سندن ڪند دماغ

ڪم ڪري نه سگهيو هائو... سچ پچ جيڪڏهن هو لدني علم جا گوهر ٻهجي انهيءَ دعوا ته قرآن جي باطن معنيٰ بي آهي "جهڙي معنيٰ ۾ مقرر ڪري ٻڌائين ها پر يقيناً اِتي سند ۽ دليل ڪري نه سگهندي......

باقي بين اهڙين قرآني آيتن جن جو حڪم عبادات جاني ومالي سان واسطو رکيو جيئن ته نماز - روزه - حج - زڪوٰة - وغيره جي عمل جي ارڪان بجاءِ خاطر عجيب غريب تاويلون ڪري ڏکيي ۽ اٽڪل ئي هزارين نمونن مٿي بي ٻڌڙ باطل معنائون مقرر ڪري ٻڌائيندا آهن جيئن تڙجونڊا آهن ته- بابا نماز جي معنيٰ آهي نياز عبوديت - دل صفا آهي ته حج اُتي آهي جو ته "قلب الله جو ڪعبو ڏنو سي مڪي وڃڻ جو ڪهڙو ضرور" اهڙي طرح روزا مان مراد آهي ڳوڪوڙ نه ڳالهائڻ - زڪوٰة جو مطلب آهي ڪنهن جي دل نه ڏکوئڻ - وغيره وغيره - پر جي انهن ڳالهين جي حوالا ڏيئي دليل پيش ڪري مروڙي سروڙي مس مس نماز جي هڪ ادائگي واري صورت ئي ڪجهه اُتي رڳي بيهار ٻوته وري لڪ ٻڪ هي ڳڻ ڪئي شروع ڪندا ته "نيتان خيٽن نماز جو سِڪ سند وي نه ڏئي" يا وري حضرت سلطان باهو رحمة الله عليه کي وچڙا وٺ وڪري هي ونڊي ڪلام شروع ڪري ڏيندا ته "نماز پڙهڻ ڪم ناتا - روزه صرف روٽي - مڪي مديني اوهي وسين جي هو وڃن ڪم دي نٿيي - دل ول ڪلمه ادهي پڙهيسن دل جنهان دي ڪوٺي" وعلى هذا القياس-

مطلب ته اهي شيطان جي پوءِ لڳن جو هڪ فعل رڳو ظني رڳمان ۽ اٽڪل جي نمونن بي هوند و آهي- جنهن لاءِ نڪا ثابتي پيش ڪري سگهندا آهن ۽ نڪو ري صحيح دليل ئي پيش ڪري سگهندا آهن- بس فقط منبع الظن وا هواء رگمان ۽ سند جا تابعدار هوندا آهن......

اهڙن نادان انسانن جي عملي زندگي ڪهڙي غلط بنياد تي قائم هوندي آهي؟ ان لاءِ قرآن پاڪ جون هِن هيٺ ٢ آيتون پيش ڪجن ٿيون جيئن ته... قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ-

فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ وَمَنْ
اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ - اِنَّ اللّٰهَ
لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝ قرآن -۲۰- القصص- رکوع ۵

معنیٰ (اي نبي صلعم) پوءِ جيڪڏهن اُهي تنهنجو چيو نه مڃين ته ڄاڻ ته اُهي
رڳو پنهنجن سڌن جا تابعدار آهن - ۽ جيڪو ماڻهو خدا جي ڪيل هدايت (اسلامي
قانون يا قرآني حڪمن) موجب نه هلي ته اُن کان وڌيڪ وري ٻيو ڪير گمراه
آهي؟ بيشڪ خدا ظالم ماڻهن کي رستو نه ڏيکاري -

معلوم ٿيو ته هر جيڪو شخص خدا جي طرفان ڏنل هدايت يعني قرآن
پاڪ جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪري ٿو ته اُهو گمراه ۽ ظالم آهي ۽ صرف
رڳو پنهنجي سڌن جي تابعداري ڪري رهيو آهي ۽ اُن جو سڌي راه تي
اچڻ بہ نهايت مشڪل آهي -

۲ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ

(قرآن -۸- الانعام- رکوع ۲۴)

يعني اُهي (گمراه) رڳو گمان جي تابعداري ٿا ڪن ۽ رڳو تُڪل تي
هلندا آهن -

ثابت ٿيو ته اهڙا ڏوهي يا انسان جيڪي قرآني حڪمن جي خلاف
عمل سان زندگي گذارين ٿا سي فقط هوا جا پوڄاري ۽ نفس پرست هوندا
آهن - مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته اهڙن مڪارن جو قرآن پاڪ جي بعض
حڪمن تي خاص نفساني مصلحت ۽ بنا تي طوعاً ڪرهاً عمل ضروري آهي ۽
خدا جي ٻين احڪامن تي موهيا اکين سان جي سوڙه سبب عمل ڪري نه ٿا
سگهن - ته اهڙن پاڳين ۽ مڪارن جي اِن ڪاذبانه ۽ مڪارانه رويه جي
ڪلام الاهي ۾ خوب خبر ورتل آهي - ڪهڙي بدترين حالت ۾ سندن دنياوي

نه مڃيو ٿي ليسر ٿيندي ۽ ميدان حشر ۾ ڪهڙو اکين عبرت ناڪ جيو ضا ملندا ۽
سندن لاءِ آهڙي ۽ وعيد ٻاٻت هن سميت قرآن پاڪ جون صحيح آيتون اخذ
ڪري سبق آموزي لاءِ پيش ڪجن ٿيون - جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالى

اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ - فَمَا جَزَآءُ
مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ
الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ
عَمَّا تَعْمَلُوْنَ - اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا
بِالْاٰخِرَةِ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ

(قرآن - البقره - رڪوع - ١٠ -)

معنى (يعني اهڙن مذڪوره صفت وارن انسانن کان رب تعالى فرمائي ٿو ته)
ڇا ڪتاب (قرآن) مان ٿورن تي ته مڃيو ٿا (عمل ڪيو ٿا) ۽ ٿورن کي نٿا مڃيو -
(انهن تي عمل نٿا ڪيو) ؟ پوءِ جيڪو توهان مان ائين ڪري ٿو (قرآن جي ڪن
حڪمن تي عمل ڪري ٿو ۽ ڪن تي عمل نٿو ڪري) ته ان لاءِ دنيا جي حياتيءَ ۾
خواري ۽ جي سزا آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهڙي سخت عذاب ڏانهن آندو ويندو
۽ خدا توهان جي ڪمن کان بيخبر نه آهي ۽ هي اهي آهن جن آخرت جي
عوض دنيا جي حياتي ورتي - پوءِ انهن تان نه عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نڪا
انهن کي مدد ڏني ويندي -

هاڻي - - ۽ هي جو انهن باطل پيٽن ۾ قرآن پاڪ جي محڪم آيتن جي
صاف معنى کي قرآنيت ڌرن جي دماغ ۾ هي وهم ويٺل آهي ته ڪلام الٰهي جي
اصل حقيقي معنى ان ۾ آيل عربي ٻوليءَ جي ظاهري - مطلب مطابق نه آهي بلڪ
انهي جي معنى ان جي ظاهري مفهوم جي بلڪل برعڪس آهي - جيئن ڪا ص
طرح فقط انهن علم جا معلم ئي ڄاڻن ٿا آهن ۽ عام مسلمان ظاهر بين ان کي

اُن اَپ پر وڙي نه سگهندا آهن ته اُهي گمراهن جي اُن ظن باطل جي رد ۾ جيتوڻيڪ
مُنهنجي ڪافي واضح دليل پيش ڪري چُڪا آهيون تاهم هن هيٺ اهڙن شيطاني ڏوهي
مايل آدمين جي اُن وهم فاسد جي ازالي وڏيڪ خاص صريح قرآني دليل ڏيو
ڪون ٿا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (مان اُهي حق ڏانهن موٽي اچن) قال الله تبارڪ

١ الٓرٰ- تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ- اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ
تَعْقِلُوْنَ۔ (قرآن-١٢-يوسف- رڪوع ١-)
معنيٰ- هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن- اسان اُنکي عربي زبان جو قرآن
ڪري نازل ڪيو ته مَنَ توهان سمجهو-

٢ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمْ-
(قرآن -١٣- ابراهيم- رڪوع -١)
معنيٰ (رب ٿو فرمائي ته) اسان ڪو به رسول اهڙو نه موڪليو (جنهن جي
بولي انجي قوم جي زبان کان جدا هجي) مگر اُن جي قوم جي بولي ۾ ته اُن
ته (جئن) کين سمجهائي-

٣ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلٰي عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا
(قرآن - ١٥ - الڪهف- رڪوع -١)
معنيٰ- سب ساراه خدا کي جڳائي- جنهن پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب لاٿو ۽ اُن ۾
ڪجهه ڏنگائي (ڦير ڦند يا فرق) نه رکيائين

عرض هائي اُنهن مذڪوره پيش ڪيل آيات قرآنيه جي مفهوم تي ٿورو
ويچار ڪرڻ سان هيٺيون حقيقتون منڪشف ٿينديون جئن ته:-
١ الله تبارڪ وتعاليٰ جو قرآن پاڪ کي عربي بولي ۾ نازل ڪرڻ اِن لاءِ هو ته
عقل وارن کي اُن جي سمجهڻ ۾ تڪليف نه ٿئي (آساني ٿئي)-
٢ ڪنهن به آسماني ڪتاب جي بولي اُن وقت جي رسول جي قوم جي زبان کان ٻاهر

* وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ- (قرآن-٢٧- القمر- رڪوع ١)
معنيٰ- ۽ تحقيق اسان قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو- پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟!

نه هوندي آهي - جنهن ۾ صرف انهائي حڪمت ڀريل هوندي آهي جو جيئن انهن قوم پنهنجي لساني وطني ٻولي جي ذريعه ان ڪلام مان پوري طرح پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهي -

۳ قرآن پاڪ ۾ ڪنهن به قسم جي ڏکيائي يا ورڪ سمجهڻ ۾ ڳجهائي يا مخفي رمز (جيڪا عام مسلمانن کي سمجهه ۾ نه اچي) ڀريل نه آهي بلڪ ان جو بيان ۽ مفهوم بلڪل صاف - چٽو ۽ هر عقل سليم رکندڙ آدمي لاءِ مشعل راهه آهي -

۴ عہ هاڻي جڏهن ته اسان اوهان جي آڏو پيش ڪيل نا رسي ٻيت (جيڪو حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه) ڏانهن منسوب ٿيل آهي) تي مڪمل بحث ڪري چڪا آهيون ۽ صاف صاف قرآني دليلن جي روشني ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو اٿئون ته "اهو مذڪوره ٻيت حضرت موصوف جن جو فرمايل هرگز نه آهي بلڪ معلوم پيو ٿئي ته ڪنهن ٻئي بي دين ۽ خود غرض آدمي جو ناهيو ٿيل آهي جو ڪنهن ٻئي کي انهن ٿي مڙهيو آهي".

علاوه ان بحث جي سلسلي کي جاري رکندي وچ ۾ وري جيڪي بيانا قابل فراموش ۽ اهم ۽ پيچيده مسئلا درپيش ايندا رهيا آهن تن سڀني کي اسان فقط آخرين ڪلام حجت (قرآن پاڪ) جي روشن دليلن ذريعه نهايت چڱائي سان حل ڪري ڇڏيو آهي - جن مان بالآخر منجمله هي نتيجه نڪتو ته قرآن پاڪ ۾ جيڪي عام مسلمانن جي لاءِ سندن سموري نظام عمل سان واسطه رکندڙ تحقيقون درج ٿيل آهن انهن ۾ ڪنهن به قسم جي اهڙي ڳجهارت يا مخفي رمز پوشيده هرگز نه آهي جا ڪنهن ذي شعور مسلمان جي سمجهه ۾ نه اچي! بلڪ سندس مفهوم واضح صاف روشن ۽ هر سليم عقل واري مسلم جي دماغ ۾ ذهن نشين ٿيندڙ يقيني آهي - الاماشاء الله

هاڻي سچ پچ جيڪڏهن توهان ڪنهن به پيش ڪيل حقيقت کي پوري طرح سمجهڻ جي صلاحيت رکو ٿا - ته پوءِ اسان جي هن قرآني دليلن ذريعه بنيادي ۽ ثابت ڪيل معامله آڏو اوهان کي سر تسليم خم ڪرڻو پوندو!

پر جي خدا نخواسته اوهان ان جي برعڪس معامله ملحق آهي ته پوءِ ...

سعہ خداوند تعالیٰ قرآن پاڪ کي نصيحت پرائڻ لاءِ ڏکيو نه بلڪ نهايت سليس ۽ آسان ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته مقدس ۽ جوابدائي جمله ڪلام الٰهي جي عبارت سهل هجي)

عہ جي ثابتي لاءِ ڪافي واضح دليل آهي ۽ اهڙي طرح وري اخير الفاظ "فهل من مدڪر" (پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟) سمجهائن ٿا ته پاڪ قرآن مان آساني سان ۴۴

۴۴ احسن نصيحت حاصل ڪرڻ جي علانيه دعوت پڻ ملي رهي آهي —— بالمقصد انهن مختلف پيش ڪيل آيات ڪريمه مان انهن بي دينن، ڪذابن، گمراهن ۽ ملحدن جي انهن وهم، قياس ۽ خيال باطل جي صاف صاف ترديد ٿي وڃي ٿي جيڪي هنن آيتن جي ڪليل احڪامن ۽ صاف ظاهري معنيٰ کي غلط ۽ بيڪاره تصور ڪري فقط پنهنجي ملحدانه ذاتي راءِ ۾ ڪن ...

وَمَا عَلَيْنَا اِلَّا الْبَلَاغُ -

سوال نمبر (٢) بيت از مخدوم لعل شهباز بلند پرواز نور الله مرقده سلطان سنئن -

مطلوب نه طلبيم كه اين طلب حرام است
الله نگوئيم كه در شرك بمانيم

معنیٰ - مرشد نه ڳوليندا اسون جو اها ڳولا ڪرڻ حرام آهي - الله جو نالو نه ڪٺندا اسون جو ته مشرڪ ٿي پونداسون - هاڻي ٻڌايو ته الله تعالیٰ جو نالو جپڻ مشرڪي وڃايو ٿو يا هن کي مشرڪ جو ٿو ڪري؟

جواب :- مذڪوره بيت جڏهن ته مخدوم لعل شهباز حضرت مولانا محمد عثمان مروندي جو چيل ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ هو صاحب تسليم شده اڪمل عارف بالله آهي ان صورت ۾ سند نه عملي نظريه خلاف قرآن هجڻ ناممڪن آهي ڇو ته ان ولي الله موصوف جي قول فعل ۾ تفاوت هجڻ به ناشان ئي امر آهي جو ته اهو به هڪ فرمودات الاهي مان هڪ مکيه فرمان آهي جنهن ته :- قال الله تبارڪ وتعالیٰ -

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ

قرآن - ٢٨ - صف - رڪوع ١ -

معنیٰ - اي ايمان وارو! اهڙي ڳالهه چوٿا ڇو جنهن تي عمل نه ٿا ڪيو - ان قرآني اصول مد نظر حضرت مخدوم موصوف جن جو جيڪي ڪجهه زبان مان الفاظ صادر فرمايا هوندا ته لازمي طرح انهن تي عمل پڻ ضرور ڪري ٿيڪا رهيو هوندا اُن ...... هاڻي مذڪوره بيت جيڪو ڏانهون منسوب ڪيو ويو آهي اُن جي مفهوم تي نظر ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته مخدوم صاحب رحمة کي هڪ شيءِ جي ڳولا ڪرڻ حرام نظر اچي رهي آهي ۽ ضروري آهي ته اُن جين جي طلب ڪرڻ نعوذ بالله ادم لاءِ بحڪم قرآن نا جائز ٿي هوندي ......

هاڻي ڏسڻو آهي ته انسان لاءِ بروءِ فرمان خدا اهڙي ڪنهن شيءِ جي طلب

گويا ناجائز آهي - اِن لاءِ فقط بنهني خيال ۽ گمان جي آڌار تي اِن حقيقت مٿان راءِ
زني ڪرڻ جي بجاءِ موجوده بحث جي بنيادي اصول مطابق قرآن پاڪ مان ٿي
اِهائي جاچ لهڻي آهي ته آيا ڪهڙي چيز جي طلب يا ڳولا ۽ جستجو بني آدم لاءِ ممنوع
قرار ڏنل آهي - تنهن لاءِ اِن متعلق چند آيات قرآنيه هن هيٺ تحرير ڪجن ٿيون
بعد ازان اوهان جي پيش ڪيل بيت تي ڪيل سوال جو واضح طور جواب پڻ
ڏنو ويندو - قال الله تبارڪ وتعالىٰ -

فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَا اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ
مِنْ خَلَاقٍ - (قرآن - ٢ - البقر - رڪوع ٢٥)

معنىٰ: رب تو فرمائي ٿو: - ماڻهن مان ڪو جو ئي ٿو ته اي اسان جا رب اسان کي
(رڳو) دنيا ۾ ڏي ته اهڙي (آدمي) لاءِ آخرت ۾ ڪجهه به نه آهي -
معلوم ٿيو ته فقط دنيا وما فيها جي طلب رکڻ ناجائز ۽ حرام آهي جو ته اُن
دنيا جي حقيقت ورئي هي آهي - جيئن ته: قال الله تبارڪ وتعالىٰ

وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ - (قرآن - ٤ - آل عمران رڪوع ١٩)

معنىٰ - هي دنيا آهي رڳو ٺڳي ۽ فريب جو سامان ئي ته آهي -
جنهن چيز جي گهر ڪرڻ سان آخرت ۾ ماڻهون خدا جي رحمت ۽ انعامات
کان بي نصيب رهجي وڃي ۽ اُن جي حقيقت اِها هجي جو اُها (دنيا) بذاته رڳو
دوکي بازي ۽ مڪر فريب جو سامان هجي ته خاص طرح عارفن ڪاملن لاءِ ته
اهڙي منحوس ۽ ملعون چيز جي طلب ۽ جستجو ڪرڻ لازمي طور عين
حرام ۽ بلڪل ناجائز يقيني آهي - پر دنيا جا ڪي حصا جي ۽ اُن جي حقيقت جا آهي
اُن جي سمجهائڻ لاءِ هن هيٺ آيت قرآن تحرير ڪجي ٿي جنهن ۾ ذڪر
ڪرڻ گهرجي - قال الله تبارڪ وتعالىٰ

فَأَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى مَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا

(قرآن - ٢٧ - النجم - رڪوع ٢ -)

معنيٰ:- پوءِ اُن کان منهن موڙ جيڪو اسان جي يادگيري کان ڦري ويو (يا ڦيٺو ڪري) ۽ اُن رڳو دنيا جي زندگي ءَ جي طلب ڪئي.

ظاهر ٿيو ته هر اهو شخص جيڪو خدا جي ذڪر کان ڪناره ڪش آهي يعني رب جي ياد نٿو ڪري ته اُن ۾ ضرور هي صفت لازمًا هوندي ته جو اهو نياڳو "دنيا جي زندگي جو طالب" هوندو. دنيا اُن لاءِ مطلوب ۽ محبوب هوندي ۽ هو اُن جي حاصلات لاءِ شب و روز سرگردان هوندو.

هاڻي:- باقي هت هڪ نقطو ياد رکڻ جهڙو آهي ته "دنياوي زندگي مانع ذڪر الله نه آهي" پر اها دنيوي چيز جنهن جي سبب ڪري خدا وسري وڃي ته اهائي شئي بذات خود دنيا آهي - جنهن کي پڻ قرآن پاڪ ۾ مغضوب ۽ ملعون قرار ڏنو ويو آهي جئن جو ڪلام الاهي ۾ فرمايو ويو آهي ته:- قال الله تبارڪ و تعالى

فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَا اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَا اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا

(قرآن - ٢ - البقره - رڪوع - ٢٥ -)

معنيٰ:- ماڻهن مان ڪو جو ٿو چوي ته اي اسان جا رب اسان کي (رڳو) دنيا ۾ ڏي ته اُن جي (لاءِ) آخرت ۾ ڪجھ به نه آهي - ۽ انهن مان ڪو جو ٿو چوي ته اي اسان جا رب اسان کي دنيا ۾ به خوبي ڏي ۽ آخرت ۾ چڱائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ (ته) انهن ماڻهن لاءِ انهن جي ڪمائي ۾ مان (چڱو) حصو آهي.

هت آيات مذڪوره مان ڏسڻ ۾ ايندو ته محض طلب دنيا جيڪا آخرت جي باعث خيالن ۾ شرمندگي آهي ۽ اهائي خاص دنيا نزد خدا مغضوب ۽ ممنوع ب

آهي جنهن ۾ خدا جو خوف ۽ نجات اُخروي جي طلب شامل نه آهي - باقي دنيا جي زندگيءَ ۾ چڱائي جي طلب سان گڏ آخرت جي ڀلائي ۽ جي گهر ۽ عذاب جهنم کان بچاءَ جي دعا گهرڻ خود ثمرهٔ سعادت آهي - جو ته جنهن آدمي جي قلب ۾ معاملات اُخروي ۽ عذاب الاهي جي خشيت جاءِ گهرين هوندي ته اِن لاءِ دنياوي زندگيءَ ۾ نيڪيءَ جي ترغيب ۽ شمايل هوندي ۽ اِهو ئي مقصود عن ذِڪر الله (خدا کي ياد ڪرڻ جو مقصد) آهي -

هاڻي مٿين بحث مان اِها حقيقت منڪشف ٿي ته خصوصًا عارفن لاءِ محض دنيا جي طلب حرام بلڪ عين حرام قرار ڏنل آهي - اِن اخذ ڪيل نتيجه مان مذڪور بيت "مطلوب نه طلبيم ڪه اين طلب حرام است جي معنيٰ هن طرح ٿيندي ته :- حضرت مخدوم ممدوح جن فرمائن ٿا ته انسان اُن شيءِ جي طلب (گهر) هرگز نه ڪندا آهيون جنهن جي حاصلات ڪري الله پاڪ کي وسري وڃي - جو ته اهڙي چيز جنهن جو وجود مانع ذڪر الله هجي ته اُن جي طلب ڪرڻ ئي حرام آهي -

اڳتي وري حضرت شهباز صاحب جن اِن ڳالهه جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا ته " الله نگوئيم ڪه در شرڪ بمانيم "

هِتي سمورو ڏنل بيت جي سِٽ اول واري ظاهر ڪيل مفهوم کي ملائيندي هِن آخري سٽ مرقوم جي مطلب کي پڙهڻ هيٺ واضح ڪجي ٿو جئين ته

يعني :- جنهن شيءِ جي طلب حرام آهي ته اُن جي حرمت طلب جو سبب به اِهو آهي جو اُن جي موجودگيءَ ۾ تعرض عن ذِڪر الله (خدا جي يادگيري کان منهن موڙڻ) ٿي پوي ٿو - پوءِ اِها ئي مطلوب شيءِ طالب لاءِ گويا معبود بڻجي پوي ٿي جو اِهو ئي حقيقت ۾ شرڪ آهي ان لاءِ ئي مخدوم لعل شهباز اِهو مٿيون صحيح نقطه بيان فرمايو ته :-

جيستائين الله جو ذڪر نه ڪندا آهيون ته اِن صورت ۾ جيستائين اعراض عن ذِڪر الله (خدا جي ياد کان منهن موڙڻ) جو سبب هوندي ته گويا اِها ئي شيءِ مطلوب ۽ معبود هوندي ته اِن رويه اختيار ڪرڻ (خدا کي وسارڻ)

جو لازمي نتيجه اِهو نڪرندو جو اسان مشرڪ ٿي پونداسون
مطلب ته هر اِها چيز جنهن کان تعرض عن ذكر الله واقع ٿئي ته اُها
شئي يا اُن جي جستجو اُن جي طالب يا ڳولائو لاءِ معبود بڻجي پوي ٿي - جنهن ته
قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ

اَفَرَاَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ (قرآن-٢٥-الجاثيه رڪوع ٢)

يعني :- (اي نبي صلعم) تو اُن کي نه ڏٺو جنهن پنهنجي (باطل) خواهش
کي معبود ڪري ورتو - - - .

اِن مان ثابت ٿيو ته خواهشات باطل جي تابعداري شرڪ آهي ۽ خود
اُهي باطل سڌون متبع اهواء (سڌن جي تابعدار) لاءِ معبود بڻيل آهن
۽ اهڙي طرح باطل سڌن جي تابعدار کي پڻ مشرڪ چئي سگهجي ٿو -
هاڻي اِن بيت (منسوب شده بطرف لعل شهباز قلندر) تي
اوهان جي ڪيل سوال جو مفصّل ۽ مڪمّل جواب از روءِ دلائل قرآن
ڏنو ويو - جيڪو اوهان جي سامهون آهي - باقي اوهان جيڪا پنهنجي طرفان
مذڪوره بيت جي معنىٰ تحرير ڪئي آهي ۽ جنهن تي ئي اوهان سوال جو
بنياد ٻڌي پرسش ڪئي آهي سا ته بلڪل غلط ۽ اٽڪل بازي تي
مبني آهي -
تا معلوم ته اِها غلط معنىٰ اوهان ڄاڻي واڻي لکي آهي الائي ڪهڙي
سبب؟ باقي اوهان جي عام اختيار ڪيل رويه مان اندازو لڳائي اُن
بابت ڪي راءِ قائم ڪري سگهون ٿا ته ”اوهان جنهن صورت ۾ خود
خداوند تعالىٰ تي ڪوڙ ۽ بهتان ٻڌڻ کان به ذري جيترو شرم نٿا ڪريو
۽ اهڙو ڪوڙ ٺاهڻ ۾ به اوهان کي ڪمال مهارت حاصل آهي ته باقي مخدوم
صاحب جيڪو اُن خدا جو هڪ بالغو آهي اُن تي ڪهڙي به افتراء ڪرڻ ۾
اوهان کي ڪهڙي تڪليف پهچي سگهندي؟ سچ پچ ته اوهان لاءِ اِها ڳالهه ته
بلڪل هڪ معمولي ۽ رواجي حيثيت رکي ٿي! اوهان ته قرآن پاڪ جي صريح

اينئن مان به پنهنجي خواهش مطابق تاويلون ڪري عجيب طرح جون معنائون
ٿا ڏين اُهن تي سوال اُٿاري سگهجو ٿا جيئن ته :- ظاهر الله تي هٿ رکي ڏيکاريو
شيطان جو مهانڊو ڪهڙو آهي؟ حق اليقين مڪي ۾ آهي يا مديني ۾؟
اهو يقين جنهن بعد عبادات الاهي معاف ٿي وڃي ٿي سو ڪنهن تي حاصل
ٿئي؟ يا موسيٰ ڪليم الله خضر عليه السلام جي متابعت ڇو ڪئي؟
يعقوب عليه السلام حضرت يوسف عليه السلام کي سجدو ڪري اِهو
ڪفر جو ڪم ڇو ڪيو؟! وغيره وغيره علىٰ هٰذا القياس -
ته باقي عارفن ولين تي ڪوڙ هڻڻ يا اُنهن جي اقوال صحيح جي اصل معنيٰ کي
نظر انداز ڪري اُن جي قائم مقام مصنوعي مطلب کي گهڙي جوڙي بهار ڪم
اوهان کي ڪيئن ٿي چوانڪ ٿيندي -

سوال نمبر (٣) بہ نسبت بيت بهلول دانا رح -

چه خوش گفت بهلول فرخنده فال
که من از خدا پيش بودم دو سال

معنيٰ - بهلول فرمايو ته مان الله کان ٻه ورهيه وڏو آهيان - سو ڪيئن؟
(هن به معرفت وارو جواب ڏيندا)

سوال نمبر (٤) :- ايضاً - بيت بهلول دانا رح

من آن وقت کردم خدا را سجود
که آدم نبود و خدا هم نبود

معنيٰ - بهلول فرمايو ته مان الله کي سجده تنهن کيو هو جڏهن
آدم به نه هيو ۽ الله به نه هيو - هاڻي ٻڌايو ته پلايو ۽ ڪنهن کي سجدو ڪيائين
اُهو وقت ڪهڙو هو؟ (هن به عقل ڪم نه ڏيندو) -
جواب :- مذڪوره بيت جيڪي توهان تحرير ڪري اُنهن جي معنيٰ
لکي تن تي سوال ڪيا آهن نه اسان اُنهن جي جواب لاءِ مقرر اُصول مطابق
قرآن پاڪ جون چند مختلف آيتون صحيح لکي پيش ڪريون ٿا جنهن مان اهڙن
نابلد پيرن جي سمجهه ۾ ايندو ته سوالن جو جواب باصواب واضح ڪري ڏنو

ويندو:- جئن ته :- قال الله تبارك وتعالىٰ -

١ وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ -
وَالْجَانَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ - (قرآن ١٤ - الحجر - رکوع ٣)

معنىٰ (رب تو فرمائي) ته تحقيق اسان اِنسان کي سينواريل گرڪندڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ جان (جنن يا شيطان جي ڏاڏي) کي اُن (آدم) کان اڳي جر واري باهه مان پيدا ڪيو سين -

٢ اَوَّلَا يَذْكُرُ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ يَكُ شَيْئًا -

(قرآن - ١٦ - مريم - رکوع ٥)

معنىٰ :- ڇا آدمي هي ڳالهه ياد نٿو ڪري ڇا ته هن کان اڳ ۾ اسان ئي کيس خلقيو ۽ هو (آدمي) ڪا شيءِ نه هو -

٣ اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ -

(قرآن ٢٤ - الزمر - رکوع ٦)

معنىٰ :- هر چيز جو پيدا ڪندڙ الله آهي ۽ اهو هر شيءِ لاءِ ڪارساز آهي -

هاڻي اِنهن پيش ڪيل ٽن متواتر آيتن جي سندن معنىٰ مطابق مختصر طور وضاحت ڪري انهن انهن جي ڏنل ٻن بيتن جي پيش ڪيل مفهوم تي روشني وجهي جيڪي توهان بهلول دانا ڏانهن منسوب ڪيا آهن -

جئن ته :- آيه اول مان هي ڳالهه ثابت ٿي ته - جڏهن اسان انسان عالم هستيءَ ۾ آيو ئي ڪونه هو بلڪل ناپيد اهيو ته هن اُن (آدم) کان اڳ ۾ ئي جنن جي ڏاڏي يا ابليس جي قديم القديم والد جانّ کي الله تبارڪ وتعالىٰ پيدا ڪري ڇڏيو هو - ته اِن صورت ۾ اتان هي حقيقت واضح ٿي ته آدم بلحاظ پيدائش جان تہ ٽئين سندس پوٽي شيطان کان به گهٽ ننڍو آهي رهيو ته ٻئي طرح وري آيه ثاني مان به هي ڳالهه ثابت ٿي ٿي ته انسان اول ته ڪا

شيءِ نه هو يعني بلڪل عدم پيدا سو جو بعد ۾ هن کي خالق حقيقي (الله
پاڪ) پيدا ڪري عالم وجود ۾ آندو-
وري آية سوم مان هي حقيقت ظاهر آهي ته انسان هجي چاهي جن هجي ملڪ
هجي چاهي حيوان هجي مطلب ته تمام ڪائنات جي هر شئ جو پيدا ڪندڙ (خالق)
الله تبارڪ وتعالىٰ ئي آهي: ته هاڻي
ابيات مذڪور جنهن جي معنيٰ اها آهي ته بهلول رح هن ڳالهه جي دعويٰ ٿو ڪري
ته "مان الله کان ٻه ورهيه وڏو آهيان" ۽ "مان خدا کي سجدو نه ڪيو هو-
جڏهن نڪو آدم (بهلول جو ڏاڏو) هو ۽ نه الله ئي هيو" (نعوذ بالله من شر ذالڪ)
هاڻي انهن بيتن جي اِن ظاهري مفهوم مطابق هي مطلب ظاهر ٿيو ته گويا
بهلول دانا خلاف ڪائنات (الله) جي مخلوقات کان بلڪل خارج ۽ هڪ
جدا ڪانه حيثيت رکندڙ آهي! نا معلوم ته سندس خالق (پيدا ڪندڙ) الله
پاڪ کان سواءِ ٻيو وري الائي ڪهڙو هوندو؟! جو ته هو اها دعويٰ ٿو ڪري
ته مان اُن خالق جنهن هر شئ کي پيدا ڪيو آهي تنهن کان ٻه سال وڏو
آهيان ۽ هو ڏاڏهن نص قرآن مان اِهو ڪجهه ثابت ٿيو ته هي ته بهلول آهي
پڻ سندس اصل ابتدائي ڏاڏو (آدم عليه السلام) جنهن وقت عالم وجود ۾
ئي ڪونه هو تڏهن اُن زماني ۾ شيطان ۽ سندس ڏاڏو جان موجود هو-
ته جنهن صورت ۾ بهلول جا پڻ سندس ڏاڏو بلحاظ (ابتدائي آفرينش
عمر جان تو ڏي شيطان کان ٻه گهٽ ٿو سندو آهي ۽ هو ڏهن وري هر شئ ۽
جو خالق الله تبارڪ وتعالىٰ شانه' آهي ته هاڻي اِن صورت ۾ بهلول جي
اِها مذڪوره دانا ڳالهه خلاف جيڪا ڪلام پاڪ جي صريح حقيقت جي
بلڪل اُبتڙ ۽ خلاف معنيٰ رکي ٿي سا يد نزين لغو ڪوڙي سچ ته شيطان کي به
شرمنده ڪري رهي آهي!! اهڙي طرح مٿين مفهوم وارا مذڪوره ابيات
جن جي معنيٰ صاف نصوص حق آيته جي بلڪل برعڪس آهي ۽ جيڪي بهلول دانا
جاچيل ظاهر ڪيا ويا آهن تن کي مذڪوره آيات ڪلام الاهي سان بيت ڪري
ڏسڻ بعد وري هنن لفظن جوڙ کان سواءِ به رهي نٿو سگهجي ته ! ته اِهو

براهِ راست خدا وند اڪبر تعالىٰ شانهٗ ٿي ناهي ناهي ڪو ته هنيو ويو آهي
ڇو ته اهي بيت ڪنهن به وليّ عارف بالله جا جيل هرگز ڪين آهن بلڪه
يقيناً ڪنهن ڪذاب عدوُّ الله ۽ عارف بالشيطان جا ٺاهيل آهن ڇو ته
هڪ اهل الله جنهن لاءِ عامل بالقرآن هجڻ لازمي شرط آهي اُن جي زبان مان
اهڙا اختلاف قانون الاهي ڪلمات رڳو جو مطلب ذات حق سبحانهٗ وتعالىٰ جي
شان بي پايان ۾ ڪمال درجي جي بي ادبي ۽ بدترين گستاخي کان سواءِ ٻيو ڪجهه
به نه آهي) هرگز صادر ٿي نٿا سگهن.....

ياد رکو ته اگر بهلول واقعي وليّ الله آهي ته اِن صورت ۾ يقيناً اهڙا
ملحد انه اول درجي ڪذاب ۽ مفتري اِهي بيت ناهي ڪڙي بهلول جي نالي
مشهور ڪيا هجن نه فِي الحقيقت اِها ڳالهه ڪا عجب جهڙي نه آهي-!!

وائي افسوس! ته اهڙا انسان جيڪي طرح طرح جا مصنوعي عجيب و غريب
مقوله ۽ بيانات گهڙي ڪلام خدا جي صريحاً خلاف آوازِ ڪري اڪري خدا جي
مُلڪ ۾ ڪا الفرعون ٺهي گمراهيءَ جي آگ ٻاري ڪائي پنهنجي غليظ ڪارنامن ۾
پشيمان ٿيڻ بدران خوشيون ملهائي پنهنجا ڏمرا لهي بدترين شغل ۾ ختم ڪندا
آهن تن کو ته ڪن ۽ ظالم آدمين جي عاقبت ڪيئن ٿيندي؟ ۽ ڪهڙي خواري
۾ ذلت جي حالت ۾ سند ن ساه نڪرندو.........

علاوه اِهن مڪارن جي مڪار انچا لبازي جو نمونو ڪهڙي رنگ ڍنگ ۾
اداٿينه و رهندو آهي تنهن سموري حقيقت جي واضح ۽ مڪمل سمجهاڻي
و غيره الله تبارڪ وتعاليٰ شانهٗ پنهنجي مقدس ڪلام ۾ خاص انسان انسان تن
جي عبرت خاطر ۽ سبق آموزي واسطي هنئين طرح نازل فرمائي آهي جنهن
تي غور و فڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي جيئن ته- قال الله تبارڪ وتعالىٰ

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ قَالَ اُوْحِيَ
اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ اِلَيْهِ شَيْءٌ وَّمَنْ قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَا

علماء ۽ مشائخ ڪرام ڪلمات ڪفريہ تي اُن کي ... ڪن ٿا

اَنْزَلَ اللّٰهُ - وَلَوْ تَرٰىٓ اِذِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ غَمَرٰتِ الْمَوْتِ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ اَخْرِجُوْٓا اَنْفُسَكُمْ - اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ (قرآن - ٧ - الانعام - رکوع - ١١)

معنيٰ - (الله فرمائي ٿو ته) ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ جو خدا تي ڪوڙ ٺاهي - يا چوي ته مون ڏي وحي ڪيو ويو آهي - حالانڪه اُن ڏي ڪجهه به وحي نه ڪيو ويو هجي، ۽ جنهن چيو ته آءٌ به جلد نازل ڪندس جيئن خدا نازل ڪيو آهي، پر (پوءِ) جيڪڏهن ڏسين ته اهي ظالم (خدا تي ڪوڙ ٺاهيندڙ ۽ شيطان جي اثر هيٺ آيل يا خدائي الهام جي ڪوڙي ٺاهه ڪندڙ) موت جي سختين ۾ هوندا ۽ (اُهي ئي ساهه ڪڍڻ لاءِ) ملائڪ پنهنجا هٿ وڌائي رهيا هوندا ۽ (اهي ملائڪ) کين چوندا ته (اي ظالمو) پنهنجا ساهه ٻاهر ڪڍو - اڄ توهان (ظالمن ۽ ڪوڙن) کي (انهن ڪارنامن جي) بدلي ۾ خواري وارو عذاب ڪيو ويندو هن ڪري جو خدا تي ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهي چوندا هيؤ ۽ اُن جي آيتن (قرآن) کان تڪبر ڪندا هيؤ!!!

معلوم ٿيو ته:-- خداوند اڪبر تعاليٰ شانهٗ جي اِن پيش ڪيل منزه ڪلام مان هيٺيون چند حقيقتون ثابت ٿيون جيئن ته:-

1 فرد انسان پنهنجي غلط خواهش نفساني ۽ تسلط شيطاني ۾ اچي پيو ته ڪوئي خود خدا تي به ڪوڙ هڻي سگهي ٿو جيئن ته چوي ته مون تي وحي نازل ٿيو آهي يا الهام وارد ٿيو آهي يا وري چوي ته قرآن جهڙو ڪلام مان به ٺاهي سگهان ٿو يا بڪواس ڪري ته هي بيت شعر يا عبارت خدا جي فرمان موجب ٺاهيا اٿم--

2 اهڙا ڪذاب ۽ مفتري موت وقت خاص قسم جي خواري جي عذاب مرض ۾ گرفتار ڪيا ويندا آهن--- پوءِ اي حق آڏو سر جهڪائيندڙ ۽ منصف هاڻي خدارا بروئي انصاف ٻڌايو ته جيڪو شخص اهڙا لاف ۽ ٺاهه هڻي ته

"پاڻ خدا کان به وڌيڪ وڏو آهيان" يا وري هن طرح دارڻ ڪئي ته "مان خدا کي سجدو نٿو ڪريان جو هن آدم کي به ڪونه ڪيو هو ته الله کي به ڪونه ڪريان (العياذ بالله)

ته ڇا.. اهڙو آدمي به ثبوتِ نص قرآن ڪذاب ۽ مفتري چئبو يا نه؟ ۽ ڇا اهڙو افاڪ آدمي منڪور وعيد الاهي موجب عذاب جهنم جو مستحق آهي يا نه؟ ۽ ڇا.... اهڙي ڪوڙي ڪلام جو متڪلم ملحد ۽ زنديق چئبو يا نه؟ !

..... پوءِ ڀلا ٻڌايو ته ڇا.... اهڙا مردود الفاظ ڪنهن به وليءَ الله جي دماغ ۾ تخيلات جي صورت وٺي سندس زبان مان نڪري سگهن ٿا؟

هرگز نه ! پر ڇا هڪ ادنيٰ ترين حيثيت وارو ڪلمه گو مسلمان به الله تبارڪ و تعاليٰ جي شان ۾ اهڙا واهيات ۽ گندا ڪلمات استعمال ڪري سگهي ٿو؟ ۽ ڇا ڪو به هڪ خاڪي ذليل نفس پنهنجي خالق لاءِ هيئن چوڻ جو حق رکي سگهي ٿو ته "مان اُن پنهنجي پيدا ڪندڙ کان به وڌيڪ وڏو آهيان"؟!

هرگز نه ! هرگز نه !!

ها.... غيور حقيقي اهڙن سرڪش ۽ هٿيان انسان جي عبرت انگيز سياه ترين ڪارنامن کان متاثر ٿي سندن اصل پيدائش اُنثي ضعيفانه حيثيت ۽ بعد ۾ اُنهن جي متڪبرانه حالت بيان فرمائي وري مٿن بصورت عتاب هيٺيان الفاظ غضبير ٿي نازل فرمايا آهن! جيئن ته :- قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى :-

١. خَلَقَ الْإِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ فَإِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ـ (قرآن - ١٤ - النحل رڪوع ١)

معنيٰ ماڻهوءَ کي هڪ ڦڙي (مني) مان پيدا ڪيائين پوءِ اُهو وڃي پڌرو جهيڙا ڪار ٿي پيو.

٢. اَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ـ (قرآن - ٢٩ - المرسلات - رڪوع ١)

معنيٰ - رب ٿو فرمائي ته اي انسانو! - توهان کي خسيس (بيقدر) پاڻي (قطره مني) مان نه خلقيو سون ڇا؟ !

٣. قُتِلَ الْإِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ ـ مِنْ اَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ ـ مِنْ نُّطْفَةٍ ـ

(قرآن - ٣٠ - عبس - رڪوع ١)

معنيٰ :- خداوند تعاليٰ مذڪوره وصفن وارن سرڪش انسانن لاءِ به عتاب غضب فرمائي ٿو ته :- ”ماڻهن تي مار پوي جي ڪيتري ناشڪر آهي!! ڇا هو نٿو ڏسي ته اها ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيائين؟ (فقط) منيءَ جي قطري مان!...“

ها..... ۽ اوهان کي ياد هوندو ته اُهين بهلول داناءَ وارن منسوب شده بيتن جي معنيٰ تي ڪيل سوال سان گڏ توهان ڏنگين جي اندر ۾ سائي وڌيڪ توجه ڏيارڻ لاءِ لکيو آهي ته ”هيءَ بيمعرفت وارو جواب ڏيندا“ ۽ ”هيءَ عقل ڪم نه ڏيندو“ سو هائي..... هونئن ته مذڪوره بيتن جي ظاهري خواه باطني مفهوم تي ڪافي بحث ڪري قرآن پاڪ جي روشنيءَ ۾ اُهين جا واضح طور مڪمل جواب باصواب ڏنا ويا آهن ۽ ثابت ڪيو ويو آهي ته ”اهي ابيات ڪذب علي الله رحمان تي ڪوڙ کان سواءِ ٻي ڪا به معنيٰ نٿا رکن“ ۽ واقعي هڪ سالم عقل ۽ صاحب معرفت انسان جي دماغ ۾ اهڙا اهڙ تڪذيب ڪلما جاءِ ڪري نٿا سگهن. باقي توهان جي متين متوجه ڪندڙ اشارن جي اثر کان متاثر ٿي اُهين لاءِ پڻ انسان به فقط جوابي اشارا ڏيڻ تي ڪافي سمجهون ٿا جي اُميد نه قبول پوندا.

توهان توهان جو اشارو آهي ”عقل ۽ عرفان“ ڏانهن سو ان لاءِ ياد رکو ته دانائي ۽ معرفت به قابل قبول اُها آهي جيڪا رب تعاليٰ عزاسمه وٽ صحيح ۽ منظور ومقبول شده آهي. برخلاف اُن جي اهڙو شعور ۽ عرفان جيڪو خداوند مقهور ۽ مغضوب هجي ته انکي ور ٻي دانائي ۽ معرفت صحيح سان تعبير ڪرڻ ئي نادانيءَ ۽ حماقت آهي.

هي پڻ حقيقت آهي ته مرض الحادم مبتلا ٿيل دماغ تي ماليخوليا (جريائي) اثر ڇيڻ حاوي هوندي آهي جوان جي اصلاح لاءِ بيا ڪارآمد نسخه به بيڪار ثابت ٿيندا آهن پر يالاخر قرآني عجيب الاثر ۽ بي پناه قوة جا جبلن کي لحظ ۾ ڀڃي ڪري جيڏي سا به اُن حقيقي مريض جي گندي طبع تي اثرانداز ٿي نه سگهندي آهي - اهڙي پاڳل جي خلاف قرآن بڪواس کي عارف حقانيءَ ۽ عالم رباني ڪا به وقعت ڪانه ڏيندا آهن پر هو ملحد ور ٻي پنهنجي ديوانگي کي عين دانائي تصور

ڪري اُن حالت ۾ پنهنجي طرفان صادر ٿيل ڪلمات ڪفر کي عين عارفانه گوهر
افشاني ۽ اهڙي خيال باطل کي عقل حقيقي سمجهندي اِتريندو، مڪمل طور
شيطان جي تسلّط هيٺ اچي ويندو آهي جو هن کي وري راهِ راست تي آڻڻ
نهايت مشڪل ٿي پوندو آهي اهڙن عقل جي انڌن تي هميشه شيطانيت جو
غلبو رهندو آهي ۽ ان حالت ۾ سندن باطني حواس جي حقيقت ۾ معرفت الاهي
حاصل ڪرڻ جا آلات آهن سي به اُنهن جي سياه ڪارنامن سبب معطل-
(بيڪار) ٿي ويندا آهن جنهن ڪري انهن لاءِ رب ڏانهن رجوع ڪرڻ بغير
مشيّت ايزدي ناممڪن ٿيو پوي- مولا پاڪ پڻ اهڙن مخصوص آدمين جي
مذڪوره حالات کان پنهنجن ٻانهن کي باخبر ڪرڻ لاءِ پنهنجي منزّه ڪلام
۾ جا بجا ارشادات نازل فرمايا آهن جن مان هڪ عبرت خاطر ۽ سبق آموزي
لاءِ اهڙيون صرف چند آيتون هن هيٺ تحرير ڪجن ٿيون جن تي عاقلانه ويچار
ڪرڻ ضروري آهي- جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالیٰ-

وَلَقَدْ ذَرَأْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْإِنسِ لَهُمْ قُلُوبٌ لَّا يَفْقَهُونَ بِهَا وَلَهُمْ أَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُونَ بِهَا وَلَهُمْ آذَانٌ لَّا يَسْمَعُونَ بِهَا أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ أُولَٰئِكَ هُمُ الْغَافِلُونَ (قرآن- ٩- الاعراف- رڪوع ٢٢)

يعني:- اُهي عقل ۽ عرفان صحيح کان بي بهره ور انسانن جي حالت مضلّه
بيان ڪرڻ لاءِ رب تعالیٰ فرمائي ٿو:-
(اسان دوزخ لاءِ گهڻائي جن ۽ آدمي پيدا ڪيا (اُنهن جون وصفون
هي آهن) جو اُنهن کي دليون آهن (پر) اُنهن سان سمجهن ڪو نه ٿا ۽ اکيون
اٿن (پر) اُنهن سان ڏسن ڪين ٿا ۽ ڪَنَ اٿن (پر) اُنهن سان ٻڌن ڪو نه ٿا
اُهي اهڙا آهن جهڙا ڍور- بلڪ اُنهن کان به وڌيڪ گمراهه (آهن) اُهي ئي اُهي گمراهه

هاڻي... جيڪڏهن سچ پچ اوهان به اهڙي مذڪور شده عرفان ۽ عقل (جنهن جو تناسب ڏيڻ کان به ٻه ٻهڙا بدتر آهي) رکو ٿا ۽ وري اسانکي ٻڌائي شعور ۽ معرفت هٿ ڪرڻ لاءِ اشارا ڏيئي رهيا آهيو نه.... ياد رکو ته اهڙي سمجهه ۽ شناخت جيڪا نرڳي خدا مغضوب ۽ مقهور ۽ جيڪا بالآخر دخول جهنم جو ڪارڻ بڻجي ٿي، نه اهڙي ڄاڻ ۽ سڃاڻ کان اسان جي هر دو جهان ۾ بيزاري آهي.... باقي ان لاءِ توهان بلاشڪ فعل المختار آهيو..

سوال نمبر (٥) (بيت حضرت پاتڻي صاحب جو)

لُنگ ڪيو پاڻون لانگ ؛ موٽي ڪيائون نه مسحو
جا الست کان اڳ هُئي ؛ سا ٻڌائون ٻانگ ؛؛
سامي جهاڳي سانگ وسنؤ کي وڃهاڻيا

هاڻي ٻڌايو - اُهو لُنگ ڪهڙو ۽ اُها لانگ ڪهڙي؟ ۽ اُها ٻانگ جيڪا الست کان اڳي هئي سا ڪهڙي؟

سوال نمبر (٦) (بيت) ايضاً

نڪي هاڙهي هَل ؛؛ نڪي ويهه پنيو رم
ڪوڙ ڳالها ٿيا ڪيڪي سچي ساک نه سَل
جا نِڪا ٽاڻ نه جَل سُڪ نه وِسار نه سسئي

..... ان جي معنيٰ ۽ مطلب ٻڌايو -

سوال نمبر (٧) (بيت) ايضاً

منهن محراب پرين جو جامع سب جهان
نرجي جا فرقان جي ڪاٽيا ٿون قرآن
سيوئي سُبحان ڪاڏهن نبيءَ نِبٿنان

..... ان جي معنيٰ ڇا آهي؟

سوال نمبر (٨) (بيت بيدل فقير)

جيڏ پاڻون سپ سانگ ڪندا ڪوه نماز کي
جيڏا هن عالم آسرو تيڏ هن ڪن نه ناڳهه

نکي پر نڪلمون   نڪي پيدن پانگ
لاهوتي بي لانگ   جي ادب کان اڳي ويا

..... اِن جو مطلب ڪهڙو؟

سوال نمبر (۹) :- ابيات حضرت مولانا رومي صاحب رحمة الله عليه جا ڪري نمازين باره ۾

راست فرمود آن رسول خوش جواز   ذرهٔ غفلت بران صوم و نماز
گر نماز و روزه مي فرمايدت   نفس مکار است مکري زايدت
هر که محراب نمازش گشت عين   سوئ ايمان رفتنش ميدان نوشين
هر که باسلطان شود او همنشين   بر درش بنشستن بود حيف و غبين
دست بوسش چون رسيد از پادشاه   گر گزيند بوس پا باشد گناه
گرچه سر بر پا نهادن خدمت است   پيش آن خدمت خطا و ذل نشست
شاه را غيرت بود بر هر که او   بوسه گزيند بعد ازان که ديد رو
گر محبت وفکرت معني ستي   صورت صوم و نمازت نيستي
گر وزيري را کند شه مجتسب   شه عدو او بود نبود محب
تو يقين ميدان که جرمي کرده   جبر را از جهل پيش آورده

(مثنوي مولانا روم)

سوال نمبر (۱۰) (بيت از سچل فقير)

درد عشقي در لطائفها ئي نيست   راه مولیٰ در وظائفها ئي نيست
شيخي و پيري بزرگي رهزني   اين خيال باطل از ما و مني

(سچل فقير)

(انهن ٻنهي بيتن جو مفهوم سمجهي سندن حقيقت کولي ٻڌايو)

جواب :- هاڻي مٿين سمورن بيتن مان جيڪي ظاهر ظهور سرالاپيا
ويا آهن تن تي ذرا غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته اڪثر سيني جو مفهوم
هڪڙي ئي مقصد تي حاوي آهي ۽ انهن جا مجمله معنوي اشارا ڏاڍا
نه ٻلڪ سالڳئي مطلب تي ڪاربند آهن پوءِ جنهن صورت ۾ مذڪور
ابيات معنوي لفظ نظر کان پاڻ ۾ بلڪل گهرو تعلق رکندا تنهن حالت ۾ انهن

٭ ڪما آن اول ورڙي شيشان پسينت ؛ غلط سمجهه ڪڍن سينڪ آهل بيت

مان هر هڪ بيت جي ڌار ڌار جوابي معنيٰ لکي اُن تي بحث ڪرڻ بدران سمورن
شعرن کي هڪ ئي سوالي ميدان تي بيهاري سندن جواب ۾ هڪ هنڌ
ڏيڻ بهتر ڄاتو ڪين هڪ هنڌ لکيو ويو آهي. باقي اُهن بيتن ۾ هڪ بيت
عليءِ "نڪي هار ۾ هي هل نڪي وڃ پيو ۾ اِليٰ آخره" حضرت بيدل جو ٻيو
بيت علي "در عشقي در لطائفها نيست اِليٰ آخره" حضرت سچل فقير سائين
جو فقط اِهي ٻه بيت ٻين بيتن کان ڪجهه قدر جدا آهن مطلب رکندڙ آهن
اِن ڪري اُهن جي جوابي معنيٰ ڌار ڌار مناسب جڳهه تي لکڻ ۾ ايندي...

هاڻي توهان جي مٿين ڪيل بيتن جي معنيٰ ۽ مطلب تي راءِ ڏيڻ کان اڳ اُن
کان اڳ ۾ ضروري آهي ته اوهان جي اُن جامع سوال سان واسطو رکندڙ
چند حقيقتن جي وضاحت ڪجي ۽ بحث جي بنيادي اُصول موجب ڏنل
بيتن جي مفهوم کي قرآن جي روشني ۾ چڱيءَ طرح ظاهر ڪرڻ سان گڏ اِهو
پڻ ڏيکارجي ته ايا اِهن سمورن شعرن جن جو مطلب ۽ مفهوم قريب
قريب ساڳئي ئي مقصد تي مبني آهي تن سڀني کي يڪجا جمع ڪري لکي اُهن تي
سوال اُٿارڻ مان آخر اوهان جو نصب العين ڇا آهي؟

ها..... اوهان جي اِن عجيب ترين اختيار ڪيل رويه مان رجوع ڪري ساڳي
معنيٰ رکندڙ بيت چونڊي چونڊي هٿ ڪري لکيا اٿو) ۽ خود توهان جي
قديمي مشهور معروف قولن ۽ فعلن خواه ڪي زماني اوهان جي علمي توڙي
عملي تحريڪ وتبليغ مان مجمله فقط هي نتيجو برآمد ڪري سگهجي ٿو ته نماز
هڪ بي سود عمل آهي جنهن جي ادا ڪرڻ جو ڪو به ضرور ڪونه آهي ۽ هي ته تمام
اولياءَ الله ۽ عارف بالله تارڪ نماز هوندا آهن" ۽ بس اِڪيئي جو.....
"لنگ ڪيا پائون لانگ موٽي ڪيائون نه مسحو" جا آسن کان اڳ هٿ ئي
سانت اٿون بانگ" بيت جي سٽن مان مطلب ظاهر آهي ته اُهي درويش
هلندي هلندي هڪ اِهڙي عجيب مقام تي وڃي پهتا جتي لاڙمي طرح ڪين
نماز ترڪ ڪري ويٺي. جيئن "مسحو" فرائض وضوءَ ۾ داخل آهي ۽ نماز
جي ادائگي لاءِ ضروري وضو ڪرڻ شرط آهي ته جن ملنگن وضوءَ کي ئي ترڪ

ڪري ڇڏيو ته اُن جي معنىٰ ته نماز کي الوداع ڪيائون ......
ياور ٻي "ڦري جا ڦرقان جي ڪا ٻڌائون قرآن؛ سيو ئي سُبحان ڪا ڏهن ٻيئي
ٻُنان" (بيت) مان به نماز کان ڪناره ڪش ٿيڻ کان سواءِ ٻي ڪا به معنىٰ
ڪانه ٿي نڪري! اڄڪلهه جو قرآن جو ٻڌڻ هلي به نماز مفروض آهي ته جڏهن
اِهڙن آڏو ٿي فقيرن قرآن کي" ڪاٿي ڇڏيو ته باقي اُهن وٽ نماز ڪيئن ٿي
قائم رهي سگهي" پر اڄان اڳي ٻه وڌ ته ڏسجي ٿو باٺون سب سانگ ڪندڙ ڪوهه
نماز کي - جيڪڏهن عالم آسرو ٿيڏهن ڪن نه تانگهه: نڪي پڙهڪلهون
نڪي ٻڌن ٻانگ - لاهوتي ٻي لانگ جي ادب کان اڳي ويا" شعر جي معنوي
پهلوتي نگاهه ڪرڻ سان اُن مان به اِهو ئي ساڳيو مقصد نڪري سگهي ٿو جيڪو
ماسبقه اشعار مان حاصل ٿئي ٿو جو تجڏهن اُهن مستغرق في الهوس
باطله آدمين جون ڪلمه توحيد جو زبان سان اقرار ڪرڻ يا نماز لاءِ ٻانگ
جو آواز ڪنن سان ٻُڌڻ وغيره جون حصولِ عرفان حق واريون ابتدائي
عملي قوتون ئي زائل ٿي ويئون ته پوءِ باقي اِهي نيم مُرده "نماز" (جنهن
جو عمل معرفت الاهي حاصل ڪرڻ لاءِ اوّلين لازمي شرط آهي) جي ادائگي جو بار
ڪيئن ٿا برداشت ڪري سگهن؟! ۽ هي حقيقت آهي ته بجز عارفانِ حق
وسالڪانِ راهه حقيقي ٻين لاءِ نماز جو بوجهه واقعي هڪ ناقابل برداشت
مصيبت مثل آهي ۽ نماز متن گويا همايه جبل جي بار کان به وڌيڪ ڳوري
هوندي آهي - جئن ڪ فرمايو ويو ته: - قال الله تبارڪ وتعالىٰ - وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ
اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ؛ (قرآن - ١ - البقر رڪوع ٥) يعني: - ۽ اِها (نماز)
تمام ڳوري آهي اُهن (تي ڏيڻ) لاءِ مگر بجند ڙن (جيڪي خائف خدا آهن)
لاءِ نه ــــ (يعني اُهن تي آسان آهي) ...... اِهڙي طرح اڳير وري مولانا
رومرد جي مثنوي ڏانهن ابيات منسوب ڪندي اوهان جيڪي ڪجهه اشعار
لکيا آهن سي به اُهي ئي اوهان جي مذڪوره متين مقرر ڪيل مقصد جي
تائيد ۾ (اوهان جي بيان موجب) گويا زبردست دليل پيش ٿيل آهن سندوَ "
جئن ڪ "گر نماز روزه مي فرمايدت، نفس مڪّاره است مڪري زايدت"

ٽن بيت مان به اِهائي مراد ورتي اٿو ته "نماز جي پڙهڻ جي ڪري نفس جي
مڪر فريب جي زياده ٿيڻ جو انديشه آهي" ۽ اِن بيان ڪندي ٻئي اڳين ابتدائي
بيتن ۾ ڏيري اهڙي نقصان ڪار عمل (نماز) کان بچي رهڻ جي سختي
سان تلقين فرمائيندي اهڙي قسم جا ٽي بيت ڏيا ۽ اُن مقصد ماتحت لکي
ڇڏيا آهن جن سڀني مان في الحقيقت وهابن جو هن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به مطلب
نه آهي ته "نماز پڙهڻ ۾ ڪجهه به فائده ڪونه آهي (بلڪ اُن مان اُلٽو نقصان
آهي اِن ڪري اهڙي نقصان ده عمل جي اصل ادائي نه وڃو"

هاڻي هو نئين ته وهابن ظاهراً انهن سڀني بيتن شعرن وغيره جي
ڪو معنيٰ ۽ مطلب لکي ڇڏيو آهي پر در پرده ته وهابن جو اهڙن بيتن ڪيل
ابيات مان ذاتي مقصد صرف اهو ڪجهه آهي جو تنهنجي غلط گمان مطابق گويا
اسانکي ثابت ڪري ڏيکاريو اٿو ته "اوليائي ما سلف عموماً ۽ مذڪوره شعرن
سان نسبت رکندڙ عارف ڪامل خصوصاً تارڪ نماز هئا ۽ آهي اولياءَ الله
نماز جي ادائگي کي نقصان ڪار عمل قرار ڏيئي بين عام مسلمانن کي به اُن جي
ترڪ ڪرڻ جي سختيءَ سان تلقين ڪندا رهندا هئا"

ته اهڙيءَ صورت ۾ اسان وهابن جي اهڙي ناپاڪ ارادن کان آگاه ٿي
انهن بيتن ڪيل بيتن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ کي جاچي ۽ وڏي ڳولا ڪري
فقط وهابن جي اُن خفيه نصب العين کي آڏو رکي اُن مطابق ئي ابيات مذڪوره
جا جوابات بصورت مڪمل ومدلل از آيات محڪمات قرآنيه ڏيندا سون
تان ته جيئن وهابن جو اهو خيال فاسد ۽ وهم باطل مذڪور بالڪل ميسار ٿي
وڃي۔

هاڻي اي قرآن ڪريم جي علم کان بي بهره ور انسان! اي ڪلام الاهي کان
نفرت ڪندڙ آدمي! اي خدا عزوجل معبود حقيقي جي عبادت کان منهن
موڙيندڙ ۽ بين ٻانهن کي پنهنجي مالڪ حقيقي جي ٻانهپ کان روڪيندڙ نا سمجهه
۽ نادان فرد بني آدم! اي شريعت مصطفيٰ جي توهين ڪري حضرت رسول
اڪرم صلي الله عليه وسلم خاتم المرسلين کي ايذاءِ پهچائيندڙ بصورت

ظاهر مونديءَ انسان!! اي انسان کي راهه صراط مستقيم کان هٽائي ڪين سياه ترين
گمراهيءَ جي ته ۾ ڪيرائيندا رهيا ۽ ٿيندا رهندا رهندا!! بلڪ بيت جيئان قرآن پاڪ جي
صاف ۽ بلڪل صاف احڪامن تي هٿ جي تاهيل عبارتن کي ترجيح ڏيڻ شيطاني
شيوو نه آهي ته ڇا آهي؟ خدا تي ايمان رکندڙ مسلمان جيڪو ڇا ٿي واٽ انهن پاڪ
ڪلام جي ڪنهن به صريح حڪم کان ڪنڌ ڪيرائي پنهنجي خيالي هوس جو پوڄاري
بڻجي پوي ته اِن لاءِ سندس اهڙو ڪٽ دخول جهنم جو باعث نه ٿيندي؟ ڇا
اولياءِ ماسلف عارف باالله خدا جي حڪمن آڏو سر تسليم خم ڪندڙ نه هئا؟
ڇا احڪام خدا وندي کان فقط هڪ لحظ واسطي منحرف ٿيڻ ڪنهن به
صاحب ولايت لاءِ پيغام موت نه آهي؟ خدارا هاڻي ڪجهه پنهنجي ماسابقه
ڪُتن ڪرتوتن تي نظر ثاني به ڪريو! ۽ احڪام الاهي جي صريحاً خلاف نعره
بلند ڪرڻ کان هاڻي ڪجهه قدر شرم و حيا به ڪريو!!

ڇا توهان رڳو ائين ٿا سمجهو ته اسان جون اهي ملمع ڪيل گنديون ڳالهيون مسلمانن
تي اثرانداز ٿينديون هونديون؟ هرگز نه؟ ۽ بلڪل نه!!

پر ياد رکو ته...... اوهان جي گمراهه ڪن گفتگو صرف انهن ناخلف انسانن
تي ئي اثرانداز ٿيندي جيڪي حقيقت ۾ گمراهه ٿي هوندا!! جيئن ته قال الله تبارڪ

إِنَّمَا سُلْطَانُهُ عَلَى الَّذِينَ يَتَوَلَّوْنَهُ وَالَّذِينَ هُم بِهِ مُشْرِكُونَ

(قرآن - ع ۱۴ - النحل - رڪوع ۱۳)

(يعني رب تعاليٰ فرمائي ٿو) (شيطان) جو زور انهن (انسانن) تي هلي سگهندو
آهي جيڪي اُن (شيطان) کي دوست ۽ شريڪ ڪري ويندا آهن.

...... برخلاف اُن جي ايمان وارن - متوڪلن مردن تي اُن خبيث (ابليس)
يا اُن جي دوستن جو جادو هرگز هلي نه سگهندو آهي - جيئن ته قال الله تبارڪ
وتعاليٰ توفرمائي -

إِنَّهُ لَيْسَ لَهُ سُلْطَانٌ عَلَى الَّذِينَ آمَنُوا وَعَلَىٰ رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُونَ -

(قرآن - ع ۱۴ - النحل - رڪوع ۱۳)

معنیٰ (رب تو فرمائي ٿو) اُن (شيطان يا سندس سنگتين) جو زور انهن تي هلي نٿو سگهي جيڪي خدا تعاليٰ تي ايمان ٿا آڻن ۽ (جيڪي) اُن تي ڀروسو ٿا ڪن ...... منجمله:-

معلوم ٿيو ته مسلمانيت (فرمانبرداري) ۽ شيطانيت (نافرماني) ٻه ضد آهن جي هڪ ئي دل ۾ يڪجا جمع ٿي نٿا سگهن! اوهو...... ڪٿي رهيو مقصود جوابي ۾ ڪٿي رچي ويا هي وچ ۾ معترضانه جملا- جيتوڻيڪ هي طرز عمل حقيقت ۾ اوهان جي ڪيل سوالن بموجب هڪ غير واسطيدار معاملو آهي پر ڇا ڪجي اجا اوهان جي عبرت انگيز ايمان سوز تحريري سوالات جي اثر کان طبيعت متاثر و متحير ٿي اضطراري ولولن اختيار ڪري اسانکي اُنهن چند جوش آور جملن لکڻ تي مجبور ڪيو! خير...... مضيٰ ما مضيٰ (جيڪي گذريو سو گذريو)

هاڻي اچون ٿا هلندڙ سوال جي بنيادي بحث تي جو آهي......

نماز جو ادا ڪرڻ هر مسلم ڪلمه گو لاءِ ضروري آهي يا غير ضروري؟ ۽ هي طريقهٔ عمل (نماز) ڪيترقدر خداوند مقبول ترين آهي ۽ اُن (نماز) جو تارڪ رب العٰلمين وٽ مقهور آهي يا مغفور؟

المقصود ته اُنهن جامع جزئيات مسئول جا جواب هن هيٺ قرآن ڪريم جي صاف ۽ چٽن احڪامن ماتحت ڏجن ٿا- ليڪن ان مان بقوله تعاليٰ- وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّا اُولِي الْاَلْبَابِ (عقل وارن کان سواءِ ٻيو نصيحت پرائي نه سگهندو) انڪري ضروري آهي ته اول اوهان عقل صحيح کي پنهنجي دماغي ايوان اندر جاءِ ڏيئي ان کان پوءِ هن مفصل بحث کي انصاف جي ترازوءَ ۾ وجهي تورڻ ضرور بالڪ ضرور حق آڏو سر تسليم خم ڪريو بي صورت ۾ اُتلندو نه اوهان جي غير منصفانه رويه اختيار ڪرڻ ڪري اسانکي عام ماڻهون منهن لفظن چوڻ ۾ حق بجانب ٿيندا ته ”اندڙن اڳيان روئڻ هيو آکين جو زيان“

هاڻي نماز جي مين فرضيت ۽ انکي ڇڏي ڏيڻ واري لاءِ وعيد عذاب

انهن سواءِ انبياءَ ۽ ائمه ۽ اولياءُ ۽ سلف جن جي مبارڪ حياتيءَ جو مکيه مشغل رهاڻي نماز هئي. ترڪ نماز آدميءَ جو دائره اسلام کان خارج ٿي وڃڻ واضح ثابتين لاءِ ارشادات قرآن لکي ظاهر ڪجن ٿا - قال الله تبارڪ وتعاليٰ

١- اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا -

(قرآن - ٥ - النسآء - رڪوع ١٥)

يعني :- بيشڪ نماز مؤمنن تي مقرر وقتن تي فرض ٿيل آهي

٢- اَلَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا - لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ (قرآن - ٩ - الانفال - رڪوع - ١)

معنيٰ -... اُهي نماز کي قائم ٿا رکن ۽ اسان جيڪي کين رزق ڏنو آهي اُن مان (زڪوٰة صدقات جي صورت ۾) خرچ ٿا ڪن - اُهيئي آهن سچا مؤمن اُهن لاءِ سندن رب وٽ آهي بخشش ۽ درجا (بلند) ۽ عزت واري روزي

٣- مُنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ

(قرآن - ٢١ - الروم - رڪوع ٤)

معنيٰ - اُن (الله) ڏي رجوع ڪندا ٿيو ۽ اُن کان ڊڄو ۽ نماز قائم رکو ۽ مشرڪ نه ٿيو -

٤- وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ - وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ

(قرآن - ٢٩ المرسلات - رڪوع ٢)

معنيٰ : ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو ته رڪوع ڪريو (نماز پڙهو) ته رڪوع نٿا ڪن (نماز نٿا پڙهن) اُن ڏينهن (قيامت ۾) ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ خرابي آهي

هاڻي انهن مٿين پيش ڪيل مذڪوره ٽنهي جدا جدا آيتن مان هيٺيون حقيقتون واضح ٿيون ٿيون ٿيون ته:-

(١) نماز خدا جي طرفان ڏنل هر رات جي مقرر وقتن تي خاص مومنن تي فرض ٿيل آهي جنهن مان پڻ هي نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته اُن فرض (نماز) جي ادائگي پر صرف مومن آدمي (ايماندار يا سچا مسلمان) ئي ڪري سگهندا، باقي جن شخص کي ايمان ئي ڪونه هوندو تن کان نماز جي ادائيت مشڪل نه بلڪ ناممڪن آهي.

(٢) اهڙيطرح آية ثاني ۾ "اُن مٿين ڳالهه جي پڻ وڌيڪ تائيد ٿئي ٿي ته "نماز ادا ڪرڻ وارا ۽ زڪوٰة صدقات ڏيڻ وارا" سچا مومن" يعني حقيقي مسلمان آهن جن کي سندن رب وٽان (اُن مقبول ترين عبادت (نماز) جي بدلي ۾ اعلى انعام ملندا.

(٣) آية سوم مان ظاهر آهي ته خدا تعالى امر جي صيغه ۾ پنهنجي فرمانبردار ٻانهن کي حڪم ٿو فرمائي ته "توهين ڏانهن رجوع ڪريو" پر ڪهڙي صورت سان انسان رجوع بخدا ڪري سگهي ٿو؟ ان لاءِ لاڳيتو ئي الله تبارڪ وتعالى اهي الفاظ حڪميه ارشاد فرمايا ته "نماز پڙهو" بي حالت ۾ انصريح حڪم خدا جي انحرافي ڪندڙ (نماز نه پڙهندڙ) لاءِ سندس واسطي شرڪ جهڙي بدترين گناه جو مرتڪب آهي ۽ هي ته تمام معاصيات ۾ اهو فقط شرڪ ئي آهي جنهن لاءِ پڻ بخشش الهي قطعاً ناممڪن آهي جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالى:-

إِنَّ اللَّهَ لَا يَغْفِرُ أَنْ يُشْرَكَ بِهِ وَيَغْفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَنْ يَشَاءُ ۚ وَمَنْ يُشْرِكْ بِاللَّهِ فَقَدِ افْتَرَىٰ إِثْمًا عَظِيمًا

(قرآن - ٥ - النساء - رڪوع ٧)

معنى:- تحقيق خدا اُن کي نٿو معاف ڪري جيڪو اُن سان شريڪ ٿو بنائي (جيڪو مشرڪ آهي) ۽ اُن کان سواءِ ٻيا گناه جنهن کي وڻي تنهن کي بخشي ٿو

۾ جنهن شرڪ ڪيو (جنهن انسان شريڪ بڻايو يعني نماز نه پڙهي) اُن تحقيق وڏو
گناهه ڪيو ۽ زبردست افترا بڌو.

ثابت ٿيو ته بي نمازي مشرڪ آهن ۽ مشرڪن جي لاءِ بخشش جو دروازو
پوري طرح قرآن بلڪل بند آهي - حاصل مطلب ته تارڪ الصلوٰة آدمي
مغفرتِ الاهي کان هميشه لاءِ محروم آهن (مگر جي توبه تائب ٿي نماز قائم
ڪري ڏين ته البت ڇوٽڪاري جي اميد ٿي سگهي ٿي....

علاوه ..... آية چوٿين جي مفهوم مان هي حقيقت ثابت ٿئي ٿي ته جن
آدمين کي براهِ راست نماز پڙهڻ لاءِ چيو ويو يا انهن کي وري اذان (بانگ)
جي ذريعه نماز جي ادائگي لاءِ مدعو ڪيو ويو ته باوجود ان دعوتِ نماز
ملڻ جي به جيڪڏهن اهي بدبخت نماز ادا نٿا ڪن ته ان صورت ۾ اهڙن
ناڪارن لاءِ "وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" الفاظ غضبيه انهن جي سزا لاءِ
ڪافي عبرت انگيز آهن:

انواع جيڪي ٿورهان اهي ابيات مذڪوره ڏنڪي پهرين ڪلمون
نڪا اٿڻ ن بانگ، يا "موتي ڪيائون نه مسڪو" يا "دوڪا نيائون قرآن" وغيره
وغيره پيش ڪيا آهن تن جو مطلب ۽ مفهوم به قرآن پاڪ جي پيش ڪيل ٿين
آية ۴ جي مقابله يا ضد ۾ ظاهر آهي - جو نتيجو هن ٿورهان يارن کي
به نماز لاءِ "اِرْكَعُوْا" (نماز پڙهو) چيو ٿو ته هو نماز پڙهڻ کان نه رڳو
صفا سُڪو جواب ڏيئي ڇڏين ٿا (خود "لَا يَرْكَعُوْنَ" (نماز نٿا پڙهن)
جو اطلاق ڪري ٿا جڏهن مگر اُن سان گڏ دعوتِ نماز جي جواب ۾ نماز جي
ادائگي جي بارَ کان بچڻ خاطر طرح طرح جا منصوبه سٽي اوليائي ماسلف
کي آڏو اوڙ ڪري اُنهن ڏانهن غلط بي بنياد عبارتون ۽ مٿين بيتن ۾ شعر
جهڙا اٽونڪا منسوب ڪري ننگ عذر ۽ حيلا بهانه ڏيئي پاڻ کي بحڪم قرآن
"وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" جي زمره ۾ آڻي پهچي مٿان "ڪذابيت"
جو لقب ڏياري ساڳي وقت ڏري پهچي لاءِ "ويل" ۽ وهائي ٿا جڏهن ٿو!!

٥ فِيْ جَنّٰتٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ مَاسَلَكَكُمْ فِيْ

سَقَرَ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ (قرآن - ٢٩ - المدثر - رڪوع ٢)

معنيٰ ... (بهشتي) بهشت ۾ هوندا (اهي دوزخ ۾ پيل) گنهگارن کان پڇندا ته (ڏيو خبر) ڇا جيڪري اوهان جهنم ۾ داخل ٿيؤ؟ (اهي دوزخي جواب ۾ بهشتين کي) چوندا ته اسان نماز نه پڙهندا هئاسون-

٦ فَخَلَفَ مِنْ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا (قرآن - ١٩ - مريم - رڪوع ٤)

معنيٰ پوءِ (انهن نيڪوڪارن) کان بعد ۾ ڏري (اهڙا) نه ور آيا جن نماز پڙهڻ ڇڏي ڏني ۽ عيش عشرت (نفسانيه) ۾ ڪاهي پيا پوءِ (اهي) جلد ئي (جهنم جي وادي) غيَّ ۾ هينيا ويندا (يعني عذاب جهنم ۾ گرفتار ٿيندا)

هاڻي ...... آيات مذڪوره پيش ڪيل مان ثابت ٿئي ٿو ته:-

(١) بي نمازي جيڪڏهن حياتيءَ ۾ توبه تائب نه ٿيو ته سڌو تارڪ الصلوٰة رهيو ته به وٽي حڪم جنا اسند سڌ آخري سڪونت گاهه دوزخ ئي آهي جو ته آية نمبر (٥) مان اها حقيقت روشن ٿئي ٿي جو تارڪ نماز آدمي خود ئي اقرار ڪري رهيو آهي ته منهنجي لاءِ دخول جهنم جو ڪارڻ "نماز نه پڙهڻ" آهي

(٢) بي نمازي جيتوڻيڪ پنهنجي ان ترڪ فرضيت الاهي جي ڪري ٻه جهاني وبال ۽ ذلت کان بچڻ لاءِ عوام آڏو طرح طرح جا ابيات - اشعار - اقوال - رمزون ۽ اشارا به نسبت علم باطن ٻڌائي ٻاڌڻ تان في الحال ڏڪنارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن ۽ اهڙي غلط مطلب براوري لاءِ وري ماسلف عارفن کي رجيم ڪري هٿ جا مانع خير ابيات ۽ عبارتون ٿا هي انهن پلارڻ ٿي مرڻهي پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ اجايا حيلا ڪندا رهندا آهن ۽ ان حالت ۾ هو پاڻ کي خواهش نفساني جو پوڄاري اصل نه پاڻيندا آهن بلڪ سمجهندا آهن ته اسان جو نفس مري ڳري ختم ٿي ويو آهي ۽ اسان باطن ۾ ذات حق جي عشق ۾ مستغرق ٿيون ... پر سبحان الله - ڇا هن نه ڄاڻو ته مطلق حڪيم حقيقي

ڪي رهاڻ جاڻ اصل هئي ته ضرور اهڙا ناخلف (نيا ڳا) انسان به پيدا ٿيندا
جيڪي ڳوڙ ڳوڙ - ٺڳي - مڪر ۽ فريب جو جار پکيڙي منهنجي مقبول ۽
منظور دين (اسلام) جي بيخ ڪني ۽ لاءِ ڪمرڪشي ڪري بيهندا. الله تعاليٰ معبودِ
حقيقي به اُنهن ڪمبختن جي اِن شيطاني چال کان عام مسلمانن کي خبردار
ڪرڻ خاطر - سندن ڪارڻ ڪارنامن تي پنهنجي سنتار پت جي پردي وجهڻ
بدران اُنهن جو پڙدو رپٽ پڙدو فاش ڪري ڇڏيو! جنهن ته ڪلامِ الٰهي جي آن
آيت رجيڪا مٿي علم ۾ پيش ڪئي ويئي آهي) ۾ فرمايو ويو ته: - اُنهن نبين -
(نبي غارن) جا وڏا اُڳيان نيڪ نمازي ۽ اسان جي هر فرمان جي بصد خوشي
تعميل ڪندڙ هئا پر اُنهن پلارڻ يا نهن جا پويان وري اهڙا ته نادان عقل
جا انڌا ۽ گمراه سامانا جو پيا جڳا ڪمرته ترڪ ڪيائون پر نماز جهڙي ناقابل
معافي عمل کي به ضايع ڪري ويهي رهيا - جو اُنهن اهڙو غلط رويه اختيار ڪيو
ان لاءِ جو هو فرمانِ الٰهي جي تابعداري ڪرڻ بدران متبع شهوات نفسانيه ٿي پيا
اِتان معلوم ٿيو ته اُهن نماز ضايع ڪندڙ انهي لاءِ نه اسان جو نفس گهري
پيو ٿي ويو آهي ۽ حق جي سڪ سندن دلين کان ٿي ڏئي جو ڪٿي نماز جي دڳي نٿ
(حجي وغيره وغيره) بلڪل باطل ۽ بي بنياد آهي ۽ اهڙا ناعاقبت انديش پناڪي
آدمي - ذاتِ حق جي عشق ۾ غرق هجڻ بدران نڳو خواهشات نفسانيه جي
محويت ۾ لذت تا يا سرگردان ۽ پريشان آهي ۽ بس!

ے وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِمْ فِعْلَ الْخَيْرٰتِ
وَاِقَامَ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَآءَ الزَّكٰوةِ وَكَانُوْا لَنَا عٰبِدِيْنَ

(قرآن ١٧ - الانبياء - رڪوع ٥)

يعني ۽ اسان اُنهن (انبياء عليهم السلام ۽ اولياءِ ماسلف) کي اڳواڻ
ڪيو (اهي) اسان جي حڪم سان (ٻين کي) وات ڏيکاريندا هئا -
۽ اسان ڏانهن نيڪيون ڪرڻ ۽ نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوٰة ڏيڻ (مجمله
عمل صالح) جو وحي موڪليوسين (اهڙي طرح اُهي اسان جي عبادت ڪندا هئا) ۾

لڳل (مشغول) هئا.

اِن پيش ڪيل آية ڪريمه جي مفهوم مان هي ثابت ٿيو ته پوءِ حضرات ائمه ۽ تمام اولياءُ ماسلف جناب الله تبارڪ وتعالىٰ شانهٗ جي طرفان عموماً سمورن صالح عملن ۾ خصوصاً نماز ۽ زڪوٰة جي دائمي ادائگي جي شغل ۾ مشغول رهڻ جو فرمان پهتل هو. اهڙيءَ طرح اهي پنهنجي خالق جي اِنَ ارشاد کي بسرچشم رکي سندس عبادات ۾ "ڪَانُوْا لَنَا عَابِدِيْنَ" (اهي اسان جي بندگيءَ ۾ مشغول هئا) موجب تادم زندگي همه تن مصروف ٿيل هئا.

ته هاڻي يا وجودِن واضح ۽ ناقابل ترديد قرآني حقيقت جي اِجابه جيڪو ماڻهون وري هي سر آلاپي ته اڪين عارفن وليّن نماز ڪا نه پڙهي هُئي ڇو ته هو واصل بحق ٿي چڪا هُئا علاوه ڪين "يقين" حاصل ٿي ويل هو ۽ عبديت جي حد ٿي ويا هُئا وغيره وغيره ۽ اهڙيءَ طرح ڌري اُن لغزي ڪيل بُهتان کي عام جاهلن ۾ ابو جهن آڏو صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ سندن اَکيان مصنوعي اشعار ۽ هٿراڌو عبارتون آڻي رکن ۽ اُنهن بناڪن ٿي پڪي طرح ويساه جمائڻ لاءِ قسم ڪڻي ظاهر ڪن ته "اهي ابيات ۽ مقوله وغيره فلاڻن فلاڻن مشهور ۽ تسليم شده وليّن جا فرمايل آهن" ته...... پوءِ...... ياد رکڻ گهرجي ته هر اهڙو آدمي به ثبوت نصّ قرآن ڪذّاب - مڪّار ۽ مڪمل طور شيطان جي نکي تسلط هيٺ آيل آهي.

۵ وَأْمُرْ أَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا (قرآن. ١٦. طٰهٰ. رڪوع ٨)

معنىٰ:- (حضور نبي ڪريم صلّى الله عليه وسلّم جناب رب پاڪ جي طرفان حڪم پهتو ته) ۽ پنهنجي گهر وارن کي حڪم ڪر ته نماز قائم رکن ۽ پڻ تون به اُن تي قائم رهه.

معلوم ٿيو ته حضور نبيّ محترم رسول اڪرم صلّى الله عليه وسلّم جن بحڪم خدا دائماً فريضهٔ نماز جي ادائگي ڪندا رهيا ۽ ازان سواءِ "وَأْمُرْ أَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ" (۽ پنهنجي اهل کي حڪم ڪر ته نماز قائم رکن) بموجب فرمان حضور عليه الصلوٰة

والسلام سندن اهل وعيال (معنوي لقطه نگاه کان) عارف، غوث، قطب
سالڪ وغيره کي ويندي دم عشق رسول بمقتضاءِ محبت لانما محبوب مدني
(صلي الله عليه وسلم) جن جي اُن حڪم "نماز قائم ڪيو" تي لبيڪ چئي اُن جي ادائگي
مڪمل تعميل لاءِ سر تسليم خم ڪري ڇڏيا (يعني نماز پڙهندا رهيا) القصه -
مٿين واضح پيش ڪيل آيتن مان به الفاظِ مختصر هي نتيجو مرتب ٿيو ته تمام
انبياء عليهم السلام ائمه اطهار ۽ اوليائی عظام - وعارف، غوث، قطب
وغيره سڀ نماز جا پابند هئا، ۽ ارتڪاب جرم ترڪ الصلوٰة کان بلڪل مستثنیٰ
هئا، ۽ اهڙيطرح ماضي زمانه سمورا ولي يا آئنده وقت ۾ پيدا ٿيندڙ اولياءَ
سمورا به فرمان خدا ۽ تقليد رسول عربي (صلي الله عليه وسلم) تا زيست (حياتي
تائين) نماز جا پابند آهن ۽ انکي قائم ڪندا رهندا -

پر اوهان جي سر تي شايد هي ڀوت سوار آهي ۽ اوهين ٿا سمجهو ته جڏهن
سالڪ عارف انتهائي منازل سلوڪ تي پهچي واصل بحق ٿئي ٿو ته ڏهن اُن کان
سڀ ڪجهه عبادت وغيره معاف ٿي وڃي ٿي ..... ليڪن ياد رکو ته ..... منازل
سلوڪ ۽ مراحل باطنيه جي مڪمل تڪميل ۾ ٻيا انسان ڇا جي ڪهڙن ٿي حساب
عليا جا حامل جو ته هجن تاهم (هو) حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم
جن جي حاصل ڪيل مقامات عاليه وطئ شده مراحل باطنيه تي ڪڏهن به
پهچي ڪونه سگهندا - ته جڏهن صورت ۾ سردار دوجهان صلي الله عليه وسلم
جن پڻ بروئي دلائل قرآنيه عبادات الهيه کان ڪڏهن به آزادي نه سگهيا
ته باقي ٻيا سالڪ جيڪي ڪنهن به حالت ۾ منازل ومقامات ۾ ساڻن برابري
هرگز ڪري نٿا سگهن سي ڪيئن خدا تعاليٰ جي حڪم جي خلاف ۽ سنت
رسول عربي صلي الله عليه وسلم جي اُبتڙ ڪئين ٿا چئو الله تبارڪ وتعاليٰ
جي بندگي کان بس ڪري ويهي رهندا؟!

٩ وَأَوْصَانِي بِالصَّلَاةِ وَالزَّكَاةِ مَا دُمْتُ حَيًّا -

(قرآن - ١٦ - مريم - رڪوع ٢)

معنيٰ :- (حضرت عيسيٰ نبي عليه السلام بيان ٿو فرمائي ته) مونکي (رب جي طرفان)
حڪم ڪيو ويو آهي ته نماز پڙهندو رهان ۽ زڪوٰة ڏيندو رهان جيسين
تائين جيئرو وڃان -
هن آية ڪريمه مان پڌرو پيو ٿو مطلب مذڪور نڪري ٿو-
جڏهن ته عيسيٰ نبي عليه السلام جن کي به حياتي تائين نماز ۽ زڪوٰت
ادا ڪندو رهڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي ته پوءِ ڇا.... ٻيو ڪو به سالڪ
حالت عشق الاهي ۾ ڪنهن به نبيءَ کان مٿي ٿي سگهي ٿو- ۽ ڇا ڪو به عارف
ڪامل سلوڪ جي منزلن ۾ ڪنهن به نبي ۽ رسول کان وڌيڪ حاصلات
ڪري سگهي ٿو؟ جي نه ته پوءِ اهڙين مٿين آيت جنهن ۾ عيسيٰ نبي عليه السلام
کي تازيست نماز تي ڪاربند رهڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو ته اُن جي مقابلي ۾ ڪو به
ولي- عارف- بزرگ- ڇا هي ڪهڙي به منزل جو صاحب ڇو نه هجي ته اهو
ادائگي فرضيت نماز کان مستثنيٰ ٿي سگهي ٿو؟ ڪڏهن به نه!!
پر وڌيڪ ڪهجي ته :- توهان جي دماغ ۾ اهو جيڪو وهم باطل گهري
ويهي ويو آهي ۽ جيئن ٿا پيا چئو ته "تمام اولياء الله بي نماز ٿي هُئا ۽ آهن
ڇاڪري جو هو قرب الاهي حاصل ڪري واصل به حق ٿي چُڪا هُئا ۽ هر
اهڙو سالڪ جيڪو تمام منازل سلوڪ طئي ڪري وڃي قرب ذات حق جو
حاصل ڪري ته اِن لاءِ پڻ دائره عبديت مان نڪرڻ ۽ تارڪ نماز ٿيڻ
لازمي شرط آهي" ته اوهان جي اِن اهڙي مردود گمان ۽ غلط خيال جي ترديد
لاءِ پڻ هن هيٺ آيات قرآنيه پيش ڪري توهان ۾ اُن مغالطي جي احساس
پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي- قال الله تبارڪ وتعاليٰ -

إِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ
وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ - قرآن - ٩ - الاعراف - رڪوع ٢٤)

معنيٰ :- تحقيق جيڪي تنهنجي رب جي نزديڪ (مقرب ۽ واصل به حق) آهن
اُهي سندس عبادت کان تڪبر (وڏائي) نٿا ڪن ۽ (اُهي) اُن جي واکاڻ ٿا

ڪن ۽ اُن کي سجدو ڪن ٿا (نماز ٿا پڙهن)

٢ وَمَنْ عِنْدَهٗ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَلَا يَسْتَحْسِرُوْنَ

(قرآن - ١٧ - الانبياء - رڪوع - ٢)

معنيٰ - ۽ جيڪي اُن جي نزديڪ آهن (عارف ڪامل - ولي مقرب) سي اُن جي عبادت کان نڪي هٺ ڪن ٿا ۽ نڪي ٿڪجن ٿا -

هاڻي آيه اول ۾ ظاهر لفظ "يسجدون" (سجدو ڪن ٿا) لکيل آهي ۽ هي نه سجدو خاص نماز جو ٿو ڪن آهي جنهن مان مطلب صاف نڪتو ته جيڪي خدا جا پيارا (مقرب) پيا آهن انهن جي اها حالت آهي ته هو هر حال ۾ مالڪ حقيقي جي عبادت ۾ محو آهن ۽ خدا جي بندگي کان هرگز منهن موڙيندا نه آهن ۽ ان کان ذات باري تعاليٰ شانه جي واڪاڻ ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ سندن نماڪ حياتي جو خاص مشغلو آهي - اهڙيءَ طرح پيش ڪيل آيه ٽئين مان به پڻ ساڳيو ئي مطلب مذڪور نڪري ٿو - پر برخلاف ان جي ڪوبه آدمي وغيره جيڪڏهن ڪهڙي به خيال يا گمان جي بنياد تي اُن ذات حق سبحانه و تعاليٰ جي پاڪ ۽ بندگي کان رو گرداني ڪري ويهي ٿو ته هي اهو منحوس بحڪم يزدي تعاليٰ ضرور بالضرور جهنم جي ڪنن ۾ سٽيو ويندو ۽ جلندو - قال الله تبارڪ و تعاليٰ

٣ إِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دَاخِرِيْنَ

(قرآن ٢٤ - المؤمن - رڪوع ٦)

معنيٰ (رب تعاليٰ فرمائي ٿو ته) بيشڪ جيڪي منهنجي عبادت کان وڏائي (رو گرداني) ٿا ڪن سي جلد ئي خوار ٿي دوزخ ۾ گهڙندا -

هاڻي نماز جي هدايل گذشته بيان ۾ پيش ڪيل آيه نمبر (٩) جي مفهوم کي ملائيندي ساڳيئي ئي سلسلي سان هن هيٺ (ان معامله مذڪور متعلق) جا به وڌيڪ ضروري حقيقتون ڪولي ظاهر ڪجن ٿيون ...... جن تي پڪ ڌيان ڏيڻ لازمي آهي ...... ها ......!

سو سڀ ھاڻي ورڻ اھو نماز کولي ظاھر ڪرڻ ضروري آھي تہ بي نمازي
آخرڪار ڪھڙي شخصيتن جي وعظ نصيحت کان اثر پذير ٿيندا - تارڪ الصلوٰة
ماڻھن جي وچ ۾ اھو ناصح سچو سندن خيرخواہ آھي يا ھن جي دوستي ۾ بي
نمازي لاءِ عذاب ڪندڙ اوڙاھ سول ۾ قيامت جا موجب اسماعيل آھن! ...... بد وتر

قال الله تبارڪ وتعالىٰ -

١٠ إِنَّمَا يُرِيدُ الشَّيْطَٰنُ أَنْ يُوقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَاءَ فِي الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ وَعَنِ الصَّلَوٰةِ فَهَلْ أَنْتُمْ مُنْتَهُونَ - قرآن - ٧ - المائدة - رڪوع - ١٢)

معنيٰ - شيطان رڳو ھي ٿو چاھي تہ توھان ۾ رنجش ۽ وعظ نصيحت رسني شراب (نشہ) ۽ جوا جي ذريعہ دشمني ۽ ويرڇڪي ۽ اوھان کي خدا جي ذڪر ۽ نماز پڙھڻ کان روڪي - پوءِ توھان باز ايندا ڇا؟

(يعني توھان شيطان جي چوڻ تي لڳي ذڪر خدا ۽ نماز کي ترڪ ڪندا ڇا؟)

١١ اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطَٰنُ فَأَنْسَاهُمْ ذِكْرَ اللَّهِ أُولَٰئِكَ حِزْبُ الشَّيْطَٰنِ - أَلَا إِنَّ حِزْبَ الشَّيْطَٰنِ هُمُ الْخَٰسِرُونَ

(قرآن - ٢٨ - المجادلة - رڪوع ٣)

معنيٰ :- مٿن شيطان غالب ٿيو جنھن (جو ذڪر (نماز وغيره) وساريائون ھي شيطان جي جماعت آھن - پڪ شيطان جي جماعت ئي نقصان واري آھي

١٢ وَمَنْ يَتَّخِذِ الشَّيْطَٰنَ وَلِيًّا مِنْ دُونِ اللَّهِ فَقَدْ خَسِرَ خُسْرَانًا مُبِينًا - يَعِدُهُمْ وَيُمَنِّيهِمْ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطَٰنُ إِلَّا غُرُورًا - قرآن - ٥ - النساء - رڪوع ١٨)

معنيٰ :- جيڪو خدا کي ڇڏي شيطان کي دوست بنائيندو (يعني احڪام الاهي
کان رو گردانيءَ ڪري ابليس جي فرمان جي پيروي ڪندو) ته تحقيق اُهو ظاهر ظهور
نقصان ۾ وڃي پيو۔ (شيطان) انهن (پنهنجن دوستن) کي وعدا ڏئي ٿو ۽ کين اميدون
ڏياري ٿو (پر) شيطان اُنهن کي ڪوڙو (۽ دغابازيءَ جو) وعدو ڏئي ٿو۔

١٣ وَيُرِيدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًا بَعِيْدًا ؕ

(قرآن - ٥ - النّساء - رڪوع ٩)

معنيٰ :- ۽ شيطان گهري ٿو (سندس مرضي اها آهي) ته اُنهن (پنهنجن دوستن)
کي گمراهه ڪري پري وڃي اُڇلائي ٿو۔

هاڻي تازه پيش ڪيل آيات مذڪوره مان ثابت ٿيو ته ابليس جي مرضي
۽ خواهش صرف اها ئي آهي ته ماڻهو خدا کي وساري ڇڏين ۽ خاص ڪري نمازي ٿين
۽ هي ته غلبهٔ شيطانيت سبب آدمي لازمًا خدا کي وساري ڇڏيندو۔ اهڙيءَ طرح
انسان جيڪو فطرتًا اُن شخص جي حضور جو تابعدار بڻيل آهي۔ جنهن سان
اُن جي دلي محبت ۽ پيار هوندو آهي پر ڏسڻ ۾ آيو آهي ته اول سبب (قوي) ترڪ
الصّلوٰة خواهش شيطاني مطابق ٿئي ٿو ته اِن جي معنيٰ ته تارڪ نماز آدمي جي شيطان
لعين سان پناه اُلفت آهي جنهن ڪري هو اڪ ابليس ملعون جي رضا خاطر بي
نمازي بڻجي تارڪ مطلق جي غضب جو خريدار ٿئي ۽ هر دو جهان ۾ خسارو حاصل ڪري
شيطان سان گڏ عذاب جهنم ۾ گرفتار رهڻ لاءِ گويا تيار ٿيو بيٺو آهي ۔ ۽ ڇا
سا ڪُئي وقت اُهي رفقاءِ الشياطين (شيطان جا سنگتي) "بي نمازي" ڀل ڪي
راهِ هدايت تي به پائيندا آهن جئن ته :- قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالیٰ

١٤ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ
مُّهْتَدُوْنَ (قرآن - ٨ - الاعراف - رڪوع ٣)

معنيٰ :- تحقيق اُنهن رنڪ رکندڙن اعراض ڪندڙن يعني نمازين) خدا کي ڇڏي
شيطان سان دوستي رکي ۽ (اِن هوندي به) سمجهن ٿا ته اُهي هدايت تي آهن -

١٨ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰى شَيْءٍ - اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ

(قرآن - ٢٨ - المجادلة - رکوع ٣)

معنیٰ: ۽ اهي (خدا کي وسارينديڙ تارڪ نماز شيطان جي تسلط ۾ آيل) ياٿن ٿا ته ڪجهه ڪن ڪي پختي ڳالهه تي آهن (پر) خبردار! اهي ڪوڙا آهن معلوم ٿيو ته مقلد ابليسيت آدمي لاءِ باوجود گمراه هجڻ جي پاڻ کي هدايت تي پاڻين آهن - امتزافدار جو جتي ڪي آهن لاءِ پنهنجي ان بدترين حالت تي فقط ٿورڙي ويچار ڪرڻ جو احساس ماده به ترتيب قريب معطل طرح نابود ٿيو وڃي. جنهن ڪري اهڙن اهلي بدبختن جو رجوع بخدا ٿيڻ ۽ راهِ صراط المستقيم تي موٽي اچڻ مشڪل ئي بلڪ ناممڪن ٿيو پوي.

١٢ وَاِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا - ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ۝ (قرآن - ٦ - المائدة - رکوع ٩)

معنیٰ ۽ جڏهن (تون مان) اوهين (بي نمازين) کي نماز لاءِ سڏيو ٿا ته اهي اُن (سڏ يعني بانگ) کي راند ۽ کل ٺٺول ٿا بنائن - اهو هن ڪري جو ڪ اهي بي عقل قوم آهن اتان معلوم ٿيو ته اُهو شيطان جي جنبي ۾ آيل بي نمازين جو ٽولو پنهنجي مخالفين (نماز قائم ڪندڙن) کي اُن وقت جڏهن اُهي ڪي نماز ادا ڪرڻ لاءِ سڏيندا آهن تڏهن اُهي تسلط ابليس هيٺ آيل جيڪي اُن نماز جي سڏ (بانگ) جي جواب ۾ دل آميز ۽ دل سوز جملا ڪم آڻيندا آهن تن جو سبب رڳو اهو آهي جو اهي "لَا يَعْقِلُوْنَ" بي عقل آهن -

مشهور آهي ته جڏهن ادهان حضرت عادتي تارڪ ۽ متنفر از نماز آدمين جي ڪن تي نماز جي ادائگي لاءِ اذان (بانگ) جو پڙلاءُ پوندو آهي ته اُن جي جواب ۾ نماز تي حاضر ٿيڻ ته پري ٿيو پر اُن آواز حق جو ڪلمهٔ توحيد جي الفاظن آڏا رڪ سان فقط غير عملي اعتراف ڪرڻ جي بجاءِ ٻه رڳو سندن جيب پتر بنجي پيندي آهي بلڪ سندن زبان شيطانيت ترجمان مان اُتلند وهن طرح جا ايمان وحيا

سو ڪلمه شعله خيز ٿي نڪرندا آهن جن تي ”۔ اجهو هاڻي ڦِٽا ياٿيون اُرام“ بلڪ ٻگي اٿس ننڍا هن ٿو، ڙيون ۽ الاپون ڪري وَس بجي نه جيڪر نڙي وڃي جهليانس ۔ وغيره وغيره ۔ يا اُن هزل گوئي سان گڏ عين بانگ ٻڌڻ وقت اُنجو جواب وري وانءِ ۾ حُقي جو نڙ وجهي زور شور سان ڪِٽ ڪُٽ ڪرڻ سان ڏيندا رهن ۔ ۔ ۔

ته هاڻي اهڙن بيهودين جي اُهن ڪاهامن مان به ثبوت نص قرآن (متين پيش ڪيل آية) معلوم ٿيو ته اُهي جيڪي نماز جي سڏ (اذان) کي کِل ۽ ٺٺول ڪري ٽاريون سي به وڌي فرمانِ خدا حقيقت ۾ عقل جا انڌا ۽ ٻڪا جاهل آهن ۽ خود سندن ڪرتوت مان گالهه جي گواهي ڏيئي رهيا آهن ته اهي ڪم بختن جو عقل شيطاني ۽ فهم فرعوني آهي ۔۔۔ جو ته واقعي جيڪي هن سندن عقل سالم ۽ فهم و فراست صحيح هجي ها ته ڪڏهن به خدا جي ڪنهن به حڪم جي تعميل کان سرڪشي نه ڪن ها!!! پر ۔۔۔ ها ۔۔۔ ياد رکڻ گهرجي ته:- اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى (تحقيق هن ۾ فقط اُنهيءَ شخص) لاءِ عبرت ۽ منهن نصيحت آهي جيڪو خدا کان ڊڄي) ۔

١٧ إِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ
اٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ
وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ۝ (قرآن ۔ ٣ ۔ البقره ۔ رڪوع ٣٨)

معنیٰ:- تحقيق جن ايمان آندو ۽ نيڪيون ڪيون ۽ نماز قائم ڪئي ۽ زڪوٰة ڏني ته اُنهن لاءِ سندن رب وٽ ثواب آهي نه اُنهن تي خوف آهي ۽ نه اُهي غمگين ٿيندا:-

١٨ أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ

(قرآن ۔ ١١ ۔ يونس ۔ رڪوع ۔ ٧)

معنى خبردار! جيڪي خدا جا دوست ولي عارف ڪامل آهن نه اُنهن تي ڪو
خوف آهي ۽ نه اُهي غمگين ٿيندا.

هاڻي ..... انهن مٿين ٻن آيتن جي صاف ۽ صريح مفهوم مان معلوم ٿيو ته ظاهر
آهي ته آيه ع١٦ ۾ جيڪا نماز پڙهندڙن لاءِ انعام عظيم جي بشارت تحرير
ٿيل آهي ته وري ساڳيو ئي انعام بموجب آيه ثاني ع١٨ اولياء الله لاءِ
پڻ خاص آهي جنهن مان پڻ هي خاص نتيجو نڪري ٿو ته سچي نمازي
آهي اولياء الله (الله جا پيارا) آهن ۽ اُهي الله جا دوست يقيناً نماز
قائم ڪندڙ ئي آهن. ڇو ته اُنهن جي مساوي نسبت انعامي سند ۾ عزت ۽
شان جي عين مشابهت تي دلالت ڪري ٿي - ان سواءِ هي به ثابت ٿيو ته
توهان جيڪي مٿي اسمائي گرامي اوليائي ماسلف جٿين ته "حضرت مجدد
منور الف ثاني رح - مولانا رومي رح - شاه ڀٽائي رح - حضرت قلندر شهباز
بيدل - سچل رح بهلول رح - اڪيا آهن ۽ جن ڏانهن ابيات - واشعار -
مختلف منڪور بمقصود مانع نماز تحريڪيا آهن ۽ جن ڏانهن نه انهن
اسمائي بالا عارفن جي ولايت مسلمه آهي ته ان صورت ۾ اُنهن سڀني بلا ريب
جو نمازي هجڻ به نص قرآن ثابت آهي ڇو ته بروي فرمان ڪلام پاڪ نماز
۽ ولايت پاڻ ۾ لازم ملزوم ۽ شرط مشروط جي حيثيت سان پاڻ ۾ بلڪل
مربوط (ڳنڍيل) آهن - ته هاڻي ..... باوجود ان ناقابل انڪار - حقيقت قرآني
جي جيڪو شخص ڪنهن به ولي الله کي بي نمازي ثابت ڪرڻ جي حواله خواه
ڪوشش ڪندو ته يقيناً سو پنهنجي ان غلط مطلب ۾ ڪامياب ٿيڻ
بدران اُلٽو اهانت اولياء الله (وليءَ جي بي ادبي) جي جُرم ۾ خود ڪذاب
مردود ۽ مفتري قرار پائيندو!!

١٩ مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ
عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ وَفِي النَّارِ

هُمْ خَالِدُوْنَ ۝ اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ
الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ
فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ۝

(قرآن - ١٠ - التوبة - ٢ رڪوع ٣)

معنیٰ - مشرڪن جي لائق (ھي ڳالھ) نہ آھي جو خدا جون مسجدون آباد ڪن (يعني مشرڪ مسجدون آباد ڪري نہ سگھندا) حالانڪ ھو پاڻ تي ڪفر کي تسليم ڪندڙ آھن - ۽ ھي اُھي آھن جن جا ڪيل عمل برباد ٿي ويا - ۽ اُھي ھميشہ (جھنم جي) باھ ۾ رھندا (۽) نہ آباد ڪندا الله جون مسجدون مگر اُھو جنھن خدا ۽ قيامت جي ڏينھن تي ايمان آندو ۽ نماز کي قائم ڪيو ۽ زڪوٰة ڏني ۽ الله کان سواءِ ٻئي کان نہ ڊنو - پوءِ اُميد آھي تہ اُھي ھدايت وارن مان ٿيندا -

اِتان معلوم ٿيو تہ مسجدون آباد ڪرڻ يعني اُنھن ۾ نمازون پڙھڻ وغيرہ ايمان وارن جوئي خاص شيوہ آھي - برخلاف اُنجي مشرڪ آدمي ڪڏھن بہ مسجد کي آباد ڪري نہ سگھندو - يعني نماز ادا ڪري نہ سگھندو ۽ ھي بہ ظاھر ٿيو تہ اُنھن بي نمازين يا مشرڪن جي زبان مان ھر وقت ڪلمات ڪفر جا صادر ٿيندا رھندا جھڙي طرح اوھان پاڻ خود پنھنجي طرفان اُٿاريل سوالن ذريعي پنھنجي لاءِ اھا ڳالھ ثابت ڪري ڏيکاري آھي - ۽ اھڙي طرح مسجد کي آباد نہ ڪندڙ (تارڪ الصلوٰة) چاھي ڪيترا ڀيرا ڪھڙا بہ عمل ڪري ۽ ڪھڙا بہ ڪيترا ورد وظيفا پڙھي ۽ ڪيئن بہ ڪٺن زھد ۽ رياضت ڪري تاھم بموجب نص قرآن مذڪور سندس سمورا عمل برباد ٿي ويندا ۽ بالآخر اُن جو ابدي ٺڪاڻو دوزخ ٿيندو - ۽ اُن جي خلاف مساجد الله کي آباد ڪندڙ مرد (نماز قائم ڪرڻ وارا) رب العزت جي خوشنودي ۽ رضا حاصل ڪري - بيحساب اعليٰ انعامن سان

مالامال ٿيندا رهندا!! چونڪ قال الله تبارڪ وتعاليٰ.

رِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ۔ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝

(قرآن - ١٠ - التوبة رڪوع ٩)

(يعني: - رب جو رضامند ٿيڻ وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي -

هاڻي ---- اي قرآن پاڪ جي خلاف مفهوم وارا ابيات ۾ عبادتون پيش ڪري انهن تي حيرت انگيز جاهلانه سوال اٿاريندڙ ساٿيو!! اي.... پنهنجن سوالن جي جواب ملڻ لاءِ عرصه کان انتظار ڪندڙ منتظرو!! جيئن ته اوهان جي گهڻي ڀاڱي سوالات جا جوابات هيل تائين قلمبند ڪري چڪا آهيون جي توهان جي آڏو آهن. جن تازه ترين خاص نماز سان تعلق رکندڙ پيش ڪيل بيتن تي سوالن جا جواب پڻ مڪمل ومدلل طور ۾ صريح دلائل قرآنيه تحرير ڪيا ويا آهن جيڪي توهان بچشم خود ڏسي ۽ مطالع ڪري رهيا آهيو جن ۾ منجمله توهان جي خيالات وعقائد جي صاف ترديد ٿي وئي آهي.... سو هاڻي توهان جي مرضي تي منحصر آهي ته جيڪو پاسو وٺڻو هجي سو وٺو - جيڪڏهن نمازي بڻجي ۽ مالڪ حقيقي جي عبادت ۾ مشغول ٿي هر نعمت الاهي ۽ راحت حقيقي حاصل ڪيو ته به اوهان اختيار وارا آهيو ۽ جي تارڪ الصلوٰة ٿي عبادات الاهي کان سرڪشي ۽ روگرداني ڪري غيظ وغضب الاهي ۽ عذاب ابدي پايو ته به توهان جو راضي!! وَمَا عَلَيْنَا اِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِيْنُ ۝

هاڻي باقي رهيا توهان جا هلندڙ سوال ۾ پيش ڪيل ٢ بيت

١ نڪي هاڻي هل لکي وهه بنيو ۾ الي آخره (حضرت شاه ڀٽائي رح)

٢ در عشقي در لطائفهائي نيست الي آخره - (حضرت سچل رح)

انهن مان بيت اول جيڪو اوهان پنهنجي پيش ڪيل اصل سوالنامه جي سوال ع ۾ لکيو آهي ۽ جنهن کي "شاه ڀٽائي" ڏانهن منسوب ڪيو آهي ته پهرين هيٺ ان مذڪور بيت جو جواب ڏجي ٿو - سنو......

بيت مذڪور ۾ ”نڪي هاڻي هل نڪي ولهه پنهنجو“ ۾ وغيره الفاظ جيڪي آهن
سو ياد رکو ته :-
مقصود تخليق انساني بفرمان خدا ”الا ليعبدون“ فقط خدا جي عبادت)
۾ سمايل آهي اهڙيءَ طرح هر مسلم مؤمن جي تمام حرڪات وسڪنات نشست
برخاست بود و باش وغيره جي آخري ثمره جو بنيادي ۽ مرڪزي نقطه فقط
اهوئي ”ليعبدون“ آهي ۽ بس...... تنهن موجب هاڻي تحرير، خواه تقرير
مقالم جنهنجو مذڪوره انساني نصب العين سان ڪو به واسطو نه هجي ته اُن
اهڙي عبث ۽ بي مطلب معامله جي ڪوشش ۽ اپنائڻ ڪرڻ لاءِ پنهنجي قيمتي حياتي
جو ڪو به وقت صرف ڪرڻ نه گهرجي بلڪ ڪمال احمق پڻو ٿيندو.
انهن معيارن الفاظن لکڻ کان پوءِ توهان جي مذڪوره پيش ڪيل بيتن ۾
جيڪڏهن گهري نظر ڪبي ته اِن مان اهڙا بالڪل جدا طرح ذهن نشين ٿيندي
۽ انهن لاءِ ضرور هيئن چوڻو پوندو ته هاڻي...... برابر مقصود اعلي (عبادت خدا
کي نظر انداز ڪري انهن بيتن جي مطلب پر آوري لاءِ دوڙ ڊوڙ ۽ وقت
وڃائڻ نهايت نادانائي آهي! ڪيئن جو ”هاڻي ۽ پنهنجو“ سان ليعبدون
جو ڪو به واسطو ڪونه آهي ۽ نڪو ڪي سسئيءَ ۽ پنهون جي معاملات جو خدائي
عبادت سان ڪو لاڳاپو آهي...... جا قيامت جي ڏينهن (سان ۽ توهان کان
رب العالمين ڇا پڇا ڪرڻ فرمائيندو ته پنهنجي جهڙي بيت ۾ هاڻي ۽ پنهنجو
جو ڪهڙو مطلب ۽ معنى هٿ ڪري آندي اٿو؟
يا..... جا ميدان حشر ۾ خالق اڪبر سان ۽ توهان کان سسئي ۽ پنهون جي
معاملي ۽ انهن جي فوتي ۽ وصال بابت رڪيل رمز جي حقيقت طلب ڪري
رهيو هوندو ته تيون..... شاهه لطيف رح ۽ سچل فقير رح پنهنجي ڪلامن
ڪي حقيقت افروز نقطا بيان ڪيا جن ۽ انهن جو ظاهري واسطو سان سان
سان گڏ عام کي اصليت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي جن پر تنهن هوندي
به جڏهن نه آهي رمزن ۽ اشارن ۽ تمثيلات خاص طور انهن عارفن جي وقت
بوقت مختلف حالات ۽ واردات پٽاندر وجود ۾ آيا هونه انهن اهڙي حالت ۾

اُٿين ٿي سگهي ته جنهن مطلب يا مقصد لاءِ يا جنهن حالت باطني کان متاثر ٿي
شاهه ڀٽائي رح يا سچل فقير رح اهڙا ابيات ڪلمات بانمان صادر فرمايا هجن ته
انسان وري انهن حقيقتن کان نا آشنا هئڻ ڪري پنهنجي اڻ پوري عقل ۽ سمجهه موافق
انهن جي معنيٰ اصلي مطلب بدران بغير حقيقت جي ڳولا ڪري غلط ۽ بدعملي
جي طرح سمجهي ويهي رهن.

ها، ب اهوئي سبب آهي جو جيڪڏهن انهن يا ٻين اهڙن بيتن وغيره
جي معنيٰ ذهن بارهن آدمين کان ڏار ڏار طبعڪي ته باوجود سندن پاهمي
هم مشرب هجڻ جي به هرهڪ پنهنجي پنهنجي خيال موجب مطلب ۽ معنيٰ ظاهر
ڪندو. ان ڪري ئي اهڙن اڻ ڄاتل ۽ نامعلوم معاملن جي ڪڍ پوڻ کان رب
پاڪ بندن کي منع فرمائي ڇڏي آهي. جئن ته قال الله تبارڪ وتعاليٰ

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهِ عِلْمٌ إِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ
كُلُّ أُولَٰئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْئُولًا (قرآن ڌ بني اسرائيل - رڪوع ۴)

معنيٰ - رب تو فرمائي ٿو ته جنهن ڳالهه جي توکي خبر نه آهي اُن جي پٺيان نه پئو.
(اُن جي جستجوئي نه ڪر. تحقيق اُن بنسبت (اڻ ڄاتل معاملي جي جاچ
پڇ ڪندڙ آدمي جي) ڪن - اک ۽ دل کان قيامت ڏينهن پڇا ڪئي ويندي.
معلوم ٿيو ته تمام اهڙن غير ضروري ۽ نامعلوم ڳالهين جي ڪڍ لڳڻ تي موجب
عتاب الاهي آهي. ۽ جڏهن ته اهڙن غيب معاملن جي جاچ جوچ ڪرڻ لاءِ سڀني
انهن ملڪيه عضون جو متوجه ٿيڻ لازمي آهي جن جو الله پاڪ پنهنجي مقدس
ڪلام ۾ ذڪر فرمايو آهي (يعني ڪن - اک ۽ دل) ته پوءِ اهڙي بي سود ڳالهه
جي ڪٿ ڪوٿ ڪرڻ جي جرم ۾ انهن سڀني مذڪوره عضون جو قيامت جي
ڏينهن عتابي ۽ عذابي حيڪتان ۾ اچڻ به يقيني آهي!

ته ها ٿي - پر اهڙا پيچيده معاملا جيڪا موجب (بنائيندڙ) وچون ئي
پيا هجن ۽ نه ته هان ناداني سبب ويهي انهن جي اُن ذاتي معامله ۾ ڪٿ ڪوٿ ۽
قياس آرائيون ڪيون ٿا وڃن ۽ ويا وري ٻين سان به اُن بنسبت بحث مباحثه

سوال جواب ۾ جهڙيءَ جهڳڙيءَ اکيو اُن صورت ۾ پنهنجي اهڙي نازيبا حرڪت
سبب وري قيامت جي ڏينهن بموجب فرمانِ خدا اعتابي حڪتان جي اِسڪنجي ۾
جڪڙجي ويندو. اِن حالت ۾ اوهان لاءِ اِهو ٺيڪ ٿو ڏسجي ته اُٿو ڦاهو پنهنجي
ڪنڌ ۾ وجهڻ ”پرسالي وقت بخلاف اُن جي ڪنهن به عاقل ۽ مؤمن مرد
لاءِ اهڙي خلاف فرمانِ خدا، ورڻ اختيار ڪرڻ قطعًا ناشائسته آهي.

باقي رهيو اوهان جو حضرت سچل سائين رحمة الله عليه وارو سوال ته
جو بيت ته :- ”درد عشقي در لطائفهائي نيست الي آخره“
اِن لاءِ جاڻڻ گهرجي ته حضرت موصوف جن پنهنجي اِن ڪلام ۾ انساني عملن
جي حقيقي پهلو تي قرآن جي انهن آيتن مطابق روشني وڌي آهي جنهن ۾
عمليات انسان جي مقبول هجڻ لاءِ قلبي جذبي ۽ روحاني ترتيب لازمي آهي ۽
جنهن لاءِ بغير دلي اُمنگ ۽ ذاتي ڪيفيت صرف زباني اقرار ۾ رهڻ بي سود
آهي ۽ جنهن ته عارفن ڪاملن جي هر عمل ۾ صداقت - معنيٰ ۽ حقيقت ۽
اصل روحانيت جلوه فگن هوندي آهي تنهن حضرت سچل رح به پنهنجي
اِن حقيقي حال کان متاثر ٿي پنهنجي زبانِ حق ترجمان مان ابيات مذڪور
اُچاريندي به مطابق قرآن ڪريم افشاني فرمائي آهي اهڙي طرح بزرگ موصوف
جن مذڪور شعر ۾ پنهنجي قلبي ڪيفيت جو مظاهرو جن قرآني آيتن جي عين مطابق
ڪيو آهي سي هن هيٺ تحرير ڪجن ٿيون جن ۾ قال الله تبارڪ وتعاليٰ

١- يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ
بِمَا يَكْتُمُوْنَ ۝ قرآن ع۴ - آل عمران - رڪوع ١٧)

معنيٰ پنهنجي وات (زبان) سان اهو چون ٿا جيڪي اُنهن جي دلين ۾ نه آهي
۽ جيڪي (دل ۾) لڪائن ٿا اُن کي خدا خوب ڄاڻي ٿو.....

٢- يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ڪَبُرَ

كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ
(قرآن-٢٨- الصف- رکوع ١)

معنیٰ- اي ايمان وارؤ! اُهو (ڳالهيون) ڇو ٿا چئو جن تي عمل نٿا ڪيو- اِها (فقط زباني ڳالهه) خدا وٽ نهايت ناپسند ڳالهه آهي جو ڪيو نٿا پر ڳالهيو ٿا-

معلوم ٿيو ته ايمان وارن لاءِ هي خاصه هئڻ ضروري آهي ته سندن قول اُن جي فعل مطابق هجي ۽ اُن جو هر عمل اُن جي زباني دعويٰ موافق هئڻ گهرجي-

اهڙيءَ طرح حضرت سچل سائين به مذڪوره ابيات ۾ اِن قرآني حقيقت جي ترجماني فرمائي احڪام الهي جي تائيد ۾ هي الفاظ سندر فرمايا آهن، جن ته لطائف و وظائف مقصود حقيقي يعني رضاءِ الاهي حاصل ڪرڻ جا بظاهر وسيلا آهن سو جيڪي ته انهن ذريعه رياضت ۽ زهد جو عمل برآمد ڪري مقصود مذڪور پرائي سگهي تو پر جيڪڏهن اُن اُصول قرآن جي خلاف لطيفن ۽ وظيفن کي فقط زباني ڪلام تائين محدود رکيو ويو ۽ اُنهن مطابق ڪيفيت قلبي ۾ تغير و تبديل نه آندو ويو ته لوءِ فقط انهن (لطيفن ۽ وظيفن) ذريعه "عشق الهي (صلي)" ۽ وو راهه صراط مستقيم حاصل ٿيڻ مشڪل نه بلڪ ناممڪن آهي

اهڙيءَ طرح ٻئي بيت ۾ وو شيخي ۽ پيري پير کي رهبر ڄاڻي آخره ناصحانه جملن اچار ۾ مان حضرت سهڻي موصوف جيوٽ سا ڪيو ٿي مطلب آهي- ڪيئن جو...... پيري پير کي به جيڪڏهن به مطابق قرآن عمليات صحيح سان مزين هوندي ته اِها حقيقت ۾ حق ڏانهن رهبري ڪرڻ ۾ ڪار آمد ٿي سگهندي پر برخلاف اُن جي جيڪڏهن اُنهن ۾ اصول قرآن جي خلاف ڪار نامه پوشيده آهن ۽ بغير عمل اصلي جي رڳو زباني ٻٽاڪ ۽ لاف سان پير بڻيل آهن ته پوءِ يقيناً اُها پيري ۽ پير رڳي رشد ۽ رهبرائيءَ جي بجاءِ رهزنيت ۽ ضلالت جو باعث ٿيندي......

ها.... سو سچ آهي ته حضرت سچل سرمست پنهنجي انهن ڪلام ۾ اوهان پاڻ
ٻڌايائين انسان جي خوب خبر وٺي چڱو سراغ لڳايو آهي جو ته اوهان تحت الثرى
کان وٺي عرش معلى تائين سير ۾ تمام مقامات معلى واسفل جي حاصل
ڪرڻ جي خلاف قانون قرآن فقط زباني ٻڌائڪ لاف اهڙي انداز
۾ پيرايه ۾ هڻي آهي جو جيڪو ڪو ڄاڻ شخص اوهان جي تمام
ڪارنامن ۾ ڪار ڪن ان کان غير واقف هوندو سو ته ضرور
اوهان جي ان ڊاڙ کان سنائر تي پس غائبانه اوهان کي عارف ڪامل
ڪري پيو پاسيندو ۽ اهڙي طرح علم قرآن کان نا آشنا بوجهه
انسان ته توهان جي انهن ٻڌائڪ سڀ ڪٿ ٿر وهاڻي لاهوتي شهباز
سمجهي يڪدم سنائڪ ڪري اچي توهان جي قدمن ۾ ڪرندو
باقي.... اهو آئين وار وجيڪو قرآن جي روشني ۾ حق ۽ ناحق
پاڪ ۽ پليد مؤمن ۽ مشرڪ - صادق ۽ ڪاذب کي نور معرفته
پري کان ئي سڃاڻي سگهي ٿو - اهو صاحب بصيرت اوهان جي
زباني دعوى ۽ دم زني ۽ لاف ۽ ڊاڙ کي وري اوهان جي عمل ڪار
نامن ۽ افعالن سان (بمطابق معيار قرآن) پرکي ڏسڻ کان پوءِ
ضرور هيئن چئي ڏيندو ته - إن هذا كذاب اشر (تحقيق هي آهي ڪوڙو
۽ سخت شرير)

هاڻي اوهان جي مختلف پيش ڪيل قرآني آيتن ۽ عارفن
ڏاهن منسوب ڪيل بيتن تي اٿاريل سوالات ۽ اسان جي طرفان انهن
جي ڏنل جوابات جو سلسلو هت ختم ٿي چڪو - باقي رڳي
خاص اوهان پنهنجي جدا جدا پنهنجي ...... طرفان
ذاتي مشاهده جا ٽاني علحده علحده رنگ ۾ سوالن جي
بارش شروع ڪري ڏني آهي ۽ اسان پڻ انهن جي جواب ڏيڻ
لاءِ پڻ ساڳي گذشته جوابي نوعيت اختيار ڪري قائم

شده اُصول موافق هر هڪ جا ايگ جواب بروئ دلائل قرآن
ڏينه اسون ـ اُميد قوي آهي ته حق آڏو ضرور سر تسليم
خم ڪندو!!

سوالات از طرف فقير فولاد علي

سندن چشم ديد سير حقيقت معنوي

سوال نمبر ۱:- الله - نفس - شيطان - ٽيئي هڪ هنڌ آهن - جدا ڪرڻ سمجهايو ته ڪيئن جدا ٿيندا -

جواب:- ستي لکيو اٿو ته "اهي اسان جا چشم ديد سير حقيقت معنوي آهن" جن ۾ اول اول اوهان کي اهو سير حاصل ٿيو آهي جو الله، نفس، شيطان، ٽيئي هڪ هنڌ ڪٺا ڏٺا اٿو - (العياذ بالله) هاڻي اِتي ته اوهان جي ان ڪيل سوال تي وري اسان جي طرفان به هي سوال اٿي ٿو سگهي ته آيا اوهان وٽ ڪهڙي ثابتي موجود آهي ۽ ڪيئن ٿا چئو ته الله، نفس ۽ شيطان ٽيئي هڪ هنڌ ڪٺا آهن؟ بس اوهان ته بنا ثبوت جي ۽ بلا دليل دعويٰ ڪئي آهي ته اهي ٽيئي هڪ ئي مڪان ۾ آهن. پر به اصول بحث مذڪوره پيش ڪيل حقيقت جي صحيح هجڻ لاءِ اول ته اوهان کي سند پيش ڪرڻي هئي ۽ پڪي ثابتي ڏيڻي هئي جو بعد ۾ ئي اسان اوهان کي وري ڪيل سوال موجب انهن (الله - نفس - شيطان) کي جدا جدا ڪرڻ جي اڪل پڻ ٻڌايون ها.... پر جڏهن اوهان جي اختيار ڪيل قديمي رويه ۽ اصلي اصول کي جاچي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اوهان وٽ نه ڪا آهي قرآني سند جي وقعت نه ڪا احاديث نبوي صلعم جي تسليم ۽ نه وري صحيح اقوال اهل الله جي قبوليت! ليس اوهان لاءِ "چشم ديد سير حقيقت معنوي" (باطني ملڪ جي اکين ڏٺو سير) ڪمال ۾ قوي تر ثبت آهي باقي وڌيڪ ثابتي يا جٽي يا دليل ڀليل جي! اوهان کي شايد ذرا ڪا ضرورت ڪانه آهي - ۽ سچ آهي ته اوهان نبين جي رهبري جي ساهيري ذريعه اهي اهي عجائبات پراسرار معنوي، باطني معائنه ڪري فرمايا آهن جو نه اوهان کان اڳ نه ڪنهن نبي ۽ رسول اهي رنگ ڏٺا ۽ نه ڪنهن عارف ولي کي اهڙا تعجب خيز آسماني مقام حاصل ٿيا. ان ڪري هن جوڙ ۾ ذري ڪي جيئن وڌيڪ وڌاءُ

ڪونه آهي ته انهن ۾ اوهان جي فرزندن جي علمي خواه عملي حالتن ۾ ڪنهن به ٻئي فرد بشر سان ڪا به هڪ جهڙائي يا مناسبت ڪانه آهي بلڪ اوهان هر صورت ۾ بموجب خصائص ذاتي هڪ جدا اڳانه ۽ عليحده حيثيت رکندڙ آهيو - يا ٻين لفظن ۾ ايئن ڪيئي جيئن ته اوهان پنهنجي هر ڪمال يا هر زوال ۾ بلڪل يگانه آهيو! خير... هاڻي مقصود مسئوني تي اچون ٿا جو توهان الله، نفس ۽ شيطان ٽنهي کي هڪ ٻئي، هڪ ڪٿو ڪيو آهي ۽ پڇو ٿا ته اهي ڪهڙي طريقه موجب ڌار ڌار ٿي سگهن ٿا؟

توهان جي ان تعجب خيز سوال کي ڏسي اسان جو هڪ ڪرم اوهان جي ان سابقه نظريه ڏانهن ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو جيو هيو ته " اَرِنَا اللّٰہَ جَھرَۃً "(اسان کي ظاهر الله ڏيکاريو) ۽ ان (الله) تي شاهدن جي روبرو هٿ بر رکو ۽ ور ي اهڙي طرح شيطان لاءِ به ايئن ئي فرمايو هيو ته اهو به ظاهر ظهور ڏيکاريو ۽ ان جي به ديوي تي هٿ رکو. ته هاڻي معلوم ٿو ٿئي ته اوهان جي ان چشم ديده باطني سير موجب پڪ آهي ته اوهان عجيب طرح جون هڪ ٻيون ٻه بلائون ڏٺيون آهن جن مان هڪ کي الله ۽ ٻي کي شيطان ٿا سمجهو ۽ پنهنجي ذاتي مشاهده جي آڌار تي انهن ٻنهي جي بار بيڪ نراڪت وسڪونت لاءِ توهان کي هي ۽ حق اليقين حاصل آهي ته اهي ٻئي هڪ ٻئي سان سوڳا ٿيل ۽ هڪ ٻئي ڪوڻي ۾ داخل آهن. باقي رهيو نفس، جنهن کي انهن ٻنهي مٿين (الله ۽ شيطان) جو ثالث (ٽيون) سنگتي قرار ڏنو اٿو ته اهو به پيو ته ڪونه توسان جي پرسائين جي ذات خود ئي هوندا - جو ته: " جنت آرشح نعشا ختنا"، مثال وانگر جيڪڏهن هڪ هنن اکين سان ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندڙ ۽ مٿس شاهدن جي روبرو هٿ رکڻ جهڙي به نه ڪيندڙ خدا ۾ به خاص صورت ملندي وار ظاهريت پڌر ۾ ڏيکاري ڏيندڙ شيطان ۽ ٽيون ٽري ساڳي وقت توهان پاڻ به نه اهي ته ٽيئي رفيق پاڻ ۾ هڪ ئي جڳهه ۾ سڪونت پذير هوندا ته في الحقيقت اهو معامله هر ويڙ ولبيد از قياس ۽ اعتراض جوڳو آهي جو ته هميشه سڌ ور وسڌ ري کي سڌ ٿو ٿي ڳولي لهندو آهي) - باقي اهو الله پاڪ جنهن تي اسان مسلمان ايمان آندو آهي ۽ جيڪو پنهنجي ذات وصفات ۾ يگانه آهي ۽ جيڪو سڪونت - جهت ومڪان کان بلڪل منزه ومبرا آهي سو ان شيطان رجيم کي اسان ته فرمان خدا تعاليٰ اٻي ثابيل او صاف موجب شيطان

سمجهون ٿا) سان ڪنو هجي تدبيح پيچ اهڙو سياه عقيده يا اهڙو نقطه خيال گمان هڪ لحظ واسطي ڪنهن به فرد مسلم جي قلب ۾ جاءِ ڪري ٿي ته اهو قطعاً ناممڪن آهي. ڇو ته نفس رحوپڻ نهايت خبيث آهي جنهن لاءِ خود خدا تعاليٰ فرمايو آهي ته قال الله تبارڪ وتعاليٰ -

إِنَّ النَّفْسَ لَأَمَّارَةٌ بِالسُّوءِ (قرآن -١٣- يوسف- رڪوع ٧)

(يعني تحقيق نفس بچڻ اين جو ڏڪر توڪري) ڪي برات (الله) سان هڪ هنڌ گڏيل سمجهڻ ڪمال جهالت ۽ ناداني آهي.... باقي..... هان! انساني دل جنهن ۾ انوار الاهي بشرط مصفا بيشڪ منعڪس ٿي سگهن ٿا ۽ اهڙي صاف قلب تي خاص توجه باري تعاليٰ ٿئي تو ٻه ان جي معنيٰ اها نه آهي ته خدا مڪان دل ۾ آهي نفس سان گڏ ٻئي هڪ هنڌ ويهي رهيو آهي ڇو ته الله تبارڪ وتعاليٰ لاءِ ڪنهن به جهت ومڪان ۾ هئڻ جو گمان رکڻ حد درجه اهڙي طرح تصفيه قلب لاءِ پڻ ڪارگر علاج آهي "ذڪر الله" "قرآني عمل" جيئن ته قال الله تبارڪ وتعاليٰ :-

يَا أَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَاءَتْكُم مَّوْعِظَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ وَشِفَاءٌ لِّمَا فِي الصُّدُورِ (قرآن -١١- يونس- رڪوع ٦)

معنيٰ:- اي انسانو! بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب وٽان نصيحت (قرآن) ۽ دلين جي بيماري لاءِ شفا پهچي چڪي آهي -

هاڻي جڏهن نه بيمار يا ڪارائتي دل جي صحت يا علاج لاءِ دوائي قرآن معلوم ٿي چڪي ته به قاعده ڪليه بغير استعمال دوا جي شفا از مرض ٿيڻ محال آهي سوا ان موجب هر مريض باطن جيستائين ڪڏهن نسخه قرآني کي پنهنجي غليظ دل جي اجائي تدلاءِ استعمال ۾ نه آڻيندو يعني "عمل بر قرآن" نه ڪندو تيستائين رڳو زباني تسليم يا خيالي هائو هائو ڪرڻ سان ان جي قلب تان ڪارڪنهن هرگز لهي نه

سگهندي. . . . ۽ هاڻا دل جيڪا ذڪر ذات حق کان خالي آهي ان تي
بہ موجب حڪم قرآن شيطان پليد جو قبضو رهي ٿو. جيئن ته فالله تبارڪ
وتعالیٰ . . . . .

وَمَنْ يَعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ
لَهٗ قَرِيْنٌ (قرآن - ۲۵ - الزخرف - رڪوع ۴)

معنیٰ :- ۽ جيڪو خدا جي ذڪر کان منهن موڙي ٿو ته انسان انلاءِ
شيطان سنگتي مقرر ڪندا آهيون (جو اهو شيطان) ساڻس گڏ هوندو آهي)
هاڻي معلوم ٿيو ته اهو نفس جيڪو بذاتہ خبيث آهي ۽ ان جي خباثت زائل
ڪرڻ لاءِ دوائي ذڪر الله مستعمل نہ ٿو ڪري ۽ ذڪر الاهي کان منهن موڙي
پنهنجي اصلي حالت ۾ ئي رهي ٿو ته ٻي دليل قرآن مذڪور ان پليد سان وري
شيطان لعين کي بہ ضرور سلهاڙيو وڃي ٿو. - جو ته ان سرڪش نفس سان
شيطان جي رفاقت خود باعث ما نع ذڪر الله آهي جيئن ته فالله تبارڪ وتعالیٰ

اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ (قرآن
۲۸ - المجادلة - رڪوع ۳)

معنیٰ :- انهن تي شيطان غالب ٿيو ته پوءِ خدا کي وسارايائون -
پوءِ ان ڪري ئي ٻنهي اهڙن بد بخت شخصن (جيڪي خدا کي وسارڻ
جي جرم ۾ هڪجهڙا ٿيو پون) جو هڪ ٻئي سان ڪنو رهڻ مناسب ۽ لازمي
ٿيو پوي!! . . . . . هاڻي جڏهن نفس ۽ شيطان جو هڪ هنڌ گڏجي رهڻ بہ سبب
اعراض ذڪر الله آهي. تڏهن انهن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ جي
اتکل تي در ذڪر الله کان روگرداني ڪرڻ جي خلاف ذڪر باري تعالیٰ يعني
قرآني احڪامن تي عمل ڪرڻ ۾ بس ،،
مذڪوره بيان مطابق خدا کي وسارڻ سبب برابر انسان تي شيطان

تابع ٿي سندس نفس ساڻ هم خيال ٿيو وڃي مگر وري جڏهن هو الله تبارڪ
وتعاليٰ کي ياد ڪري ٿو تڏهن نفس ان جي تابع حالت بدلجي سعيد ٿيو پوي ۽ انجي
قلب تي جيڪي انڌائي ۽ گمراهي جا پردا چڙهي ويل هئا سي يڪدم دور ٿيو وڃن ۽
هو انوقت مبصر (ڏسندڙ) يا [illegible] بصيرت ٿيو پوي. جيئن ته قال الله تبارڪ
وتعاليٰ-

إِنَّ الَّذِينَ اتَّقَوْا إِذَا مَسَّهُمْ طَائِفٌ مِّنَ الشَّيْطَانِ تَذَكَّرُوا فَإِذَا هُم
مُّبْصِرُونَ (قرآن - ٩ - الاعراف - رڪوع ٢٤)

معنيٰ:- جيڪي ڊڄندڙ آهن (خدا کان) انهن تي جڏهن شيطان (گمراهي جو)
وار (حملو) ٿو ڪري تڏهن اهي ياد ٿا ڪن (خدا کي) ته اوچتو ڏسندڙ ٿيو پون ٿا -
(يعني انهن کان شيطان جو قبضو هٽي ٿو وڃي) -

المقصود ته مذڪوره آيات قرآني مان هي ڳالهه ثابت ٿي ته اگر قلب انساني تي اعراض
ذڪر الله سبب شيطان جو قبضو ٿي وڃي ۽ ان حالت ۾ نفس به ساڻس رفيق بڻجي پوي ته
اهڙي صورت ۾ ابليس لعين جو مقبوضه دل تان قبضو هٽائڻ ۽ نفس کي ان خبيث جي
تسلط کان بچائڻ جي اڪمل ۽ طريقو اهو آهي جو مٿي بيان ڪيو ويو آهي يعني خدا
عز وجل جو ذڪر (ياد ڳيرو) يا طريقه قرآن تي عمل ۽ بس - باقي خداوند تعاليٰ شانه
اهڙو هرگز نه آهي جو ڪنهن خاص جاءِ يا مڪان ۾ بيٺو سان ڳڻ سڪونت پذير رهي
(جيئن ته اوهان پنهنجي پهرين سوال ۾ پنهنجو اهڙو عقيدو بيان ڪيو آهي) مطلب ته
الله پاڪ هر دانشمند انسان جي صحيح يا غير صحيح وهم ۽ گمان کان نهايت برتر و
بالاتر آهي. "سُبْحَانَهُ وَتَعَالَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ"
(اهو الله پاڪ ۽ مٿاهون آهي ان کان جيڪي ساڻس شريڪ بنائيندا آهن)

هاڻي جيستائين توهان جي پيل مذڪوره سوال جو جواب باصواب از
دلائل قرآن ڏنو ويو آهي تاهم اوهان پنهنجي انحراف از حق فطري خصلت
بموجب مذڪوره جوابي جملا مطالع ڪرڻ بعد هيئن ته ضرور چوندو ته
ڏسو ارڙ سوال از آسمان جواب از ريسمان" ليڪن ممڪن آهي

ته اوهان جي تحريڪ جي تقليدي گروه ۾ ڪي اهڙا فرد به هجن جي پيچ پيچ صاحب
فراست صحيح هجڻ پر گو بہ سبب جهالت اوهان جي هر الحاد آميز الفاظ کي عين حق
ڄاڻي واه توسائين برابر حق، جا الفاظ اچاريندا هجن ته اوهان جي اهڙن خفيه
دانشمند مريدن تي اسان جي قرآني تحقيقاتي بحث جو ضرور اهو اثر ٿيندو ته هو
پنهنجي وڃايل اوقات سابقہ تي نادم ٿي آئينده اوهان جي هر ديدار - گفتار - ڪردار
۽ رفتار تي بہ برحق برحق، چوڻ بدران "لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ" جا ڪلمات
پڙهندا رهندا ۽ باقي دم حياتي ۾ جا قانون اسلام يعني شريعت رسول عربي صلي الله
عليہ وسلم تي عمل ڪرڻ سان پورا ڪري مقصود اصلي (رضائے الهي) حاصل
ڪندا. باقي اوهان جو رجوع بطرف خدا بظاهر ته نهايت مشڪل پيو نظر اچي
"اِلَّا مَا شَاءَ اللّٰه"، (مگر جي خدا گهري ته) ڇو ته اوهان پنهنجي رندانہ ڪارنامن
کي پنهنجي عقل ۽ دانش جي ذريعي وجود ۾ آڻيندا رهو ٿا انڪري بہ باعث جهل.
ڇو ته علم جو عملي صورت ۾ صحيح استعمال عقل سليم جي وسيلي ٿيندو آهي ۽ عقل
جي سالميت يا غير سالميت جي پرک لاءِ آلہ معيار (پرکڻ جي ڪسوٽي) فقط قرآن
ئي آهي ته اهڙي طرح توهان وٽ بہ جيڪو خير سان علم آهي ۽ ان تي وري پنهنجي
ذاتي دانائپ (جيڪا معيار قرآن موجب بلڪل غير صحيح ثابت ٿي چڪي آهي) ذريعہ
جنهن جو عمل ڪري رهيا آهيو سو بر اظهر من الشمس آهي. سو جنهن صورت ۾ عمل
صحيح جو دارومدار ئي عقل سالم تي نہ پيو ۽ ان حالت ۾ اهڙي مرده عقل آدمي
۽ جي غلط عملن کي ڪو بہ عالم يا عاقل افعال صحيح ۾ بدلائي ڪيئن ڪيئن تو راه راست
تي آڻي سگهي ؟!

جاهل جي جهالت عالم جي علميت سان بشرطان مجهول جي فهم صحيح هجڻ جي ميٽجي
سگهي ٿي پر خود عقل جي اندي جو ڪنهن بہ عالم يا عاقل جي سمجهائڻ سان راه حق
ڏانهن رجوع ڪرڻ مشڪل نہ بلڪ ناممڪن آهي -! مگر.... اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا
يُرِيْدُ (تحقيق الله جيڪي گهري سو ڪري ٿو)

سوال نمبر ۲ :- عرش عظيم کي ڪيترا دروازا آهن؟ دروازه جو نمونہ
ڪهڙي دستور آهي؟ عرش عظيم جي فرش جو رنگ ڪهڙو ۽ ڪهڙي دستور تي
آهي؟

سوال نمبر ۳ :- حضرت ذوالجلال والاڪرام الله تعالیٰ عرش عظيم ۾

ڪٿي هُن وَٽ ۾ ڪهڙي طرح مُون ويٺل آهي؟ سندس منهن مبارڪ ڪهڙي طرف آهي؟ ڪرسي ءَ جو رنگ ڪهڙو آهي ۽ عرش جي ٻاهران ڇا آهي؟

سوال نمبر ۶ :- لوح محفوظ جي پهرين سمت ۾ ڇا لکيل آهي؟ انهن اکرن ۽ ان جي فرحي جو رنگ ڪهڙو آهي؟

جوابات :- هونئن دستور ته ائين هو ته هر هڪ سوال ڌار ڌار کي ان جو جواب ڏجي ها پر هت تنهي سوالن جي گڏ لکڻ جو سبب رڳو هي آهي ته انهن پيش ڪيل مٿين سوالن جي ذاتي نوعيت پاڻ ۾ قريب قريب هڪجهڙي آهي ۽ بالعموم سندن جوابي بيان ساڳي ئي طرز ادائي هيٺ ئي وقت مڪمل طور تي ادا ٿي سگهندا جنهن ڪري ئي مذڪوره تنهي سوالن ۾ انهن جي جوابن کي ڌار ڌار لکڻ بدران ٺيڪ ڄاڻي طوالت جي بجاءِ اختصار مان ئي مقصود برآمد ڪيو ويو آهي

هاڻي جيستائين هن اوهان جي گذشته سوالن جي ڏنل جوابن تي هن ئي سرسري نظر ڪئي ته گهڻو ڪري هن تازه پيش ڪيل سوالن جا جواب به انهن اڳين ڏنل جوابن ۾ ئي سمايل نظر ايندا پر شايد اوهان انهن ۾ بحث تي گهڻي سوچڻ جي مشغوليت سبب نظرثاني ڪرڻ جي تڪليف گوارا نه فرمائي سگهو انهي ڪري جيئن ته ٺيڪ ائين اسان برڪوئه آهيون پر تنهن هوندي به هن سوالن سان تعلق رکندڙ گذشته ڏنل جوابي جملن کي ٻيهر دهرائڻ جي تڪليف خاص توهان جي خاطر برداشت ڪري آهي حقيقتون ٻيهر توهان جي گوش گذار ڪرڻ لاءِ مناسب ڄاڻي هن هيٺ تحرير ڪيون ٿا. جي ڌيان سان ٻڌو :-

ڳالهه هيءَ آهي ته مذڪوره سوالن ۾ جو ته مقامات خفيه باطنيه جي حقيقتن متعلق پڇيا ڪيل آهي جيئن ته عرش ۽ ان جو فرش ڪيئن آهي؟ ڪرسي ۽ لوح محفوظ جي فرحي جي اکرن جو رنگ ڪهڙو آهي؟ وغيره - نه فقط ايترو بلڪ ان سان گڏ هي پڻ اهم ۽ هر مسلمان جي بنيادي عقيده سان واسطيدار سوال به پڇيو ويو آهي ته رب ذات رب العٰلمين (الله) عرش ۾ ڪهڙي جڳهه تي ويٺو آهي ۽ سندس منهن ڪهڙي طرف آهي وغيره

هاڻي منجهه اوهان جي مذڪوره پڇيا ڪيل ڳالهين جو بنيادي سوال ساڳيو اهوئي آهي جنهن کي اول نمبر آيا آهيون ته ”ظاهر الله ڏي ڪار پو ۽ شاهدن

جي رهبرن تي هٿ بدرڪو، نه ان حالت ۾ جيتوڻيڪ ان سوال جو مفصل جواب اڳ ۾ ئي ڏيئي چڪا آهيون تاهم ان جي هنن تازه ترين سوالن کان متاثر ٿي وري به توهان کي متنبه ٿا ڪريون ته قادر مطلق جي قطعي حڪم موجب ان ذات مالڪ الملڪ کي هن جهان دنيا ۾ هنن اکين سان ڪو به فرد بشر هرگز هرگز ڏسي نه سگهندو ۽ ان جي يقيني ثابتي لاءِ ٻين نصوص ۾ آئينه سان گڏ حضرت موسيٰ عليه السلام ڏانهن به آرزو ديدار حق جي جواب ۾ جيڪي صاف انڪاري الفاظ ان حق سبحانه وتعاليٰ ”لَن تَرَانِيْ“ (هرگز هرگز مونکي ڏسي نه سگهندين) نازل ٿيا سي ڪافي وافي آهن ته باوجود ان ناقابل ترديد حقيقت جي جيڪو آدمي مذڪور نص قطعي جي خلاف دعويٰ جو اعلان ڪري جنهن ڪري جنهن ذات متناسبه جو فقط هڪ لمحه لاءِ ڏسڻ ئي قطعاً ناممڪن هجي ته هو مڪار وري ان جي رويت جي اهڙي طرح ويٺو دار ٿي هجي جو انهن پيو پائنجي ته جڻڪ هوان (خدا) سان انهن ڀرڳتي گڏ ويٺو آهي (العياذ بالله) ايتري قدر جو ان جي دائمي نشست برخاست، سڪونت گاه ۾ منهن مهانڊو، طرف رهڻي (ان جي مڪين جو طرف) وغيره سڀ معلوم ڪري چڪو آهي. علاوه عجائبات عالم مخفي مان عرش جي رنگ ۽ ان جي درين دروازن جي ڀيڪڙ ۽ گنبذ جي به چڱي طرح معلومات ڪري آيو آهي انهن سواءِ انجي فرش جي جوڙجڪ. ڪرسي ۽ ان جي بناوت ۽ لوح محفوظ جي ڦهلاءُ ۽ اڪرڻ جو رنگ به ڏسي آيو آهي نه هاڻي جنهن صورت ۾ جيڪو اهڙو نادان به روءِ دلائل قرآن پنهنجي وهمي رويت حقاني (خدا جي ديدار) ۾ ئي خود عظيم ترين مغالطه ۾ هجي ۽ هوان دعويٰ ديدار الهي ۾ رڳو ڪوڙو آهي ۽ ان ڪذاب ۽ مفتري ثابت ٿي ته ان صورت ۾ ظاهر آهي ته سندس لاءِ باقي ٻيا مقامات خفيه عاليه ڏسڻ ۽ ٻين مختلف اعليٰ عليين جڳهن جو سير ڪرڻ ڪيئن ۽ ڪيئن برابر ۽ صحيح ٿي سگهندو؟! رب کي معلوم ته ان يقيناً گمراهي ۾ اٿاڪ آدمي الائي ڪهڙي شيءِ ڏٺي آهي جنهن موهوم هستيءَ جي زيارت کي پنهنجي وهم باطل موجب عين ذات حق جو ديدار سمجهيو آهي ۽ خدا جاڻي ان ڪوڙ باطن (اندر جي اونداهي) ۾ الائي ڪهڙين شين جي عڪس کي پنهنجي ظني نگاه سان ڏسي انهن مان ڪنهن کي عرش معليٰ ڪنهن کي ڪرسي ۽ لوح محفوظ ٺاهي ڏيکاري هجن يا آهن!!!

بهرصورت اسان توهان جي رهبرن مان ڪنهن مقامات عليا جو اطلاع

غلط آهن ڇو ته اهڙي شخصيءَ جي بناوٽ هرگز نه آهي بلڪ انهن جي هر هڪ اهڙي دعويٰ جي رد ۾ اسان وٽ مضبوط دلائل ۽ نصوص قرآني صحيحه موجود آهن جن جي روشنيءَ ۾ انهن جي روايت مذڪور جي ترديد واضح طور هن هيٺ تحرير ڪجي ٿي.

١- اول عرش متعلق انهن جو سوال آهي ته انکي ڪير ڪٿان آڻي ڏنو، رنگ روپ وغيره ڪهڙو آهي؟ علاوه خدا تعاليٰ عرش ڪهڙي هنڌ ۽ ڪاٿي منهن ڪيو ويٺو آهي ۽ پٺ ڪيڏانهن ۽ ڪرسي ڄڃو رنگ ڪهڙو آهي وغيره.

هاڻي..... عرش خدا متعلق قرآن پاڪ ۾ هن طرح جامع الفاظ واقع آهن ته..... قال الله تبارڪ وتعاليٰ.

اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى (قرآن-١٦-طٰهٰ-رکوع ١)

معنيٰ- هو الله وڏو مهربان عرش تي قائم ٿيو.

هتي عرش مان مراد خدا تعاليٰ جي دائمي مسڪن يا ويهڻ جي جڳهه مطلوب نه آهي بلڪ اُن ذات پاڪ جي برتري ۽ وڏائي مقصود آهي جو خداوند تعاليٰ شانه' هر اُن جڳهه مڪان ۽ طرف وغيره ۾ ساڪن هجڻ کان منزه ۽ پاڪ آهي جنهن مسڪن خدا بابت دماغ انساني ۾ وهم گذرائي. اهڙي طرح اُن ذات باري تعاليٰ متعلق ٻيا جيڪي به تمثيلات قرآن پاڪ ۾ مرقوم آهن سي خاص طور اسان انسانن جي محدود سمجهه ۽ عقل ۽ خيالات جي انتهائي رسد موافق صفات الاهي جي حيثيت جلاليت ۽ برتريت جي ذهن نشين ڪرڻ لاءِ ئي واقع آهن باقي اُن ذات حقيقي جي اصلي هيئت ۽ تصوير جي تصور ڪان انسان جو آخري فڪر ۽ انديشه به قاصر آهي- ياد رکو ته انساني خيال ڪٿي ڪيتري به بلند ترين پرواز ڪري تاهم ابتداءِ ئي قطعاً ناممڪن ۽ ناشدني امر آهي جو الله پاڪ جي ذات بابرڪات بنسبت فقط ڪو مثال مقرر ڪري سگهي.

خدا تعاليٰ پنهنجي اِن بيچونگيءَ جي خود پنهنجي ڪلام ۾ خبر نازل فرمائي ڇڏي آهي جنهن ۾ :- قال الله تبارڪ وتعاليٰ -

لَيْسَ كَمِثْلِهِ شَيْءٌ وَهُوَ السَّمِيعُ الْبَصِيرُ ○ (قرآن - ٢٥ - شوريٰ - رڪوع ٢)

معنيٰ هن (الله) جي مثل ڪا به چيز نه آهي ۽ اُهو ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي -

اِتان معلوم ٿيو ته جيتوڻيڪ خدا جل وعليٰ ٻڌندڙ ڏسندڙ به آهي اِن هوندي به هو اهڙين صفتن (سميع بصير) سان موصوف ٿيل ڪنهن ٻيءَ هستيءَ وانگر ناهي

اِن مان هي نتيجو نڪتو ته خدا تعاليٰ جي ذات کي با وجود سندس ڏسندڙ - ٻڌندڙ جاڻندڙ - خبر ڏيندڙ - ڳالهائيندڙ - ناهيندڙ - ڊاهيندڙ - رزق پهچائيندڙ وغيره صفتن سان موصوف ٿيل هجڻ جي اهڙيءَ ڪنهن به ٻي شيءِ سان تمثيل لاڳاپو ڏيکاري ظاهر ڪرڻ جنهن جي نقش ۽ جو آدميءَ جي دماغي دائره خيالات ۾ پيدا ٿيڻ ممڪن هجي ڪمال جهالت وحماقت ۽ احڪام قرآن جي بلڪل خلاف ۽ برعڪس بنا ڪ ۽ ڊاڙ آهي -

اِن حقيقت مد نظر اوهانجي زير بحث ڪيل سوال کي جاچي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته توهان اُن بي مثال خدائي هستيءَ کي هڪ اهڙي وهمي ۽ خيالي تصوير ۾ ظاهر ڪرڻ جو بار ادا ڪيو آهي جو ڪنهن به ادنيٰ شعور رکندڙ انسان لاءِ تسليم ڪرڻ ناممڪن آهي - اوهان جي هن سوال الله جو متهن مبارڪ ڪهڙيءَ طرف آهي ۽ اهو (خدا) عرش ۾ ڪهڙيءَ هنڌ ڪهڙي طرف کان ويٺو آهي ؟" مان بخوبي هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اوهان جو اُن رب پاڪ تي ايمان ۽ اُن ذات تي ڏ التفات به ڪين آهي جنهن ذات حق جي علم الصفات کان حضور رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن گروه انسان (مسلمانن) کي بهره ور فرمايو. توحيد پرست يا شيدائي واحد امت (مسلمان) جي ذاتي عقيده موجب الله پاڪ نه انهن صفتن سان سينگاريل آهي جيڪي مٿي بيان ڪيون ويون آهن - ليڪن ! برخلاف اُن جي اوهان ورتي جنهن خدا اڳي جن صفتن سان پرعه سندس عرش ڪرسي جي عوام الناس آڏو پيش ڪيو آهي تنهن مان پڻ معلوم ٿو ٿئي ته اوهانجو

خدا اسان مسلمانن واري خدا کان بلڪل هڪ جدا ڳالهه روپ ڌاري آئي ڪين جو وهان جي ذاتي مشاهده موجب توهان وارو مصنوعي رب پنهنجي محدود عرش الله هڪ خاص جڳهه ۾ خاص طرف ۾ ڪُنڊ وٺي فقط هڪڙي پاسي ڏانهن منهن ڪيو ويٺو آهي گويا هو هڪ بي جان مجسمه هڪ خاص جاءِ ۾ ڌريل آهي جنهن کي اُٿلائڻ پٿلائڻ واري هستي وري ڪو ٻي آهي (العياذ بالله مِن شرِّ ذٰلِكَ)

هاڻي جنهن رنگ ڍنگ ۾ توهان پنهنجي اُن خاص خيالي خدا کي ڏٺو آهي ۽ وري اُن جي عرش ڪرسي ۽ لوح محفوظ جو معائنه به انهي پيرايه ۾ ڪري چڪا هو ته وهان اهڙن ديدارن ۾ حق اليقين جي مقام تي پهچي چڪا آهيو ۽ چونڪه اهي يقين يا ويساه جي بلڪل آخري يا انتهائي حد آهي انڪري باوجود شديد ترين مغالطه ۾ هجڻ جي به اوهان جو ڪنهن به رهبر جي صحيح رهنمائي ڪرڻ ۽ سمجهائڻ تي وري حق ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ پنهنجي ان غلطي جو احساس ڪري پشيمان ٿيڻ بلڪل ناممڪن آهي (!) اِلّا ما شاء الله (مگر جيڪڏهن خدا گهري ته)

هاڻي باقي رهي اوهان واري خدا جي ڪرسيءَ متعلق حقيقت، جنهن لاءِ اوهان جو سوال آهي ته اُن (ڪرسيءَ) جو رنگ ڪهڙو آهي؟ ان لاءِ هيٺ مناسب جواب ڪلام الاهي جي روشنيءَ ۾ ڏجي ٿو جو ڪن لائي پڙهڻ و:-

اوهان کي ڄاڻ هوندي ته عام جاهل آدمي اُن ڪرسيءَ کي (جنهن بابت اوهان جو خود سوال آهي) پنهنجي مجهول وهم ۽ غلط گمان موجب هڪ اهڙي انداز طرز سان بيان ڪندا آهن ۽ ائين پائيندا آهن جو جيئن ڪ هن (جاهلن) جي دماغي خيال ۾ اُن ڪرسيءَ جو تصوّر بلڪل اهڙي طرح نقش ٿيل آهي جهڙي ڪا هي ڪا ن جون بادشاهن جون ڪرسيون ٺهيل آهن - ۽ هو وچارا بي علم ۽ بوجهه ڪندي صحبت جي رنگ ۾ رنگيل ائين ۾ بلڪل ائين سمجهندا آهن ته خدا جڏهن هڪ جهڙي ننڍي پر ننڍي جيئي وڃا ڳنڍ وجسمه آهي جو هڪ ٺهيل نامو ڪي گهر جنهن کي پنهنجي تصوّري خاڪي اندر عرش عظيم پائيندا آهن) ۾

رکيل رنگين وڏي ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيون ويٺو آهي ۽ ويٺو ٿو حڪم هلائي....
سو.... اسان سمجهون ٿا ته هاڻي گهڻو ڪري اوهانجي دل ۾ به اها ڳالهه کٽڪندي
ضروري هوندي - سو بهتر ٿئي ها جو اوهان پنهنجا اهڙا اباطلانه ظني خيال
الله ربي اندر ۾ رسائيندا يون وينا هجو ها ۽ ڪنهنکي اظهار نه فرمائي ها تڪي جاهلن جي
قطار ۾ شمار ڪرائڻ لاءِ اسانکي پڻ مجبور نه ڪيو ها - پر سمجهي ٿو ته
شايد جذبات جهل اوهانکي برابر اهڙن جهل مرڪب جملن لکڻ تي مجبور ڪيو
جو بالآخر پنهنجي زبان تلحق ترجمان مان اهي جاهلانه سُر آلاپي اُهنکي پيٺ
بر قرطاس تحريري صورت ۾ قلمبند ڪري ڪين عوام اڳ پيش ڪرڻ سان
ابليسي تبليغ جو آخرين حق ادا ڪري پنهنجي طرفان اها حجت به ختم ڪري
ڇڏي - خير..... ها...... سو ڳالهه پئي ڪئي سون الله جي ڪرسيءَ جي.....
اِن بار ۾ ته اوهان جو ۽ ٻين اوهان يارن عام جاهلن جو جيڪو خيال ۽ عقيدو
آهي سو ته مٿي بيان ڪري آيا آهيون - باقي اِن نسبت خداوند تعاليٰ جيڪي
ڪجهه پنهنجي مقدس ڪلام ۾ حقيقت نازل فرمائي آهي سا هن طرح آهي جئن ته
قال الله تبارڪ وتعاليٰ -

وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ (قرآن - ٣ - البقر - رکوع ٣٤)

معنىٰ - اُن ڪرسي زمين ۽ آسمانن کي پاڻ ۾ سمائي يا ماپائي ڇڏيو آهي آية مذڪور
۾ آيل لفظ ”ڪرسي“ مان مقصود اِهو آهي ته اُها ڪرسي سچ پچ ڪا انهن
ڪرسين جهڙي آهي جئن اوهان جهڙن جو گمان آهي بلڪ مراد اُن ڪرسيءَ
مان آهي خداوند تعاليٰ جو بي پايان علم“ جو هر چيز کي گهير ڪندڙ آهي ۽
تمام ڪائنات جي هر شيءِ اُن جي علم (ڪرسي) ۾ سمايل آهي جئن ڪ اهڙي
طرح ٻي جا فرمايو ويو آهي ته:- قال الله تبارڪ وتعاليٰ:-

وَسِعَ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ۝ (قرآن - ١٦ - طٰهٰ - رکوع ٥)

معنىٰ - سڀ شيءِ اُن جي علم ۾ سمايل آهي -

مطلب ته اُن جي دائره علم کان ڪا به چيز ٻاهر نه آهي. آية اول "وَسِعَ كُرْسِيُّهُ"
مان به ساڳي اِها ئي حقيقت روشن ٿئي ٿي -

هاڻي جڏهن "ڪرسي" جي اصطلاحي ذاتي معنيٰ وڃي ٿي "خدا جو علم"
ته سمجهيو ته اوهان گويا مذڪوره اُتي پيل سوال موجب الله پاڪ جي علم جي
رنگ بابت پڇي رهيا آهيو* يا ساڻو ءِ آسماني ڪِتابن جي رنگ جي وهلا... خود ئي هِن ڳالهه جو
اعتراف ڪندؤ ته علم هڪ غير مجسم ڪيفيت آهي جنهن کي رنگ بوءِ
۽ ذائقه کان مستثنيٰ آهي - اهڙي طرح جيئن ته هن اوهان جي اُن مذڪور
مجيل اصول (ته علم کي رنگ ڪونه ٿيندو آهي) جي نظر ۾ جي نه معلوم ٿو ٿئي ته
اوهان اُن ڪُرسي جو معنوي مطلب ئي نه سمجهيو آهي، پس اوهان جي دماغ ۾
اُن بابت ڪا به ڀالوڙ جي آرام ڪرسي جو تصور جاءِ ڪري بيٺو آهي جنهن وهم
ورڌي اوهانکي اهڙي ڪرسي جي رنگ پڇڻ تي مجبور ڪيو آهي -
اي بندگانِ خدا!! ذرا هوش سنڀاليو پنهنجي ڪار نامن ۽ گفتگو ۾ نظر ثاني
ڪريو ۽ هر وقت پنهنجي ڪلام کي بي لغام ڇڏڻ بجاءِ انکي جي جتي استعمال
ڪندا ڪريو جو ته پڪ جاڻو ته توهان جا ڪلمات لساني هفت ارڪان ثناخوان
پاڪ بقوله تعاليٰ -

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ٥

(قرآن - ٢٦ - ق - رکوع ٢)

معنيٰ: ڪو به ڳالهائڻ جو لفظ اهڙو ونئو ڳالهايو وڃي مگر اُن جي (رکڻ) لاءِ
نگهبان (ڪِرَامًا ڪَاتِبِيْنَ) تيار آهن. . . . . . موجب اوهان جي زبان مان
صادر ٿيل هڪ هڪ لفظ لکيو وڃي ٿو ۽ اهڙي طرح اُهو سمورو دفتر قيامت
جي ڏينهن ڪولي اوهانکي مطالع واسطي ڏنو ويندو ۽ اُن سان گڏ توهانکي
خدا وند عالم بادشاهِ حقيقي جي طرفان هي مخاطبانه الفاظ چيا ويندا ته:-
قَالَ اللّٰهُ تَعَالىٰ :

* خدا يا ذاتِ علوي (حق تعاليٰ) جو رنگ ڪهڙو آهي ڳالهه ڪا هوندي. [illegible]

اِقْرَأْ كِتَابَكَ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا ؕ

(قرآن - ١٥ - بني اسرائيل - رڪوع - ٢)

(يعني رب فرمائيندو ته) هاڻي پڙهه پنهنجي عملن جو ڪتاب - اڄ خود تون ئي پنهنجي نفس جي حساب ڪتاب جي منصفي آهين - تون پاڻ منصف ٿي پنهنجو پاڻ فيصلو ڪر!!

هاڻي جڏهن ته اهي معاملات مذڪور يقيناً هر انسان سان لازمي طرح ملحق آهن، تنهن تنهن لاءِ بلڪل ضروري آهي ته اهڙو لفظ زبان مان هرگز نه ڪيو وڃي جيڪو تنهن جي واسطي اهڙن خيالات ۽ شرمندگي جو باعث ٿئي - يا اهڙو ڪارنامو وجود ۾ نه آڻيو جنهن سبب پشيماني ۽ عذاب ۽ عتاب بحال ٿيڻو - ايئن ته برابر آهي ته اوهان جي عجيب ترين سوالن گفتگو عام آبوجهاهلن لي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندي هوندي ۽ هو ڇيا ته اوهان جو ڪلام بي لغام ته شرطي اوهانکي لاهوتي شهباز بلند پرواز عارف ڪامل وغيره القابن سان ياد ڪن اهو ندا...... پرڪاش! اهي پروزا آدمي جيڪي ٿا هن ڪجهه علم قرآن حاصل ڪري وجهن هانه يقيناً پنهنجي اهڙي سياه عقيدي تي عجائب ڪري آئينده توهان جي پرمڪر گفتار سڻندي ئي لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ - جي الفاظن سان اُن جواب الذڪري ڇڏين ها...... ۽ سچ آهي ته توهان جي اِن عجيب ۾ وجهندڙ ڪلامن کان عام خاص آدمي حيرت ۾ آهن ها...... پر ڪيترو به ڪي توهان جا اقوال حيرت انگيز چونه هجن پر هر صورت بقول خدا اُن اوهان جي عجيب نما گفتار جي هر هڪ لفظ ۾ فقط شرارت ۽ فساد ذاتي سمايل آهي - باقي ڀيو ڪجهه به نه آهي - جئين ته قال الله تبارڪ و تعالىٰ

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا فِيْ قَلْبِهٖ وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ -

(قرآن - ٢ - البقره - رڪوع ٢٥)

معنیٰ - ڪو آدمي اهڙو آهي جو دنيا جي حياتي جي ڪمن ۾ اُن جي گفتار توکي پسند ٿي اچي (عجب ۾ حيرت ۾ ٿي وجهي) ۽ (هو پنهنجي دل جي ڳالهه (شرارت وارن ڳالهين) تي خدا کي شاهد ٺهرائي ٿو) ۽ (هو سخت جهڳڙالو آهي -

﴿فَاعْتَبِرُوْا يَا أُولِي الْأَبْصَارِ﴾ پو اي اکين وارو عبرت وٺو -

هاڻي باقي رهيو وهان جو لوح محفوظ جي ڪيل ذڪر متعلق (تاريل سوال جو) جيئن ته اُن جي قرجي جو رنگ ڪهڙو آهي ۽ اُن جي پهرين سٽ ۾ ڇا لکيل آهي؟ ..... هائي! ياد رکو ته ..... لوح محفوظ بابت جيڪي به اسانکي ڪلام الاهي سمجهائي ڏني آهي ته هر مسلمان کي به فقط اُن تي ئي اِڪتفا ڪرڻ لازم آهي باقي اُن بہ نسبت وڌيڪ لنڪوت ڪرڻ ۽ اُن جي جاچ جوچ ڪرڻ ۾ احڪام مندا اونداي ڪانبہ نجاو رکري وهمن جا واهڙ وهائڻ ڪمال نادانيءَ گمراهي آهي سو! سمجهو ته لوح هڪ تختي يا فرجي مثل يا ڪتاب وانگر آهي جنهن ۾ هر مخفي يا ظاهر آسماني يا زمين جي جيڻ مطلب ته تمام ڪائنات جي سيني شين جو شمار بعد اُنهن جي حالات آئنده موجوده تقديرات وتدبيرات وغيره مرقوم شده آهن جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالیٰ

﴿وَمَا مِنْ غَائِبَةٍ فِي السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ إِلَّا فِي كِتَابٍ مُّبِينٍ﴾

(قرآن - ٢ - النمل - رڪوع ٢)

معنیٰ :- آسمان ۽ زمين ۾ ڪا به اهڙي ڳجهي شيءِ نه آهي جا اُن پڌري ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ (لکيل) نه آهي -

٢ ﴿بَلْ هُوَ قُرْآنٌ مَّجِيدٌ فِي لَوْحٍ مَّحْفُوظٍ﴾ (قرآن - ٣ - البروج رڪوع ١)

معنیٰ بلڪ هي سڳورو (عزت وارو) قرآن آهي جيڪو محفوظ تختي (رجي لوح) ۾ لکيل آهي)

اِتان معلوم ٿيو ته ڪائنات جي هر چيز پوءِ اُها ڇا هي زمين ۾ هجي يا هجي آسمان ۾ هجي اُن لوح ۾ حفاظت سان لکيل آهي ۽ اِهي ڳالهه ثابت ٿي ته هي

قرآن پاڪ به اُن ۾ محفوظ ٿيل لکيل آهي. باقي اُن جي اکرن جي رنگ بابت خداوند
تعاليٰ ڪٿي به اهڙو بيان ڪونه فرمايو آهي جنهن ڪري اوهان خود اهڙو سوال
اُٿاري رهيا آهيو...... پر...... اوهان جي ان سوال جي متعجب نوعيت مان
هي پڪ يقين ٿئي ٿو ته جهڙيءَ طرح توهان خود رب العالمين جي ديدار اصلي
۾ عظيم ترين غلطي ۾ پيل آهيو ۽ اهڙيءَ طرح وري عرش عظيم جي ماهيت
۽ ڪرسيءَ جي حقيقت کان نا آشنا آهيو ۽ انهن جي ديدار لاءِ اوهان وٽ
فقط پنهنجويءَ گمان ۽ وهم آخرين حجت طور ثبوت لس آهي ته اِن وانگر
لوح محفوظ جي ڏسڻ ۾ به توهان ساڳيءَ قسم جي غلطيءَ ۾ غلطان ٿيل
ڏسڻ ۾ اچو ٿا. سو..... بالآخر مطلب ته.......

اوهان جي مذڪوره تنهين اُٿاريل سوالن جي جوابن ۾ مٿين سڀني
مختلف پيش ڪيل قرآني آيتن ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيل بحث مان
ثابت ڪيو ويو آهي ته...... توهان سچ پچ نه خدا ڏٺو آهي ۽ نه وري ئي
عرش يا ڪرسيءَ ۽ لوح محفوظ جو صحيح معائنو ڪيو آهي جنهن مان ته الله
تعاليٰ جي رويت اصلي جيڪا دنيا جي حياتيءَ ۾ هنن اکين سان بروئي دلائل
قرآن قطعًا ناممڪن آهي سا دعويٰ ئي توهان جي ڪامل ڪذاب هجڻ لاءِ
پڪو ثبوت لس آهي...... باقي رهيو عرش ڪرسيءَ ۽ لوح محفوظ جو ڏسڻ
سو انهن مقامات عاليه جو ديدار بنظريه علم باطن جيتوڻيڪ غير
ممڪن نه آهي تاهم توهان جيڪي انهن بنسبت اُٿار ۽ ويا بيان ڪيا
آهن سي ۽ توهان جا طور ۽ افعال خود اُن اوهان جي رؤيائي مذڪوره جي
تڪذيب ۾ تخريبي ڪارروائي قرار ڏيئي چڪا آهن ٿا. ڪيئن جو جن مقامات
عليا جي ديدار جي اوهان دعويٰ ڪئي آهي سي عجائبات ڏسڻ حقيقت
۾ هڪ مقرب ۽ هڪ منظور نظر خدا جي بانهي جي ئي شايانِ شان آهن
جو نه جنهن آدمي خداوند تعاليٰ جو قرب ۽ اُن جي رضا حاصل ڪري ٿي ته
اُن مڪرم هستيءَ لاءِ انهن مقامات احسن (عرش، ڪرسي، لوح محفوظ وغيره)
جو ڏسڻ بعيد از قياس نه آهي ۽ انهن بزرگ شخصيتن واسطي وري هي پڻ

لائق هي اهڙا هوندا آهي ته اُهي اوصاف مذڪوره سان موصوف ٿيل مقبول ياهل خاص طرح معبود حقيقي جي عبادت (يا خب يا بندگي) ۾ هر وقت همه تن مصروف ٿيل هوندا آهن، جنهن جي قرب الٰهي ۾ اُنهن حاصل ٿيندو ويندو ۽ اُهي تن تن عبادات الٰهيه جي شغل ۾ مزيد اندر مزيد ترقي ڪندا ويندا آهن! جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالیٰ :-

إِنَّ الَّذِينَ عِندَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِهِ وَ يُسَبِّحُونَهُ وَلَهُ يَسْجُدُونَ ۩ (قرآن - ۹ - الاعراف - رڪوع ۲۳)

معنیٰ:- بيشڪ جيڪي تنهنجي رب جي نزديڪ (اوليا ءالله) آهن سي اُن جي عبادت (بندگي) کان تڪبر (ضد) نٿا ڪن ۽ اُن جي واکاڻ ٿا ڪن ۽ اُنکي سجدہ ٿا ڪن (نماز ادا ٿا ڪن)

ها... ۽ برخلاف اُن جي جيڪي آدمي وري خدا جي عبادت کان روگرداني ڪندا آهن سي ته هيٺ تحريڪيل احڪام قرآن موجب لازمًا عذاب جهنم جا مستحق آهن ۽ اُهني ڪڏهن به اعراض ذڪر الله (خدا کي وسارڻ) سبب قرب الٰهي حاصل ٿي نه سگهندو ته پوءِ جنهن صورت ۾ اهي خداوند تعالیٰ جا ذو مغضوب ومقهور آهن ته اهڙن درگاه ايزدي ۾ ان تي پلين لاءِ مقامات عليا جو ديدار ٿيڻ به ناشدني امر آهي! جيئن ته:- قال الله تبارڪ وتعالیٰ:-

إِنَّ الَّذِينَ يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِي سَيَدْخُلُونَ جَهَنَّمَ دَاخِرِينَ (قرآن - ۲۴ - المؤمن - رڪوع ۶)

معنیٰ:- تحقيق اُهي جيڪي عبادات نٿا ڪن سي جلد ئي جهنم ۾ خواري ءَ سان داخل ٿيندا-

هاڻي اُنهن مذڪوره واضح حقيقتن کي سامهون رکندي جيڪڏهن

اوهان جي دعويٰ ڏيڻ ۽ مقامات خفيه عاليه کي اوهان جي ڪرتوتن ڪارنامن
سان ڀيٽ ڪري ڏٺي ته اوهان پنهنجي دعويٰ ۾ بلڪل ڪوڙا ۽ مفتري ثابت
ٿيو ٿا - جو ته اوهان جي حياتي جو مکيه مشغلو ئي آهي خدا تعاليٰ جي عبادات
کُلي کان روگرداني ۽ سرڪشي ڪرڻ ۽ اهڙي طرح اعراض ذڪر الله (خدا جي ياد
کان منهن موڙڻ) آهي موجب عذاب جهنم - ته اهڙين هڪ مغضوب ومقهور
شخص کي مقامات اعليٰ عليين جو ڏيڻ ۽ ڪيئن ۽ ڪيئن حاصل ٿي سگهي؟!

جا توهان نماز روزه - حج زڪوة وغيره احڪامات خداوندي تي عمل
ڪرڻ کان بيزار نه آهيو؟ جا توهان هر فرمان رب العزت تي طعنه زني ۽ اُن جي
پسند ڪيل دين اسلام جي سڀني اصولي خواه فروعي حڪمن تي ٺٺول بازي
ڪندا نه آهيو؟ جا توهان مناعِ للخير (چڱن ڪمن کان روڪيندڙ) نه آهيو؟
جا توهان دنيا ۾ اسلام جي مسلمانن جي بنيادي عقيدن جي صاف اُبتڙ عقيدا
رکندڙ نه آهيو؟ هائو آهيو ۽ ضرور آهيو!! پوءِ ..... جنهن صورت ۾ توهان جو
علمي - عقلي - عملي مطلب ته هر نوع جو ڪارنامو اسلامي دين جي تابعدارن
(مسلمانن) جي بنيادي عملن جي صاف اُبتڙ ۽ خلاف آهي ۽ توهان جي تبليغي ڪار
روائي نظريه قرآن جي ضد ۾ رائج آهي ته انهي صورت ۾ اوهان انهن مقامات مقدس
(عرش - لوح - ڪرسي وغيره) جي زيارت کان مشرف ڪيئن ٿي سگهو ٿا جن
جي رويت لاءِ لازمي شرط آهي "ڪامل متابعت دين الله (اسلام يعني شريعت محمدي
صلي الله عليه وسلم جي مڪمل تابعداري)

اي مالڪ حقيقي جي حاڪميت ۽ اُن جي رائج ڪرده قانونن کي ڏڪاريندڙ بليد
پاڻي ۽ مان پيدا اٿيل ماڻهو! ياد رکو ته بلڪل ياد رکو ته جنهن به انسان جا تمام
ڪم شيطاني هجن ته انهي لاءِ ديدار رحماني تمام مشڪل نه بلڪ ناممڪن آهي!
آهي!!

هائو توهان جي انهن مذڪوره سوالن جا مڪمل ۽ مفصل جواب صرف قرآني
واضح دليلن ذريعي چڱيءَ طرح ڏنا ويا آهن پر ..... انهي هوندي به مباحثن
اسان جي انهن پيش ڪيل جوابن کي غير صحيح سمجهي ۽ اعتبار نه ڪيو اٿن ڪري جواب

مندر جي صحت کي بردئي دلائل منطقيه تسليم ڪرائڻ لاءِ آخري طرح هن هيٺ اهڙا چند منطقي دليل پڻ تحرير ڪري پيش ڪجن ٿا.... تان ته مَن توهان سوچ ويچار ڪري سمجهو!!

١ اوهان کان جيڪڏهن لنڊن جي هاءِ ڪورٽ جي دروازن ۽ اُن جي بناوت ۽ رنگ روپ بابت پڇيو ته يقينًا اُن جي جواب ۾ انڪار ئي ڪندؤ جي نه ته ٻه هڪ جي ٻڌائي ويندؤ... پوءِ ڀلا جنهن شخص جي رفتار نظر پنهنجي پيرن جي اڳيان تائين محدود آهي جو هو تمام عالم کان مخفي ذات باري تعاليٰ ۽ اُن جي عرش ۽ ڪرسي ۽ ڪي هر وقت ويٺو ڏسي نه پوءِ.... اِن صورت ۾ ڪهڙو سبب آهي جو هو اِهڙي تيز نظر وارو پڻ الهي سان لنڊن جي هاءِ ڪورٽ کي جيڪا زمين جي تختي تي ظاهر اڏيل آهي ڏسي نٿو سگهي؟!

ها.... نه فقط ايترو بلڪ سائين وقت الهي هاءِ ڪورٽ جو مڪمل نقشو ۽ [...] اُن لوح محفوظ ۾ به داخل ٿيل آهي جنهن جي نه ڳوڙهيل عبارتن جي مطالع جي دعويٰ ڪئي اٿو. پر اُن ۾ جيڪي اڪر عڪ ترتيل آهن تن جي رنگن جي معلومات جي بنا ڪ [...] پڻ هنئي اٿو... ته پوءِ... ڀلا جي ڪري اُن ۾ درج شده ڪورٽ جي ماهيت به اُنها کان مات ۾ آهيو؟

اِنان معلوم ٿو ته ثابت ٿيو ته توهان جي اِها سموري عالم خفيه جي رويت واري دعويٰ مردود ۽ غير معتبر آهي!

٢ اُن قادر جي ڪتاب (لوح) ۾ جڏهن ته هر شئي جي آينده ۽ موجوده تقدير تدبير مرقوم شده آهي.... ها.... پوءِ جيڪڏهن اوهان اُن لوح محفوظ کي جاءِ طرح مطالع ڪري چڪا پوچهي هان ته جيڪر پنهنجي فرزند (علي گوهر) جي ٻي شادي جي زحمت سر تي ڪدا ڪرا نه فرمايو هار ملي گوهر ٻي شادي ڪئي جنهن مان اولاد نرينه وغيره جي نااميدي بعد طمع حاصلات اولاد ڪيس ٻي شادي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ نيٺ پڻ پيري ٻيهر شادي ڪيائين (ڪئين جو نڪاح نمبر اول مان اولاد بيه انه نه ٿيڻ جي تقدير جڏهن ته لوح محفوظ ۾ لکيل هئي ته ڏهن ڏينهن ڪ... واقعي اوهان اُن جو مطالع ڪيو هجي ها ته بعد ان معلومات صحيح هڪ تي مطلب

حاصل ڪرڻ لاءِ ٽي دفعا تڪليفون سهي ڪندا هن پر نه سهوها پر سمجهي ٿو ته اوهان
اُن حقيقي لوح جي بدران ڄڻ ته ڪائي بندي بنائي ڏني آهي جنهن ڪري پنهنجي جهالت
سبب لوح محفوظ ڪري پاڻيو اٿو سو جيڪڏهن سُستت پنهنجي غلطي محسوس
ڪري اُن جو ازالو نه ڪيو ته ممڪن آهي جو ڪيس (علي گوهر ڪي) وري ٽين شادي
به نه ڪرائي وڃو!!

٣ اُن لوح خدائي ۾ هي قرآن پاڪ بر ڪين آيا مذڪور سابقه سمورو تحرير شده
آهي تنهن صورت ۾ وري توهان جو علم قرآن کان قطعي جاهل هجڻ اوهان جي
لوح محفوظ جي دبدبي جي غلط هجڻ لاءِ آخرين ثابتي آهي جو ته جيڪڏهن سچ
پچ توهان جو اُن لوح محفوظ جو مطالع ڪيل هجي ها - جنهن ۾ هي سمورو فرقان
حميد تڪيل آهي ته جيڪر ڪڏهن به اهڙا واهيات سوال نه اُٿاريو ها جن جو
مفهوم ڪلام الهي جي صاف ۽ صريح آيتن جي بلڪل برعڪس آهي..... (جئن ته
ظاهر الله تي هٿ رکو - شيطان جو ماڻهو ڪهڙو آهي؟ حق اليقين ڪيئن آهي؟
يقين حاصل ٿيو ته عبادت خدا جي معاف ٿي وئي - نماز پڙهڻ هڪ بيڪار عمل
آهي - وغيره وغيره)

هاڻي اميد ڦوي آهي ته پيري ساري سمجهاڻي بعد ضرور ڪجهه نه ڪجهه پنهنجي هن
حالت تي ويچار ڪري رب آڏو نادم ٿي ڪيل ماسلف خطائن جي بخشش لاءِ
سندس دربار معلى ۾ سر به سجود ٿي سعادت دارين لاءِ سعيه ڪندؤ!

سوال نمبر ٥ - بهشت جو دروازو ڪهڙي طرفان آهي؟
دروازه تي ڪير بيٺل آهي ۽ اُن جي صورت ڪهڙي آهي؟ حورن کي ڪپڙا
ڪهڙي رنگ جا آهن ۽ انهن جي جسم جي مشابهت ڪهڙي آهي؟ بهشت
جي وڻن جو دستور ڪهڙو آهي؟ انهن جو قد ڪيترو ۽ بهشت جي ديواري
جو نمونو ڪهڙو آهي؟

جواب:- اوهان جي مذڪوره مجمل سوال جا هونئن ته گهڻائي جواب
پهلوتي سگهن ٿا مگر جيڪڏهن سوال کي گهري نظر سان ڏسبو ته معلوم
ٿيندو ته بهشت ۽ اُن سان تعلقدار چيزن جي اصلي حقيقت جي باري ۾

جا ڪيل معلوم ٿيندي، اهڙي طرح سوال مذڪور جا وڌ ۾ وڌ ٻه پاڳاٿي سگهن ٿا، جواب پڻ انهن پاڳن موجب ڏيڻ ٺيڪ ٿيندو. اهي مڪيه حصه سوال جا آهن (۱) بهشت جي بناوت (۲) حورن جي شڪل شبياهت وغيره.

هاڻي بهشت ڇا آهي؟ اهو ڪنهن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي؟ ۽ آيا اهو هن حياتي ۾ مرڻ بعد، اسان ڏسي ان جي اصلي ڪيفيت معلوم ڪري ان مان ڪي قدر حظ حاصل ڪري سگهبي ٿو؟ انهن چند حقيقتن جي مفصل اُپٽار نصوص قرآنيه ذريعه ڪرڻ اول ضروري آهي بعد ۾ اوهان جي ڪيل سوال کي انهن حقيقتن مد نظر قرآن جي روشني ۾ جاچي اُن تي اهڙي نظر کپي ته آيا اهو اوهان جو سوال گذشته چشم ديده سير حقيقت معنوي جي بنيادي اصول مطابق سچ پچ برابر آهي يا رويائي سابقه وانگر مڪر ۽ مغالطه مراجي هيٺ به هت جي ناهي ڪيئي هنيون اٿو. اِن مدلل بحث ذريعه هي ڳالهه به پڻ صاف ٿي ويندي ته برابر توهان اهو جنت اُئي بهشت ۾ حورون ڏسي آيا آهيو يا ڪو ٻيو مڪان بڪان يا اصلي حورن جي بجاءِ ٻيون ڪي ٻيون زالون يا لون ڏسي پيلا آهيو!!

هاڻي بهشت ڇا آهي؟ اُن جي حقيقت ڪيئن آهي؟ اِن سموري معامله بابت خدا تعالى ڇا ٿو فرمائي سو ٻڌو:- قال الله تبارك وتعالى -

سَابِقُوْا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَاءِ وَالْاَرْضِ اُعِدَّتْ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ؕ

(قرآن - ٢٧ - الحديد - رڪوع - ٣)

معنى - پنهنجي رب جي بخشش ۽ اُن جي بهشت ڏي جلدي هلو (حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريو) جنهن (بهشت) جي ويڪراڻ زمين ۽ آسمان جي ويڪرائي وانگر آهي ۽ اهو (بهشت خاص) انهن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي جن خدا ۽ سندس رسولن تي ايمان آندو آهي -

وَسَارِعُوْا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ
وَالْاَرْضُ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝ (قرآن - ٤ - آل عمران - رڪوع ١٤)

معنيٰ :- رب جي بخشش ۽ اُن جي بهشت جي (حاصلات) لاءِ جلدي ڪوشش
ڪريو جنهن جي ويڪر اُٿي آسمان ۽ زمين جيتري آهي ۽ اُهو بهشت فقط
پرهيزگارن لاءِ تيار ٿيل آهي -

هاڻي ڪلام رب العٰلمين جي مذڪوره آيتن مان هي ثابت ٿيو ته بهشت
هڪ خاص قسم جو نهايت وسيع مڪان آهي جو خاص طرح پرهيزگار ماڻهن واسطي
سندن لاءِ بطور انعام تيار ڪيو ويو آهي - اُن جي وُسعت ۽ فراخي جو اندازُ
اِهو تخمينًا ڪيو ويو آهي ته اُن جي ويڪر اُٿ آسمان ۽ زمين جيتري آهي ۽ هي ته
جهڙيطرح مؤمنن ۽ متقين کي اُن جي حاصلات جي تحريص ڏياري ويئي آهي -
اِهڙيطرح جهنم جو ڀي خاص ڪافرن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي ته عام مسلمانن کي
اُن ۾ وڃي پوڻ کان ڊرڪيو ۽ خبردار ڪيو ويو آهي جيئن ته :- قال الله تبارڪ وتعالىٰ

وَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ۝ (قرآن - ٤ - آل عمران - رڪوع ١٤)

معنيٰ :- اُن باه کان بچو جيڪا خاص ڪافرن لاءِ تيار ڪئي ويئي آهي -
مطلب ته بهشت آهي جهنم جو ضد - بهشت راحت ۽ عيش آرام جي جاءِ آهي
ته دوزخ وري اُن جي اُبتڙ عذاب - ذلت ۽ خواري ۽ بي آرامي جي جڳهه آهي -

هاڻي بهشت جي جامع حيثيت بحڪم قرآن اِها آهي جيڪا مٿي بيان ڪئي
ويئي آهي - تو هاڻ جو سوال آهي ته اُن بهشت کي دروازا ڪيترا طرفان آهي ۽ اُن
تي ڇا بيٺل آهي ؟ وغيره - ته اِن جي جواب لاءِ هيٺين ڪلام پاڪ جون
آيتون پيش ڪجن ٿيون جن تي ابت ويچار ۽ سوچ ڪرڻ ضروري آهي -
قال الله تعالىٰ وتبارڪ وتعالىٰ :-

وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا

وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خَالِدِيْنَ ۝ (قرآن - ٢٤ - الزمر - رڪوع ٨)

معنیٰ - جيڪي پنهنجي رب کان ڊنا (اُن جي پڪڙ ۽ عذاب کان ۽ ان ڪري ان تي سدائين عبادت ۾ مشغول رهيا) تن کي ٽوليون ٽوليون ڪري بهشت ڏي روانو ڪيو ويندو. جڏهن اُن (بهشت) وٽ ايندا ته اُن جا دروازا کوليا ويندا ۽ اُن (بهشت) جا چوڪيدار (ملائڪ) اُنهن (مؤمنن) کي چوندا ته اوهان تي سلام هجي - اوهان خوش رهو - پوءِ اُن ۾ هميشه رهڻ وارا ٿي داخل ٿي وڃو -

آية مذڪوره جي مفهوم جي روشني ۾ جيڪڏهن اوهان جي ڪيل سوال ته "بهشت جو دروازو ڪهڙي طرفان آهي ۽ اُن تي ڪير بيٺل آهي؟" کي ڏٺو وڃي ته اوهان جي اُن مسئول حقيقت مطابق بهشت کي هڪ دروازو نه آهي بلڪ بيش ڪرده آية جي لفظن "اَبْوَابُهَا" موجب گهڻائي دروازا آهن انهيءَ طرح سوال ته "دروازي تي ڪير بيٺل آهي؟"

موجب اُن تي هڪ چوڪيدار يا دربان بيٺل نه آهي بلڪ جنهن صورت ۾ دروازا به گهڻا آهن ته لازمًا اُنهن تي انهن موافق چوڪيدار به لفظ آية "خَزَنَتُهَا" مطابق تمام گهڻا آهن.

هاڻي اوهان جي ان اهڙي غلط ثابت شده سوال مان معلوم ٿو ٿئي ۽ يقين پيو ته اوهان اُن اصلي خدائي بهشت جي بجاءِ وڃون ڪا جاگهه ئي پئي ڏٺي آهي جنهن کي رب پاڪ واري بنايل بهشت جي خلاف رڳو هڪ دروازو ۽ اُن تي بيٺل فقط هڪ شخص آهي يا وري موڪو ڪجهه نه ڏٺو ٿو بلڪ خالي ڏڪوسلو ٿو اِن لاءِ ته بين اوجهن کي ڪيل سوال ذريعه ڪي قدر حيرت ۾ وجهو ۽ انهن جي جهالت مان فائده وٺندي ڪين پاڻ ڏانهن متوجه ڪري پنهنجو تابعدار بڻايو! خير..... هاڻي اچو ٿا متعلق ٻئي سوال تي! جهنم ۾ نوها پچڻ فرمايو آهي ته ووحور نکي ڪيترا ڪهڙي رنگ جا آهن ۽ انهن جي جسم جي مشابهت ڪهڙي آهي؟..... ها..... اِن لاءِ اِها ڳالهه ته تسليم شده آهي

۽ جنهن جو اُهان به خود اعتراف ڪندو ته "حورون بهشت ۾ ئي سڪونت پذير آهن"، اهڙيءَ طرح سوال مذڪور جي اول حصه تي حوالي بحث مان واضح طور ثابت ڪيو ويو هو ته وهابين اهو بهشت جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو خاص نيڪوڪارن عابدن متقين ۽ مؤمنن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي سو ته وهابين هرگز نه ڏٺو آهي جنهن ته اهو صحيح بهشت جنهن جي وسعت ۽ ڪشادگي زمين ۽ آسمانن جيتري آهي ۽ جنهن کي هڪ ته ٻر ڪيترائي دروازا آهن ۽ اُن تي هڪ ٻر ڪهڻائي چوڪيدار بيٺل آهن تنهن اصلي بهشت جو ڪو خيالي خاڪو به وهابين جي دماغ ۾ جاءِ وٺي نه سگهيو آهي ليڪن برخلاف اُن جي وهابين ته اُن تنگ جاءِ ۽ محدود مڪان کي بهشت ڪري سمجهيو آهي جنهن کي فقط هڪ دروازو ۽ منش هڪ دربان آهي سو هاڻي پڪ ٿي ته جنهن صورت ۾ وهابي ٻئي جنت واري دعويٰ ۾ ئي خود ناحق ثابت ٿيا آهيو ته باقي اُتان جي پرده پوش ساڪنات (حورن) جي ديدار واري بناوٽ ۾ ڏي ڪيئن ۽ جو حق تي هوندو؟! علاوه جهڙيءَ طرح هن کان اڳ ۾ وهابين پهچي ٿو ته اهل حق مقامات باطني جي رويت ۾ جيئن ته عرش - ڪرسي - لوح محفوظ ۽ خود الله پاڪ) عظيم ترين غلطي ۾ غلطان ٿيو ته باقي بهشت ۽ حورن بهشت جي ڏسڻ ۾ ڪيئن ۽ جو حق بجانب هوندو؟! ..... پر اِن هوندي به ......

هن هيئت بموجب (فرمانِ الاهي جنت جي حورن جي جامع توصيف از آيات قرآنيه ظاهر ڪري پيش ڪجي ٿي - جنهن بعد ئي پڪي طرح معلوم ڪري سگهبو ته سچ پچ وهابين اُهي جنتي حورون ڏٺيون آهن يا ڪي ٻيون بلائون نظر ۾ آن ڪيون (توبا سو گوسوائي) ڪٿهن به شئي جي ڏسڻ جي فقط خالي ٻڌائي ۽ ڪوڙهي ونيا آهيو! قال الله تبارڪ وتعالیٰ

1 وَحُورٌ عِينٌ كَأَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُونِ -

(قرآن - ٢٧ - الواقعه - رڪوع ١)

معنیٰ:- وڏين اکين وارين حورون جهڙڪ ڍڪيل موتي آهن

٢ حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِي الْخِيَامِ - (قرآن - ٢٧ - الرحمٰن - رکوع ٣)

معنیٰ:- اهي پرده نشين حورون تنبن ۾ آهن ؛

٣ فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَانٌّ

(قرآن - ٢٧ - الرحمٰن - رکوع - ٣)

معنیٰ:- اُن (بهشت) ۾ هيٺ نگاهه رکڻ وارين حورون هونديون جو کين هن کان اڳ نه ڪنهن انسان ۽ نه ڪنهن جن ڇهيو ڏٺو يا هٿ لاتو هي

٤ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ عِيْنٌ ۔ كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ ؛

(قرآن - ٢٣ - الصّٰفّٰت - رکوع ٢)

معنیٰ:- ۽ انهن (بهشت ۾ نيڪوڪارن وٽ) سهڻين اکين وارين ۽ هيٺ نگاهه رکندڙ يون عورتون هونديون گويا اهي ڍڪيل آنا آهن -

هاڻي پيش ڪرده آيات قرآنيه مذڪوره مان حورن بنسبت هي حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته اهي بهشتي حورون نهايت پاڪيزه - پرده نشين ۽ تنبن ۾ هونديون آهن - اُنهن جي تعريف ۾ پردي داري لاءِ بطور تمثيل تنبن ڍڪيل موتين ۽ بند ٿيل آنن سان تشبيهه ڏني وئي آهي ۽ اهي ماڻهن - عابدن - نيڪوڪارن نمازين ۽ خدا جي مقبول ٻانهن لاءِ سندن انعام خاطر خلقيون ويون آهن ته ......

هاڻي جنهن صورت ۾ اهي حورون مذڪوره بيان قرآن مطابق محفوظ پرده ۾ لڪل آهن ۽ ڪو به انسان يا جن انهن کي هٿ سان يا بنظر چشم ڇهي (يعني هٿ لائي يا ڏسي) نٿو سگهي ته اِن صورت ۾ اوهان جي بهشت جي حورن جي ڏسڻ

وڏي ٻڌاڪ جي برابر ۽ سچو سمجهڻ جي ڪمال جهالت ۽ ناداني ٿيندي- فرمان ته ان
موجب ڪوبه انسان دنيا جي حياتي ۾ اُهن حورن کي ڏسي سگهي سا ڳالهه نا
ممڪن آهي ۽..... پر اوهان جي ڪيل سوال مان معلوم ٿو ٿئي ته اوهان اُهن
حورن جو اپٽ پڻو ۽ ته ويجهائي ۽ سان معائنه ڪيو آهي جو اُهن جي ڪيڙن
جوڙ، تڪ پسند ۽ جسماني ڌاوت وغيره به معلوم ڪري ڇڏيا آهي جا لاف ۽
ٻڌاڪ بروئي دلائل قرآن اوهان جي خود اِن دعوى جي مڪمل تڪذيب لاءِ
پڻ ڪافي وافي آهي......!!

اي نفس ۽ شيطان جي مڪمل تسلّط هيٺ آيل انسانؤ! پڪ ڄاڻو ته
واقعي جيڪڏهن اوهان ڪي حسين ۽ جميل عورتون ڏسي چڪا آهيو
۽ اُهن کي پنهنجي ذاتي وهم ۽ گمان ۾ بهشت جو حورون ڪري ڀانيو آهي ته
پڪ ڪري ڄاڻو ۽ يقين ڪري ڀانيو آهي ته پڪ ڪري ڄاڻو ۽ يقين ڪري سمجهو
اُهي حسين ۽ جميل وهمي مجسمات بموجب فرمان خداوند تعالى جنتي
حورون هرگز نه ٿيون بلڪ اِن صورت ۾ اُهي تانيث الشياطين (ماديون جنّيون)
هجن ته البت اها ڳالهه يقين ڪرڻ ۽ ويسهڻ جهڙي آهي ..... جو ته هن کان
اڳ ۾ به اوهان شيطان جي شڪل صورت- مُهاندي جي ظاهر ظهور ڏسڻ ۽
اُن جي پڌري پٽ ديدار ڪرڻ جي دعوى ڪري چڪا آهيو ۽ جيڪو ديدار
بروئي نص قرآن ٻئي ڪنهن به فرد بشر لاءِ ممڪن نه آهي ۾ جڏهن ته ماديون
جنّيون به شيطان جون زالون يا اُنهن جو ڪٽنب ئي آهن- اِن حالت ۾ جيڪڏهن
اوهان اُهن جنن جي عورتن (جنّيون) کي به ڏٺو آهي ته سچ پچ توهان جي
اهڙي باطني مشاهده جي دعوى کان انڪار ڪرڻ ۽ اُن کي غلط ثابت
ڪرڻ جو اسان وٽ ڪو سبب ئي ڪونه آهي بلڪ اوهان جي اهڙي ويٺ
مذڪوره کي تسليم ئي ڪرڻو پوندو.....!!

هاڻي ڏي اچو- بهشت جي وڻن جي صفائي ئي..... جن لاءِ سوال ڪيو
اٿو ته " بهشت جي وڻن جو دستور ڪهڙو آهي ۽ اُهن جو قد ڪيترو آهي
ها.... حقيقت هيءَ آهي ته بهشت ۾ جيڪي به اشيائي انعامي آهن سي

دنيا جي چيزن جي بلڪل عين مطابق هرگز نه آهن باقي انسان جي محدود سمجهه
موافق سند ن ذهنن ۾ انهن جي تصور پيدا ڪري ڏيڻ لاءِ فقط تمثيلي
بيان ظاهر ڪيا ويا آهن سو،،، وڻ ته بهشت ۾ ضرور آهن پر انهي هنن وڻن
جهڙا نه آهن يا وري انهن ۾ جيڪا ميوات* ڪان بلڪل علحدي آهي مطلب ته بهشت
جي هر چيز پنهنجي نفاست ۾ يا ڪيفيت ۾ دنيا جي ڪنهن به اعلى حسين يا نفيس
نفيس ۾ يا ڪيفيت شيءِ جي عين مطابق اصلاً نه آهي، بلڪ جنت جي هر شيءِ
پنهنجي نوعيت ۾ دنيا وما فيها جي چيزن کان بلڪل جدا آهي نه ته انهن کان اعلى
۽ افضل آهي....

بهشتي وڻن جو نمونو ڪيئن آهي؟ ان لاءِ مثال خاطر قرآن پاڪ جي هڪ
آية شريف هن هيٺ پيش ڪجي ٿي.... جنهن ته:- قال الله تبارک وتعالى

مَا اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ وَّطَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ وَّ

ظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ۝ قرآن-٢٧-الواقعه-رڪوع ١)

معنى: (بهشتي) سڄي پاسي وارا ڪهڙي حال هوندا؟ لاسر بيرين (جي
جانو) ۾ ۽ پيريل ڪيون ۾ ۽ (انهن جي) ڊگهن پاڇن ۾ هوندا--.

المطلب ته بهشت جو وڻ هجي جا هي اُن جي پيدا ڪا شيءِ هجي جو صورت
هُن جو وجود اهڙو نه آهي جنهن باعث ساڪنانِ جنت (بهشت وارن) کي
ڪا تڪليف پهچي...... ڏسو ته پير جو وڻ جنهن ۾ ڪنڊا ضرور هوندا آهن ۽
انسان وغيره جي ڪجهه نه ڪجهه تڪليف جو سبب ضرور هوندا آهن ته بهشت
جي اُن وڻ ۾ پر ڪنڊا ڪو نهي..... خير-! پر،،، توهان ته بهشت ڏٺو
آهي هڪ دروازي وارو سوڙهو حالانڪ هيءَ جيڪا جنهن بهشت جي ڳالهه
پيئي ٿي هلي سو آهي اصلي خدائي بهشت ... هاڻي جڏهن توهان جو ٺهيل
بهشت رب واري پيدا ڪيل بهشت کان ٿي هر صورت ۾ نرالو آهي نه باقي الله پاڪ

* ورتل آهي، بنا بر دنيا جي وڻن واري ميوات

واري بهشت جاوڻ وري توهان ڇو ۽ ڪيئن ٿا ڏسي سگهو؟!

ها.... باقي ڳالهه رهي ٿي ته ڇا ڪو به آدمي چاهي ڪهڙي به منزل باطن جو صاحب ڇو نه هجي ته اهو شخص اُن جنت ۽ اُن جي باغن حورن - نهرن وغيره ڌهڄين جيڪا حقيقت ۾ آدمي ۽ جي انتهائي آسائش - راحت - خوشي ۽ عجيب ترين بيعد بي لذتن جي حامل آهي) کي چڱيءَ طرح ڏسي اُن مان لطف اندوز ٿي سگهي ٿو؟ ۽ دنيا جي حياتيءَ ۾ ڪنهن به فرد بني آدم لاءِ اهو بي مثال حظ حاصل ڪرڻ ممڪن آهي؟ ان حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ ٻه ٽي هيٺ آيات قرآن پيش ڪري اُن موجب توهان جي هن هلندڙ سوال ۽ تبصره ڪري آخرين راءِ قائم ڪرڻ سان هلندڙ جوابي بحث کي ختم ڪبو (اِنْشَاءَ اللهُ تَعَالىٰ) قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ:

إِنَّمَا يُؤْمِنُ بِآيَاتِنَا الَّذِينَ إِذَا ذُكِّرُوا بِهَا خَرُّوا سُجَّدًا وَسَبَّحُوا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُونَ ۝ تَتَجَافَىٰ جُنُوبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُونَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَطَمَعًا وَمِمَّا رَزَقْنَاهُمْ يُنْفِقُونَ - فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّا أُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ أَعْيُنٍ - جَزَاءً بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ

(قرآن - ٢١ - السجده - رڪوع ٢)

معنىٰ - اسان جي آيتن (قرآن) کي (حقيقت ۾) اهي مڃين ٿا (جو) جن جڏهن اُن (قرآن) مان انهن کي نصيحت ڪجي ٿي ته اهي (ايماندار) سجدو ڪندي ڪري پون ٿا ۽ خدا جي واکاڻ ۽ پاڪائي بيان ڪندا آهن (خدا جي عبادت کان) تڪبر (ياهوڙ) نٿا ڪن - سندن پاسا سمهڻ واري جاءِ کان پري هٽندا

يعني اهي شب خيز ۽ تهجد خوان آهن) پنهنجي رب کي (هر وقت) عذاب جي
خوف کان ۽ (انعامات اخروي جي) لالچ سان پڪاريندا آهن. ۽ اسان جي
ڏنل رزق مان (في سبيل الله) خرچ ڪندا آهن (زڪواة صدقات ڏيندا آهن)
پوءِ جيڪو اکين جو ٺار (راحت لذت) اُهن (حقدارن جنت) کان لڪايو
ويو آهي) سو ڪو به شخص نٿو ڄاڻي - جيڪي (نيڪ ڪم) ڪندا هئا ته اُهو
پراز (راحت ۽ بي انتها لذت وارو بهشت) تن جو بدلو آهي

هاڻي ظاهر آهي ته جنت جون نعمتون اُهي آهن جن کي انتهائي مسرت وارو
اکين جو ٺار چئي سگهجي ٿو ته بمطابق پيش ڪرده آيه قرآن اهي تمام بهشتي
نعمتون ڪو به نفس ڪو نٿو ڄاڻي سگهي ۽ اُهي ته مطلق بلڪل پوشيده ۽
مخفي رکيون آهن نه با وجود ان قرآني حقيقت جي جيڪڏهن ڪو شخص وهي اها
ڳالهه ڪري ته مان جنت وَمَا فِيهَا سڀ ڪجهه ڏسي آيو آهيان ته ..... هو اهڙو آدمي
وغيره فائق جي فرمان مذڪور موجب ڪذاب - پنهنجي ۽ شيطان جي تسلط
هيٺ آيل ڪري ڄاڻبو -

چونڪه اوهان جي اهڙي دعويٰ جي نص قرآن جي صريحاً خلاف پيرڪوڙي
لاف هڻي آهي - تنهنڪري عام مسلمان اوهان کي به مذڪور القاب سان سڏڻ
۾ مجبور ۽ حق بجانب آهن -

ڄاڻڻ گهرجي ته اُهن آيات مذڪوره ۾ اُهن خفيه انعامات جنت جي صحيح
حقدارن جون جيڪي نشانيون ٻڌايل آهن سي پڻ هيٺين موجب آهن جن ته
اهي نماز پڙهندڙ - زڪواة ڏيندڙ - نور و آرام ڪندڙ عمدا جي قرآن پڙهڻ سان خوف
۽ پريشان زاري ۾ سجده ڪندڙ - شب خيز تهجد خوان - دوزخ جي عذاب جي خوف
۽ بهشت جي غير فاني نعمتن ۽ ديدار خدا جي طمع تي الله کي ياد ڪندڙ ۽
رب جي هر عبادت کان روگرداني نه ڪندڙ هوندا ..... ته هاڻي ذڪر
ڪيل معيار جي آڌار بهشت جي وارثن جا ساهمون رکي توهان جي ڪارنامن
جي هر پهلوءَ تي جيڪڏهن نظر ڦيرائبي ته منهن نشانات مقررين مان
هڪ نشاني به توهان ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي ..... نه فقط پيرو بلڪ ادهما

افعال - اقوال - ۽ اطوار - انهن مان ڪوئي اوصافن وارن عارفن جي ضد ۾ برعڪس ۽ ابتڙ آهن - پوءِ جا ..... باوجود ان حالت جي توهان جي ديدار بهشت وغيره جي دعويٰ تي جيڪو آهي اعتبار ڪري سو علم قرآن کان قطعي بي علم - جاهل ۽ بي وقوف نه چئبو؟ جا جيڪو شخص صاف طرح قرآني آيتن جي بلڪل خلاف وينو زهر افشاني ڪري ۽ پاڻ کي وري الاهي جانشين سمجهي ته پوءِ جيڪو شخص وري اُن جي ظاهري بناوٽ کي ڏسي انهن جي گفتار کي الهام الاهي جاڻي اُن جي تقليد جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڪي سعادت ابدي سمجهي ته اُهو نادان پنهنجي ان اندي تقليد سبب عذاب جهنم جو مستحق نه ٿيندو؟! ....

اي خلق خدا کي راهِ صراطِ مستقيم کان روڪي ڪري جهنم جي ڪُنن ۾ ڪيرائيندڙ خدا جا بنايل بندؤ! هاڻي پنهنجي مالڪ حقيقي کان باغي شيطان واري سلسله کي ڪٽي ختم ڪري پو اختم ڪريو!!

سوال نمبر (٦) چيار مقرب ملائڪ: - جبرائيل - اسرافيل - ميڪائيل ۽ عزرائيل - جن ڪاٿي رهن ٿا؟ انهن جي صورت ڪهڙي آهي منهن ڪهڙي طرف اٿن ۽ ويٺل ڇا تي آهن؟

جواب: - اڪثر ڏٺو ويو آهي ته توهان جي اُتاريل سوالن جي نوعيت ۽ اُنهن جو رنگ ڍنگ ڪنهن حد تائين مقرر ڪيل بنيادي اُصولن تي ٻڌل آهي جيئن جو خدا جي باري ۾ به توهان جو اهو سوال هو ته ”اُن (الله) جو منهن مبارڪ ڪهڙي طرف آهي ۽ عرش جي ڪهڙي ڪُنڊ ۾ ويٺو آهي“ ۾ هاڻي هت به ساڳي طرح مقرب چئن ملائڪن جي لاءِ اهڙو ئي سوال ڪيو ويل آهي ته اهي ڪاٿي رهن ٿا ۽ سندن منهن ڪاڏي آهي ۽ ڇا تي ويٺل آهن وغيره ۽ سو..... ها...... اوهان جي اُنهن ڪيلن سوالن جي رنگ ڍنگ مان سمجهجي ٿو ته خدا ۽ سندس ملائڪ توهان جي نظر ۾ شايد اهڙن بيجان بتن مثل آهن - جيڪي جُڙ جنهن جاءِ تي اڏل رکيا ويا هئا نه اڄ به جڙ اُتي پيا آهن ۽ جنهن طرف سندن منهن جو رُخ پهرين ڪيل هو ته هينئر به اُنهن جي مهاڙ اهي ئي طرف ڏانهن آهي گويا ڪين جُڙ بُت جي طاقت ئي ڪانه آهي ۽ اهي جنهن

ڏئي ٿو ته ڪي ٻئي ٻر وقت ويهاريا ۽ يا هُئا ته هن وقت به سنڌ ۾ ڏيک اهڙي ئي شئي ته آهي!!!

نهايت عجب جو وهان ٻنهي دنيائي ڪاروبار سُپرد شده انتظام خاطر ياهر ويرون ٻه هر ڳجهي ... ڪڏهن اڏيرانه ڪڏهن اوله ڪڏهن اُتر ڪڏهن ڏکڻ ۾ ڪنهن وقت هيٺ ته ڪنهن وقت مٿي تيرا سنڌ پيا رهو..... هاڻي هن طرح ڪڏهن مڪان اندر چانور ڪٽي ئي ڇڪي هنن ۾ جهليون ويا آهيو ڪنهن وقت وري اُس ۾ ڀنڀي نڪري ٿي ويا ڏندي ڪوڏي ڪي جُنبش ڏيارهيو ڪڏهن رب جي هيٺان وڃي پيا وقت گذاريو ته ڪڏهن وري مڪان جي مٿان پيا گهمو ڦرو. ازان سواءِ..... ڪڏهن سبز سموٽ جي محويت سبب حيراني ۾ ته ڪڏهن نماڪ ۽ ٻنگ جي معده وميت سبب پريشاني ۾ پياو ٿيا هيو مطلب ته هر لحظ ۽ هر گهڙي ۾ هزارن رنگن روپن ۾ مٽيا سٽيا پيا رهيا آهيو ته خدا مالڪ الملڪ منتظم حقيقي اوهان جي گمان موجب هڪڙي ڪا ۾ هڪ ئي شئي تي ۽ هڪڙي ئي طرف منهن ڪيون ويٺو هجي ۽ اهڙي طرح سنڌ ۾ مقرب ملائڪ به ساڳي ۽ طرح ڀڏي بوت هڪ ئي جاءِ ۾ واڙيا ويا هجن! ته ڇا اهڙن خيالن ۽ عقيدن وارن آدمي جي زبان مان نڪتل اهڙو هڪ هڪ لفظ شعلہ جهنم جي حيثيت نٿو رکي؟ ڇا هڪ ڪمترين عقل وارو مسلمان به اوهان جي ان تقريرن مان متاثر ٿي ۽ مالڪ اوهان لاءِ هي لقب تجويز نه ڪندو ته ”إِنَّ هٰذَا كَذَّابٌ أَشِرٌ“ (تحقيق هي آهي ڏاڍو ڪوڙو ۽ شرير)

تو هان کي ياد هوندو ته اوهان مون ڪي سوال شيطان جي شڪل شباهت يا مُنهن جي بابت پڇا ڪئي هئي جنهن جي جواب ۾ اسان قرآني آيتون پيش ڪري اُن مان (شياطين) (جنن) جي ذاتي پيدائش جي نوعيت بڻائي ثابت ڪيو هو ته اُهي شياطين (جن) انسان جي ڏسڻ کان بلڪل غائب آهن ليڪن هو (جن) آدمين کي ڏسي سگهندا آهن ۽ ياد ڪيو ويو ته جنن کان به رحجا اعلى آهن سي ڪيئن نا ظاهر ظهور ڏسي سگهجن! پو ۽ جڏهن جنن جو ڏسڻ ۽ انهن جي اصلي صُورت ڏسڻ ۽ معلوم ڪرڻ محال آهي ته ملائڪن جو منهن مُهاڻو ڏسڻ ۽

ٿيا ن صورت ۾ مسلمانن ڪي جنن جي خلقت ۾ ڌار ... نيسب

سنڌن بينڪ جو پئسو لڳائڻ جو نه غير ممڪن هوندو !!!

ياد رکڻ گهرجي ته تمام ملائڪ نوريءَ جي پيدائش آهن ۽ هو بموجب فرمانِ قرآن هميشه خداوند تعاليٰ شانهٗ معبود حقيقي جي عبادت جي شغل ۾ مشغول آهن جيئن ته قال الله تبارڪ وتعاليٰ -

وَالْمَلٰئِكَةُ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ۝ قرآن - ١٤ - النحل - رکوع ٦)

معنيٰ :- ملائڪ ربّ جي عبادت کان تڪبر يا وڏائي نٿا ڪن -

هاڻي ...... اوهان جنهن صورت ۾ ظاهري خواه باطني شيءِ جي صحيح ديدار کان ٿي محروم آهيو ۽ جنهن جي ثبوت لاءِ مٿي ڪافي ڪجهه بيان ڪري چڪا آهيون ۽ ايتريقدر ته اوهان جي نظر جي چشم ۾ سخت فتور واقع آهي جو ثابت شياطين (مادين سيرتين) کي ڏسي چئو ٿا ته آهي بهشتي حورون آهن - علاوه شيطان لعين جي مختلف صورتن ۽ شڪلين جو مشاهدو ڪندي اُهن مان ڪنهن کي خدا ته ڪنهن کي جبرائيل - ڪو ميڪائيل ته ڪنهن کي اسرافيل ۽ عزرائيل سمجهون ويٺا آهيو - ان سواءِ شيطانيت سان سينگاريل جڳهه کي بهشت برين ۽ ابليس جي عداوت حق جي سياه لڪير کي درختان جنت (بهشت جا وڻ) ڪري پيا ٿا پائيو !! ته اهڙي حالت ۾ ملائڪ مقربين مذڪور (جن جي ڏسڻ لاءِ نهايت پاڪيزه چشمهائي صحيح النظر باطنيه (پاڪ ۽ صحيح ديد وارين باطني اکيون) درڪار آهن) کي هڪ ڪوڙ باطن وظاهر شخص ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ڏسي سگهي !!

المطلب ته ...... جيئن جو اوهان جي اکين تي هر پردو سياه متعفن ۽ ٿين مٿان ٿهه چڙهي ويا آهن - سو جيستائين ڪه اوهان اُن حڪيم مطلق (الله) جي موڪليل نادر الوجود ۽ سريع الاثر نسخه (قرآن پاڪ) کي استعمال ۾ آڻي نشتر اسلام جي نوڪ سان اُهن پردن کي ڪوري ڪڍي بعد ’اَطِيْعُوا الله وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْل‘ جي سرمي کي دائمي طور استعمال ۾ نه آڻيندا ونه بوءِ ...... يقين سمجهو ته اوهان جي لاءِ اِها حقيقي نابينائي بالآخر اوهان کي اسفل سافلين

(اوڻهي ڪئي) ۽ ڪيترائي ٻيا باعث بڻيا جن ڪري اهي حقيقتون ان صورت ۾ ڪنهن کي عيان ٿي نه سگهنديون.

سوال نمبر (٦) ملڪوت ڇا آهي؟ ان ۾ ڪهڙي حقيقت آهي ۽ اُن جي تفصيل ڇا آهي؟ جبروت ڇا آهي؟ لاهوت. هاهوت ڪٿي آهن؟ دنيا ۾ آهن يا ٻئي عالم ۾؟

جواب:- سوالن کي قرآني احڪامن ماتحت حل ڪرڻ هن بحث جو اصل اصولي نقطو آهي جنهن مد نظر توهان جي هن پيچيده ۽ عبرت انگيز سوال کي به قرآني روشني ۾ ڏسڻ بعد اُن جو جواب اُن مطابق ڪلام الاهي مطابق ڏيڻ لازم ٿيندو.

هاڻي توهان جو سوال آهي.... ملڪوت- جبروت- لاهوت ۽ هاهوت جي حقيقتن جي واضح ڪرڻ ٿي ۽ اُن سان گڏوگڏ اهو به ته اهي ٻيون لاهوت ۽ هاهوت بابت پڇيو ويو آهي ته ڇا اُهي دنيا ۾ آهن يا ٻئي عالم ۾؟

هاڻي جيڪڏهن قرآن پاڪ جو بغور مطالعو ڪبو ته گهڻو ڪري سواءِ ”ملڪوت“ لفظ جي ٻين جو ڪو به نشان ڪونه ملندو.

.... ملڪوت ڇا آهي ۽ اُن جو تعلق انسان سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ان لاءِ اُهي چند ”ملڪوت“ لفظ وارا ٻيون آيتون ۽ اُنهن جي مڪمل معنيٰ هن هيٺ تحرير ڪجي ٿي جنهن مان پڻ ملڪوت جي سچي خبر پئجي ويندي ته هو ڇا آهي.... قال الله تبارڪ وتعالىٰ..

١- وَكَذَٰلِكَ نُرِيٓ إِبۡرَٰهِيمَ مَلَكُوتَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ وَلِيَكُونَ مِنَ ٱلۡمُوقِنِينَ ۝ (قرآن -٧- الانعام- رڪوع ٩-)

معنيٰ:- ۽ اهڙيءَ طرح اسان ابراهيم کي آسمانن ۽ زمين جا عجائبات (بادشاهي)

ڏيکاريندا رهياسون تان ته هو يقين ڪرڻ وارن مان ٿئي . . . .

٢ فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ

(قرآن - پ٢٣ - يٰس - رڪوع ٥)

معنيٰ:- پوءِ اها پاڪ ذات آهي جنهن جي قبضي ۾ هر چيز جي بادشاهي آهي ۽ (توهان سڀ) اُن ڏانهن موٽايا ويندؤ!

هاڻي... پيش ڪيل آيتن مان ”ملڪوت“ جي معنيٰ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي يا اُتان جا عجائبات يا وري ”هر چيز جي بادشاهي“ ۽ بس -

پوءِ... جيڏهن ته ملڪوت جي معنيٰ فقط ”بادشاهي“ ته اِتي وري اهو سوال اُٿاري ٿو ته اُن جا ويڇا آهي ۽ اُن جي اندر ڪهڙي حقيقت آهي؟ هڪ بلڪل بي معنيٰ ۽ بي سوچ آهي جنهن جو حقيقت ۾ ملڪوت سان ڪو به واسطو ڪونه آهي....

اوهان کي ياد هوندو ته هن کان اڳ ”اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ“ آية پاڪ تي هي سوال ڪيو ويو هو ته ڇا اهو حق اليقين مڪي ۾ آهي يا مديني شريف ۾؟ اهڙي طرح ٻئي هِن سوال ۾ هو ساڳيو جاهلانه مظاهرو ڪري ڏيکاريو اٿوَ! اِن ڪري اِتي وڌيڪ طويل بحث ڪرڻ عبث ٿيندو. پر بيشڪ هن سلسلي ۾ ته ٿيو ته اُن حق اليقين واري سوال جي جواب کي ٻيهر نظر مان گذاري ڇڏيو ته ضرور سڪون حاصل ٿي ويندو!!

هاڻي... باقي رهيو توهان جو جبروت، لاهوت ۽ هاهوت بابت اُنهن نسبت پيش ڪيل سوال ته خود ڏيکاري ٿو ته اوهان بنهه خود هنن جي اصلي ماهيت ۽ حقيقت کان بلڪل ناآشنا آهيو... ڪيئن جو پڇيو ٿا ته لاهوت ۽ هاهوت دنيا ۾ آهن يا شام ۽ روم ۾؟“.... اِن مان معلوم ٿو ٿئي ته اوهان کي اها به خبر ڪانه آهي ته شام ۽ روم جا ملڪ دنيا تي آهن، آسمانن تي. توهان جي ڏيکاريل خيال موجب اِئين پيو پئجي ته شام ۽ روم دنيا

ڪان بلڪل الڳ ۽ دنيا وري شام ۽ روم ڪان صفا جدا آهي- حالانڪ.....
اها ته خود ننڍن ٻارن کي به خبر آهي ته روم ۽ شام دنيا جا ٻه جدا جدا
مُلڪي ڀاڱا آهن ۽ بس-

باقي رهيو "جبروت"، ته جهڙيطرح ياهوت ۽ ماهوت (فقط جي بيانات
۾ رکوڙڪي ٻاڙي ۽ ڪان ڪم ورتو آهي ته اِن صورت ۾ جا ٽيڪا..... جي
"جبروت" جي حقيقت حاصل ڪرڻ ۾ به اڪ ٽڪي وڃي هچيو!!

ياد رکو..... ته اها ڳالهه وڏي ڳالهه آهي جو پنهنجي ذاتي خيال جي (ذاتي
هيڪڙ) خاص نوع جا لفظ جوڙي ٻا انهن جي نسبت وري باطني منازل و
مقامات ذاتهن ڪري بين ڪان انهن بابت وهي سوال پڇڪين! اِن عمل
باطن جي حصول لاءِ ڪنهن به خاص علم يا طريقي جي ضرورت نه آهي فقط
ايمان ۽ مسلماني ۽ تان ٿي هٽ ڪنٽرو پوندو ۽ بس! پو ۽ سبب سمجهائي!!

جهڙيطرح توهان جو اهو مذڪوره اختيار ڪيل رويو خود اِن ڳالهه جي
ثابتي آهي جئن جو ياهوت- ماهوت- جبروت- ملڪوت وغيره خاص قسم
جا الفاظ هٿ ڪري ۽ انهن جو مطلب دل ۾ جوڙي ٿا هي وري نا سولڪ
اُتا رهيو ته اِهي جا آهن ڪيئن آهن ۽ انهن تي ڪيئن وڃبو آهي؟ وغيره......

هاڻي جڏهن ته انهن منزلن جا موجد (ناهينداڻ) به توهان پاڻ ۽ انهن جي
خاص معنيٰ مقرر ڪندڙ به توهان ۽ وري انهي مقرر ڪيل معنيٰ ۽ مطلب بابت اُن لاءِ
بين ڪان سوال پڇيندڙ به توهان ته اِتي اهو شخص توهان جي اهڙن ڳجهارتن کي
ڪئين تو حل ڪري سگهي جنهن جو علم خواه عمل من گهڙت ۽ مصنوعي يا ٺڪل
تي نه آهي بلڪ اُن جي هر تحريڪ تي احڪام قرآن يا فرمانِ خدا مڪمل طرح غالب (آهي)
هان..... باقي توهان جون اهڙيون هٿ جون ناهيل وهمي ڳجهارتون اهو ئي
پڇي سگهندو جيڪو هر پهلو ۽ هر طرح توهان سان همدم- همراز هم مشرب
۽ همخيال ۽ همڪلام هوندو......

بهرصورت اوهان جو اهو طريقه عمل ثابت ڪري ٿو ته علم پوڇڻ تي ضرور
اثر انداز ٿيندو هجو اُهي جاهل آدمي جنهن توهان جي اِهالاف بناڪ ۽ ڊاڙ

ٻڌندا اٿن ته هن توهان کي ضرور وڏو عارف ڪامل ۽ ڳهاتو فقير ڪري ڄاڻندا اهڙو
اڻ ڄاڻ ڳمراهن جي ڪن تي جڏهن ٻاهوت ۽ هاهوت يا جبروت ۽ ملڪوت
جهڙن هيبتناڪ نالن جو آواز ڪڙڪندو ته هن ضرور لازمي طرح اهي وچارا
توهان جي ولايت ڪرامت ۽ درويشي ۾ جا قائل ٿي ٿيندا!...... پر......!

اي ماهر معمهٔ باطل!! وري به سمجهه ته ڪا به ڳجهارت نا هي اُن جي معنيٰ
پنهنجي خيال تي مقرر ڪري ڇڏڻ محال نه پر آسان آهي ۽ اِن لاءِ ڪنهن به قسم جي قانوني
بندش ڪا نه آهي.... مثلاً اِيئن ڪو شخص چوي ته ”زلزال - ڪرمال - برتال ۽
اڪلال“ اهي چار آهن ۽ اُهن تي ڪير وڃو آهي ۽ سالڪ کي اِهي منزلون ڪڏهن
حاصل ٿينديون آهن؟ يا اُهن مان ”زلزال“ آسمان تي آهي يا زمين تي؟ ٻيو ۽
چار.. توهان اُهن مذڪور منزلن جو ڪهڙو مطلب اُن موجب منازل (منزلن
جي بنائيندا، جي جيئن منشا مطابق نڪ پڪڙي سالڪن سوا ڪان پوءِ ٻي سڀ هي
ٻڌائي سگهندا؟! هرگز نه!!

بلڪل اِن مثال موجب توهان جا هاهوت ۽ ٻاهوت وارا آسماني ملڪ به
توهان جي خيالي ڏڪي تي مٿي جا نا هيل پيا يا پنهنجي جو ته توهان جي نفس ۽ سالڪن
جنهن اصول ۽ بنياد تي قائم آهي ۽ جنهن رهبر نه پر رهزن جي رهبري نه پر
رهزني جي زيادتي ۽ زيروزبر پنهنجي عجيب و غريب منزلن ترقي ڪري رهيا آهيو ته
توهان لاءِ هاهوت ۽ ٻاهوت وغيره جهڙيون منزلون تڪڙيون تڪڙيون طيءِ
ڪرڻ في الحقيقت عجيب ڳالهه آهي...... باقي اُهي عارف جن جو عرفان احڪام
الهي ماتحت جلوه فگن آهي سي اهڙين خلاف ڪلام الهي منزلن جا نه ته قائل هوندا
آهن ۽ نه وري اُهن خيالي ۽ مصنوعي باطل ملڪن تسلط جا خواهشمند ٿيندا
آهن - بلڪ اُهن لاءِ هر اهو معامله جيڪو قرآن پاڪ جي اُصول جي خلاف هجي
نهايت نا قابل برداشت هوندو آهي...... هاڻي باقي رهي ڳالهه ته آخر ٻلاڪين
۽ جو اهڙا آواره آدمي هر ڪو بيڪار اهڙن بي سود ۽ غير ضروري معاملن جي
ڪيئن پوندا آهن ۽ ڪهڙي طاغوتي طاقت جي زير اثر تي ڪري لاهي يا هي اُهن
ڳالهين تي ايجي ٻيهندا آهن؟ اِن لاءِ اسانکي جيڪي ڪجهه قرآن پاڪ سمجهائي

ڏني آهي اسباب ٻڌائي رهيو آهي سي واضح طور هن هيٺ تحرير ڪجن ٿا جي غور
سان پڙهو...... قال الله تبارڪ وتعالیٰ

هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ يُلْقُوْنَ السَّمْعَ وَاَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ

(قرآن - ١٩ - الشعراء - رڪوع ١١)

معنيٰ - توهان کي ٻڌايان ڇا ته شيطان ڪنهن تي نازل ٿيندا آهن؟
اهي سڀ ڪنهن ڪوڙي گنهگار تي لهندا آهن ۽ ٻڌل ڳالهه ڙاهن پنهنجين
دوستن جي ڪن ۾ اچي وجهندا آهن ۽ انهن مان گهڻا ڪوڙا هوندا آهن

پيش ڪيل آية قرآن جي مفهوم مان معلوم ٿيو ته انهن مڪرين ۽
ڪوڙن جي اهڙن عبرت انگيز ٻناڪن هٿان جو سبب گوڙهو آهي جيو
انهن گمراهن تي هڪ نه پرهيزن شيطان وقت بوقت نازل ٿيندا آهن
اهن جي ڪين پنهنجي مختلف شيطانيت جي اثر هيٺ پهچو پو ويو ۽ ومطع
۽ فرمان برداره بنائي ڇڏيندا آهن ۽ اهي شيطان جي جني ۾ آيل آدمي -
افاڪ اثيم موجب ڪوڙا ۽ گنهگاريت جي صفتن سان آراسته هوندا
آهن ۽ هي ته انهن جي ٻڌايل ڳالهين ۾ ڪا به حقيقت ۽ اصليت ڪانه
هوندي آهي ۽ اهڙي طرح هو ڳوڙ بلبس ونان ٻڌل غلط ۽ بي بنياد ڳالهه
تي ڳنڍ ڪي ٻڌندا آهن...... سو...... هاڻي ڏسجي ٿو ته وهان سان
به اهڙو ئي ساڳيو معامله لاڳو آهي ڪيئن جو...... توهان به حقيقي ثمره
(متابعت خدا) کي نظرانداز ڪري عمليات صحيح کي ترڪ ڏيئي قرآن جي
مخالفت ۾ شب روز سرگرم ۽ لبن رکي باهوت - ماهوت - ملڪوت
جبروت - حق اليقين - خيالي بهشت ۽ عرش وهمي حورون ۽ ڪرسي
علاوه ريدار خدا جو غلط ثمان وغيره بلڪل ناشائسته لغويات
۾ شب روز محو ۽ سرگردان آهيو ته ان صورت ۾ بروقي دليل قرآن

ثابت ٿيو ته توهان مڪمل طور شيطان مردود جي تسلط هيٺ اچي ويا آهيو
..... سو يڪ جاڻو ته جيستائين ڪ توهان کي پنهنجي انهي گمراهي ۽ ضلالت
جو احساس نه ٿيندو تيستائين ڀي ڪنهن به رهبر ڪامل جي رهنمائي توهان
کي هرگز فائدو پهچائي نه سگهندي۔

پر وڌيڪ ڏسڻو آهي ته ان ابليس جي تسلط هيٺ اهل افاڪ اثيم (ڪوڙي
گنهگار) جو ايات قرآن سان ڪيترو نه ربط ۽ ميلان آهي ۽ سندن
اختيار ڪيل رويه جو وبال منش ڪهڙي تصوير ۾ ڪشيو ويو - ۽ انکي
عيو حقيقي پنهنجي مقدس ڪلام ۾ جيڪي ڪجهه نازل فرمايو آهي سو به
ٻڌي پڇي يو...... قال الله تبارڪ وتعالى ::

وَيْلٌ لِّكُلِّ أَفَّاكٍ أَثِيمٍ يَسْمَعُ آيَاتِ اللَّهِ تُتْلَىٰ عَلَيْهِ ثُمَّ
يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَأَن لَّمْ يَسْمَعْهَا فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ
وَإِذَا عَلِمَ مِنْ آيَاتِنَا شَيْئًا اتَّخَذَهَا هُزُوًا - أُولَٰئِكَ
لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِينٌ :: (قرآن - ٢٥ - الجاثية - رکوع ١)

معنیٰ: - (رب تو فرمائي) هر ڪنهن ٻهتان ٻڌندڙ (ڪذاب) گنهگار
لاءِ خرابي آهي - (اهو جيڪو) خدا جون آيتون ٻڌي ٿو جڏهن ان تي پڙهجن
ٿيون ته متڪبر ٿي هوڏ ٿو ڪري - جڻڪ ڪونه ٻڌائين - پوءِ ان (ڪوڙي گنهگار)
قرآن کان منهن ڦيرڻ (ٿيندڙ) کي دردناڪ عذاب جو اطلاع ڏيئي ڇڏ -
۽ (اهو) جڏهن اسان جي آيتن (قرآن) مان ڪجهه ڄاڻي ٿو ته انکي ورهي ٺٺول
ڪري ٿو وٺي (پوءِ) انهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي -

هاڻي توهان خود پنهنجي حالات جو جائزو وٺي انکي مٿين آيتن جي مفهوم

سان ملاقي ۾ پيتي ڏسڻ بعد منصف تي خود فيصلو ڪيو ٿيو آهي آيات
عتابيه وغضبيه مذڪور ته هان جهڙن متنفر انهن احڪام قرآن جي وعيد
مرنا ل نه ٿيون آهن؟ جا هڪ افاڪ (بهتان بند ندڙ) ۽ اثيم (گنهگار)
آدمي ۾ جيڪي (آتا بحضرت... (مٿين آيتن موجب) جا نا پل آهن
سي بعينه پڻ توهان ۾ موجود نه آهن؟! ها...... پوءِ جا احباب
اوهان کي پنهنجي سياه ترين حالات جو احساس ڪونه ٿو ٿئي ۽ ڪونه
ٿيندو؟ اڃا نه ٻيلاءِ "فَبِأَيِّ حَدِيثٍ بَعْدَهُ يُؤْمِنُونَ" (ان قرآن" کان
بعد ٻي وري ڪهڙي ڳالهه تي (ويساه رکي) ايمان آڻيندو؟!

نوٽ:- هاڻي..... هيءُ فولادعلي فقير جا پنهنجي طرفان شخصي
طرح اٿاريل سوال ۽ اسان جي طرفان انهن جا ڏنل جواب ختم ٿيا - اڳتي
سندس فرزند ارجمند (علي گوهر) جي سوالات جو سلسلو شروع ٿيل
آهي جو قاعده مطابق ترتيب وار جوابن سميت هن هيٺ لکجي ٿو....
(هينئر سوال علي گوهر فقير جا چشم ديد ۽ بطور امتحان پڇجن ٿا جي
سبب معلوم آهن)

سوال نمبر (١) اٺ بهشت مشهور جي آهن اهي ڪهڙي هنڌ آهن
انهن جا نالا ڪهڙا آهن؟ انهن ۾ جا رهي ٿو؟ انهن جي اڏاوت جدا جدا
ڪهڙي آهي؟ بهشت برين جي حقيقت ڪهڙي آهي؟ منجهس جيا آهي؟
ڪتابن جي ڳالهه نه ڪر جي اکين ڏٺو جواب ڏيو....

سوال نمبر ٢:- ست دوزخ جيڪي آهن انهن جي حقيقت اکين
ڏٺي ٻڌايو - هر هڪ دوزخ ۾ ڪهڙي قسم جا ڏوهي رهن ٿا؟ انهن جا
نالا ٻڌايو- سڀئي دوزخ جي باره جوه تڪ ڪهڙا آهي؟ ۽ اهي ڪهڙي
طرف آهن؟ ڪتابي ڳالهيون نه ڪرجن اکين ڏٺي ٻڌايو....

جواب:- توهان جي ٻنهين پڇيل سوالن کي گڏي لکڻ جو سبب
فقط هي آهي ته جنهن صورت ۾ سوال اول ۾ بهشتن بابت ۽ سوال
ثاني ۾ دوزخن جي باره ۾ پرسش ڪيل آهي ۽ وري ٻنهين سوالن جي

آخر ۾ هڪ جهڙو نهايت قابل توجه فقره به تحرير ڪيو ويو آهي ته ”ڪتابي ڳالهيون نه ڳڻجن اکين سان ڏٺل ڳالهه به آيو“

ان لاءِ اصولي طرح ٻنهي ڌرين سوالن جا جواب جيڪي اچي اڏيل ٻڌڻ لڳا پڪ هڪڙي ٻئي تحريري بيان ۾ ڏيئي سگهن ٿا .... ان ڪري ٻئي انهن ٻنهين سوالن کي لاڳيتو گڏ ڪيو ويو....

هاڻي توهان بهشت ۽ دوزخن جي ايمان - تائين ۽ انهن سان متعلق حقيقت بابت پڇا ڪري انهن جي جواب ڏيڻ لاءِ بيان تي ورڻي هي شديد شرط به عائد ڪري ڇڏيو آهي ته جواب ڏيڻ سبب اکين ڏٺا (ڏٺل) ڏينهن ۽ ان لاءِ (لکڻ) به ڪتاب جي تڪميل ڳالهه ۽ پوءِ جيستائين اُها ڪيتري به صحيح چونه هجي قابل قبول نه آهي - هاڻي توهان جي ان سوال اندر نوعيت ۾ لڳايل مذڪوره شرط مان توهان جي تمام ڪتب آسماني و صحائف رباني بنسبت ذاتي عقيده جي پڻ وضاحت ٿي وڃي ٿي يعني توهان جو بيءِ امع ڪتب احاديث اقوال اهل الله وملفوظات بزرگان دين متين وغيرهم ته ذري جيستائين ويه اعتنا نڪونه آهي - پر هاڻي ته توهان جي تازه ترين ڪيل بيان مذڪوره مان اوهان جو خفيه عقيده به ظاهر ٿي پيو آهي ته توهان آسماني ڪتابن مان بالآخر صحيح ۽ صادق ڪتاب قرآن مجيد و فرقان حميد کي به سچي سمجهڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيو - بس اوهان لاءِ گويا اهائي ڳالهه صحيح جمع ٿي ۽ واجب التعميل آهي جيڪا اکين سان ظاهر ظهور ڏسو ۽ جيستائين اُها ڪئي قرآن پاڪ جي صاف آيت چونه هجي - .... سوا ان موجب جيڪڏهن شيطان جي رنگين الفاظي اکين سان ڏسي انکي حد اکري سمجهو ته بس اوهان لاءِ اهوئي حد آهي پر اگرچه ڪتاب الله اُن جي ترديد ۾ ڪيترا به ڪئي پنهنجا حقاني دليل پيش ڪري ته به اوهان کي انهن قرآني دليلن ٻڌڻ جي ڪائي ضرورت (ڪا) نه آهي - جي ڪنهن جن کي ڏسي انکي جبريل جو نالو ڪي ڏنو ته بس اوهان لاءِ اهوئي اصلي جبريل آهي توڙي جو ڪئي قرآن آيتون ڪوڙو قرار ڏي جيڪا هن ڪنهن شيطاني سڪون ڳالهه جو معاشر ڪري انکي عرش عظيم

پاڻيءُ ونيو ۽ نه پوءِ جيتوڻيڪ خود الله پاڪ اُن کي غلط نظر اچي ته به توهان کي اُن
تي ڳالهه تي اعتبار ڪونه ايندو..... ها... اهڙيءَ طرح ابليس جي اشاري تي ڪو مڪان ڏسي
انکي بهشت برين جو ناو ڏنو ته بس اوهان لاءِ اهو ئي سچو سچو بهشت برين آهي پو
پوءِ توڙي ڪيئي قرآن انکي باطل قرار ڏئي. ڪتهن جن جيڪڏهن اوهان کي ڪو
تختي نڪر ڏيکاري جيو ته هي لوح محفوظ آهي ته اُن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪري
انکي نه مڃڻ جو توهان وٽ ڪو سبب ئي ڪونه آهي. علاوه جيڪڏهن
ڪنهن حسين جنت ۾ جو جلوه اکين سان ڏسي انکي جنت جي حور ڪري سمجهيو
ته قرآن جي سمجهائڻ تي به پنهنجي غلطي کي محسوس ڪونه ڪندؤ. پر......
اجا اڳتي..... ها..! جيڪڏهن خدانخواسته توهان پنهنجي دور رس نگاه
۽ باطني مشاهدي جي آڌار تي پنهنجي ان والد (پيءَ) جي ولديت (پيٽ ڄڻڻ) کان
انڪار ڪيو ۽ اُٿين جئي ويهو ته "هي منهنجو پيءُ نه آهي" ڇو ته مان اهو معاملو
باطني اکين سان حق جي طرح ڏسي رهيو آهيان،" ته پوءِ اوهان سموري راڄ ڀاڳ
جي سمجهائڻ يا توهان جي ان باطني خيال جي رد ۾ ڪتابن جي حوالن باوجود به
"اِها ابست تي اچي پنهنجي ان ظاهري پيءُ کي پيءُ ڪري ..... ڪڏهن به
نه مڃيندؤ!.... بهرصورت اوهان وٽ پنهنجي اصولي عقيدي مطابق هي
اهو معامله جيڪو اکين سان ڏسو سو هر لحاظ کان برابر صحيح آهي جيتوڻيڪ
حقيقت ۾ اهو ڪيترو به ڪيئي غلط ۽ بي بنياد ڇو نه هجي؟ اهڙيءَ طرح اوهان وٽ
ڪابه سچي ۽ حقيقت افروز ڪتابي دليل آهي ڳالهه بغير اکين سان ڏسڻ جي
هرگز قابل قبول نه آهي جيتوڻيڪ اُها ڪتاب الله (قرآن) ۾ مرقوم هجي.
خير..... هاڻي جيتري قدر اوهان جي مذڪور سوالن جي جوابي حقيقت
سان واسطو آهي ته اُن جي وضاحت ڪرڻ لاءِ لازماً اوهان جي اِن لڳايل شرط
کي نظر انداز ئي ڪرڻو پوندو..... ڪنهن جو بل توهان ڪتاب الله (قرآن پاڪ) جي
ٻڌايل حقيقتن کان انڪار ڪري اُن جي مقابله ۾ صرف پنهنجي وهم باطل ۽ خيال
فاسد کي مقدم ڪري پنهنجي هر معامله ۾ ڪڏهن به ڪيئي فيصله ڪيو پر هر حالت
اسان پنهنجي شرعي اصول حقاني موجب قرآن کي ئي مشڪل راه بنائي اُن جي

روشنيءَ ۾ جيئن جيئن سابقه سوالن جا جواب ڏنا آهن تيئن هاڻي به انهيءَ اصول موجب هنن ٽنهي باقي سوالن جا جواب پڻ ڏيندا اسون ......

پر ...... اوهانکي ياد هوندو ته توهان جي والد صاحب وٽان به اهڙو بهشت متعلق سوال هن کان اڳ ۾ صادر ٿي چڪو آهي جيڪو معمولي تفاوت کان سواءِ قريباً هن اوهان واري پهرين سوال وانگر آهي جو پڻ صفحه ۱۳۲ تي درج ٿيل آهي ۽ جنهن جو جواب باصواب صفحه ۱۳۲ کان صفحه ۱۳۶ تائين هلائي ڏنو ويو آهي .... هاڻي جڏهن ته پڻ سوال پنهنجي نوعيت ۾ گهڻو ڪري هڪ جهڙا آهن تنهن لاءِ ممڪن آهي ته انهن جا جواب به تقريباً ساڳيا ٿيندا ۽ اصولاً هر جوابي بحث کي فقط ڪلام الاهي جي روشنيءَ ۾ هلايو ويندو جي ته ان صورت ۾ انهيءَ اول مذڪور سوال جي جواب ۾ اسان جيڪي قرآني آيتون بمعه مفهوم پيش ڪري چڪا آهيون انهن کي وري دوباره دهرائڻ هن هاڻي ته جواب ۾ لکڻ اوهان جي دل شڪني جي باعث سان گڏ خواه مخواه بحث جي طوالت جو سبب پڻ ٿيندو .... انڪري هن سلسلي بحث جي مناسب جاين تي جتي به انهن ما سابقه مرقومه آيتن جي وري لکڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي ته اتي انهن ساڳين آيتن جي دوباره تحرير ڪرڻ جي بجاءِ سند طور حواله صفحه ۽ سٽ جي صورت ۾ ڏيئي انهن هلائي حقيقت موجب انهن جي مفهوم کي باهم ملايو ويندو ....

هاڻي ڳالهه ٿئي ٿي ته بهشت ۽ ان سان تعلق رکندڙ جيڪي تمام نعمتون جهڙوڪ ته ديدار، ثابت حق - آب ڪوثر - حورون - ميوه جات وغيره وغيره الله پاڪ تمام عالمن کان مخفي رکيون آهن ڪو به انسان چاهي ڪهڙي به منزلت جو صاحب چونه هجي ليڪن هو بهشت ۽ بهشتي چيزن کي ڏسي انهن مان لطف اندوز ٿي نه ٿو سگهي جنهن جي ثبوت لاءِ قبل ازين آيات قرآن صفحه ۶۶ جي ۱۱ سٽ ۾ لکيون ويون آهن -

اِهو صحيح دليل قرآن مان ثابت ٿيو ته بهشت ۽ ان جي نعمتن کي هن حياتيءَ ۾ ڪو به نٿو ڏسي نٿو سگهي ۽ نه معلوم ڪري سگهندو .... پر هي جو اوهان ان سوال

جي آخر ۾ شرط عائد ڪيو آهي ته اُن تمام جوابات لاءِ صرف اڪيلو ڏنو حال ڏيو ۽ ڪتابي
ڳالهه نه هجي ته اِن توهان جي طرز بيان ۾ لڳايل شرط مان معلوم ٿو ٿئي ته
توهان اسانجي ذهن ۾ اِها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ ٿا چاهيو ته جڏهن اسان
سمجهون ته ”برابر توهان سمورا بهشت گهمي ڦري ۽ اُتان سان ڏسي وائسي
آيا آهيو“ مگر... ياد رکو ته اسان توهان جي هر اهڙي گفتگو کي جيڪا
ڪلام پاڪ جي مفهوم ظاهر جي خلاف هجي هرگز تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون
اِن توهان جي اهڙي لاف ۽ بناڪ جي رد ۾ اسان اِها آيه منڪور ازقرآن
پيش ڪري چڪا آهيون جنهن مان توهان جي اِن بيان جي مڪمل ترديد
۽ تڪذيب ٿي چڪي آهي...... باقي هاڻي هي ڏسڻو آهي ته توهان بمعه الله
اُن جنت ۾ داخل ٿيڻ جا به حقدار آهيو يا نه ڪنهن مڪان بڪان ۾ ويهڻ
جا لائق آهيو. بهشت جا آهي اُن جي حقيقت ڪهڙي آهي ۽ اُهو ڪهڙن شخصن
لاءِ مختص (خاص) آهي يعني اُن ۾ ڪهڙين صفتن مان موصوف ٿيل آدمي
داخل ٿيندا ۽ اِن حقيقت جي واضح طور سمجهائڻ هِن کان اڳ پيش ڪرده
آيه قرآن ذريعي ڏني ويئي آهي جيڪا صفحي ۱۳۸ ۾ تحرير ٿيل آهي جنهن مان
معلوم ٿيندو ته جنت ۾ داخل ٿيڻ جا حقدار فقط ”متقي“ شخص ئي آهن
-- ها..... هاڻي وري هي ڏسڻو آهي ”متقي“ جا ڪي جيڪي ۽ اُنهن جون
نشانيون ڪهڙيون آهن ۽ اُهي ڪهڙين صفتن سان متصف ٿيل آهن
اِن ضروري حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ هِن هيٺ آيه ڪلام الله لکجي ٿي -
جيئن ته... قال الله تبارڪ وتعالیٰ -

وَأَقَامَ الصَّلَوٰةَ وَءَاتَى الزَّكَوٰةَ وَالْمُوفُونَ بِعَهْدِهِمْ إِذَا
عَاهَدُوا وَالصَّابِرِينَ فِي الْبَأْسَاءِ وَالضَّرَّاءِ وَحِينَ
الْبَأْسِ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ صَدَقُوا وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُتَّقُونَ ۝

قرآن - ۲ - البقره - رڪوع ۲۲

معنىٰ :- رب تي ڀروسو رکن ٿا ۽ جنهن نماز قائم ڪئي ۽ زڪوٰة ڏني ۽ ڪيل اقرار کي پورو ڪيو ۽ سختي ۽ تڪليف ۾ ۽ لڙائي جي وقت ۾ صابر رهيا (ته) اهي آهن سچا ۽ اهي آهن "متقي".

ثابت ٿيو ته زڪوٰة ڏيندڙ - نماز پڙهندڙ ۽ هر حال ۾ صابر شاڪر شخص ئي (متقي) يعني بهشت جا حقدار آهن.... علاوه اهي متقين جي اعليٰ منزلت ۽ سندن بلند شان ۽ مرتبه جو اندازو هن هيٺين آيت پاڪ مان به لڳائي سگهجي ٿو جنهن ۾ :- قال الله تبارک وتعالیٰ :-

وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ -

قرآن - ٢ - (البقره رڪوع ٢٤)

معنیٰ :- ۽ الله کان ڊڄو ۽ پڪ ڄاڻو ته الله متقين سان گڏ آهي

.... هاڻي مٿي پيش ڪيل واضح قرآني دليلن مان هيٺيون صاف حقيقتون ثابت ٿيون جن ته :-

(١) بهشت نهايت وسيع ۽ ڪشاده مقام آهي جيڪو خاص طور "متقين" لاءِ تيار ڪيو ويو آهي -

(٢) متقي اهو آهي جيڪو نماز پڙهي - زڪوٰة ڏئي ۽ تڪليفن هوندي به هر حال ۾ عبادات الاهي ڪندو رهي، وگر دائمي ذڪري ۽ صابر رهي -

(٣) متقي شخص سان الله پاڪ جي معيت (لطف ۽ مهرباني) هر وقت شامل حال آهي

(٤) بهشت جيڪو اوصاف مذڪوره وارن مردن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي تنهن کي هن دنيا جي حياتي ۾ خود اهي حقدار جنتي اشخاص به هرگز ڏسي نه سگهندا ۽ اهي سمورا بون انعامي نعمتون کانئن مخفي رکيون ويون آهن ....

هاڻي خدارا برو ٻئي انصاف ٻڌايو ته اوصاف تقويٰ (بيان ڪيل قرآني دلائل جي روشن متقين جي وصفن) مان ڪا به هڪ وصف توهان ۾ موجود آهي؟

ها.... ٻيو ته ٺهيو پر فقط "نماز"، جنهن جو قائم ڪرڻ ته ٻيو ۽ خود ڪن انجي فرضيت جا صرف قائل آهيو؟ پوءِ ڀيڪ هن توهان جا اهي حال آهن

تہ ڇا اِن ھوندي به بھشت ۾ رھايا ويندؤ ! ؟ ...... عجب آھي جو خود متقي شخص
جن لاءِ ئي جنت ۽ اُن جون تمام نعمتون خاص آھن سي به اُن بھشت ۽ اُن جي
حورن جي ڏسڻ ۽ اُھن مان حظ (لذت) حاصل ڪرڻ کان في الحال رڪيا
ويا آھن - باقي اُھي ڪذاب - افاڪ ۽ مفتري جن خداوند جي دين کي ۽ اُن جي
ڪلام کي ٺٺول ۽ چٿر بازي ڪري ورتو آھي سي ھاڻي ئي اُن ۾ اندر گھڙي اُن جي
ڊيگھ - ويڪر ۽ اوچائي ۽ جي ماپ به ڪري آيا آھن ۽ اُن جون سڙڪون ۽ وڻ به
ڪٽي آيا آھن ۽ اُتان جي حورن جو به بغور معائنه ڪري پسند نا پسند جسماني اڏاوت
۽ ڪيرتن جو رنگ وغيره به جاچي آيا آھن -
ھي ۽ افسوس ! اي جھالت تنھنجو ڪارو منھن !!
سچ پچ تہ توھان جيڪڏھن اُن اصلي بھشت کي رڳو پري کان ئي ڏسو ھا
۽ اُن جي بي انت نعمتن جي لذت فقط ھڪ لحظ لاءِ محسوس ڪيو ھا تہ ڪڏھن
به تارڪ نماز نہ بڻجو ھا ... جو تہ آيہ مرقوم موجب دخول جنت لاءِ ٻين
شرطن سان گڏ نماز تي ڪاربند رھڻ به اشد ضروري آھي اِنڪري ڪوئي
سبب ڪونہ ھو جو توھان اُن اصلي بھشت کي اکين سان به ڏسو ھا ۽ وري
اطاعت خدا ۽ رسول کان ڪنڌ ڪيرائي ويٺي رھو ھا ... ڪيئن جو ....
توھان جي رقت قلبي جي تہ اھا حالت آھي جو رڳو ھڪ دفعو حق جي زيارت جو
شرف حاصل ڪري اُن جي لذت جو احساس پرايو ٿو تہ ھرگز ۽ اُن لطف ۽
سرور حاصل ڪرڻ خاطر نماز جا پابند نہ ٿيا پابند اختم ڪري ڇڏيو ھوا تو !
پوءِ .... ڇا بھشت جي ديدار ڪرڻ مان اوھان کي حق جيتري به لذت ڪانہ آئي
جو اُن مردا نمي دخول لاءِ باڪل پنو ڙيو ھا ؟ !
ھان ... جي اُئين سچ آھي ۽ اِن ھوندي به توھان پنھنجي اُن ديدار بھشت
واري دعوئ تان دست بردار نٿا ٿيو تہ پوءِ يڪ ڇا ٿو نہ ھو اصلي بھشت متقين
وارو توھان ھرگز نہ ڏٺو آھي بلڪ ابليس لعين توھان کي دجال خبيث وارو
بھشت ئي ڏيکاريو آھي جو حقيقتا جھنم ئي آھي ... اسان کي شڪ ٿو پوي تہ
نہ توھان اُن ڏٺل بھشت ۾ جيڪي شخص داخل ٿيل ڏٺا آھن تن جي وصف

بہ اِن کان گسائي ۽ ٺٺائي ٿيا آهيو .... چاهين ٿا ته جيئن اُن دنيا جي بهشت ـ (دوزخ) ۾ فقط توهان ۽ توهان جا مقلد (بالڪل) ئي رونق افروز هجن؟! چڱو پر اُهو ڇا ته بهشت جيڪو خام طرح بي نمازين ـ خدائي ڪوڙ ڪندڙ ٿين احڪام الهي کان منهن موڙيندڙ ـ بي بنياد ـ لاف ۽ ٺٺاڪ هڻندڙ ـ آيات قرآني ۾ ڦيرڦار ڪندڙ ـ شب و روز لغويات خلاف شرع وديڪوس ۾ مشغول رهندڙ ۽ شريعت رسول عربي (صلي الله عليه وسلم) سان عداوت رکندڙ لاءِ ئي تيار ڪيو ويو آهي ... سو شايد توهان ۽ توهان جي پالڪن لاءِ ئي دائما مبارڪ هجي! هجي!!

هان .... ڇا .... بي نمازي به "ميالي بهشت" (دوزخ) ۾ ڪو داخل ٿيندا؟!

ها ... ها ... ضرور! ضرور!! جو ثبوت لاءِ نص قرآن موجود آهي جا پڻ اِن کان اڳ نماز جي بار ڪم ۾ ها ... بحث اندر بمعه ضروري تشريح جي صفحه ٩٧ جي سٽ ٥-٢ ۾ لکي چڪا آهيون ... علاوه تارڪ الصلوٰة ۽ خود فان ۽ نمازين تي ٺٺون ۽ ڇيڙون ڪندڙ شخص جيڪي حقيقتا بي عقل ۽ نادان هوندا آهن ۽ جنهن جي ثابتي لاءِ ڪلام پاڪ جي اُن مفهوم واري آيت گذشته روايت ۾ صفحه (١٠٥) جي سٽ ٢٢ درج ڪئي ويئي آهي تن جي عقل جي اندائي ۽ جو نزله وري سندن باطن تي اُتر ائي ڪيئن پيڙهه سندن واسطي مهلڪ ثابت ٿيندو آهي سو به ملاحظه فرمايو ... جيئن ته قال الله تبارڪ وتعاليٰ ـ

١ ـ وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ

(قرآن ـ ١١ ـ يونس ـ رڪوع ١٠)

معنيٰ: (الله) اُنهن بيوقوفن (جي دلين) تي پليتي وجهندو آهي ـ

٢ ـ وَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا

إِلَىٰ رِجْسِهِمْ وَمَاتُوا وَهُمْ كَافِرُونَ -

(قرآن - ١١ - التوبة - ركوع ١٤)

معنیٰ :- ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي ته اُنهن لاءِ (الله) پليتي تي پليتي وڌائي ۽ اُهي (بالآخر) ڪافر ٿي مُئا - (پارو ١١)

المطلب ته :- هنن پيش ڪيل آيتن يا حوالن ۽ ٻين آيات سابقه جي گڏيل مفهوم مان هيٺين موجب جامع نتيجو نڪتو ته :-

نماز ڪان ڪناره ڪش ٿيڻ وارن ٽوڪ تنول ڪنده ته آدمي بيوقوف ۽ نادان آهي جو ظاهر ٿي طرح اُن عقل جي انڌي جي ظاهر يا طن ني ڪندڪي ۽ غليظ پليتي چانجي ويندي آهي جو بالآخر اهو گمراه..... ڪافر ٿي مرندو آهي....... پر جڏهن ته هي حياتي خود آزمائش ۽ امتحان جو گويا مڪان آهي جنهن ته.....

قال الله تبارڪ وتعاليٰ -

خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۔

(قرآن - ٢٩ - الملك - رکوع ١)

معنیٰ :- (رب تو فرمائي ته) (اسان) موت ۽ حياتي کي پيدا ڪيو تان ته اوهان کي آزمائي ته عملن جي ڪري اوهان ۾ چڱو ڪير آهي -

.... ته هاڻي ڪوبه ٻيو هلي چاهي ڪو ناحق جي وات وٺي بهر صورت هيءَ (دنيا ۾) هر ويهون ضروري يا ممڪن نه آهي جو ڪنهن گمراه کي پنهنجي گمراهي جو احساس ٿئي..... ڇو ته احساس جي پيدائش جو دارومدار عمل جي نتيجه يا خود اُن تي ڪامل يقين هجڻ تي هوندو آهي... پوءِ ..... جن عقل جي انڌن کي هن حياتي ۾ خدا جي ڪلام ۽ اُن جي وعيد عذاب و ثواب تي يقين نه ٿيو جو ته هن ٿي هوڇرو واگ ڇڏي ڏنائون ته گويا عبادت هُند (نماز

وغيره) کان روگرداني ۽ سرڪشي ڪري ويٺي رهيا بلڪ نيڪوڪارن کي به پنهنجي
خيال ۾ بي راهه ۽ گمراهه ڄاڻي مٿن ٺٺولين ۽ طعنن جا طوفان کڙا ڪري ڏنائون
اهڙيءَ طرح اِن احساس ڪمتري جي حالت ۾ سندن حياتي ختم ٿيندي رهي جو
بالآخر انهن جي عمر جو چراغ گل ٿي ويو...... بعد ۾ جڏهن کين پنهنجي ڪيل ڪمائي
جي نتيجي ۾ پورو پورو عيوض ڏنو ويو ته هن وقت سندن اکيون کليون ۽ کين
حق ناحق جو ڪامل احساس ٿيو.... پر سڀ بي سود!!
بلڪل اهڙيءَ طرح بي نمازي سرڪش آدمي به جڏهن عذاب جهنم ۾
گرفتار ٿيندا ويندا ته هن وقت کين پنهنجي گمراهي ۽ ضلالت جو احساس ٿيندو
۽ دوزخ ۾ داخل ٿيڻ ۽ آلاڻ ڪندي ڪندي هيٺيان الفاظ اُچاري پنهنجي
ضلالت جو خود معترف ٿيندا ويندا:-

"قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ" (قرآن -٢٩- المدثر- رکوع ٢)
يعني:- (دوزخ ۾ بي نمازي رڙيون ڪري بهشتين سان مخاطب ٿي چوندا ته)
"اسان نماز نه پڙهندا هئاسون"
المقصود ته:- تارڪ الصلوٰة آدمين جو جهنم ۾ وڃي پوڻ ۽ نماز
کي قائم ڪندڙن جو جنت ۾ وڃڻ بروئي نص قرآن يقيني ۽ بلڪل يقيني
آهي..... هاڻي وڌيڪ اوهان جي مرضي تي منحصر آهي ته جيڏانهن وڻيو
اوڏانهن وڃو - هاڻي
اوهان جي اِن ڇيڪيل سوال مذڪور جي جواب ۾ ڪافي آيات قرآنيه
پيش ڪري هي ثابت ڪيو ويو آهي ته توهان جيڪي ڪجهه ڏٺو آهي ۽ جنهن کي
بهشت پئي ڀانيو رهيا آهيو سو حقيقت ۾ بهشت ٿي نه آهي بلڪ خدا ڄاڻي ته
الائي ڇا ڏٺو اٿو - سو جيڪڏهن اسان هتي وري اُن حقيقي ۽ اصلي
بهشت بابت مفصل بحث ڇيڙينداسون ته جنهن صورت ۾ توهان
جو اُن طرف ڌيان ايترو ئي ڪونه آهي ته اِن حالت ۾ اهو ٿيندو ۽ اجايو ڊگهو ٿي
ويندو ۽ فضول پنا ڪارا ڪرڻا...... باقي توهان جي سوال جو مقصود وارو

پوءِ بہ ذيل جواب مٿي قرآن پاڪ جي روشنيءَ ۾ واضح طور ڏنا ويا آهن
پوءِ جيڪڏهن عقل سالم ۽ عرفان صحيح آهي تہ اهو ذيل جواب مذڪور
هر لحاظ کان مڪمل نظر ايندو..... والسلام علىٰ من اتبع الهدىٰ
"۽ اُن تي سلامتي هجي جنهن قرآني هدايت تي عمل ڪيو"

باقي رهيو هاڻي توهان جو سوال نمبر ٢ ستن دوزخن جي باري ۾ جنهن ۾
پڇيو آهي تہ.. هر هڪ دوزخ ۾ ڪهڙي قسم جا ڏوهي رهن ٿا ۽ انهن جا نالا
ڪهڙا آهن ۽ سعير دوزخ جي باهہ جو رنگ ڪهڙو آهي؟ وغيره
۽ هيٺ بہ سائين توهان شرط لڳايو آهي تہ ڪتابي ڳالهيون نہ ڪجن البتہ ذاتي احوال
ڏيو..... هاڻي..... جيتوڻيڪ رسالن ۾ سوال ۾ اوهان جي ان عائد ڪيل
شرط جي معنيٰ سوڌي ڳالهہ تصور ڪري ان جي جاچ واري نظر انداز ڪري
جان پوءِ ۽ اوهان جي ان غلط عقيدي ۽ فاسد خيال تي قرآن جي روشنيءَ ۾
مڪمل طور راءِ زني ڪري جيڪا آهي ان تاهم وري بہ اُن نا قابل فراموش معاملہ
تي دهرائي اوهان جي آڏو باقي وهم ڪي پٽ ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي...
حقيقت جا هي تہ يا ڪتاب ترڪي توهان جي عقيدي ۽ نظر ۾ ڪيئن بہ هجن
۽ ڪيترو بہ لڳي اوهان کي غلط ڏسڻ ۾ اچن ليڪن خدا نخواستہ جيڪڏهن
اوهان جي خيال ۾ هي آخري صحيفہ آسماني (قرآن) جنهن کي وين لفظن ۾
دو ڪتاب "بي آهي" اٿ پور وءِ نا قابل عمل آهي تہ ان صورت ۾ پوءِ ...
اُهي عظيم الشان هستيون (جيڪي هن ڪتاب الله (قرآن) جي صداقت
۽ قابل عمل هجڻ جا هر بموند قائل رهيا آهن) جي عظمت حقيقي ۽ مراتب
عاليہ کان اوهان کي انڪار ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ..... جا اوهان کي اها ڳالهہ
منظور آهي ۽ سچ اِئين ڪرڻ لاءِ تيار رهي ويندؤ؟!..... هاڻي اِئين برابر آهي
تہ ان بنسبت جواب ڏيڻ ۾ اوهان جو دلي ارادو ڪئين بہ هجي پر هر ...
ظاهر ۾ اُن ڪلام الله (قرآن) جو اُم الڪتاب پڻ آهي جي صداقت جو نہ ...
ڪري پاڻ ۾ دنيائي اسلام جي مسلمان وڌ ذليل ۽ رسوا نہ ٿيا ٿين ٿا؟!
انڪري اوهان جي ان ظاهري رويي في الحال اعتبار ڪريو ٿا وجهي تہ ران

صرف قرآن جي باري ۾ اوهان جي ذهن ۾ عقيدي کي تون ئي اُن جي بجاءِ محڪم
يقين پيدا ڪرڻ جي خيال سان هن هيٺ اهڙيون چند آيات قرآنيه تحرير ڪري
اُنهن مطابق مختصر سمجهاڻي ڏيکاري اُن معامله تي روشني وجهجي ٿي - قال الله تبارڪ وتعالىٰ

١- ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ (قرآن-١- البقره- رڪوع ١)

معنیٰ- هي اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪو به شڪ شبهو ڪونه آهي.

٢- اُتْلُ مَا اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ

(قرآن-٢١- عنڪبوت- رڪوع ٥)

معنیٰ- (اي نبي) جيڪي ڪتاب (قرآن) تو ڏانهن وحي رستي موڪليو آهي اُهو پڙهه ۽ نماز قائم رکه.

٣- وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ (قرآن-١٤- النحل- رڪوع ١٢)

معنیٰ:- ۽ توتي ڪتاب نازل ڪيوسون جنهن ۾ هر شيءِ جو بيان آهي ۽ اُهو مسلمانن لاءِ هدايت، رحمت ۽ خوشخبري آهي.

هاڻي اهي جيڪي مٿي آيات ڪلام الله خاص قرآن پاڪ جي حقيقت سان واسطو رکندڙ پيش ڪيون ويون آهن تن مان جيڪي واضح نتيجا نڪتا سي هن هيٺ لکجن ٿا جيئن ته-

(١) آيت اول مان ثابت ٿيو ته قرآن پاڪ (ڪتاب الله) هڪ اهڙو صادق ۽ صحيح ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ شبهي جي گنجائش

ڪانه آهي :-
(٢) آيت ثانيءَ مان هي حقيقت واضح ٿي ته خود حضور نبي ڪريم صلّي الله
عليه وسلم جن کي به هر معاملات جي سلجهائڻ واسطي هن ئي پاڪ
ڪتاب (قرآن) ڏانهن رجوع ڪرڻ جو حڪم فرمايو ويو آهي .... جنهن
کان روگرداني ڪرڻ واسطي رهان ٻچين ٿيل ڏسڻ ۾ اچو ٿا:-
(٣) اهڙيءَ طرح آيت سوم جي "تبيانا لكل شيء" (هر شيءِ جو بيان آهي)
لفظن موجب تمام ڪائنات جي اهڙي ڪا به شيءِ باقي نه ٿي رهي جنهن جو
واضح بيان يا جامع حقيقت انهيءَ مقدس ڪتاب ۾ موجود نه هجي-
هاڻي جنهن ڪتاب (قرآن) ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ شبهه جي
جو امڪان ئي نه هجي ۽ انهيءَ جامع ومڪمّل صحيفه جي فصيح بلاغت و احسن
فصاحت جي اها حد هجي جو خود حضور سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن
جهڙي هستي به انهيءَ ڪتاب ڪريم ڏانهن رجوع ڪندا هجن علاوه انهيءَ ڪلام
مجيد جي وسعت بياني جي اها حالت هجي جو ڪائنات جي ڪا به چيز انهيءَ جي
دائره بيان کان ٻاهر نه هجي ته اهڙي صورت ۾ عجب آهي ته انهن جي حالتن جو
بهشتن ۽ دوزخن متعلق سوال جيڪي بنديءَ ۾ مٿان ورق اهو شرط به لازم ڪري
ڏا چين پوءِ ته "قرآن جي ڳالهه اسانکي نه ٿي ملي ڪا انهن ڏانهن حوالا ڏيو" .....
ياد رکو ته ...... بروئي نصوص قطعيه جهنم ۽ جنت جا پلڪر ان پاڪ ڪتاب
(قرآن) ۾ هر انسان سان واسطيدار همه معاملات جي واضح تشريح ڪيل آهي
ڪنهن به پيچيده معامله ۾ جي جيڪا هن پاڪ ڪتاب رهبري ڪرڻ کان
قاصر ٿين ته اڃا اهو ئي هڪ هي جامع ۽ مڪمّل ڪتاب (قرآن حميد) ۾
ڪري انهن مجمل مسئله کي حل ڪري جيئڻ ۾ لاثاني ثابت ٿيندو دنيا وعقبي
جي ڪابه اهڙي شيءِ نه آهي جنهن جو بيان ۽ حقيقت انهيءَ روشن صحيفه
آسماني (ڪلام الله) ۾ درج ٿيل نه هجي ..... ها ... پوءِ به انهيءَ جا ....
آهي اکيون يا انهن جي ديد جن کي توهان پنهنجي مسئول حقيقت جي جواب
ڏهي لاءِ ضروري ۽ صحيح قرار ڏنو آهي سي الفاظ آيت مذڪور "تبيانا لكل

نشئي‘‘، مطابق پاڻ ڪلام الاهي جي معيار ۾ بيان موجب (جيڪو هُن اکين ۾
سندن نظر ۾ نسبت هئي) غير صحيح ثابت ٿي نٿيون سگهن؟ !
جا توهان جون اکيون جيڪي به ڏسن ٿيون سو سڀ صحيح معيار قرآن موجب
پهچن ٿيون جي سڀ حق ٿي حق آهي؟ جا توهان اِن جو واڳ نظري جي نتيجي ۾ حق
کي ناحق ۽ ناحق کي حق چئو ٿا: - يعني چون ٿا بي مثل صفت واري الله بابت
رکڻ جهڙي شئي کي خدا ۽ نور مان خلقيل ۽ نظر کان غائب رهندڙ صفت
واري مقرب ملڪ جبرئيل يا انهن حسين ۽ جميل شڪل واري جن کي
روح الامين (جبرئيل) ۽ پاڪيزگي ۽ لطافت جي مجسم پرين نشين محفوظ
مثل مرواريد (موتي) وغيره اعلى صفتن واري بهشتن حورن جي عوض ڪنهن
سهڻي جنت کي جنت جي حور ڪري نه سمجهيو آهي؟ ته پوءِ...... اي نظر
باطل کي ديد صحيح سمجهندڙ نادان انسانؤ! اي سراج هدايت قرآن پاڪ
جي لازوال روشني کي شب تاريڪ سان تعبير ڪندڙ نابين شب پرؤ!
(يعني چمڙو) هڏا ماڻهن جي سڀني واهيات (جيڪي معيار قرآن موجب
ٺيڪ نه هين) ڪتابن کان منهن موڙي ۽ صرف ڪلام الاهي (ڪتاب الله) ڏانهن
همه تن رجوع ٿي اُن مان نور معرفت حاصل ڪري اُن صحيح نظر باطن سان
مشاهده ڪري سگهو....... ور نه ياد رکو ته........ اعراض (قرآن (قرآن
کان منهن موڙڻ) جي نتيجي ۾ اوهان کي اهڙو لوڙو لڳندي پوندي جنهن کان
خود شيطان جي لڳڻ ۾ به لهر ڏيو نه وا!!
پوءِ..... جا جا به راهه هدايت ٿي جي قرآن ڏوس نه جهڪا ٿين ٿا!
اڳي اوهان پڇيو آهي ته اُنهن دوزخن ۾ ڪهڙي قسم جا ڏوهي رهن ٿا
۽ سڀ دوزخ جي باه جو رنگ ڪهڙو آهي؟ وغيره....... سو ياد رکو ته
جيڪي به قسم دوزخ جا آهن تن ۾ مجرمن جا ٽولا گناهن جي قسمن موافق
تار ڏاڪي داخل ڪيا ويندا جئن ته مثلاً ’’سقر‘‘ دوزخ ۾ خاص ڪري بي
نمازي وڌا ويندا.......
بفضله تبارڪ وتعالى...

مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ

(قرآن - ٢٩ - المدثر - رکوع ٢)

يعني ... (بهشت وارا دوزخ وارن کي نماز جي ڪاڻ پڇندا ته) ڪهڙي شيءِ توهان کي "سقر" (دوزخ ۾) وڌو؟ (جواب ۾) چوندا ته اسان نماز نه پڙهندا هواسون -

اهڙيءَ طرح جيڪي وري ترڪ نماز ڪري سان گڏ شهوت پرست هوندا آهن جو اُن شيطاني هوس جي سڌ جي آڌار تي نماز جي فرضيت جا به قائل نه هوندا آهن، اُلٽو ويني کي به عمل الصلوٰة (نماز پڙهڻ) کان روڪيندا هوندا، تن کي وري جهنم جي هڪ خاص وادي "غيّ" ۾ ڪاهي هنيو ويندو - جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالىٰ

أَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا

(قرآن - ١٦ - مريم - رکوع ٤)

يعني (جن ماڻهن) نماز وڃائي ڇڏي ۽ شهوت جا تابعدار ٿيا تن کي جلد ئي (جهنم جي وادي) غيّ ۾ هنيو ويندو - على هذا القياس:

پر ... وري اوهان جو سوال آهي ته اُتي ڪهڙي ڪهڙي قسم جو عذاب هوندو سو جڏهن توهان (بشرط مخالفت شرع رسول نادم زندگي) بذات خود اُن ۾ تشريف فرما ٿيندا تڏهن عذاب الٰهي جي باره ۾ حق اليقين حاصل ڪري جهٽ معلوم ڪري وٺندا ته اُتي ڪهڙا ڪهڙا ڪلور تين تاءُ جو ته اِهانت پيڪا آهي نه جيڪڏهن توهان کي هِتي قرآني آيتن سان به ڪي اُتي جي عذاب جو ڪجهه ته مختصر ٿيو ته ڪڏهن به اعتبار ڪونه ڪندؤ!!

ها ... باقي اِن سوال ۾ توهان وري خاص طرح سعير دوزخ جي باره ۾

ڇيو آهي تڏهن جي باه جو ٻارڻ ٿئڻ کهڙو آهي؟ سوالن جي ڄاڻڻ کان اول ضروري آهي ته معلوم ڪجي ته اهو سعير دوزخ ڪهڙن بدبختن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.... اِن معلومات لاءِ هيٺيون آيتون قرآن ڪريم پيش ڪجن ٿيون. جيئن ته قال الله تعالیٰ

إِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّا إِنَّمَا يَدْعُوْا حِزْبَهٗ لِيَكُوْنُوْا مِنْ أَصْحٰبِ السَّعِيْرِ -

(قرآن - ٢٢ - الفاطر - رڪوع ١)

معنیٰ: - تحقيق شيطان اوهان جو دشمن آهي پوءِ اُن کي دشمن ڪري وٺو. هو شيطان پنهنجن مڃيندڙن (پوءِ لڳن) کي رڳو هن لاءِ ٿو سڏي ته سعير دوزخ ۾ پون -

هاڻي هيٺ جامع الفاظن ۾ فرمايو ويو ته "شيطاني جماعت ئي سعير دوزخ ۾ پونديون...... ها.... برابر شيطاني جماعت ته ٿي پر اُهن جون خاص نشانيون ۽ سڃاڻپ ڪهڙيون آهن، اُنهن ته خبر پوي ته آخر ڪهڙن افعالن وارا شخص شيطان جي ٽوليءَ ۾ "السعير" دوزخ جا مستحق آهن اِن جي تاڪيد لاءِ ٻيا فرمودات ڪلام پاڪ ۾ هيٺ تحرير ڪجن ٿا جيئن ته قال الله تبارڪ و تعالیٰ

إِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ أَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَاءَ فِي الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَعَنِ الصَّلٰوةِ فَهَلْ أَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ -

(قرآن - ٧ - المائده - رڪوع - ١٢)

معنيٰ :- شيطان چاهي ٿو ته توهان ۾ شراب ۽ جوا جي ذريعي دشمني ۽ وير پيدا ڪري ۽ اوهان کي خدا جي ياد کان ۽ نماز کان روڪي ... پوءِ ڇا توهان باز نه ايندؤ؟

هاڻي توهان جي اڳئين سوال مان (سعير دوزخ) واري فقره جو جواب بروءِ حڪم قرآن هن طرح نڪري آيو ته -

سعير دوزخ ۾ ابليس جي جماعت داخل ٿيندي ۽ اُن حزب الشيطٰن (شيطاني جماعت) جون نشانيون وري هي آهن :-

١- شرابي هوندا (هن ۾ ڀنگ ڏوڙي ۽ آفيمي به اچي وڃن ٿا)

٢- جوا باز هوندا ٣- غافل عن ذڪر الله (هن مان مراد احڪام الٰهي يعني شريعت رسول عربي صلى الله عليه وسلم کان روگرداني ڪرڻ آهي) هوندا -

٤- خاص طور بي نمازي هوندا ... وغيره -

هاڻي ...... توهان ته الائي ڪهڙي مطلب تي سعير دوزخ ۾ رهڻ ڏانهن بابت پڇا ڪئي آهي ..... پر افسوس جو اِن توهان جي مسئول معاملي جو جواب بروءِ دلائل قرآن اهڙو نڪري آيو جو پڙهڻ بعد دل تي دل ۾ پشيمان ٿي پاڻ تي ملامت ڪندؤ ته ڪاش! - اهڙي سوال پڇڻ کان نه آهون بچيل هجون ها باقي رهيو ..... دوزخ جي باه جو رنگ ...... ها! ته ٻڌو - قال الله تبارڪ وتعالىٰ

إِنَّهَا تَرْمِي بِشَرَرٍ كَالْقَصْرِ - كَأَنَّهُ جِمَالَتٌ صُفْرٌ -

وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ - (قرآن - ٢٩ - المرسلٰت - رکوع ١)

معنيٰ: تحقيق اها (دوزخ جي باه) ماڙين جيڏيون چڻنگون اُڇليندي جڻڪ اُهي هيڊي رنگ جا اُٺ آهن - اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ خرابي آهي. - هاڻي ...... اِتان .. معلوم ٿيو ته اوهان جي پڇڻ موجب اُن دوزخ جي باه جو رنگ "هيڊو" هوندو ... پر هت ساڳئي وقت وري

اها، جا جيڪي مٿين آية پاڪ جي بيان موجب جيڪي شخص مُڪذِبين (ڪوڙا) آهن ۽ جن ڪيئي هيڏي رنگ واري پاڻ جي دوزخ ۾ وڌو ويندو سي آخرڪهڙي جُرم جي سزا ۾ اها پوڳنا پوڳيندا، اها... سو به پڙهو جنهن ته :- قال الله تبارڪ وتعالىٰ:-

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ - وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ :- قرآن - ٢٩ - المرسلات - رڪوع ٢)

يعني:- ۽ جڏهن کين چيو ويندو آهي ته رڪوع ڪريو (نماز پڙهو) ته هو (ڪوڙا) رڪوع نٿا ڪن (نماز نٿا پڙهن) پوءِ اُن (قيامت) ڏينهن اهڙن ڪوڙن (بي نمازين) لاءِ ويل آهي-

المقصود ته :- مذڪوره آيات قرآنيه مختلفه پيش ڪيلن مان حقيقت واضح ٿي ته گناه ترڪ الصلوٰة جهڙو اهڙو وڏو سنگين ترين جرم آهي جنهن جي مرتڪب (اُن جرم ۾ مائل شخص) کي بطور سزا مختلف دوزخن (گهٽوڪرهي سيني) مان ڪنهن به هڪ دوزخ جو عذاب چکائي ڪاٽوس قسمين قسمين پراڪنر ڪري سيني سُرنهن مان آلايون ڀرڊاهون ڪيا رڀون ويندا آهن- رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ (خدايا اسان کي جهنم جي عذاب کان بچاءِ) آمين

هالي،... آخير ۾ اوهان جي اُن دوزخن بابت پڇيل سوال ۾ مسايل داتي مقصد تي پڙهي وٺي ته بهتر آهي-

چونڪه مٿي ذڪيا ريوڙيو آهي ته اوهان جو عملي خواه عملي معامله قرآن پاڪ جي صريحاً خلاف ۽ برعڪس آهي،... جنهن ته جن عملن کي رب پاڪ پنهنجي ڪلام ۾ حرام قرار ڏنو آهي تو هان اُهنڪي عين حلال ٿا سمجهو ۽ جي فعل نزد خدا جڳا ۽ نيڪ آهن سي سڀ توهان وٽ برا ۽ قبيح آهن اهڙي طرح احڪام الاهي ما تحت تمام جهڙا اعمال اوهان لاءِ جنهن

افعال آهن ...... جن ڪمن کي خداوند تعاليٰ نور
روشني سان تعبير ڪيو آهي توهان وري اُهڙي اونداهه ظلمات بيان ٿيو.
مطلب جي ڳالهه ته توهان پاڻ وٽ هر حال ۾ اهڙو معاملو جاري ڪيو آهي جيڪو
تمام عالم اسلام جي مسلمانن مان ڪنهن هڪ ڪلمه گو سان به هرگز وابسته
نه آهي ..... هر صورت ..... ته ٻن لفظن ۾ هيئن ڪئي جيئن ته:
"اوهان جو عقيدو ڪاوڙ وند آهي، اوهان جو علم الٽو آهي، اوهان جو عمل ابتو
آهي ۽ ليس" سو ..... ان حقيقت مطابق جيڪڏهن اوهان جي هن
دور ختن واري هلندڙ سوال تي غور نظر ڪجي ته معلوم ٿيندو ته سچ
پچ جنهن صورت ۾ اوهان سان معاملو ٿيو ته ولاڳو آهي ته ان صورت ۾
پڪ ئي ٿئي ته اوهان دوزخ کي بهشت ۽ بهشت کي دوزخ سمجهي ڪري
سوالات اُٿاريا آهن ...... ڪيئن جو جنهن دوزخ جو ذڪر قرآن
پاڪ ۾ موجود آهي ته اُن ۾ ته قرآني بيان ڪيل حقيقت موجب بي نمازي
بي دين، ڀنگي، شراب نوش، زاني، چور، ڪذاب، دغاباز ۽ ٻيا
ڪردارن واريون هوندا سو سچ پچ جيڪڏهن اوهان اهو سچو دوزخ
ڏسو ها ته ان صورت ۾ جي بيوس ته به توبه تائب ٿي نمازون هڪدم شروع
ڪري ڏيو ها ..... جو ته ديدار جهنم ڪرڻ وقت جڏهن توهان اُتي بي نمازين سان
ٿيندڙ تعديون موجود ۾ ساڙي جو مشاهدو ڪري اُن عذاب الاهي جي باره ۾
عين اليقين جي منزل حاصل ڪيو ها ته بعد ان کوئي سبب ڪونه
هو جو توهان وڌيڪ وقت بي نمازي هجڻ جي حالت ۾ گذاريو ها...
پر ان ۾ شايد قصور اوهان جو به ڪوهي ڇو ته اهو خود توهان جي نظر
باطن جو ئي فتور آهي جنهن جي اُنڌي عڪس ذريعه اوهان دوزخ کي بهشت
ڪري سمجهيو آهي پر اُن سان گڏ اوهان جو وري بي نمازيت ۾ به غير مشروع
شغلن ۾ مشغول رهڻ جو سبب به اهوئي آهي جو جڏهن ته اوهان پنهنجي
ديد جي اُن اونڌي عڪس ڪري سڀني بي دينن گنهگارن کي اُن بهشت
۾ ڏٺا پيا ٿا جيڪو حقيقت ۾ جهنم آهي سا گئي وقت اوهان کي به ان

۽ ونڊي بهشت (دوزخ) ۾ داخل ٿيڻ جي تمنا پڻ انهن ۾ بهشتين (دوزخين) جهڙن ڪردارن عمل ۾ آڻڻ لاءِ مجبور ڪري رهي آهي .....!!

سو .....اِن اوهان جي مذڪور قابل قياس حالات کان متاثر ٿي آخير ۾ اوهان کي به مقصد خير خواهي جي صلاح ڏيون ٿا ته پنهنجي عجيب وغريب ..... گمراهه ڪن .. مشاهدات باطن ۽ باطل تي نظر ثاني ڪري باقي سر .....حياتي ۾ جا ڪنهن سچائي شغل ۾ صرف ڪري پنهنجي خواهه پنهنجي ٻالڪن لاءِ ابدي راهِ نجات فراهم ڪري ڇڏيو.....!!

وَمَا عَلَيْنَا اِلَّا الْبَلَاغ ؛

سوال ع ٣ :- دنيا جي جهان ڪي نهي ڪيترا ورهيه ٿيا آهن ؟ باقي قيامت ۾ ڪيترا ورهيه آهن ؟ توهان ٻڌايو يا اسين ٻڌايون...

جواب :- هاڻي توهان اهڙن سوالن جو سلسلو شروع ڪري ڏنو آهي جن جو واسطو براهِ راست عقائد اسلاميه سان آهي جنهن ۾ توهان گويا تمام دنيا جي مسلمانن جي ذاتي عقائد کي چئلينج ڪري رهيا آهيو..... توهان ٿي اِن سوال ۾ جنهن ٽن ڳالهين جي پڇا ڪئي آهي :-

١ عالم دنيا جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ تائين وچ وارو گذريل عرصو

٢ قيامت جي اچڻ ۾ باقي ميعاد - ۽ وري هيئن لکو ٿا ته "انهن مذڪوره مخفي معاملن جي خبر توهان ڏيو نه ته اسان ٻڌايون....... ها !!

هاڻي .... اوهان جي طرفان مسئول حقيقتن جو تعلق جنهن نه خاص طرح "علم غيب" سان آهي ۽ سا ڳئي وقت وري اوهان پنهنجي طرفان توهان ٻڌايو يا اسين ٻڌايون" الفاظ استعمال ڪري پاڻ کي گويا "عالم الغيب" (غيب جو ڄاڻندڙ) ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ۽ اهڙي علم جي حاصلات ۾ قوت آزمائي واسطي اسان کي نه بلڪ سڀني مسلمانن کي چئلينج ڏيئي رهيا

ڪري ٿو آهي ته اها ڳالهه قرآن ۾ ڪٿي به ڪانهي سوا ان

آهيو..... سوا ان جي ته اهڙو دعويٰ ڪرڻ وارو انسان ڪڏهن به اعتبار جوڳو نه ٿيندو... ڇو ته هن ڪان اڳ اهڙي انسان جي تجربي سان ثابت ٿيو آهي ته اهڙي دعويٰ ڪرڻ وارو شخص ڪنهن نه ڪنهن طرح مفتري ۽ ڪذاب نڪتو..... تنهنڪري هاڻي..... ڪلام الاهي جي روشنائي ۾ ڏسڻو آهي ته آيا ”علم غيب“ جو خاص ڪنهن سان نسبت ته ڪونهي ۽ ڇا انسان ڪي به اهڙو علم حاصل ڪري سگهي ٿو يا نه؟ علاوه ان جي ڪهڙن اهڙن مقام (غيب جي ڄاڻ وارن) حاصل ٿيڻ آهي؟ يا حاصل ٿي سگهندو؟

انهن سمورن معاملن جي صفائي لاءِ هيچ ته ڪلام الاهي ۾ اهڙيون سوين آيتون موجود آهن جن سڀني کي جيڪڏهن هن بحث ۾ آڻي ڪنهن کي انهن جي مفصل تشريح ۾ قلمبند ڪجي ته جيڪر ڪيئي دفتر به پورا ڪونه پئجي سگهن - انڪري هيٺ مشت نمونه خروار موجب ان حقيقت مذڪور جي صفائي لاءِ ڪلام مجيد مان فقط هڪڙي آية مطهره اخذ ڪري ان جي واضح تشريح ذريعي ان معامله کي حل ڪري ڏيکارجي ٿو. جنانچه قال الله تبارڪ وتعاليٰ :- ... :

قُلْ لَّا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ الْغَيْبَ إِلَّا اللّٰهُ - وَمَا يَشْعُرُوْنَ أَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ -

(قرآن - ۲۰ - النمل - رڪوع ۵)

معنيٰ :- (اي نبي صلعم) چئو ته زمين ۾ يا آسمانن ۾ اهڙو ڪو به ڪونه آهي جو غيب دان (ڪجهه ڄاڻندڙ) هجي مگر..... الله (سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو) ۽ (سا ڪهڙي وقت) هي به نٿا ڄاڻن ته ڪڏهن اٿاريا ويندا -

هاڻي پيش ڪرده آية صريح جي صاف ۽ بلڪل سچي مفهوم مان

معلوم ۽ ثابت ٿيو ته تمام مخفي معاملات صحيح طور سواءِ خدا تعاليٰ جي ٻيو
ڪو به ڪونه ٿو ڄاڻي ... علاوه خاص طور وري هي به الله پاڪ کان سواءِ ٻئي ڪنهن
کي به اهو پتو ڪونه آهي ته قيامت ڪڏهن ايندي ..... المطلب نه عالم
غيب (خاص طرح الله تبارڪ وتعاليٰ آهي ٻيو ڪنهن کي به اهو مقام حاصل
ٿي نٿو سگهي ... ته هاڻي باوجود ان ناقابل ترديد حقيقت جي جيڪو شخص
پنهنجي خالي ظن (گمان) ۽ وهم باطل موجب اها دعويٰ ڪري ته مان غيب
دان آهيان جنهن ڪري جهڙيءَ طرح روهان خود پنهنجي سر اهابات هئي
رد يا آهيو ته اُن اهڙي (مدعي علم غيب) ڳجهي ڄاڻ جي دعويٰ ڪندڙ جي
تڪذيب ۾ اهامتين نص قرآن موجود آهي ... بروءِ دليل قرآن صريح توهان
يا ٿوهان جهڙا اهڙا ڀلا ڀيڙ ڪيترو به ڪٿي لڳ جي زور لائين مگر ڪڏهن به
معلوم ڪري نه سگهندا ته قيامت فلاڻي ڪ فلاڻي وقت ۾ قائم ٿي
ويندي - يا وري هيئن به ڪونه ٻڌائي سگهندا ته دنيا جي جهان کي هيترا
ڪ هيترا ورهه ٿيا آهن ....

وري به ياد رکو ۽ بلڪل ياد رکو ته هر اهڙو شخص جيڪو معاملات
خفيه (ڳجهين ڳالهين) جي معلوم هجڻ جي دعويٰ ڪري ته هو اهو آدمي
بادو ٽيو وغيره بروءِ صريح دليل قرآن يقيناً ڪذاب ۽ مفتري آهي
...... آهي ! !

سوال ع ٤ امام مهدي عليه السلام جي اچڻ ۾ باقي ڪيترو
وقت آهي ؟ يعني ڪيترا ورهه ٿيا

جواب : - جڏهن ته هي معاملو "علم غيب" سان واسطو رکندو
۽ هي ڳالهه بروءِ نص قطعيه قرانيه (تازه ترين نشر ڪرده آية صفحه
١٠٥ م) جي خدا تعاليٰ شانه جي هٿ وس رکيل آهي ۽ ٻيو ڪو به اُن خفيه
معامله کي پوري طرح ڄاڻي ڪونه ٿو سگهي ۽ اهو مالڪ .. غيبدان
قادر مطلق جڏهن چاهي ۽ جنهن وقت گهري ان وقت سواءِ ڪنهن

سان صلاح مشورو ڪرڻ جي حضرت امام صاحب کي ظهور ۾ آڻي سگهي
ٿو..... ان لاءِ پيش ڪرده آيت مذڪوره پيش ڪيل حوالا وارين کي
وري به نظرثاني ڪيو ته جواب باصواب ان خود ملي ويندو......
پر..... اسان کي تعجب ته هن ڳالهه جو ٿو لڳي ته حضرت امام
مهدي عليه السلام جي لاءِ جو توهان انتظار ڪري رهيا آهيو
سو آخر وهان کي انهن جي آمد مان ڪهڙو فائدو پوندو؟
اها ڳالهه البت غور ڪرڻ جهڙي آهي! ها..... پڪ آهي ته جڏهن حضرت
امام موصوف جن جلوه افروز ٿيندا انهن اول اول توهان ئي هوندؤ
جو ان امام برحق جي امامت کان انڪار ڪندؤ ۽ چوندؤ ته هن جي امامت
صحيح ۽ رهبر آهي حقيقي جا عملدار هوندا انهن لازماً عمل
بالقرآن شريعت رسول عربي صلي الله عليه وسلم جا پيروڪار
۽ اهڙيءَ طرح رسومات خلاف شرع جي بيخ ڪني ڪندڙ هوندا.....
۽ ظاهر آهي ته اهي مٿيان سڀئي صحيح ڪارناما اوهان جي ذاتي
مسلڪ ۽ بنيادي اصول جي بلڪل ابتڙ ۽ خلاف آهن..... پوءِ توهان
ان حالت ۾ ڪيئن چاهيندؤ ته اهڙين صفتن وارو امام العز والاڪرام
تبليغ اسلام جو فرض انجام ڏيندو ۽ بدعتين جي ڳچي تي ڇري وهائيندو
رهي.....!!
ياد رکڻ گهرجي ته جنهن صورت ۾ حضرت امام موصوف جن جي
امامت حقيقي هوندي ۽ نه ڪي مصنوعي ۽ ڪين خداوند عالم جي طرفان
ظاهري باطني حڪومت مڪمل اختيارات سان عطا ٿيل هوندي.
ته ان صورت ۾ سندن ذات گرامي پوري جوش و خروش سان
قانون اسلام ۽ ارڪان ايمان کي تمام دنيا ۾ اسلام جي مسلمانن خواه
سيني انسانن ۾ ڦهلائڻ ۽ رائج ڪرڻ ۾ همه تن هر وقت مصروف
۽ سرگرم هوندي.
..... پوءِ..... ها ۽! ان وقت توهان جو ڇا حال ٿيندو وجه ۾ توهان کي

حضرت امام صاحب جي حڪم موجب ٻه ٻه گهوڙا گهوڙيون ڪاهي مسجد ۾
آڻي نماز پڙهائيندا!! يا وري اُن محل توهان جي کهڙو وحشي ٿيندو جنهن
بدعت توڙي عناد جو گهرو حضرت امام مهدي جي فرمان موجب اوهان جي
مڪان ۾ وارد ٿي اوهان جي اکين آڏو ور ورڻ واري ڏنڊيءَ ڪونڌي کي
پيچي پوري ڪري پاڻي سان ٽي پوءِ وري توهان جي سڀني جي هڪ هڪ
عضوي تي ذرا ذرا ڪري آڻيندو آهي جن خلاف شريعت حرڪت ڪئي ڪان
باز رهڻ واسطي ۽ احڪام قرآن تي عمل ڪرڻ لاءِ پڻ توهان ڪان پنهنجا
پين جا پيڪا به ضامن ورتا ويندا!!

جا رهاڻي اهو وهم ويٺل آهي ته حضرت امام موصوف اوهان جي
هم مشرب هوندا؟ جا حضرت امام صاحب رهنمائي شريعت و طريقت جي
باره ۾ اوهان کي اهو گمان ويٺل آهي ته هو شريعت محمدي صلي الله عليه وسلم
جا پابند نه هوندا؟ جا سندن لاءِ اهو ضروري نه هوندو ته هر هڪ ڪلمه
گو مسلمان کي قانون قرآن ۽ اعمال اسلام موجب زندگي بسر ڪرڻ تي
مجبور ڪن؟! - اي شعور حقيقي ۽ فهم صحيح کان ٻاهر انسانو ذرا
تسليم حق واري سمجهه کي پنهنجي ايمان دماغ ۾ جاءِ ڏيو پوءِ ڏسو اُن امام
عالي مقام جي اوصاف عاليه تي نظر ڪيو جيڪي تو رحمن الله تعالى شانه
پنهنجي مقدس و منور ڪلام ۾ بيان فرمايا آهن ۽ اُهامن ڪو حقيقت
واري آيه شريف هن هيٺ تحرير ڪجي ٿي جا غور سان پڙهي ڏسو -
جنهن ته قال الله تبارڪ وتعالى -

وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا وَاَوْحَيْنَا اِلَيْهِمْ فِعْلَ
الْخَيْرٰتِ وَاِقَامَ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَاۗءَ الزَّكٰوةِ وَكَانُوْا
لَنَا عٰبِدِيْنَ - (قرآن - ١٧ - الانبياء ع ٦ / ڪوع ٥)

معنیٰ :- ۽ اسان کين اڳواڻ (پيشوا يا امام) ڪيو جو اهي اسان جي حڪم سان
واٽ ڏيکاريندا هئا ۽ اسان کين نيڪيون ڪرڻ - نماز پڙهڻ ۽ زڪوٰة ڏيڻ
جو اُن موڪليو ۽ (اهڙي طرح اُهي) اسان جي (هر طرح جي) عبادت ۾ لڳل
(مشغول) هئا -

هاڻي جڏهن حضرت امام صاحب جا اهي اوصاف مذڪور بروئ
دليل قرآن معلوم ٿي چڪا ته پاڻ نماز پڙهندا ۽ زڪوٰة ڏيندا ۽ تمام نيڪيون
ڪندا ۽ هر وقت عبادت الاهي جي شغل ۾ شاغل رهندا ۽ اُن سان گڏ پنهنجن
مقلدن ۽ عقيدتمندن يا پنهنجن سمورن انسانن کي به اهڙن ئي صالح عملن
ڪرڻ جي تلقين ڪندا هوندا ته پوءِ ... اِن صورت ۾ توهان اهڙي پاڪ
پيشوا جي بيعت ۽ اطاعت عليٰ الاعلان ڪيئن ۽ ڇو ٿيا رهندا ۽ ڇو ته اوهان
جو ته هر اهڙي وصفن واري نيڪ شخص سان ڏير، دشمني ۽ عناد هوندو
آهي ڇو ته اوهان جا خيال ۽ افعال ۽ ڪچا اهي مذڪوره اوصاف حميده کان الا
سو ... اي امام ذيشان برحق جي آمد جي انتظار ۾ منتظر رهندا
ملنگو! جيڪڏهن سچ پڇ اوهان چاهيو ٿا ته حضرت امام موصوف عليه
السلام جي تقليد جي سعادت اوهان کي ضرور بالضرور نصيب ٿئي ته
پوءِ ... اڄ ئي پنهنجي علم خواه عمل کي ظاهرًا خواه باطنًا مطابق قرآن
سنت واري سنوارن ڪريو نه ته اهو نهايت مشڪل آهي جو توهان جهڙي
عداوتِ اسلام و قرآن واري بدترين حالت به سنوار قائم هجي ۽ ساڳئي
وقت وري مٿين وصفن واري امام جي امامت کي به تسليم ڪريو -
ڇو ته هرگز اهي ٻئي ضد يڪجا جمع ٿي نٿا سگهن - !!

سوال ٥ :- عام ملان مولوي چون ٿا ته چوٿون سن
ختم ٿيندو ته قيامت ايندي - پر هون سن ڪونه هلندو ۽ اوهان
ٻڌايو ته چوڏهين سن بعد قيامت ايندي يا ؟

جواب :- ملن ۽ مولوين جي طرفان اسان ۽ توهان کي اهي خاطري

تاڏيون ته يڪجا ٿيڻ انهن جي طرفان قيامت جي باري ۾ اهڙي راءِ هرگز قائم ڪيل نه
آهي ته ”جو ذهين سڀ ختم ٿيڻ تي قيامت برپا ٿي ويندي“ ۽ نه وري ڪنهن اها طاقت
ئي آهي جو هو قيامت جي برپا ٿيڻ جي وقت جو تعين صحيح ڪري سگهن، اِجهو ته جيڪو
سندن لاءِ لازمي عقيدو آهي اُن ۾ ئي اهڙي گنجائش رکيل آهي ته باقي ڪو وري
ڪهڙي سند جي آڌار تي اهڙي قطعاً مخفي چيز (قيامت) کي منشا الاهي جي خلاف
ظاهر ڪري ڏيکارڻ جي بيباڪ هٺ، اها ته انهن ملن ۽ مولوين جي ايمان جو
(انحصار ۽ سندن لاءِ نجات ابدي جو دارومدار، توهان جهڙن منڪرن جي
عقائد جي خلاف فقط قرآن تي آهي ته انصورت ۾ مٿي اهو مذڪور
معامله (جو بنص قرآن جي بلڪل خلاف آهي) مٿن هٺ نهايت ناجائز حرڪت
۽ نازيبا شرارت ٿيندي.

بهر صورت.... قيامت جي باري ۾ جيڪو به شخص اهڙا ٺاهي ٺهوي ته
اها فلاڻي ڪ فلاڻي وقت قائم ٿي ويندي ته انسان ايمانًا اعتقادًا ۽
اصولاً اهڙي شخصيت لاءِ هن لقب تجويز ڪرڻ ۾ مجبور ٿيندا سون ته
”وَإِنَّ هَٰذَا كَذَّابٌ أَشِرٌ“ حقيقي آهي وڏو ڪوڙو ۽ سخت شرير-

سوال مذڪور ۾ توهان جيڪو قيامت جي باري ۾ اهو اٿاريو آهي
سو جيتوڻيڪ اُن ڏيکاريل ڳالهه جي نسبت ظاهر ۾ توهان مُلن ۽ مولوين
ڏانهن ڪئي آهي پر جيڪڏهن اُن معامله تي ٿوري وقت لاءِ ويهي ويچار
ڪبو ته معلوم ٿيندو ته سچ پچ اهڙي خيال جا اٿاريندڙ ملان يا مولوي
هرگز نه آهن پر ڏسجي ٿو ته انهن جي آڙ وٺي توهان خود پنهنجي طرفان الٽا
واهيات ۽ باطل خيال ڏيکاري رهيا آهيو جو ته هن کان اڳ به توهان
پنهنجي اُٿاريل سوال نمبر ١٣ ۾ پڻ اهڙي باطل دعوى جا مدعي ثابت ٿيل
آهيو...... خير- مطلب ته اُن سموري معامله جي اصولي نقط نگاه کان
ڪلام الاهي ۽ جي روشني ۾ چڱي طرح اُپٽار ڪري توهان کي ثابت ڪري
ڏيکاريو ته ”آيا اِهي رمزون ۽ اشارا توهان جا ئي آهن يا مُلن ۽
مولوين جا“ -

هاڻي ...... قيامت ڇا آهي ۽ ڪوبه آدمي ڇاهي ڪيتريقدر به علم باطن
ياخيال باطل ۾ ماهر ڇونه هجي ته آيا هو يوم القيامة جي مقرر ڪيل وقت
کي پوري طرح ڄاڻي سگهي ٿو - ۽ ڇا جي ڪري قيامت کي مخفي رکيو ويو آهي
انهن انسانن جي اصليت ڇا آهي جيڪي اُن سخت ترين ڏينهن کان
ڊڄڻ جي بجاءِ بيپرواهي ٿا ڪن ۽ ٺٺول طرح چوندا آهن ته "ڏيو خبر
اُها ڪڏهن ايندي ؟" وغيره انهن سڀني حقيقتن متعلق جيڪي ڪجهه
ذات باري تعالىٰ عز اسمه طرفان فرمودات نازل ٿيل آهن سي سڀ
اُن جي پاڪ ڪلام مان اخذ ڪري انهن مطابق معاملات مذڪور
جي مناسب تشريح ۽ توضيح (تڪميل ايمان) ڪرڻ سان اوهانجي دماغن ۾
اُها صاف ۽ صحيح ڳالهه ذهن نشين ڪرائجي ٿي جنهن جو غلط تصور
عرصه دراز کان (اوهانجي خيال ۾ متمڪن ٿي ويل) آهي - ها..... جيتوڻيڪ
هن کان اڳ ۾ اوهان جي اهڙي عقيده ۽ خيال جي رد ۾ اوهانجي طرفان
اُٿاريل سوال نمبر ٣ جي ذيل قرآني جواب ۾ محڪم ۽ صحيح آيه پاڪ
صفحه ١٧٥ سٽ ١٥ ۾ به تحرير ڪئي ويئي آهي جنهن لحاظ کان هن هلايل
سوال جي جواب لاءِ به گويا ريندڙ شڪن جوابي صورت واسطي ڪافي آهي
پر جيئن ته اوهان اُن ساڳئي معامله کي هر گهڙي ٻيهر دهرائي رهيا آهيو
۽ جنهن مان صاف ظاهر آهي ته "اوهانکي قيامت متعلق سچ پچ حقيقت
دريافت ڪرڻي نه آهي بلڪ اُن کي ايمان معامله تي صرف ٺوڪ
طعنه زني ۽ ٺٺول ڪرڻ ئي مقصود آهي" ته اِن صورت ۾ اسان تي
به لازم آهي جو اوهان جي انهن سمورين خفيه چالبازين کي کولي
ظاهر ڪري سر ميدان تي آڻي سڀني مسلمانن آڏو توهان جي
اهڙين رندانه حرڪتن ۽ ڪارروائين کي پڌرو ڪري ثابت ڏيکارجي
ته ڪيتريقدر اوهان پنهنجي مذڪوره دعوىٰ ۾ حق بجانب آهيو.
سو هن هيٺ انهن سمورين جاٽايل ڳالهين متعلق ارشادات
ذات حق سبحانه تعالىٰ تحرير ڪري انهن جي مفهوم کي مفصل طرح

ٿو ٻي صحيح حقيقت کان روحاني روشناس ڪرائجي ٿو۔ جئن ته قال الله تبارڪ وتعالیٰ۔

۱۔ اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ اَكَادُ اُخْفِيْهَا لِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا تَسْعٰى۔ (قرآن۔ ١٦۔ طٰهٰ۔ رڪوع ١)

معنیٰ:۔ (رب ٿو فرمائي ته) تحقيق قيامت اچڻ واري آهي (ء) انکي مخفي رکڻ ٿو گهران انلاءِ ته هر ڪنهنکي اهو بدلو ڏنو وڃي جيکي اُن ڪمايو آهي۔

۲۔ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ ۞ يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّاۤ اَرْضَعَتْ وَتَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَتَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَمَا هُمْ بِسُكٰرٰى وَلٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ۔ (قرآن۔ ١٧۔ الحج۔ رڪوع ١)

معنیٰ:۔ اي انسانو پنهنجي رب (جي عذاب) کان ڊڄو۔ بيشڪ (اچڻ) قيامت واري (دهشت ۽ لرزش) زلزلہ نهايت وڏي چيز آهي۔ جنهن ڏينهن کي ڏسندؤ ته سڀڪا کير پيارڻ واري پنهنجي کير پيارڻ واري ٻار کان بي خبر ٿيندي۔ ۽ سڀڪا حمل واري پنهنجو حمل ڪيرائي ڇڏيندي ۽ تون (انڏينهن) ماڻهن کي نشي ۾ مست ٿيل ڏسندين۔

ڏينهن ڪَا اهڙي نَشي وارا نه آهن پر خدا جو عذاب سخت آهي (جو اُن ڪري انهن جي مدهوشيءَ واري حالت ٿي آهي)

٣ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰهَا قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَا اِلَّا هُوَ ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ـ

(قرآن - ٩ - الاعراف - رڪوع ٢٣)

معنىٰ :- (اي نبي صلعم) توکان قيامت بابت پڇن ٿا ته اُن جي قائم ٿيڻ جو وقت ڪڏهن آهي؟ (ڄاڻائي ته) اُن جي معلوميت خاص منهنجي رب کي آهي انکي وقت تي اُهو ئي ظاهر ڪندو (اها قيامت) آسمان ۽ زمين ۾ (هڪ) ڳوري ڳالهه آهي (اها) اوهان تي اوچتو ايندي -

٤ - قُلْ لَّا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الْغَيْبَ اِلَّا اللّٰهُ ـ وَمَا يَشْعُرُوْنَ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ

(قرآن - ٢٠ - النحل - رڪوع ٥)

معنىٰ (اي نبي صلعم) چئو ته زمين ۽ آسمان ۾ اهڙو ڪو به ڪونه آهي جو غيب دان (رڳو ڄاڻندڙ) هجي مگر الله (سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو) ۽ (سا ڳئي وقت) هي به نٿا ڄاڻن ته ڪڏهن اُٿاريا ويندا -

٥ إِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ ۚ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْأَرْحَامِ ۖ وَمَا تَدْرِي نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ۔ (قرآن ۔ ٢١ ۔ لقمان ۔ رکوع ٤)

معنیٰ : بيشڪ خدا وٽ ئي قيامت جو علم آهي جو مينهن ٿو وسائي (يعني مينهن وسڻ جي وقت کي به اهو ئي ٿو ڄاڻي) ۽ (ڄاڻي ٿو) جيڪي مائن جي پيٽ ۾ آهي ۽ (ان کان سواءِ) ڪوئي شخص نٿو ڄاڻي ته سڀاڻي ڇا ڪندو ۔

٦ وَمَا يُدْرِيكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيبٌ ۞ يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِهَا ۖ وَالَّذِينَ آمَنُوا مُشْفِقُونَ مِنْهَا وَيَعْلَمُونَ أَنَّهَا الْحَقُّ ۗ أَلَا إِنَّ الَّذِينَ يُمَارُونَ فِي السَّاعَةِ لَفِي ضَلَالٍ بَعِيدٍ ۔

(قرآن ۔ ٢٥ ۔ الشوریٰ ۔ رکوع ٢)

معنیٰ ۔ پوءِ (اي نبي صلعم) توکي ڪهڙي خبر ته متان قيامت ويجهي هجي جيڪي ان کي نٿا مڃن اهي ئي ان لاءِ تکڙ ٿا ڪن (يعني ان بنسبت ڪهڙي ڪهڙي ٻيا ٿا پڇن) ۽ جن ايمان آندو آهي سي ان (قيامت) کان ڊڄن ٿا (يقينا) ڄاڻن ٿا ته اها (ضرور) حق آهي (برپا ٿيڻي آهي) خبردار! جيڪي

قيامت بابت (هن دنيا ۾) جهڳڙو ٿا ڪن اهي ئي ڏور انهين گمراهي ۾ آهن -

هاڻي.... ترجمان جي اُن اُتاري سوال مذڪور سان سمورين تعلقدار حقيقتن جي صفائي واسطي مذڪوره متواتر آيات قرآنيه تحرير ڪيون ويون آهن جن جو وهان بچشم خود ملاحظو ڪري رهيا آهيو، جيتوڻيڪ انهن آيتن جي صاف طرح بامحاوره لکيل معنيٰ جيڪا پڻ مسئول معامله جي جواب لاءِ ڪنهن حد تائين ڪافي آهي. اُن تي ئي ڪي اڪتفا ڪجي پر...... نه اِڪيئن ٿي... اسان سان بحث ۾ جيڪي مخاطب شخصيتون آهن تن جي عادتاً اِها حالت آهي جو هو پنهنجي فطري چال سبب ناقابل اعتراض معاملن تي به رنگارنگي اعتراضن جي بارش وسائي ڏيندا آهن اِن ڪري ضروري آهي ته اُن متعجب معترضن کي حتى المقدور بلڪل واضح طور ڏندان شڪن جواب ڏجي جنهن جي ڪري ڪين اعتراض اُٿارڻ يا بڪ بڪ ڪرڻ جي مجال باقي نه رهي. اِن مد نظر هيٺ اِن مذڪوره آيات ڪلام الاهي جي واضح تشريح پڻ ڪجي ٿي لهذا ضروري آهي ته اُن پيش ڪيل قرآني حقيقت تي منصفانه غور ڪيو وڃي......

ها...... پيش ڪيل متين آيتن مان جيڪي نتيجا حقيقتون ظاهر ٿيون آهن سي سلسله وار هيٺين موجب آهن جئن ته:-

١- آيه اول جي مفهوم مان هيٺيون ڳالهيون معلوم ٿيون ته

١- نيڪ خواه بدڪيل عملن جي نتيجه پرسن اوجزا ملڻ واري ڏينهن کي قيامت جي لفظ سان تعبير ڪيو ويو آهي -

٢- بيو اُهو قيامت وارو زلزلو ضرور اوچتو وقوع پذير ٿيڻ وارو آهي

٣- ته اُنکي خداوند تعالىٰ به مشيت خود تمام عالمڪان مخفي رکيو آهي اِن لاءِ ته بندگانِ خائف خدا اُن (قيامت) جي اوچتي اچڻ واري خطره کي محسوس ڪري هر وقت ۽ هر لحظه عبادات الاهيه ۾

مستغرق هجن ۽ هر گهڙي ٤ اُن سخت ڏينهن جي سختيءَ کان ڊڄندي اطاعت خدا ۽ رسول ۾ همه تن سرگرم ۽ مصروف رهندي بالآخر مقصود (صلي رضاءِ الاهي) حاصل ڪن.

ها...... اِتان ثابت ٿيو ته توهان پنهنجي اِن دعويٰ ۾ (ته اسان کي قيامت جو علم آهي ۽ جيڪا ڪُنشنه سوال ع ٣ ۾ ذڪر ڪيو آهيو) بلڪل ڪذاب ۽ مفتري آهيو......

٢ آية دوم جي معنيٰ منجهان معلوم ٿو ٿئي ته اُهو ڏينهن جنهن کي قيامت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو سو نهايت هيبتناڪ. دهشت انگيز ۽ شديد تڪليفن سان ڀريل هوندو..... ايتري قدر جو اُن جي شدت ۽ هيبت کان متاثر ٿي ماءُ پنهنجي لخت جگر محبوب ٻچڙي کي به بلڪل وساري ڇڏيندي. علاوه اُن جو پوءِ اُتي جان کان رساله ڪيترن اثر اهڙو وهونه وجوهه حامله اُن جي خطرناڪ اثر کان متاثر ٿي پنهنجو حمل ٿي ڪيري ڇڏيندي. ان سواءِ مجمله اُن جا تاثرات ايتري قدر ته مهلڪ ۽ خوفناڪ هوندا جو هر ذي فهم ۽ طاقتور فرد اُنهن جي دهشت سبب هڪدم بيهوش ٿي ويندو..... اهڙيءَ طرح......

٣ پيش ڪرده آية سوم مان ظاهر آهي ته اُن (قيامت) جي جاڳ خاص خداتعاليٰ کي ئي آهي ۽ ٻيو ڪوبه فرد اُن کي صحيح طور جاڻي ۽ سمجهي نٿو سگهي. علاوه اُن جو اوچتو وقوع ۾ اچڻ به ثابت آهي ان سواءِ اُن يوم الحشر جي هر نموني ۾ سختي ۽ شدت اهڙي ته قوي هوندي جو زمين خواه آسمان ۾ اهڙو مهلڪ ۽ خطرناڪ موقعه پنهنجي نوعيت ۾ صرف اِهو ئي (قيامت جو) هوندو ۽ اِتي به غور ڪيو ته اِن مان به توهان جي بناڪ مذڪور جي خوب ترديد مثل معلوم ٿيندي.

ع ٤ اهڙيءَ طرح تحرير شده آية چهارم مان ثابت ٿئي ٿو ته قيامت جي جاڳ خواه تمام معاملات خفيه جي خبر سواءِ خداتعاليٰ جي

ٻڌي ڪنهن کي به ڪانه آهي- مطلب ته ڪو به انسان جن- فرشتہ وغيره
جا هي ڪي ڪهڙي به منزلت ۽ ولايت جو صاحب ڇو نه هجي هر گز قيامت جي
برپا ٿيڻ واري وقت کي معلوم ڪري نٿو سگهي-
...... اتان ته بروئي حڪم خدا توهان جي قيامت خواه ٻين سمورن
مخفي ڳالهين جي معلومات هجڻ واري لاف جي تڪذيب ثابت ٿي وئي!!
ھ علاوه آية مرقوم پنجم مان قيامت جو علم خاص خدا رت هجڻ
کان سواءِ هي به ثابت آهي ته ,, وقت يوم الحشر،، جي معلومات ته بجاءِ خود
پر ڪنهن به شخص کي اها ڳالهه مطلق خبر نه آهي ته سڀاڻي هو ڪهڙا ڪم
ڪندو- ان صورت مان واضح آهي ته جڏهن توهان کي ”مَاذَا
تَكْسِبُ غَدًا“ موجب اها به خبر ڪانه آهي ته توهان سڀاڻي ڪهڙا جو
ڪم ڪندا ٿي پنهنجي پيٽ جوڙيندا ته وڪنده تو نه پوءِ .... ان
حالت ۾ قيامت يا ٻين تمام آئنده واقعن جي صحيح اوقات وقوع جي
خبر توهان کي ڪيئن ٿي پئجي سگهي؟ سواءِ ان جي توهان جي پيشنگوئي توهان
جي آئنده واقعات جي تاريخن ٻڌائڻ واري دعويٰ ۾ مردود ۽
مفتري آهيو...... بعده وري ....
٦ پيش ڪيل آية ششم ۾ اهي آدمي جي عبرت انگيز چال جو
به ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو هر ڳالهه مسخرانه لهجه ۾ ٻڌائيندي
وندي کان پيو پڇي ته بابا..... ڏيو خبر اها قيامت ڪڏهن
ايندي؟ - جڏهن ته هو شخص ان جي اچڻ ۾ ڊڄڻ وارو منتظر به
اُبا هوندو آهي..... ته اهڙي احمق آدمي کي آية مذڪوره ۾ ”بي ايمان“
سڏيو ويو آهي گويا اُن شيطان صفت انسان جي دل ۾ خداوند تعاليٰ
جي ڪنهن به فرمودي تي يقين ۽ ڀروسو يا ايمان ڪونه آهي ساڳي آية ۾
هيٺ وري اهڙن آدمين کي ”مؤمنائيب“ جي لقب سان نوازيو ويو آهي
جيڪي هر حال ۾ ان يوم الحشر (قيامت) جي خوف ۽ خطري کان ڊڄندا
۽ ڪنبندا آهن ......ها..... ان قرآني دليل مان به اها خبر

پئي ته اوهان جو هر وقت اِها ڳڻتي رهيا آهيو ته ”قيامت ڪڏهين ايندي“ وغيره ته اِن صورت ۾ سچ پچ جيڪڏهن توهان مسخر اَٿيءَ جي نموني اِها پرستش ڪري رهيا آهيو ته قرآني حڪم مذڪور جي روسان اوهان جو بي ايمان هجڻ به يقيني آهي ......

هاڻي اِهن مذڪوره پيش ڪيلن قرآني دليلن مان منجمله ثابت ڪيو ويو ته:- قيامت اچڻ واري آهي ۽ اُها اوچتو برپا ٿي ويندي اُن جي وقت کي خدا کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪو نه ٿو ڄاڻي ۽ هر هڪ شخص جيڪو اِن لازمي واقع ٿيڻ واري حادثه جي هر گهڙي ۽ ويٺو ٺوڪ طرح ڳڻتي ڪري ته اُهو بي ايمان آهي! چو ته:-

مسلمان واسطي پنهنجي بنيادي شرطن سان گڏ هي به لازمي شرط به آهي ته ”هو يقين ڪري ڄاڻي ته قيامت جو هيبت ناڪ ۽ پُر خطر ڏينهن به ضرور مقرر وقت تي قائم ٿيڻ وارو آهي“

پر برخلاف اُن جي جيڪو آدمي قيامت متعلق هر ان آمير ۽ سحرائي جي نموني ۾ جملا ڪم آڻي ٽنول ۽ جنتر جي صورت ۾ ولهي بڪواس ڪري پاڻ گوڙ ويٺو قيامت متعلق رٽ ۽ ڏڪا هڻي ۽ ويٺو پڻ ڪان وري هر گهڙي ۽ ڳڻتي ڪري ته اهڙي نادان انسان جي اهڙي گفتار مان سندس واسطي هر ذي فهم انسان هي فيصلو ڪري سگهندو ته ان عذاب حق کان بي ڊپ انسان شڪل ڍور جي دل ۾ اهو يقين ئي ڪو نه آهي ته ڪا قيامت به ٿيندي“ چو ته .... هي هڪ فطرتي ڳالهه آهي ته جڏهن ڪنهن به يقيناً ٿيندڙ سخت حادثه جي اڳواٽ خبر پهچي چڪندي آهي ۽ اُن جي ڪنهن به وقت اوچتي ٿي پوڻ جي بلڪل پڪ هوندي آهي ته گهڙي گهڙي ۽ اُن ايندڙ حادثه جي پرستش ڪرڻ بدران اُن واقع جي خطرناڪ صورت حال کي سامهون رکي ته رڳو جان ۾ بي آرامي ۽ گهٻرائي جي لهر ڊوڙندي رهندي آهي پر جيڪي به اُن آفت کان بچڻ جا حيلا مهيا ڪري سگهندا آهن اُهي تدبيرون

سوچيو ويندو پوءِ آهن ۽ هر وقت اُن خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ عملي اُپاءُ
اختيار ڪيا ويندا آهن پر جڏهن پڪ کي اِن ايندڙ خطري جي ٿيڻ تي ڪو به
يقين ڪونه هوندو آهي ته هو ان جي بچاءَ ڪنهن بندوبست ڪرڻ جي توهان وانگر
ويندو هر ڪا ان اُن بابت ٺوڪ ۽ ٺٺول جي نوع سان پڇا ڪندو آهي ته ڏيو خبر
اُها آفت ڪڏهن ايندي - هيل ايندي يا ايندڙ سال؟ اڄ رات جو ايندي يا
منجهند جو نازل ٿيندي؟ ته پوءِ يقيناً اهڙي عقل جي مار يل آدمي لاءِ آخرت
ذي فهم اِهارا ءِ قائم ڪندو ته" اُن بي وقوف جو اُن ايندڙ يقيني ۽ اٽل
خطري تي ويساهه ئي ڪونه آهي"

ها..... بلڪل اِن مثال وانگر جڏهن ته قيامت يقيني (وچتو نا معلوم
ته اِلائي ڪڏهن به قائم ٿيڻ واري آهي ته (وهان جا اُن ٿيڻ خطري بابت
وري اهي ٺوڪ ٺاري جا سوال ته " ڀلا پوءِ ته اُها قيامت ڪڏهن ايندي
جو ڏهين سن ۾ يا ڪِ يندڙ رهين صدي ۾؟ (ان اوها جي اهڙي رويه
مان ثابت آهي ته توهان کي اُن يوم الوعيد (قيامت) جي قائم ٿيڻ تي ڪنهن
به قسم جو يقين ۽ ويساهه ڪونه آهي..... جو ته جيڪڏهن اُن يوم الحشر
تي پورو پورو يقين رکندا ته هجو هانه ڪڏهن به اُن متعلق اهڙي جاهلاڻي
پڇا ڳاڇا ڪري پاڻ کي خواهه مخواهه بي دين رنڌ ثابت ڪرڻ لاءِ پاڻ کي مجبور نه ڪيو ها
..... پر..... سچ پچ جيڪڏهن توهان جو عقيدو قيامت جي باري ۾ اِن اساسي
ڪليل راءِ جي بر عڪس آهي ۽ توهان کي به ٻين مسلمانن وانگر قيامت جي اوچتي
ٿي پوڻ تي پڪو يقين ۽ ايمان آهي ته پوءِ توهان لاءِ قيامت جي باري ۾ اهڙي
واهيات ۽ بي سود پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي بجاءِ بهتر ٿيندو ته اُن خطره عظيم جي حملي
اثر کان بچاءُ حاصل ڪرڻ لاءِ قرآني دستور العمل مطابق ڪو عملي اُپاءُ سوچيو

هي جو توهان مُلن ۽ مولوين تي واقعه قيامت جي جاڻ جو اِلزام ڌريو آهي
ته اُهي (ملان ۽ مولوي) هيٺئين کي هيڻ ته اِن توهان جي ڪڏهن ڪيل الزام
جي رد ۾ هن نازڪ مسائل بحث ۾ ڪافي قرآني ثابتيون پيش ڪيون ويون
آهن ۽ جيئن ته مُلن ۽ مولوين جو مسلڪ قانونِ قرآن جي خلاف هرگز نه هوندو

آهي نه دلائل قرآنيه جي روشنيءَ ۾ قيامت متعلق اهڙيءَ ريت ظاهر ٿيو ته "الله تبارڪ وتعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبه قيامت جي اچڻ واري وقت کي ڄاڻي ڪونه ٿو سگهي،" تنهن ڪري انهن حالتن ۾ اهڙا عقيدا رکڻ، ملون جي ذاتي نظريه جي بلڪل خلاف آهي جو هو ڳجهي زبان مان قرآن کان خلاف ڪلمات ڪري چون ٿا ته "قيامت جو ڏهين صدي ختم ٿيڻ بعد اچي ويندي ۽ پندرهين صدي ڪونه ايندو" ..... ان مان معلوم ۽ ثابت ٿيو ته اهڙا جو ملون ۾ ملون جي مذڪوره ذاتي الزام هڪ بي بنياد بهتان ۽ افتراءُ آهي جنهن ۾ ڪا به حقيقت ڪانه آهي..... ها..... پر جنهن کان اڳ ۾ "جاهل ٻڪري" جي اڏوڻي "يقين" لفظ جي معنيٰ موت جي بدران عبادت خداکان بند ڪري ڇڏيندا، ۽ "وسيلي" "مفري" ڪري سوال اُٿاريو هو ته ڇا هت به اهڙا جيڪو مذڪوره عمل اختيار ڪيو آهي سو حقيقت تي مبني هرگز نه آهي باقي فقط پنهنجن ئي اهڙن خبيث خيالن ۽ ردي عقيدن ڪي ڪنهن به طرح ظاهر ڪرڻ جي نيت سان آئي ملون پنهوڻ جي ڄمي مان جلوه گر ڪيو آهي!!...... جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا ۔ حق آيو ڪوڙ ويو جو ڪوڙ (صل ختم) آهي)

افسوس! جو توهان جا اهڙا مقصد ملون ۽ ملوين جي ذريعه به پورا ٿي نه سگهيو.....!

سوال ٨٦ :- سيني زمين جي حالت ڇا آهي..... زمين ڦرڻ ڪونه آخر ڪٿي چا آهي؟ آسمان ۽ زمين پنهنجي گردش ڪهڙي طرح ڪن ٿا؟ انهن جي گردش جو ڪنهن ڪهڙي نموني ۽ ڪهڙي هنڌ آهي ۽ ڪهڙي وقت ان کي ڄاڻي ٿي آهي؟ ۽ ڪوهه قاف جي پريان ڇا آهي -

جواب :- تحقيق توهان جي هن جيڪل سوال مان اهڙا توهان جي وسيع سياحت جي چڱيءَ طرح پروڙ پئجي سگهي ٿي -..... ها..... سچ پچ ته توهان جو هڪ محدود مڪان ۾ ويهي ڪري منتقن ۽ سڀني ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ مان گهمي ڦري چڪر هڻي ورتي ماڳ تي ورائي اچي رهجو پيئي ان کان ظاهر بين جي ايائي ته ڇا ويا ٿي ڪونه هيو ۽ اهڙا ڪا معمولي ڪرامت نه آهي.....

سو.... توهان جو والد صاحب به جڏهن ته پنهنجو مٽ پاڻ آهي پر ڏنهن
لاءِ ته اَلوَلَدُ سِرٌّ الاَبِي جو عام مقولو به ڪائي مناسبت نٿو ڪي پر توڙي
جو اُن کي ڦيرائي ڪي اَلاَبَا سِرّ الوَلَد ڪجي ته به توهان جو والد صاحب توهان
سان هر حال ۾ ڪجي ڪو نه سگهي - خير.... هي آهي اڙ لي وڌ جڏهن کي
جيئڙي عطا ٿئي -
ها.... خدا نخواسته گستاخي ڪري اوهان جي اُن ڪيل سير ڪُل
ڪائنات کان متاثر ٿي توهان کان وري هي سوال ڪڻي ڪجي ته ڏيو خبر
ڪلڪته واري وڏي ڪاليج جي اُنرڻين کوٺي جي اُهندي ء ڪُند ۾ ڇا
پيو آهي ؟ " ته يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اُن سوال تنهن ڪو به صحيح
جواب ڏيڻ لاءِ اوهان کي اُن سرزمين تي وڃي معائنه ڪري حقيقت هٿ
ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي پي صورت ۾ جيڪڏهن ڪرايه جي
قلت ۾ بين اهم سببن ڪري اينري ڪشا پي ڪيئن ڪجي پاڻ ۾ طاقت
نه ساريندؤ ته پوءِ مجبور ٿي گهر ويٺي پي وڃي اُن جهارن پچڻ لاءِ ڏکا
هڻندؤ ۽ انه پوءِ ڇا توهان جي اهن خيالي ڏکڻ تي اُهو شخص جيڪو
اُها جاءِ پچشم خود ڏسي آيو هوندو اِعتبار ڪندو وهرگز
نه ! ! ها.... انهن وجيڪڏهن اُن جي ڳو ڇڻي هٿ لائي اُن کي پي سچو
اُن سمجهي ۾ پين کي شئي جي حقيقت سمجهائڻ لاءِ سمورو اُن کي
فقط لفظ سان تشبيه ڏيئي بيان ڪري ته ڇا ڪين وار اُن اِنهي جي
اهڙي غلط تذڪره تي وبيساه ڪندا يا سندس قياس جو کي حالت
تي عجب کائيندا !
..... بلڪل اهن مثالن وانگر اهڙي طرح اُهو انسان جيڪو قرآن جي
روشني ۾ سب ڪجهه ڏسي رهيو هجي ۽ هر هڪ ڳالهه کي معيار قرآن
مطابق پرکي ڏسڻ جي صلاحيت رکندو هجي سو باشعور شخص ڪيئن
ٿو توهان جي اُن ڪلام اِلهي جي صريحًا خلاف ڏکي بازي - بازي
بناٽ کي تسليم ڪري.....!

تهان پهنجي کيل سوال مذکور جن ڳالهين متعلق پڇيو آهي تن سڀني جي جامع جواب ڏيڻ لاءِ هن هيٺ صحيح آيات قرآنيه پيش ڪجن ٿيون اميد آهي ته حق کي تسليم ڪري دنيا اندر سچ کي ڇجڻ جو مثال قائم ڪري ڏيکاريندو...... پڙهو...... قال الله تبارک وتعالیٰ

١ وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ ۚ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۚ وَمَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝

(قرآن -٧- الانعام - رکوع ٧)

معنیٰ:- ۽ اُن (الله) وٽ ئي غيب جون ڪُنجيون آهن اُن کان سواءِ اُهن (غيب جي ڳالهين) کي ڪوبه ڪونه ٿو ڄاڻي - ۽ جيڪي خشڪي ۽ دريا ۾ آهي سو به ڄاڻي ٿو ۽ ڪو به پن ڇڻي ٿو ته اهو اُنکي ڄاڻي ٿو ۽ زمين جي اونداهين ۾ اهڙو ڪو داڻو ۽ سڪل يا ساوو ڪونه آهي جنهنکي هو نٿو ڄاڻي مگر کليل ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ درج آهي

٢ لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ (قرآن -٢٣- الزمر- رکوع ٦)

معنیٰ :- آسمانن ۽ زمينن جون ڪُنجيون اُن (الله) وٽ آهن يعني جيڪي الله جي
آيتن (قرآن جي انهن حقيقتن) جا منڪر ٿيا اُهي ئي آهن نقصان ۾ پيل -
هائي ...... مذڪوره پيش ڪيل ٻنهين آيتن جي مفهوم مان هيءَ ڳالهه
حقيقت واضح ٿي ته :-

تمام ڪائنات ۾ جيڪي به مخفي معاملا ۽ ڳجهيون حقيقتون ڪل
آهن ۽ جن جي پروڙ لاءِ ادراڪ انساني عاجز ۽ قاصر آهي سي سڀ راز ۽
ڪيفيتون مڪمل طور ذات باري تعاليٰ عزّ اسمهٗ وٽ بلڪل ظاهر ۽ عيان
آهن - ڪابه اهڙي چيز جنهن جي معلوم ڪرڻ ۾ آدمي جي عقل ۽ فهم جي رسائي
ٿي نه سگهي ته اُن شيءِ جو علم اڳيئي خداوند تعاليٰ وٽ موجود آهي ..... باقي
ٻيو ڪو به آدمي وغيره ماسوى الله اهڙين غيبي شين جي حقيقت کي
ڄاڻي نٿو سگهي - جنهن لاءِ ٻئي الفاظ آية قرآن "لَا يَعْلَمُهَا إِلَّا هُوَ" -
(يعني خدا کان سواءِ (انهن کي ڪو به ڪو نه ٿو ڄاڻي) ثبوت واسطي ڪافي
آهن -.. هي جو سوال مذڪور ۾ توهان پڇيو آهي ته "زمينن ۽ آسمانن
جي گردش جون ڪنجيون ڪنهن وٽ آهن؟" سو انهن لاءِ ٻئي آية اول جا
الفاظ "وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ" (يعني: غيب جون ڪنجيون خدا وٽ
آهن) ۽ آية روم جا الفاظ "لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (يعني: زمينن
۽ آسمانن جون ڪنجيون خدا وٽ آهن) بلڪل واضح ۽ صاف دلائل قرآني
اوهان اڳيان ملاحظ لاءِ حاضر آهن جنهن مان .... هر ذي فهم عقل سليم
الطبع اها ڳالهه تسليم ڪندو ته برابر "غيب جون ڪنجيون ۽ خصوصاً
اوهان جي پڇا ڪيل معاملي موجب زمينن ۽ آسمانن جي گردش جون
ڪُنجيون ۽ قفل سڀ الله تبارڪ وتعاليٰ وٽ ئي آهن" پوءِ انهن هوندي
به جيڪڏهن ...... بعد از صحيح واضح دليل قرآن اچڻ اوهان انهن ڳالهه
جو اعتبار نه ڪندو يا انهن ڪُنجين ۽ قفلن جي مالڪيت جي نسبت خدا
تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن ڪندو ته پوءِ انهي صورت ۾
توهان کي احڪام قرآن جو منڪر ڪوٺبو ۽ گويا توهان جي ظن فاسد ٿي هلندا

سمجهي مجبورًا اوهان لاءِ اهي لقب تجويز ڪرڻا پوندا جيڪي اهڙن مخالفن
قرآن ڪريم ۽ معاندن برهان صريح آڏو مين لاءِ برويءَ ڪلام مجيد منطوق رشده
هوندا ! ... بهرصورت ياد رکو ته جيڪڏهن توهان انهي ڪيل سوال
موجب اهڙن سمورين مسئول حقيقتن جي پوري طرح ڄاڻ جي دعويٰ ڪندا
آهيو ته پوءِ ان معامله بنسبت جيڪي احڪام الاهي قرآن ڪريم ۾ واقع
آهن تن به موجب توهان جي اها اهڙي دعوا باطل غلط ۽ بي بنياد سمجهي
۽ ان حالت ۾ جيڪڏهن توهان کي ڪذاب ۽ مفتري جي القابن سان سڏيو
ويندو ته برويءَ ڪلام پاڪ بجا نه ٿيندو بلڪ بلڪل بجا ٿيندو -
... هاڻي با وجود ان واضح ثابتي ۽ مڪمل جواب باصواب ان نصوص قطعيه
جي به جيڪڏهن اوهان پنهنجي انهي عادتي ضد ۽ عنادتي تي قائم رهندا ۽
حق آڏو سر نه جهڪائيندا ته پوءِ ڄاڻبو ته اوهان جو راهه راست ڏانهن
رجوع ڪرڻ قطعًا ناممڪن آهي - الا ماشاءالله (مڪي جي جنا اڪهڙيه)
سوال نمبر (٧) اوهان پنهنجي باقي عمر جا سال ٻڌايو ته هن دنيا
۾ ڪيترو وقت رهندؤ يا اسان کي پنهنجي عمر جا باقي سال ٻڌايو ته
دنيا ۾ اسان کي ڪيترو رهڻو آهي ! -
جواب :- هاڻ .. جڏهن ته هي توهان جو آخري سوال آهي ان
ڪري پيارا ٿي ۽ ويندي وڌيڪ اهڙو ته دقيق ۽ منجهائيندڙ سوال اُڇليو
ٿا وڃو جو اسان به اُن سوال جي سوال نه سنڌت عمر پيا يا ڏکڻ سون
.... پر ..... توهان به خاطري فرمايو ته جتي اسان توهان جي هيترن
سارن عجيب و غريب ۽ پرمڪر و فريب سوالن جا مڪمل و
مدلل جواب باصواب ڏيئي چڪا آهيون ته انهي توهان جي هن
آخري عبرتناڪ سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ به ضرور ڪو نه ڪو
بند و بست مڙئي ڪري سگهنداسون -
جڏهن ته ...... اوهان جي ان ڪيل سوال مان هي ڳالهه صاف پيئي
. نظر اچي ته جيڪڏهن اوهان کي ريتريقن رهنه علم باطل عطيا ڪيو ويو آهي

جو جنهن جي وسيلي پنهنجي عمر جا ڏينهن به ٽپي چڪا يا انهن ۾ هاڻي ان بدلي
سگهو ٿا ته ”اسان فلاڻي ڪ فلاڻي وقت ضرور مرندا سون“ ۽ اهڙي طرح
وري اسان کان به بطور امتحان اها پرسش ڪري معلوم ڪرڻ ٿا گهرو ته
آيا ڏسون ته اُسانکي به توهان جهڙو ڪمال حاصل آهي يا نه!“

سوال لاءِ جيڪي توهان اسان جي نسبت (غيب جي علم جي باره ۾)
اسان کان پڇي رهيا آهيو اُن جو جواب بغير ڪنهن ضد ۽ تڪبر ۽
چون چرا جي هي ٿا ڏيون ته :-

خدا جو قسم! اسانکي اها خبر هرگز ڪانه آهي ته اسان باقي هيترا ۽
هيترا ڏينهن دنيا ۾ زنده آهيون - اهڙو غيبدانيءَ جو علم اسانکي حاصل
ڪونه آهي ۽ اسان اِن ڳالهه کي نبيري سچو ٿي تسليم ٿا ڪريون ته ”تحقيق اهي
ڳالهيون جيڪي بلڪل مخفي آهن سي صرف الله تبارڪ وتعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو
۽ اسان جو اُن ذات عالم الغيب خداوند تعاليٰ جي موڪليل پاڪ ڪتاب
(قرآن) جي هڪ هڪ لفظ تي پورو پورو ويقين ۽ ايمان آهي علاوه هن
اُهو علم يا عرفان جيڪو معيار قرآن مطابق صحيح نه آهي ته اسان به ايمانا
۽ اعتقادا اُنکي برابر ئي سچي سمجهڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيون ..... توڙي
ڪي اهڙي غلط علم جو عالم يا اُن غير صحيح عرفان جو عارف هزارين
نمونه مثل ڪرامتن جيڪري به ڏيکاري پر اِن حالت ۾ اسان اُن جي
عام انسانن جي عادات عامه جي خلاف ڪارنامن کي ڪرامتون
نه بلڪ استدراجي حالتون (شيطاني ڪيد) سڏينداسون“
.... ها ..... باقي رهي اِن نسبت توهان جي ڪيل دعويٰ جي سچائپ
۽ ڪوڙائپ. جو چئو ٿا ته ”اسان پنهنجي عمر جا باقي ڏينهن به
ٻڌائي سگهون ٿا ۽ جيئن سگهون ٿا ته اسان فلاڻي ڪ فلاڻي ڏينهن
تي ضرور مرندا سون“ ...... هاڻي اوهان جي اِن دعويٰ مذڪور جي
صحيح يا غير صحيح هجڻ جي معلومات لاءِ اُن اوهان جي هيٺيل بيان ڪ
کي انوار شمع خداوندي (قرآن) جي روشنيءَ ۾ جاچي ٿا ڏسون ته

آيا توهان جي اِها دارا واقعي حقيقت تي مبني آهي يا اُن جو بنياد رڳو
خالص ڪوڙ تي آهي؟ اِن ڪري هن هيٺ چند اِهڙيون قرآني آيتون
رقم ڪريون ٿا جن ثبوتن جن مان بي اوهان جي مٿين دعويٰ جي ڪاذبيت
يا صادقيت معلوم ٿي سگهندي - جيئن ته - قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالیٰ

١ وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ
كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا - (قرآن - ٤ - آل عمران - رڪوع - ١٥)

معنيٰ :- ڪوبه نفس الله جي حڪم کان سواءِ نٿو مري جو اِهو
لکيل وعدو آهي -

٢ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا
(قرآن - ٢١ - لقمٰن - رڪوع ٤)

معنيٰ :- ڪوبه نفس نٿو معلوم ڪري سگهي (هي ڳالهه) ته (هو)
صبحاڻي ڇا ڪندو -

٣ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ - اِنَّ اللّٰهَ
عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ٥ (قرآن - ٢١ - لقمٰن - رڪوع - ٤)

معنيٰ :- ڪوبه نفس هي نه ٿو ڄاڻي ته هو ڪهڙي زمين (زمين جي
ڪهڙي حصي) تي مرندو - مگر تحقيق الله ئي سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽
خبر رکندڙ آهي -

هاڻي مٿين مختلف پيش ڪيل آيتن مان جيڪي صحيح حقيقتون
ثابت ٿيون سي واضح ڪري هن هيٺ لکجن ٿيون جيئن ته :-

۱- آيہ ڪريمہ اول جي مفهوم مان معلوم ٿئي ٿو ته جنهن صورت ۾ ڪنهن
نفس جو مرڻ خاص خدا تعالیٰ جي حڪم ماتحت ٿئي ٿو ته ان صورت ۾ ڪو به
انسان خلاف مشيت ايزدي پنهنجي موت واري وقت کي ڪيئن ٿو معلوم
ڪري سگهي ؟ !

۲- اهڙيءَ طرح آيہ ثاني ۾ مان هي مطلب ظاهر ٿيو ته :-
ڪنهن به انسان وغيره کي ڀلي ۾ چاهي اهو ڪهڙي به علم جو عالم
چونه هجي ايندڙ صبحاڻي واري ڪارگذاريءَ جو پتو پئجي نه ٿو سگهي..
اوقات زمانه موجب جيڪو اڄوڪو ڏينهن آهي سو ڪالهه اسان لاءِ صبحاڻي
جي صورت ۾ موجود هيو ۽ جيڪو صبحاڻي وارو وقت اڄ ٿي رهيو آهي سو
جيڪڏهن بشرط بقاحياتي اسان کي هٿ اچي ويو ته ڪالهه وري "اڄ" جي نالي
سان سڏيو ويندو ...... مطلب ته اهڙيءَ طرح هر هڪ ايندڙ ڏينهن
صبحاڻي جي حيثيت رکي ٿو ۽ هر صبحاڻي جو هٿ آيل وقت "اڄ" ۾ تبديل
ٿيندو رهي ٿو ان قاعدي مطابق گويا هر امروز (اڄ) فردا (صبحاڻي)
آهي ۽ هر فردا امروز!! ...... ته هاڻي جنهن صورت ۾ ڪنهن به انسان
کي بحڪم قرآن اڄ اهو خبر پئجي نه ٿي سگهي ته هو صبحاڻي ڪهڙو ڪم
ڪندو ته ان موجب ڪو به فرد بشر اڄ وري ڪيئن ٿو معلوم ڪري ۽ ڄاڻي
سگهي ته مان صبحاڻي فوت ٿيڻ جو ڪم ڪندس (يعني مرندس) يا وري
سائينو شخص هيئن به دعوى ڪيئن ٿو ڪري سگهي ته مان "اڄ" (اهو
اڄ جيڪا فوت ٿيڻ لاءِ صبحاڻي جي صورت ۾ هئي) رحلت ڪندس! ثابت ٿيو ته
بروئي دليل قرآن ڪو به آدمي وغيره ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به وقت هرگز
هي معلوم ڪري جي نٿو سگهي ته "مان فلاڻي وقت فوت ٿيندس"

هاڻي ان حقيقت جي وضاحت ڪري وڃڻ بعد توهان جي انهن دعوى مذڪوره
تي نظر ثاني ٿي ڪجي ته اوهان جو اهو ارشاد بنا نص قطعي جي بلڪل خلاف

معلوم ٿي ٿئي ته جنهن ۾ پڻ سڌ اڄ تائين جو ذرو به موجود ڪونهي ڇو ته ......
مذڪوره حڪم قرآن مد نظر جنهن صورت ۾ اوهان پنهنجي فرداڻي (رته
مونکي صحابي هي ڪم ڪرڻو آهي) خبر ڪان به قطعي بيخبر آهيو ته پوءِ
اوهان جي هر اهڙي دعوى منهن جو مفهوم اوقات آئينده جي جاڻ سان
وابسته هجي ڪيئن ۽ جو برابر ۽ صحيح ٿي سگهي ٿي؟! ...... جنهن ڪه گويا
اڄ اوهان اها دعوى ڪئي ته ڪريو ته مان صحابي ۾ ڪم ڪندس (يعني مرندس
فوت ٿيندس يا رحلت ڪندس) سا اوهان جي اها دعوى "وَمَاذَا تَكْسِبُ غَدًا"
موجب بلڪل بي بنياد - واهيات ۽ ناقابل اعتبار آهي !! ...... علاوه....
٣ پيش ڪيل آيه سوم مان پڻ هي مطلب ظاهر ٿيو ته ڪنهن به انسان
کي يا ڪنهن ٻئي کي (خدا ڪان سواءِ) اها به خبر پئجي نه ٿي سگهي ته هو زمين
جي الائي ڪهڙي قطعه (ٽڪري) تي فوت ٿيندو يعني هن صورت ڪو به انسان
جاهي جن وغيره ڪيترو به ڪٿي بن علمن جو عالم ڇو نه هجي مگر ڪيس پنهنجي
جاءِ موت (موت جي جاءِ) جي جاڻ هرگز حاصل ٿي نه ٿي سگهي ....
پوءِ جنهن صورت ۾ به موجب صريح حڪم قرآن مذڪور اوهانکي
پنهنجي جاءِ مرگ (مرڻ واري جاءِ) جو به علم ڪونه آهي جو نا معلوم ته
خدا جاڻي اوهان اتي پنهنجي مڪان ۾ مرندو يا الائي ڪنهن دڪان ۾ ساه
ڇڏيندؤ - پاڪستان ۾ رحلت ڪندؤ يا الائي هندوستان ۾ فوت ٿيندؤ ...
خبر نه آهي نه الائي ڪنهن جيل جي اندر ساه ڏيندؤ يا الائي ريل جي ڦيٿي هيٺان
اچي راهي ملڪ عدم ٿيندؤ - ڪهڙي خبر ته زمين جي ڪنهن خشڪي واري
ٽڪري تي وفات پائيندؤ يا الائي ڪنهن پاڻي ۾ ٻڏي مرندؤ - ته باقي اوهان
جي اهڙا لاف ته "مان فلاڻي فلاڻي وقت فوت ٿيندس" ڪيئن ٿي
سچي ثابت ٿي سگهي - جو نه مرڻ واري جڳهه ڪان به موت واري وقت معلوم
ڪرڻ وڌيڪ مشڪل آهي پوءِ جنهن صورت ۾ اوهان جا اهي حال آهن
جو بدليل قرآن موت وارو مڪان به سچي نه ٿا ڪري سگهو ته باقي
مرڻ جي محل اوهان ڪيئن ۽ جو سچي ڪري سگهندؤ!! ...... پوءِ جيا

اهو شخص جيڪو عالم قرآن جو عامل آهي سو توهان جي هن ۾ بين اهڙين خلاف نص قرآن ٻڌاڪن کي سچو سمجهي تسليم ڪندو يا توهان جي انهن غليظ ترين ڪارنامن کي تڪذيبي - تخريبي - ملحدانه ۽ مفسدانه ڪارگذاريون قرار ڏيئي عام مسلمانن کي توهان جي انهن ايمان سوز - شرارت جي ايپيٽ ۾ اچڻ کان باخبر ڪندو رهندو؟ ......
اي خدا جا ٻانهو ......

ٻيو ته ٺيڪ ٿو ڇا يقين سمجهو ته توهان جا الهي احڪام جي مخالفت وارا خطرناڪ ۽ مهلڪ زهري ڏنگ جيڪي سچ پچ پنهنجي ذاتي قاتلانه سمي اثر سبب هر فرد انسان کي حقيقي موت جي آغوش ۾ ڏيئي سگهن ٿا سي انهن مردان خدا تي هرگز اثرانداز ٿي نه سگهندا جن جي دلين ۾ اهڙي ٻناه ڪن زهر جي نفوذ نه ٿيڻ ۽ اثر کي فوري طرح زائل ڪرڻ لاءِ اطيعوا الله واطيعوا الرسول جو حقيقي ترياق موجود آهي ..... هاڻي..... ڏسو جي خدا نخواسته اهڙن عاملان قرآن کي جيڪا هن اهي اذيت رسان ڏنگ هڻيا وڃن ته پوءِ انهن جو الٽو اثر وري هن طرح ظاهر ٿيندو ۽ جو سندن وجود ۾ بجاءِ اثرات مهلڪ پيدا ٿيڻ جي منجهن اهڙي پناه قوت مدافعت آتش فشان طوفان جي صورت ۾ رونما ٿيندي جا بالآخر انهن موذي ڏنگ هڻيندڙ منڪر ملحد عدو الله وعدو الرسول کي تمام سندس اليارتيت جي ساز وسامان سميت اهڙي طرح جلائي ڀسم ڪري ڇڏيندي جيئن ڪ آگ عشق ابراهيميت نمروديت کي لخطانه ۾ سندس همه آلات الحاد وڪفر سازي خاڪ ڪري ڪيس هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو هو!! أَفَأَنْتُمْ لَهُ مُنْكِرُونَ ؟ پوءِ ڇا اجايا توهان ان حقيقت کان انڪار ڪري سگهو ٿا؟!)

هاڻي جيئن ته توهان جي آخري سوال جي جواب جون هي آخري سٽون آهن ۽ اهڙي طرح توهان جي سڀني جامع سوالن جا جواب حتى المقدور مفصل ومڪمل ومدلل صورت ۾ ڏنا ويا آهن ان ڪري

هاڻي جيتوڻيڪ هت سوالن جي جوابن جو سلسلو ختم ٿي چڪو آهي،
دل ته چاهي ٿي ته هاڻي جيڪر ڪئي چپ ڪجي تاهم براڪابر است توهان جي
مذڪوره مجمل خيال تي آزادانه نموني جيڪڏهن اجمالي نوعيت سان
اچا به وڌيڪ خامه فرسائي ڪجي ته ائين ڪرڻ ڪو ويرو وقت ضايع
ڪرڻ جي مترادف به نه ٿيندو. ڇو ته سچ پچ جيڪڏهن اصل اوهان
جي پاڻ موڪليل تحريري سوالن کي ڏسبو ته سوالن جي ابتدا
کان آخر ۽ انتها کان پوءِ توهان خود به اسان لاءِ سمجهاڻ خاطر
قطرا ذي ڪري گهٽو ڪجهه وڌيڪ به لکيو آهي سوال هوندي به وري
اسان جي هن وڌيڪ لکڻ کي توهان جيڪڏهن "خواه مخواه" پڻ ته،،
سمجهندؤ ته اسان به باعث مذڪوره الزام کي ۽ توهان جي
بي انصافي سمجهڻ ۾ بلڪل حق بجانب ٿيندا سون!

بهرصورت اسان پنهنجي اصولي نقطنگاه کان ۽ توهان جي فرما
سوالن جا جواب باصواب ضرور ارسال ڪندا، ته موجب هي ضروري
ٿا سمجهون ته آخر ۾ توهان کي خواه توهان جي مقلدن ابوءِ لکن
يا بالکن کي انتباهي صورت ۾ متنبه ڪري راهِ حق ڏانهن رجوع
ڪرڻ جي ضرور ترغيب ۽ تحريص ڏجي ڇو جا ئيڪه اسان جا هي
آخري حقيقي ناصحانه جملا توهان جي واسطي واسطي حق اڏو سر تسليم
خم ڪرڻ جو باعث بڻجن!!

انڪري ان پياري جي ترغيبي وتحريصي مضمون کي هن هيٺ
آخري انتباه جي عنوان سان شروع ڪجي ٿو۔

ورگر قبول افتد زهي عزّو شرف۔

آخري انتباه

هاڻي خود توهان جي ضلالين سوالنامي ڪار رد اُن سان ٿي ۽ وڌيڪ ان سان مناسبت رکندڙ تحريڪ جي چند حقيقتون واضح طور ظاهر ٿي پيون آهن ۽ جن جي صحيح هجڻ مرزا وُئي خالص دلائل قرآنيه ۽ قوم مذڪور ذري جيتري به شڪ شبهه جي گنجائش به باقي نه رهي آهي سي هيٺين موجب:

١ توهان جو علم خواه عمل بالاجمال قرآن پاڪ جي تعليمي خواه تعميلي پروگرام جي بلڪل برعڪس ۽ ضد آهي؛

٢ توهان جي مقرر ڪيل نظريه خواه فرعون جي قائم ڪيل اصول في الحال ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي -

٣ توهان جي تمام دنيائي اسلام جي ماسلف مسلمانن خواه موجوده وقت جي توحيد پرست ايمان وارن جي قول خواه فعل ۽ علم توڙي عمل سان ڪابه مناسبت ڪانه آهي -

٤ بهرصورت توهان جا اقوال ۽ افعال حضور سرور ڪائنات مفخر موجودات صلي الله عليه وسلم جن جي پياري شريعت مطهره ياسندن طريقه عاليه جي صريحًا مخالفت ۽ معاندت ۾ قائم آهن -

٥ توهان خداوند تعالى شانه جي مقبول و منظور ڪيل مذهب "اسلام" جي تعمير شده اڏاوت کي پهچي اسباب لادينيت ۽ الحاد ضلالت ذريعه منهدم ڪرڻ لاءِ هر وقت همه تن مصروف ۽ سرگرم آهيو!

٦ توهان جي عمليات جي هر جز شيطان جي هر شيطانيت سان پوري ءَ طرح موافقت رکي آهي..... !! ..... ها..... پر..... !

اچي ڪيني پاڻي ءَ جي قطره مان خدا جي قدرت سان پيدا ڪيل

پنهنجي خالق سان بغاوت ڪرڻ وارا ٿو انسانئو!
اي احڪام الاهيءَ کيا لائي طاق، ڪي اُن جي جند ۾ پنهنجا هٿ جا گمراه ڪن
ابيات ۾ عبادتون ناهي انهن ذريعه ايوجهه مسلمانن کي گمراه ڪندڙ پس
۽ معاند آدميئو!...... توهان کي هي حقيقت پنهنجي ذيان ۾ چڱي طرح
ويهارڻ گهرجي ته:-

ڪنهن به اختلافي بحث ۾ هر دو فريقين جي ڏنل دلائل تي جيڪڏهن ڪنهن به شخص منصفانه نظر ڏٺي ته به ان کي حاسد ۽ متعصبانه ديد سان ڏٺو ته ان صورت ۾ ڪنهن به اهڙ حاسد ۽ متعصب شخص ۾ اهڙا راست تي اچي نه سگهندو...... ۽ اهڙ ڪفايت بدترين خصلت آهي جيڪا ذرا اخلاق سند جيڪڏهن ڪنهن کي به حاصل هوندي ته اهو ڪنهن به ٻئي جي صحيح نظريه کي قبول ڪري اهو نهايت مشڪل آهي - حيڻ ڪه اها باطني خباثت جي بدترين نوعيت هئي جنهن ابوجهل کي باوجود سندس دلائل قرآن ٻڌڻ ۽ معجزات رسول صلعم ڏسڻ جي ... حق تي اچڻ کان هميشه لاءِ محروم ڪري ڇڏيو...... اسان ۽ توهان جي وچ مابين اختلاف پيدا ٿيل آهي سو ڪو معمولي نه آهي پر نهايت اهم ۽ ناقابل فراموش آهي توهان پنهنجن سوالن ۾ جيڪي پنهنجي دلي اُمنگن ۽ قلبي ولولن جا نمونه عڪس ظاهر ڪري ڏيکاريا آهن تن جو واسطو ڪنهن به هڪ فرد مسلمان سان نه آهي بلڪه انهن ۾ توهان تمام دنيا جي مسلمانن جي ذاتي عقائد کي غلط قرار ڏئي جوش خلاف ڏيکاري پيدا ڪيو عالم اسلام جي مسلمانان عامه جي نظام عمل کي توهان بي مقصد ۽ بي سود تماشو ثابت ڪري اهڙي طرح جا آلات استعمال ڪري ڪاڙه ڪسر باقي ڇڏي نه آهي...... ها...... توهان جو ڪو به مستقل سوال اهڙو ڪونه آهي جو نظريات اسلام جي موافقت ۾ هجي بلڪ اوهان جا هر مسئول حقيقت ۾ دلائل قرآن جي بلڪل مخالفت جي رنگ ۾ رنگين ٿيل آهي اوهان انسان ذات جي فطرتي مذهب ۽ خدا جي قائم ڪيل مقبول دين ”اسلام“ سان جيڪو

عداوت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيئن ڪي ورين انبياء عليهم السلام جي
شان بي پايان ۾ الفاظِ اهانت استعمال ڪيا آهن سي سچ پچ ته هر مسلم ڪلمه
گو جي دل تان نه وسرڻ جهڙا ۽ سندن قلب جي ذاتي جذبات لاءِ سخت اذيت
رسان آهن ۽ جڏهن نه توهان هر هڪ سوال ۾ اُن سان تعلقات ۽ هڪ هڪ
فقره هن مقدس قرآن جي صداقت کي ناثابت ڪرڻ لاءِ عام مسلمانن آڏو
اُڇلائي ڇڏيو آهي، ته اِن صورت ۾ هي وارثه هر موحّد مؤمن قائل صداقتِ
قرآن لاءِ دل خراش ۽ المناڪ دردانگيز ۽ ناقابلِ برداشت صدمو آهي!!۔
ها...... جيئن ته ٺيڪ توهان جي طرفان سوالن جو ڪُل وڪيل طوفان اُٿاريو آهي
جنهن جي هر پهلو کي جاچي ڏسڻ بعد اوهان جي اِن مجموعي ڪاروائي
کي به گروه "اختلافي مسائل" جي قرار ڏيئي نه ٿو سگهجي بلڪ حقيقتاً اُهي اُتاريل
سوال پنهنجي نوعيت ۾ اهڙا آهن جن کي سنڌ ۾ مقابل گروه جي
طرفي نظريه مطابق مسلمانن جي ذاتي جذبات ۽ سندن محبوب مذهب
اسلام کي ڪيرائڻ ۽ ختم ڪرڻ جو خطرناڪ منصوبه "ئي چئي سگهجي ٿو۔
اِن هوندي به اُن حقيقي هادي جي هدايت ۽ رهنمائي جي اميد جائي توهان
جي اِن اختيار ڪيل دلسوز ۽ متانت انداز وير کي هڪ خطا انساني نقص ڪري
بلڪل هم دردانه نموني خاص توهان جي نجات خاطر توهان کي حق جي پروڙڻ
۽ سچ کي سمجهڻ واسطي انصاف جي اک کولڻ ۽ ڌيان وارا ڪن ڏاري آوازِ
قرآني ٻڌڻ جي پرخلوص دعوت ڏيون ٿا...... اسان توهان کي هتي ٻڌائي آيا
آهيون ته اختلافي مسائل جي صورت ۾ مخالف ڌر جي پيش ڪيل دليلن
۽ جوابي بيان کي انصاف جي اک سان جاچي ڏسڻ ۽ اُن تي تدبري سيني۔
غور ۽ فڪر ڪرڻ جو وير حقيقي راه هٿ اچڻ لاءِ هڪ زبردست وسيلو
آهي۔ ها..... پوءِ سچ پچ جيڪڏهن اسان جي اِها مذڪوره پيشڪش
قبول ڪري منصف ۽ مدبر بڻجي پنهنجي گروهي تنگدلي تان ٻنهي سوالن ۽ اسلامي
طرفان اُهن جي ذيل مڪمل ۽ مدلل قرآني جوابن تي وڃي عادلانه ۽ عاقلانه
نگاهه ڪيو ته پوءِ يقيناً اُهي ڏينهن ڏور هرگز نه آهن جو توهان جي علم خواه

عمل ۾ اچڻ وقت زبردست عظيم ترين انقلاب رونما ٿي ويندو ۽ هو هڪدم بصد خوشي
خداوند تعاليٰ سان ٻڌل اڪيلو پراڻي عداوت ۽ سرڪشي کي ختم ڪري روبه قبله
سربسجود ٿي ويندو ۽ جلدي مڪان کي مسجد ۾ تبديل ڪري صحيح اطمينان
حاصل ڪندو. علاوه ڌوتي ۾ نماز سائڻ جي بجاءِ ڪونئي ۾ پاڪ پاڻي طهارت
لاءِ ڪم آڻيندو ان سواءِ ڀنگ ۽ شراب کي ترڪ ڏيئي انهن نجس شين جي
استعمال عيوض حلال ۽ طيب طعام تناول فرمائيندو. مطلب ته پنهنجي نشست
برخاست خورد نوش - بود و باش وغيره هر معاملات مطابق عين شريعت
مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم پوري ڪري رضائي حقيقي حاصل ڪري ذاتي راحت
۽ سڪون پرائي پيا دعائون ڪندو...... پر ياد رکو ته...... اسان کي ته توهان جي عناد
۽ سرڪشي جي ڇٽي پرخبر هئي تنهنڪري صحيح قول ڪريو ۽ اهو حديث نبوي
صلعم مان هجي يا اقوال اهل الله مان هجي) ڪونه ڇيندو ۽ ان ڪري پيون
سڀ ڳالهيون چٽي طرح طوعاً ڪرهاً وهائي انهن ام الڪتاب (قرآن پاڪ) اندر
ڪندا جهڪائڻو پوندو. پر ياد رکڻ گهرجي ته هن قرآن مان مڪمل صحيح
فائده توهان تڏهن پرائي سگهندا جڏهن ان جي سمورن احڪامن کي
"عين اليقين" (ديباڇه واري اک) سان ڏسي منصف بڻجي ماحول جي
ڪنهن به خوف کان سواءِ انهن کانسواءِ ڏجي ڪلام پاڪ جي پيش ڪيل جوابن تي وڃي
غور ڪندا ته پوءِ ان حالت ۾ توهان لاءِ اهو مقدس ڪلام نور بڻجي
اڳتي ته رهنمائي ڪندو جنهن جي نتيجه ۾ بلاشبه قرب الاهي حاصل ڪري
حقيقي نجات پرائيندا ۽ پر جيڪڏهن خدانخواسته برخلاف ان جي
ان صحيح نظريه کي نظرانداز ڪري ڪو ماڻهن جي ماڻهن ۽ ميار ۽ طعنن
تنڪان هيسجي يا اراده نه هوندو ته انهن نفرت ۽ بي دياني ۾ ظاهر ۾ اچار
سان وياڙ ڪوڙ بابت هانوڪندو. يا موڙ ڳو تڪبر ڪري صاف دلائل قرآن
کي به نڪر اچي ڇنڊيندو. يا وري بي دياني جا هرندي پر ڪلام پاڪ
تي ويناچٽون ڪندو ته پوءِ...... ان صورت ۾ سمجهو اهو
غير حقيقي ۽ جو پاڪ ڪلام توهان تي وري اهڙي طرح الٽو ته الله تنبيهه

جو بجاءِ راهه راست تي اچڻ جي ايا به وڌيڪ گمراهيءَ جي کڏ ۾ ڪِرندا
ويندا ...... ايئن نه سمجهو ته انسان اِها حقيقت پنهنجي ذاتي اِرادي جي
بناتي پيش ڪري رهيا آهيون . بلڪ . اِن مقرر شده اُصولن مطابق مذڪور
بيان ڪي عين احڪام قرآن مطابق زير قلم آندو ۽ اُنهن ترجمان جي اهڙي
اعتبار جي تسڪين واسطي اُن پيش ڪيل مٿين حقيقت (يعني قرآن کي
نه مڃڻ سبب اُلٽو نقصان) جي يقيني ثابتي لاءِ هِن هيٺ آهي آيات
قرآنيه پيش ڪجن ٿيون - جيئن ته قال الله تعالیٰ.

وَيْلٌ لِكُلِّ أَفَّاكٍ أَثِيمٍ يَسْمَعُ آيَاتِ اللَّهِ تُتْلَىٰ عَلَيْهِ
ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَأَنْ لَمْ يَسْمَعْهَا فَبَشِّرْهُ
بِعَذَابٍ أَلِيمٍ - وَإِذَا عَلِمَ مِنْ آيَاتِنَا شَيْئًا
اتَّخَذَهَا هُزُوًا - أُولَٰئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ
مُهِينٌ (قرآن - ۲۵ - الجاثية رڪوع ۱)

معنیٰ :- هر ڪنهن ٺهڻان ٻڌڻ ڏاڍي گنهگار لاءِ خرابي آهي جو خدا
جون آيتون (قرآن) ٻڌي ٿو جا ڏهن مٿس پڙهيون ٿيون وري هٺ سان
ضد ٿو ڪري. جڻڪ اهي نه ٻڌائين - پوءِ اُنکي دردناڪ عذاب جي خوشخبري
ٻڌاءِ (پڌرو ڪري) ۽ جڏهن اسان جي آيتن (قرآن) مان ڪجهه جاڻي ٿو ته اُن کي
وري ٺٺول ڪري ٿو وٺي - اهڙن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي

پر ...... اچا پيو ٻڌو ......

قال الله تبارڪ و تعاليٰ -

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا -

(قرآن - ۱۵ - بني اسرائيل - رڪوع ۹)

معنيٰ :- ۽ اسان قرآن مان نازل ٿا ڪريون جو ايمان وارن لاءِ (اهي آيتون) رحمت ۽ شفا آهن ۽ ظالمن لاءِ اُلٽندو (سندن حق ۾) نقصان زياده ٿو ٿئي -

هاڻي - پيش ڪيل مذڪور آيتن جي مفهوم مان مطلب صاف ظاهر ٿيو ته هر جيڪو شخص قرآن جي صاف ۽ روشن آيتن پڙهڻ ۽ انهن جي مفهوم سمجهڻ کان بعد به راه حق کان ڪناره ڪشي ٿي پنهنجي خود ساخته غلط نظريه تي ضد ۽ هوڏ بڻائي بيهي رهي يا اهو گمراه آدمي پنهنجي نفس ۽ قرآن جي غلط ۽ قبيح قلبي ڪيفيت جو مظاهرو ڪلام الاهي جي اسڪان تي ٿو ڪري - جنهن ۾ نتول بازي سان ڪري ته اهڙي احمق جي لاءِ اهو قرآن جيڪو خائف خدا (مؤمن) جي لاءِ باعث رحمت - شفا ۽ نجات آهي سو سندس واسطي جهنم جي المناڪ عذاب ۾ داخل ٿيڻ جو سبب بڻجي پوي ٿو ...... علاوه هي به ياد رکڻ گهرجي ته هن متبرڪ ڪلام مان نصيحت ۽ فائدو به اهڙو شخص پرائي سگهندو جيڪو صاحب سليم قلب (سالم دل وارو) هوندو ۽ جنهن جي دل ۾ خود ان پاڪ قرآن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت هوندي يا جيڪو پوري توجه ۽ دل جي حضور سان رب العالمين طرفان نازل ڪيل آيتون ٻڌڻ لاءِ ويهي ٻڌندو - جيئن ته ان جي ثبوت لاءِ هن هيٺ به اها آيت شريفه تحرير ڪجي ٿي - قال الله تبارڪ وتعالىٰ!

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ

وَهُوَ شَهِيْدٌ (قرآن - ٢٦ - قَ - رڪوع ٣)

معنيٰ: - بيشڪ انهيءَ (قرآن) ۾ ان لاءِ نصيحت (فائدو) آهي جنهن کي دل (يعني سمجهڻ واسطي سمجهه واري) دل آهي يا دل لائي ڪن ڏئي (غور ڪري)

هن ثابت ٿيو ته قرآن پاڪ جيتوڻيڪ اهڙو وانهن ڪندڙ آهي جو ان جي بي پناه قوت تاثير سبب جيڪر جبل ۾ ذرا ذرا ٿي وڃن - بقوله تعاليٰ

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ -

(قرآن - ٢٨ - الحشر - رڪوع ٣)

معنيٰ: - جيڪڏهن اسان هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها ته (تون) ڏسين ها ته (اهو خدا جي خوف (قرآن جي اثر) کان عاجز ٿي ٽڪر ٽڪر ٿيل ڏسين ها) پر ... انسان جي خلقت وري پهاڙن وارا راهه اسا اهڙي جهڙي سرشت کان بالڪل نياري آهي جنهن ته مطابق مذڪور دليل قرآن آدمي جي دل تي ڪلام خدا جو تاثير ته هن انداز ان ٿيندو وجه هن جو ان جي انهيءَ ۾ فرقان حميد جي اثر قبول ڪرڻ جو صحيح يا غلط لاءِ ويڌا ڪيل هوندو ... پر تنهن جو جيڪڏهن ڪو به قسمت انسان قرآن پاڪ جي آيتن ڏانهن غلطفهمي جي ڪري ڪن ڏيندو ته ان صورت ۾ وري ان جي دل تي صحيح اثرات قرآنيه رونما ٿيڻ جي بجاءِ اُٽلندو ان جا اُبتا اثر پوندا ۽ ظاهر خواه باطن تي جيئنجي ويندا ..... جو اهڙي برعڪس تاثير جو منظر اُن بدبخت جي بدترين عملن جي صورت ۾ هر ڪنهن کي ڏسڻ ۾ ايندو ... جهاڻ پڻ سمجهائي ڏنو ويو آهي هن نازي تحرير ڪيل بحث کي ملحوظ خاطر رکي (وهان تي) بطور اطمينان

عه - اهڙيءَ طرح ان پيش ڪيل حقيقت جي تائيد ۾ هن هيٺ قرآن ڪريم جي آيت شريفه به تحرير ڪري پيش ڪجي ٿي جنهن ۾ ... قال الله تبارڪ وتعاليٰ قل هو للذين آمنوا هدى وشفاء ۔ والذين لا يؤمنون في آذانهم وقر وهو عليهم عمى (قرآن - ٢٤ - حم سجده) معني - (اي نبي صلعم) چئو ته اهو (قرآن) انهن لاءِ هدايت ۽ (ظاهر باطن مرض لاءِ) شفا آهي جيڪي ايمان وارا آهن (پر برخلاف انهي) جيڪي بي ايمان آهن (تن لاءِ) اهوئي قرآن سندن (دل جي) ڪنن ۾ بوڙاڻ ۽ (قلب جي) انڌاڻ آهي. ... اکين تي انڌاڻ پيدا ڪندڙ آهي.

ته به نوع غلط بيان سمجهائي ٿو ته :-

"اي قرآن پاڪ جي هر حڪم جي خلاف ورزي ڪندڙ پيدا هوندا

ته پاڻ کي عارف ڪامل ۽ حق شناس ۽ نه پائيندا گمراهه!

اي بين سادي لوح مسلمانن کي پنهنجي فتنه انگيز فندي ۾ ڦاسائيندڙ شاطر (چالاڪ) سياهه بخت صياد! .... خدا را .... هاڻي توهان اسان جي هن سموري عرق ريزي ۽ جانفشاني ذريعي لکيل ڪتاب روائي کي دل جي حضور، اللهيت ۽ منصفانه نظر سان ڪنهن خلوت گاهه ۾ ويهي حرف بحرف ڪري مطالعو ڪرڻ فرمايو ته پوءِ سچ جيڪڏهن اوهان اسان جي اُن درخواست کي بصد خوشي منظور ڪري منصف بڻجي تحرير شده دلائل قرآن دل سان هضم ڪيو ته پوءِ پڪ ڄاڻو ته اهو ڪلام الهي پنهنجي جادو نما اثر ذريعي توهان کي ضرور گمراهي ۽ ضلالت جي کڏ مان ٻاهر ڪڍي سچي راهه راست تي آڻي بيهاريندو ... پر ..... وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّا مَنْ يُّنِيْبُ) (يعني نصيحت جو فائدو رڳو اهو وٺندو جيڪو خدا ڏي رجوع ٿيندو :-

ها..... شايد اِئين ڪٿي هجي ته هن کان اڳ نه توهان پاڻ خود قرآن پاڪ جي احڪامن تي ڪو ويچار ڪيو هجي ۽ نه وري بين مسلمانن تي توهان جي مقرر ڪيل غلط نظريه - جي رد ۾ مڪمل طور تي واضح دليل پيش ڪيا هجن جنهن سبب ڪري ئي اوهان لاءِ اهڙو موقعو ئي پيدا ٿي نه سگهيو هوندو ۽ جو ڪٿي پنهنجي غلطي محسوس ڪري موٽي صراط المستقيم تي اچو ها.

خير..... مضي ما مضي (جيڪي گذريو سو گذري ويو) ...... پر!... هاڻي ته خود توهان جي آڏو اوهان جي هلايل غلط يا صحيح طريقه جي پرک واسطي آيات قرآنيه جو ڪافي کان زياده ذخيره پيش ڪري چڪا آهيون ته ان صورت ۾ هينئر توهان لاءِ پڻ هي ڳالهه بلڪل لازمي آهي ته اهي پيش ڪيل قرآن جي روشن آيتن جو بغور مطالعو ڪري پاڻ کي فوري حق آڏو جهڪائي عام اجلاس ۾ پاڻ لاءِ درستي تسليم حق"

جو نادر مثال قائم ڪري ڏيکاريو..... ڪيئن جو قرآن پاڪ جي صحيح احڪامن پهچڻ بعد به جيڪڏهن توهان کي پنهنجي سرڪش نفس حق اڳيان سر تسليم خم ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ته پوءِ اهو طرز عمل (وهان جي لاءِ نهايت شقاوت ۽ بالآخر دخول جهنم جو سبب بڻبو..... جيئن ته خود قادر مطلق پنهنجي مقدس ڪلام ۾ هيٺين آيتن ذريعه اهڙي خبرڪان پهنجن ٻانهن کي پڻ باخبر فرمايو آهي جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالیٰ

فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ۝ وَإِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْآنُ لَا يَسْجُدُونَ ۝ بَلِ الَّذِينَ كَفَرُوا يُكَذِّبُونَ ۝ وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يُوعُونَ ۝ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ -

(قرآن - ٣٠ - الانشقاق - رڪوع ١)

معنیٰ رب تو فرمائي) ته پوءِ اُنهن (ملحدن - زنديقن ۽ اسلام جي دشمنن) کي ڇا ٿيو آهي جو ايمان نٿا آڻن ۽ جڏهن وٽن قرآن پڙهيو ٿو وڃي (يا پاڻ به پڙهن ٿا) ته سجده نٿا ڪن (يعني نماز نٿا پڙهن يا مورکو قرآن کي نٿا مڃين) بلڪ ڪافر ڪوڙ ڀا ئيندا آهن ۽ (اهي) جيڪي دل ۾ رسائين ٿا سو خدا خوب ڄاڻي ٿو -

هاڻي...... هنن بيشڪيل آيتن جي مفهوم مان توهان خود مٿي ڏيکاريل حقيقت جي صحيح حجت کي ضرور تسليم ڪري چڪا هوندا ته پوءِ ان صورت ۾ توهان تي هي لازم آهي ته ”قرآني حڪمن آڏو مڪمل بجز تاخير گهرڻ جهڪائي دنيا جي مسلمانن اڳيان هي حقيقت ظاهر ڪري ڏيکاريو ته ”اسان هن ڪان اڳ برابر حقيقي راه ڪان ترڙيل هئاسي ۽ هينئر بدولت قرآن پاڪ راه راست تي اچي وياهيون“..... هاڻي ۽ شايد بيچ

هي اسان جي سموري پيش ڪيل ڪاررگذاري تو هان لاءِ هن اخير عمر ۾ حق ڏانهن رجوع ڪرڻ جو ماشاءالله وسيلو بڻجي پوي - بهرصورت به امداد ايزدي حقيقي هادي رب العٰلمين تعالیٰ شانهٗ اسان پنهنجي وسعت آهر توهان کي سمجهائڻ ذريعي ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏي آهي.... هاڻي توهان جي اختيار تي ڇڏيل آهي.... - - - - - - جي وڏيون شيطانيت ۽ گمراهيءَ جي ناريڪي مان نڪري حقيقي هدايت جي روشنيءَ ۾ اچي دارين جي سعادت حاصل ڪريو يا وري متان نه ڪي گهڙيءَ تائين پنهنجي ان مقرر ڪيل اڏول تي قائم رهي قرآني نظريه جي خلاف ۽ شريعت مطهره جي مخالفت ۾ اجابه وذيڪ زور شور سان تهم شروع ڪري جيڪو هن هر دو جهاني شقاوت جو سهايو هٿ ڪيو ته به توهان جو راضي ؛ ؛ ؛

ها... جيتوڻيڪ براه راست (وهان سان هلايل هي بحث ۽ افهامي مخلصانه سمجهاڻي وغيره جو سلسلو هت ختم ٿي چڪو آهي - ليڪن!!

هاڻي وري هي به مناسب ۽ لازم ڄاڻجي ٿو ته توهان جي مقلدن ريا ڪن کي به حق جائز اگر بمطابق رصولِ اوّل پڌ اي جڏهن به جائيڪه سندن دلين ۾ اوهان جي غلط هيرائيءَ ۽ پنهنجي انڌي تقليد جو احساس پيدا ٿي پوي ۽ باقي عمر جا ڏينهن صراط المستقيم تي هلندي ختم ڪن!

بنابرين ساڻن مخاطب ٿي هن هيٺ چند آيات قرانيه پيش ڪري انهن وسيلي کين متنبه ڪيو وڃي ٿو.... وو لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ٥ (مان اهي سوچ ڪن)

اي خداوند تعالیٰ جي وحدانيت ۽ حضور پاڪ صلعم جي رسالت تي محڪم ايمان رکندڙ ڪلمه گو مسلمانو!

اي پنهنجي اڳ ڄاڻائڻ سبب گمراه پيشوا جي تقليد ۾ قياسي ويل ابوجهل فقيرو!!

اي احڪام قرآن وقانون اسلام جي مخالفت ۾ سرگرم رهندڙ صفتن واري مرشد جي مهني ۾ اچي ويل بي سمجهه انسانو!!!-

.......هوندو ته هر مسلم ڪلمه گو جو عملي نظريه ساڳيو ئي هڪ جهڙو هجڻ گهرجي پر جيئن ته توهان گهڻن ڄاڻن سبب رهزن رهندي قاتل صحبت جي ليڪ ۾ اچي قرآن جي اصل صحيح اصولن کي غلط سمجهي رهيو خيالي انڪل موجب الاهي جاءِ ڪري ڪري انهي کي ورتي حق ٿي ڄاڻي ويٺا آهيو.....

سو اوهان کي انهن پنهنجي اختيار ڪيل غلط ويڙهه جي احساس ڏيارڻ لاءِ اسان هيٺ سمورن صحيح قولن کي ڄاڻڻ واري ڳالهه ڪري رهيا آهيون جو ياد اوهان پنهنجي مرشد وانگر انهن کي قبول نه ڪيو فقط آخرين ڪلام مجيد (قرآن پاڪ) مان چند مخصوص آيتون فقط اوهان سان تعلق رکندڙ لکي آڏو رکون ٿا.

اميد واثق آهي ته توهان خود منصف ٿي پيش ڪيل دلائل تي آڏو سچ ڪاڻي انهن تي سوچي روشني ۾ پنهنجي فولادي قباحت ۽ تقليدي عملن تي نظرثاني ڪري بعد ۾ انهن غلط عقيدن کي ترڪ ڏيئي سچي علم ۽ عمل کي احڪام الاهي مطابق سنواري مقصود حقيقي حاصل ڪندا!

هاڻي ياد رکو ته قيامت جي ڏينهن خداوند تعاليٰ هر هڪ جماعت کي جواب پرسي لاءِ پنهنجي اڳواڻ سميت گڏ ڪري روبرو گهرائيندو!! جيئن ته قال الله تعاليٰ ـ

يَوْمَ نَدْعُوا كُلَّ أُنَاسٍ بِإِمَامِهِمْ

(قرآن ـ ۱۵ ـ بني اسرائيل ـ رڪوع ۸)

معنيٰ جنهن ڏينهن (قيامت ۾) اسان هر هڪ فرقي کي سندس امام پيشوا يا مرشد سان (گڏ ڪري) سڏينداسون ـ

اِنان..... ثابت ٿيو ته يوم الحشر (قيامت) ۾ توهان پرضرور انهن مخالف قرآن شخصيت (فولاد) سان گڏ هوندا ـ جنهن جي سموري حالت کي اسان هيٺ ڪاڻ اڳ ۾ ئي قرآن جي روشني ۾ اوصاف ظاهر ڪري

ڏيکاريو آهي ته اُهو وهان جن نا ٺڏڙا اڳواڻ "پيروي صرف خداوند تعاليٰ
شانه جي نازل فرمايل حڪمن جي قطعًا خلاف طريقي سان ڪئي آهي
۽ تو هان به جڏهن ته اُن جي پيروي ڪئي، مخصوص مذهب جا پيروڪار آهيو
نه هن به (اصولِ تقليد) تي هان جو به هر عمل لاءِ ماڻهنجي مرشدن وانگر
احڪام الاهي جي بلڪل برخلاف ٿي ويندو.

هي به مسلمه حقيقت آهي جنهن جو خود وهان به اعتراف ڪندا
ته جنهن به گروهه (يعني ڀلي اُن جا عمل ڪيترا به عجيب غريب ۽ حيرت
انگيز ڇونه هجن) جا قول ۽ افعال قرآن ڪريم جي حڪمن جي اُبتڙ هوندا
ته اهو ٽولو بجاءِ نجات ۽ انعامات اُخروي حاصل ڪرڻ جي شديد ترين
عذاب جهنم ۾ ڦاسڻ جو ڀاڳي ٿيندو. سو جيڪڏهن خدا نخواسته توهان
به پنهنجي اِن موجوده عملي حالت ۾ مبتلا رهيا ته آئنده ۾ نادرم رنه گي قولاً
(قرآن جي مخالفت) جي تقليد جو طوق به ساڳي طرح پنهنجي ڳچي ۾ وجهي
ڇڏيا هوندا ته يوءِ اِن حالت ۾ توهان جو پنهنجي اڳواڻن موصوف سميت
قيامت جي ڏينهن عذابي جڪڙن ۾ اچڻ لازمي ۽ يقيني آهي....

....ها.... سو هڙئي طرح اُهي گمراهه پيشوائن (جن جي بدولت عذاب ۾
گرفتار ٿيا هوندا) کي قيامت جي ميدان ۾ عاجزانه انداز ۾ ڏيکاريندا ۽ يا
۽ ساڻن دنياوي حياتي ۾ واري زماني ۾ ناهيل غلامي ۽ جي ياد ڏياريندي
کين نهايت دردناڪ لهجي ۾ التجائون ڪندا ته "هاڻي ته اسان کي جهنم جي
عذاب کان بچاءُ ڪرايو" ۾ جواب ۾ وري اُهي ڪورو اڻ ٺڪ جواب ڏيندي پر
رهزن خود پنهنجي بي وسي جو اظهار ڪري ڇوندا ته اسان پاڻ به سبب
مخالفت قرآن عذاب الاهي جي گرفت ۾ جڪڙيل آهيون سو ڪيئن توهان
جي مدد ڪري سگهون ٿا...... ها.... اِن سڄي ڪيفيت جو نقشه قرآن
پاڪ جي هيٺين آيتن ۾ واقع آهي جو توهان جي عبرت خاطر ۽
سبق آموزي لاءِ تحرير ڪجي ٿو - جئن ته -

قال الله تبارڪ وتعالیٰ -

وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ
اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ
عَنَّا مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ - قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا
اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا
مَا لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ - (قرآن - س ۱۳ - ابراهيم - رکوع ۳)

معنیٰ ۽ (قيامت جي ڏينهن جڏهن) سڀ خدا جي سامهون اچي بيهندا. پوءِ هيٺا (يعني مريد يا پالڪا هيٺيون) (گمراه پيشوائن) کي چوندا (ته بيشڪ اسان (دنيا ۾) توهان جي تابع هئاسون. پوءِ ڇا الله جي عذاب مان اسان جو ڪجهه بچاءُ ڪرائيندؤ؟ (جواب ۾ اهي ڪوڙا رهبر) چوندا (ته جي خدا اسان کي هدايت ڪري ها ته اسان به اوهان کي (دنيا جي جهان ۾) هدايت ڪريون ها- (سو) هاڻي اسان ٻئون رڙيون يا صبر ڪريون (ته سڀ) اسان جي لاءِ هڪجهڙو آهي- ۽ هاڻي اسان جي لاءِ ڇٽڻ جي ڪا به واه ڪانه آهي-

توهان کي پڻ معلوم هوندو ته انسان جو جاني ۽ بي ايماني دشمن ڪُهن سال ۽ ٽن هزار ورهين (شيطان) لعين ئي آهي- پوءِ جيستائين جنهن شخص جي قلب ۾ قرآني نور جلوه فگن هوندو ته اُتي شيطاني مخالفت هرگز دخل ڪري نه سگهندي پر برخلاف اُن جي جنهن آدمي جي دل ڪلام الاهي جي روشنيءَ کان بلڪل خالي ۽ اُجهاڻل هوندي ته پوءِ اُن ۾ ابليسيت جو مڪمل طرح آدو تا ئم تسلط ۽ رهندو- مطلب ته شيطانيت ۽ فرعونيت ٻئي هڪ ٻئي جا ضد آهن جي ڪنهن به صورت ۾ هڪ ٿي نٿا هلن- (هڪ ئي دل ۾) گڏ جي

رهي نه سگهندا —

جڏهن اول ۾ بروئي دلائل قرآن اسان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اوهان
ابوجهل جي (اڳواڻ دولاد) جي دل قرآني نور کان قطعاً خالي آهي، ۽ سندس قلب
۾ نه محمدي دين جي مخالفت جي بنا ۾ هوتون عناد سمايل آهي - اِن مان نظر گويا فولاديت
۽ شيطانيت ۾ في الحال ته ڪو به فرق ڪونه آهي -

هاڻي جڏهن خود توهان جو رهنما ابليس جي مڪمل تسلط هيٺان آيل آهي ته
پوءِ اِن حالت ۾ سندس پالڪار يعني (وهان) شيطان جي ڏاڍ کان بچيل هجو
اِئين ڪيئن ۽ ڪنهن صورت ۾ ٿي ته توسگهي...... ها... قيامت جي ڏينهن شيطان
جي قبضه ۾ آيل ڪذاب اڳواڻ ۽ سندس گمراه جماعت جي وچ ۾ جيڪا دردناڪ
۽ ٻرانده گفتگو ٿيندي سا توهان جي سمجهاڻ خاطر آية مذڪور پيش
ڪري ڇڏي ويئي آهي...... پر...... هاڻي وري بذات خود ابليس پنهنجي تابعدار
جماعت سان جيڪا پُرحسرت ۽ انتهائي مايوس ڪن آخري گفتگو ڪندو
سا نهايت عجيب ۽ خاص طرح توهان لاءِ نه ٻڌڻ جهڙي آهي..... جا
خيال سان ٻڌو.... جيئن ته... قال الله تبارڪ وتعالى :-

وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ
وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ وَمَا كَانَ
لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّآ اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ
لِيْ فَلَا تَلُوْمُوْنِيْ وَلُوْمُوْٓا اَنْفُسَكُمْ - مَآ اَنَا بِمُصْرِخِكُمْ
وَمَآ اَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ - اِنِّيْ كَفَرْتُ بِمَآ اَشْرَكْتُمُوْنِ

مِنْ قَبْلُ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (قرآن - ١٣ - ابراهيم - رڪوع ٤)

معنيٰ: - ۽ جڏهن سڀ ڪم فيصل ٿي ويندا ته شيطان (پنهنجن
تابعدارن کي) چوندو ته بيشڪ خدا توهان سان وعدو ڪيو هو سچو وعدو ۽
(اهڙيءَ طرح) مان به توهان سان وعدو ڪيو هو جنهن پاڙيم ۽ توهان تي منهنجي
حڪومت (يا زبردستي) نه هئي مگر توهان کي (گمراهيءَ ڏانهن) سڏيم - پوءِ
توهان منهنجي ڳالهه مڃي - پوءِ (هاڻي) مون کي الزام نه ڏيو (پر) پاڻ کي ملامت
ڪريو ۽ نه مان توهان جي (هينئر) دانهن ورنائي سگهان ٿو ۽ نه ئي
توهان منهنجي دانهن ورنائڻ جهڙا آهيو. بيشڪ اڳي جو مون کي توهان شريڪ
بڻايو هو مان ان جو منڪر آهيان - بيشڪ جيڪي ظالم آهن تن لاءِ دردناڪ
عذاب آهي ۽ ..... ها ..... پوءِ ..... جڏهن اهي شيطان جا پوءِ لڳ پنهنجي
رهبر ۽ پير هن (ابليس مردود) جي زبان سان انهيءَ نهايت آهي نازڪ وقت
(يوم الحشر) ۾ آيات مذڪور موجب اهي مٿيان انتهائي مايوس ڪن ۽ آلم
۽ قاطع اميد الفاظ ٻڌندا تڏهن اهي (ابليس جي فريب ۽ آئين منحوس مان
هرهڪ ان عالم (ندامت) ۾ نهايت دردناڪ دانهون ۽ آليون ڪري پنهنجي گمراهيءَ
تي حيرت وچان ڪاوڙ ۽ غصي ۾ پنهنجن هٿن کي چڪ پائيندي پوءِ به متابعت
شيطان عذاب جهنم ۾ گرفتار ٿيڻ جو اعتراف ڪندي ان ايماني دشمن لعين
جي تقليد کان تنفر جو مظاهرو ڏيکاريندي ۽ حضرت رسول اڪرم نبي محترم
صلي الله عليه وسلم جن جي ٻڌايل راهه نجات (جو ڏڪاري جو دستور) شريعت
مطهره مطابق زندگي گذارڻ جي عوض هن پرشدت موقعه (قيامت) ۾ ڀي
انتهائي فائديمند اجر حاصل ٿيڻ جو حق اليقين پرائيندي خلوص دل سان
خوار هٿن ۾ سڏ ڪندا ته هئي افسوس! ڪاش ..... مان پنهنجي دنياوي
زندگي حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي شريعت (دستور
قرآن) موجب گذاري پوري ڪريان ها ..... ۽ ها ۽ گهوڙا! ..... جيڪر ڦلائي

....؟ دشمن شريعت مصطفىٰ صلعم شخص ۽ مخالفِ اسلام ۽ عدوّ نا نون قرآن شخصيت جي تباهه ڪن تقليد ڪان دور ڀڄايا ها... ۽ ٻيري ڀڃان ها...!! ٻيڙا ترايا ها...!!! اِن مڪمل منظر مذڪور پيش ڪرڻ لاءِ ڪيٽ اهي جيڪي آيتون قرآن پاڪ جون هن هيٺ تحرير ڪري، وهان کي اُن حقيقت جو ڪامل يقين حاصل ڪرائجي ٿو... جيئن ته:- قال الله تبارڪ وتعالىٰ-

وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلَىٰ يَدَيْهِ يَقُولُ يَا لَيْتَنِي اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُولِ سَبِيلًا ۔ يَا وَيْلَتَىٰ لَيْتَنِي لَمْ أَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيلًا ۔ لَقَدْ أَضَلَّنِي عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ إِذْ جَاءَنِي ۔ وَكَانَ الشَّيْطَانُ لِلْإِنسَانِ خَذُولًا ۔

(قرآن - ١٩ - الفرقان - رڪوع ٣)

معنيٰ:- ۽ جنهن ڏينهن (قيامت ۾) گنهگار (اسلامي شريعت جو مخالف) پنهنجن هٿن کي چڪ پائيندو (حسرت وچان) چوندو ته هاءِ افسوس! مان جيڪر رسول (صلى الله عليه وسلم) سان رستو ورتان ها- (راهه شريعت موجب متابعت ڪريان ها) هاءِ افسوس! مان جيڪر فلاڻي سان دوستي نه ڪيان ها ...... چونته) جڏهن مون وٽ (قرآن جي) نصيحت آئي اُن کان پوءِ هن (شيطان يا اُن جهڙي) مونکي گمراهه ڪيو- ۽ (تحقيق) شيطان آدميءَ کي (پاڻ کان) وقت ۾ دغا ڏيڻ وارو آهي-

ها... سواهڙي طرح اُن کوڙ مقلد (اندي پوءِ لڳ) کي پنهنجي غلط تقليد جو احساس تڏهن ٿيندو جڏهن اُهو گمراهه اختيار ڪيل غير قرآني رويه سبب جهنم ۾ وڃي پوندو ۽ اُتي (دوزخ ۾) آيات مذڪور جي بيان موجب پنهنجي

سموري حاصل شده حسرت ناڪ حالت لاءِ ٻاٽ ڪيئي مجرم ٺهرائي پاڻ
تي پاڻ پيو ملامتون ۽ ڦٽڪارون وسائيندو.

هاڻي بشرط عقل سالم ۽ قلب سليم توهان کي پنهنجي اندر ئي تقليد جو
قوي تر احساس پيدا ٿي ويو هوندو ته برابر احڪام قرآن ماتحت زندگي
بسر نه ڪرڻ ۾ هر دو جهاني خساره ئي خساره حاصل ٿيندو ۽ هڪ شيطاني
دوکو آهي جيڪو بالآخر بروز قيامت ندامت ۽ انتهائي رسوائي جي صورت ۾
ظاهر ٿيندو....... علاوه بيوڻ هي نقطه برباد رکڻ گهرجي ته هر جيڪو
بدبخت قرآن ڪريم جو علم حاصل ڪرڻ ۽ اُن جي صريح احڪامن کان باخبر
ٿيڻ بعد اُن حاصل شده سعادت دارين کي جاڻي ٻجهي ترڪ ڪري باغي ازحق
بڻجي اُن خدائي ڪلام جي مخالفت جو هيڪاري طوفان برپا ڪري ڏئي ته اهو
مغضوب بحڪم خداوند تعالى مڪّار- گمراه ۽ شيطان لعين جو تابعدار ئي هوندو
.......ها....... سو اِن حقيقت پٽاندر توهان جو ڌيان هينئين واقع
ڏاهن ڇڪائي توهان کي محسوس ڪرائجي ٿو ته ڪيترين ئي توهان جو پيشوا
(اڳواڻ) بموجب حڪم قرآن عذاب وعذاب الهي جو لائق آهي - جنهن ته
توهان کي بخوبي ياد ۽ معلوم هوندو ته اهو توهان کي حطب جهنم (دوزخ جو
ٻارڻ) بڻائڻ وارو اڳواڻ اوّل اوّل متبع احڪام قرآن ۽ متقي ۽ پابند
شريعت هيو ۽ باقاعده هڪ مدرسه ۾ مدرّس (پڙهائيندڙ) جي حيثيت
سان علوم دينيه جو درس ڏيندو رهندو هو ۽ اهڙي طرح الهي صحيح ۽ احسن
شغل ۾ ڪيترا سال جا سال بسر ڪيا هُين ته هاڻي به اهو ساڳيو شخص آهي جنهن
جا ڪرتوت ۽ ڪارناما نڪي توهان کان ڳجها آهن ۽ نڪي ڪنهن ٻئي کان
مخفي آهن ته هاڻي هر صورت هيڪو شخص اهڙي طرح علم قرآن حاصل
ڪري ۽ پوءِ اُن کي جاڻي واڻي ترڪ ڪري ڇڏي ته بعينه اهڙي بيان ڪيل
جي عذاب ۽ وعيد ۾ جيڪا عبرت آموز آيه پاڪ وارد ٿيل آهي سا هن هيٺ
بمعه معنى تحرير ڪجي ٿي تان ته من اوهان سوچ ۽ ويچار ڪيو!
جيئن - قال الله تبارڪ وتعالى.

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِيْٓ اٰتَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ الشَّيْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِيْنَ

(قرآن - ٩ - الاعراف - رکوع - ٢٢)

معنیٰ (اي نبي) کين اُن شخص جو حال پڙهي ٻڌاءِ جنهن کي اسان
پنهنجون آيتون (قرآن جو علم) ڏنيون پوءِ اُهن کي ڇڏي (ترڪ) ڏنائين پوءِ
سندس پويان شيطان لڳو يعني ابليس اُن کي پنهنجو مطيع بڻائي ڇڏيو ۽ گمراهن
منجهان ٿيو.

هاڻي ذرا ويچار ڪري ڏسو ته اهو مذڪور عتاب الٰهي توهان جي هنا
(فولادعلي) جي حالات جي مين مناسبت ۾ آهي يا نه؟ ڇاڪاڻ ته جو هن کي به
خداوند تعالیٰ قرآن جو علم عطا ڪيو هو ۽ ڪيس پنهنجي فضل سان شريعت
پاڪ (دستور قرآن) جو عامل بڻايو هو. جيڪا سموري خبر وهان مان
هر هڪ کي به آهي - پر پوءِ ان ساڳئي شخص شيطان جي متابعت ڪئي ۽
مذڪوره عنايات حقيقي کي ڄاڻي واڻي ترڪ ڪري ڇڏيائين اهڙيءَ طرح بروئي
دليل قرآن مذڪور ابليس جي تسلط هيٺ اچي گمراه ٿيو!!

فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ (پوءِ اي اکين وارو عبرت وٺو)
فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ. (پوءِ آهي ڪو (قرآن مان) نصيحت وٺڻ وارو؟
اهو نه ٿيو اُن آدمي جو حال جيڪو بعد از حاصلات علم قرآن شيطان
جي ڪيل ٻڌي ضلالت جي کڏ ۾ وڃي پيو. پر برخلاف اُن جي هي اُهو سعادت
مند جنهن جي دل ۾ مقدس قرآن جون آيتون جاءِ ڪري وييون پوءِ
اُهو اُهن آيتن مٿان مستقل طرح عامل ٿئي ته اهڙي نيڪوڪار بندي
لاءِ وري خدا تعالیٰ هيئن طرح اضيي جا الفاظ نازل فرمايا آهن جن
ته ..... قال الله تبارڪ وتعالیٰ-

وَالَّذِيْنَ يُمَسِّكُوْنَ بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ
اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُصْلِحِيْنَ

قرآن = ١ - الاعراف - ٢ رڪوع (٢١)

معنیٰ: ۽ جيڪي ڪتاب (قرآن مجيد) کي چڱي طرح پڪڙين ٿا- يعني اُن تي مڪمل طرح عمل ٿا ڪن) ۽ نماز قائم ٿا ڪن ته بيشڪ اسان اهڙن نيڪوڪارن جو ثواب ضايع نه ڪندا اسون

اِنا ثابت ٿيو ته قرآن پاڪ تي ثابت قدمي سان عمل ۽ اُن سان گڏ نماز جو قائم ڪرڻ باعث سعادت دارين آهي ۽ هت هڪ ٻيو به عجيب نقطه ظاهر ٿيو جيئن ته آية منڪم ۾ قرآني عمل سان گڏ وري نماز جي قائم ڪرڻ ڏانهن به اشارو ڪيو ويو آهي حالانڪ نماز جي ادائگي پڻ قرآني عمل ۾ موجود سمائجي وڃي ٿي ڇو ته بحڪم قرآن نماز جو ادا ڪرڻ به هڪ قرآني عمل ئي آهي تاهم صورت ۾ عمل بر ڪلام الله جي حڪم سان گڏ ساڳئي وقت وري نماز جي قائم ڪرڻ جي الڳ ارشاد مان نماز جي ڪامل فضيلت ۽ اُن جي نهايت لازمي ادائگي جو ثبوت ملي ٿو ۽ پتو پوي ٿو ته حضرت رب العٰلمين تعالیٰ شانهٗ وٽ نماز جو عمل نهايت اعلیٰ ترين ۽ پسنديده آهي برخلاف اُن جي تارڪ نماز آدمي لازمًا [illegible] مقهور، منحوس ۽ لائق عتاب و عذاب آهي!!

هاڻي... ايتري قدر مٿا ڪُت ڪري سمجهائڻ کان پوءِ وري به مذڪوره معاملات بنسبت توهان کي "حق اليقين" حاصل ڪرائڻ لاءِ آخري طور هِن هيٺ قرآن مجيد مان اهڙيون چند آيتون اخذ ڪري قلمبند ڪجن ٿيون جنهن صاف مفهوم جي معلومات بعد انشاء الله تعالیٰ اوهان پنهنجي حالت تي گهرو غور ڪري راه حق ڏانهن رجوع ڪري سگهندؤ!

جيئن ته قال الله تبارڪ وتعالیٰ

عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ كَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰٓى
اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى اَرَءَيْتَ
الَّذِيْ يَنْهٰى عَبْدًا اِذَا صَلّٰى اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ
عَلَى الْهُدٰٓى اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى اَرَءَيْتَ اِنْ كَذَّبَ
وَتَوَلّٰى اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى كَلَّا لَئِنْ لَّمْ
يَنْتَهِ لَنَسْفَعًا بِالنَّاصِيَةِ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ
فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ كَلَّا لَا تُطِعْهُ
وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ

(قرآن سپ ٣٠ علق رڪوع ١)

معنيٰ: ماڻهوءَ کي اهو سيکاريائين جو نه ڄاڻندو هو. هرگز نه
تحقيق انسان (يعني ابوجهل) سرڪشي ڪري ٿو جو پاڻ کي (دولت جي
ڪري) بي پرواه ڏٺائين. بيشڪ (هر ڪنهن کي) تنهنجي رب ڏانهن موٽي
وڃڻو آهي. ڀلا (اي ابوجهل) تو ڏٺو جيڪو ٻانهي کي نماز پڙهڻ کان جهلي ٿو.
ڀلا تو ڏٺو ته جي (ابوجهل) هدايت تي هجي ها يا پرهيزگاريءَ جو
حڪم ڪري ها (ته عذاب لائق نه ٿئي ها). تو ڏٺو ته جي ڪوڙ ڀانئيائين
۽ منهن ڦيرايائين (ته عذاب لائق ٿيو). نه ڄاتائين ڇا ته الله (سندس
افعالن کي) ڏسي ٿو. ايئن نه آهي! جيڪڏهن (ابوجهل) باز نه ايندو ته پيشانيءَ
جي وارن کان وٺي گهليلينداسون. پيشاني جيڪا (ابوجهل جي) ڪوڙي

گنهگار جي آهي. پوءِ ڀلي ته پنهنجي مجلس وارن (دوستن) کي سندن اسان به
دوزخ جي ملائڪن کي سڃاڻندا اسون ها... ائين نه آهي اُن جو جواب هي
خدا کي سجدو ڪر (يعني نماز پڙهه) ۽ ويجهو ٿيءُ.

هاڻي... پيش ڪيل آيات مذڪور هوندي تمام طرح اهڙي مشهور
ابوجهل جي عتاب فرمائڻ لاءِ نازل ٿيل آهن پر هيئن اهن جو حڪم فرمايو ۽ نيٺ پيدا
ٿيل ابوجهل لاءِ عام آهي..................اُن ڪري تو هر جيڪو شخص نيڪي ۽
ڪار ڪرڻ کان روڪيندو خاص طرح مانع الصلواة نماز کان جهليندو آهي تنهن تي بحث
کي پڻ سابق ابوجهل سان پوري پوري تشبيه ڏني ويئي آهي اُن سان گڏ خداوند
عالم پنهنجن پاڪن کي هر اهڙي مانع خير ابوجهل جي تقليد (پيروي) کان نهايت
زوردار الفاظن ۾ منع پڻ فرمائي آهي ۽ بعد ان ذات ڪبريا هر نيڪي ڪرڻ
جو عموماً ۽ نماز قائم ڪرڻ جو خصوصاً سندن سان تاڪيدي ارشاد
پڻ فرمائي ڇڏيو آهي..

هاڻي خدارا! پورو انصاف توهان پنهنجي رهبر پيرن جي سمورن
عملن ۽ خود پنهنجن ڪُل ڪرتوتن تي قرآني حڪمن کي سامهون رکي نظر ثاني
ڪري ڏسو ته ڇا توهان سڀني جا اقوال ۽ اعمال احڪام ڪتاب الله (قرآن)
جي عين مطابق آهن يا ابليس جي ٺيڪ فرمان موافق آهن؟ ۽ اوهان جا
ڪُل ڪرتوت ۽ ڪارنامه ڪلام پاڪ جي حڪمن موجب آهن يا شيطان جي
بعينه ارشاد ۽ پنهنجي غلط گمان ماتحت آهن؟!

توري اميد آهي ته بعد از نظر عادلانه هن حقيقت جو خود توهان اعتراف ڪندؤ
ته پر اسان جا اقوال ۽ اعمال قرآني نظرئي جي بالڪل برعڪس آهن ۽ غير
مبصر قائد (اڳواڻ) جي غلط رهنمائي جي تقليد ڪري پنهنجي لاءِ عذاب
۽ عتاب اُخروي جو سامان مهيا ڪري رهيا آهيون.............ته پوءِ هاڻي
اي پنهنجي غلط عملن تي نظر ثاني ڪري پنهنجي غلطي کي محسوس ڪندڙ
سالم عقل وارؤ عاقلؤ! هيج جيڪڏهن اوهان واقعي پنهنجي ڪارگذارين کي

بدولت نور قرآن خلاف راه حق تسليم ڪري چڪا آهيون ته اِن صورت ۾ هاڻي وري توهان تي لازم آهي ته بجز تاخير (بنا دير) پنهنجن قولن ۽ فعلن کي احڪام الهي جي روشنيءَ ۾ سڌاري سڌو ڪريو.... ورنه بعد از روشن دليلن ۽ صحيح رستي هٿ اچڻ جي به جيڪڏهن توهان پنهنجا اعمال ساڳيءَ طرح خلاف شريعت مصطفيٰ صلعم (قانون خدا جي ابتڙ) رائج رکيو ايندؤ ته اِن حالت ۾ بحڪم قرآن نهايت سخت وعيد اچي پهچي لاءِ ناقابل تلافي نقصان پرائي وٺندؤ!! جيئن ته قال الله تبارڪ وتعاليٰ -

وَمَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى
وَيَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَ
نُصْلِهٖ جَهَنَّمَ وَسَاۗءَتْ مَصِيْرًا ۝

(قرآن - ۵ - النساء - رڪوع - ١٧)

معنيٰ - ۽ جيڪو رسول جي مخالفت ڪندو (خلاف شريعت حڪم ڪندو) اُن کان پوءِ .... جڏهن اُن تي سڌي وات کلي چڪي ...... ۽ سڀني مسلمانن جي اختيار ڪيل طريقه جي خلاف هليو ته اسان اُن کي اُن طرف موٽائينداسون جيڪو اُن اختيار ڪيو ۽ اُن کي دوزخ ۾ وجهنداسون ۽ اُها بڇڙي جاءِ آهي...

ها...... ۽ شايد توهان جي دلين تي پهچي ماسابقه گناهه ڪاروائين کي ڪسي هي خوف طاري ٿيندو هجي ته هاءِ افسوس!! اوهو جبار ۽ منتقم (بدلو وٺندڙ) صفتن واري خدا ڪيئن ٿي اسان جي اهڙن بدترين اعمالن کان درگذر ڪري ۽ معافي ڏيئي جن کي اسان مجبورت ۾ سندس حڪمن جي صريحا خلاف استعمال ڪندا رهيا آهيون!! سو ائين ته برابر آهي پر ساڳئي وقت وري هي به نه ڀلجي ته اُن ذات الرحم الراحمين جي پنهنجن گنهگار ٻانهن واسطي

بشرط توبه ۽ رجوع غفاريت ۽ عفو جي اها حد آهي جو هيءَ ڪي نوهان آهيو پر جيڪڏهن فرعون جهڙو ۽ "من خدا ايم" (مان خدا آهيان) جو نعرو هڻندڙ به پنهنجي سياه عملن تي نادم ٿي سچي دل سان توبه ڪري رب پاڪ کان معافي وٺي ها ته لاشبيه ستار ذات اُن سرڪش ۽ نا قابل معافي عملن جي مرتڪب انسان کي بہ معاف فرمائي ڇڏي ها!.....

گنهگار ماڻهن جي اهڙي دل جوئي ۽ تسڪين لاءِ مولا پاڪ پنهنجي منزه ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اهڙيون مسڪن الم ۽ دافع درد آيتون نازل فرمايون آهن جن مان هڪ هيءَ بہ آهي جا خاص توهان جي وهم مذڪور جي ازالي ۽ اطمينان خاطر تحرير ڪجي ٿي جنهن ته قال الله تبارڪ وتعالىٰ

ثُمَّ إِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِينَ عَمِلُوا السُّوءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوا مِنْ بَعْدِ ذَٰلِكَ وَأَصْلَحُوا إِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَحِيمٌ (قرآن - ع ١٤ - النحل - رڪوع ١٥)

معنيٰ ... وري بيشڪ جن جهالت (نادانيءَ) سبب برائي ڪئي وري اُن کان پوءِ توبه ڪيائون ۽ پاڻ سڌاريائون تن کي رب بخشي ٿو بيشڪ تنهنجو رب اُنهن جي توبه (۽ رجوع) کان پوءِ ضرور بخشيندڙ مهربان آهي ..... اهائي..

اي فتنه فولاد جي ليبيت ۾ ايجي ويل آڻ جاڻ مسلمانو! ۽ اي بي علم اِدنان کي پنهنجي بد ترين حلقهءِ قيادت (رهبري) ۾ آڻي ڪين حطب جهنم (دوزخ جو باهڻ) بڻائڻ وارا ڦاڳوانو!! ڇا ڏسو نٿا ته خداوند عالم تعالىٰ شانهٗ واجب الوجود لازوال هستي اوهان جي هڪتهن وهم باطل ۽ سپ ڪنهن طرح جي بدگماني جي ازالي واسطي پنهنجي مقدس ڪلام ۾ حقيقت افروز بيانن جا ڪيترا بي انت ذخيره مهيا ڪري ڇڏيا آهن؟! بقوله تعالىٰ

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ

(قرآن - ١٥ - بني إسرائيل - رڪوع ١٠)

(يعني: - اسان هن قرآن ۾ ماڻهن لاءِ سڀڪو مثال ورِي ورِي سمجهايو آهي)

ايضاً: - وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ

(قرآن - ٩ - الاعراف - رڪوع ٢٢)

يعني - اسان اهڙيءَ طرح حقيقتون کولي کولي بيان ٿا ڪريون ته مَن اُهي (گمراه) موٽي اچن (سڌي راهه تي اچن - ......

پوءِ ...... اي تعجب انگيز سوال اُٿارينده ساٿيو! ...... اي اُهڙن مسئول حقيقتن جي جواب ملڻ لاءِ انتظار ڪندڙ منتظرؤ!!..... توهان جي موڪليل مجمل سوالن جا مفصّل جواب صرف واضح قرآني دليلن ذريعه ڏيئي بعد ۾ اوهان جي پسند بدلهءِ مسلمه نظريه ڪي سامهون رکي اُن کي بر معيارِ قرآن پرکيندي اُن تي پڻ ڪافي بحث ڪري چُڪا آهيون جيڪو سمورو معامله توهان جي اکين آڏو آهي - ها .... پوءِ! باوجود ايترين ڪليل قرآني نصيحتن ۽ فرقاني مدلّل فهمائشن بجڻ جي برحق آڏو گردن نه جهڪائيندؤ ته پلا پوءِ بئي ڪنهِ جي ڳالهه تي اعتبار ڪري سچ کي تسليم ڪندؤ!! بقولہ تعالیٰ -

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَ اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ (قرآن - ٢٥ - الجاثيه - رڪوع ١)

(يعني هي خدا جون آيتون آهن جي توکي حق سان پڙهي ٻڌايون... پوءِ الله جي نصيحت ۽ سندس آيتن (قرآن) کان پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي) ايمان آڻيندا.......... علاوه

اخير ۾ پنهنجي خاص توهان جي دلچسپي ۽ دلجوئي واسطي چند اشعار دلپسند" در زبان فارسي تحرير ڪري اوهي برا ارسال خدمت ڪجن ٿا - گر قبول افتد زهي عز و شرف!!

"ويرلهر صورت"

اَللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ لَنَا اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ لَا حُجَّةَ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَللّٰهُ يَجْمَعُ بَيْنَنَا وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ

(اسان جو ۽ اوهان جو رب الله آهي - اسان جا عمل اسان لاءِ ۽ اوهان جا عمل اوهان لاءِ آهن ۽ اوهان جي وچ ۾ جهڳڙو ڪونهي - خدا اسان کي (قيامت ڏينهن) گڏ ڪندو ۽ اُن ڏي ئي موٽڻ آهي -)

وَمَا عَلَيْنَا اِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِيْنُ - اَللّٰهُمَّ اهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ وَاٰخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ

چند اشعار دل پسند

برائے ہدایت گم گشتگان بادیۂ ضلالت

ای تو مخلوق از خدائی ذوالکرم — پیش خالق کن سر تسلیم خم
چونکہ ہر چیز است ساجد پیش او — پس برائے تو چہ مانع شد از او
گر ز علمِ حق تو چیزے خواندۂ — پس ز قرآں رو چرا گرداندۂ
چوں تو خود را عارفے پنداشتی — پس چرا راہِ نبیؐ بگذاشتی
ایکہ بندۂ ذاتِ حق ہستی چرا — پیش او ساجد نکردی خویش را
بندۂ حق باش اے صاحب کرم — سر بسجدۂ ربّ خود می دار خم
گر تو داری از سرِ دانش نشان — فَاسْجُدُوْا لِلّٰہِ از قرآں بخوان
بس کہ خوردی نعمتش را ای غنید — معدہ ات نعرہ زند ھَلْ مِنْ مَّزِیْد
چوں شدی بیزار از دینِ رسولؐ — جایت اندر دوزخ آمد در سفول
در شریعت نورِ عرفان است بس — بر تو آں در چوں خدا ہم بست بس
ہر کہ بیروں از رہِ حق ذاہب است — مفتری زندیق ملحد کاذب است
آنکہ اندر حکم دیں گشتہ مخل — در شریعت گشت او ضال و مضل

چونکه هر نوعی ز نعمت خوردهٔ | پس ز منعم رو چرا برکردهٔ
گر تو جنت هم جهنّم دیدهٔ | پس چنیں ملحد چرا گردیدهٔ
گر ترا حاصل بود حق الیقیں | از عذاب حق نباشی بی حزیں
گر تو می نگریستی لوحِ صحیح | بر نمی آمد ز تو فعلِ قبیح
چوں زمَاذَا تَکسِبُ جاہل یقیں | کئے ترا باشد خبر از یوم دیں
گر نماز تو بود در لامکاں | پس چرا مانی تو زیرِ آسماں
وائے بر حال تو داری کذب و شر | ہم بعالم کردی آنرا منتشر
دشمنیت ہست گر با دینِ پاک | در جہنم خالدین باشی ہلاک
ای ترا باید کہ پیش از مرگ خویش | شو بدل تائب ز بد کردار خویش
دور کن از قلب خود تزویر را | تا بیابی از خدا توقیر را
خود عمل بر حکم شرع پاک کن | رو بسوئے صاحب لولاک کن
گر ترا از دینِ حق باشد نشاں | عزتت افزوں شود در دو جہاں
من ہدایت مشعلہ برا ساختم | قولِ حکمت پیشِ تو انداختم

نور گیری یا نگیری ازایں چراغ
نیست بر ناصح بجز الّا البلاغ

تصدیقات وتقریظات علمائی محققین الکاملین المکملین

بر مضامین رساله هذا

بسم الله الرحمن الرحیم

الحمد لله الذی جعل العلماء الراسخین قامعین لمکائد الفرق الباطلة ودافعین المتوهمات الواهیة والتخیلات الفاسدة والصلوة والسلام علی رسوله محمد ن الذی اعطاه الله اخبار المغیبة الخفیة واقامة الدین بالحجج القطعیة القویة

اما بعد فطالعتها من اولها وآخرها ووجدتها بحمد الله حاویة علی تحقیقات انیقة وشاملة علی تدقیقات رشیقة ومشیدة بالدلائل الساطعة ومؤیدة بالحجج القاطعة ونافعة نفعا جما وفاتحة قلوبا غلفا واعینا عمیا وآذانا صما هذا هو الفیصل الحق الاحق بالقبول لاینکر عنه الاجهول العقل والمولانا المؤلف عارف بحقائق الاشیاء جزاه الله عنی وعن جمیع المسلمین خیر الجزاء –

لاشئ فقیر محمد عبد الغفار قضائی
۹ محرم الحرام سنه ۱۳۸۶ هجری المعلی

من احباب اصحاب

لاشی عبد الستار بقلم خود

ساکن ضلع ملتان تحصیل شجاع آباد

گیارہ ربیع الاوّل ۱۳۷۶ھ

ڈاکخانہ جلالپور پیروالہ خاص

موضع لنگر

۷۸۶

حمد لانہایہ اس ذات کا کہ جس نے عدم سے وجود بنایا اور صلوٰۃ والسلام اس ہستی پر کہ جس کے ذریعہ سے انسان کو انسانیت کا جامہ پہنا کر مستحق دارالنعیم فرمایا۔ حمد صلوٰۃ وسلام کے بعد یہ رسالہ جو کہ مذہب غویہ ملحدہ زندقہ کے سوالات کے جوابات پر مشتمل ہے کسی واصف کے وصف کی ضرورت نہیں رکھتا۔ بمثل مشک آنست کہ خود ببوید نہ عطار گوید۔ جوابات بادلہ نصوص قطعیہ سے دیے گئے ہیں۔ انسان کو راہِ نجات پر لانے میں درجہ اوّلیت رکھتا ہے۔ اور مدمقابل کے لئے مانند تریاق مارگزیدہ کے ہے۔ اللہ تعالےٰ مؤلف کی سعی بلیغ کو منظور و مقبول فرماوے۔ انہ قریب مجیب

فقیر محمد خلیل نقشبندی غفاری رحمت پوری

۸ محرم الحرام ۱۳۷۶ھ

۹۲ ۶۶

۱۱ - محرم الحرام
۱۳۷۶ھ

از دار الافتاء الشرعی
گڑھی یاسین ضلع سکھر سندھ

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم نحمدہ ونصلی علی حبیبہ الکریم

اما بعد فخیر الحدیث کتاب اللہ وخیر الہدی ہدی محمد وشر الامور محدثاتہا وکل بدعۃ ضلالۃ رواہ مسلم۔

وعن عبد اللہ بن مسعود قال خط لنا رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم خطا - ثم قال ھذا سبیل اللہ ثم خط خطوطاً عن یمینہ وعن شمالہ وقال ھذہ سبل علی کل سبیل منہا شیطان یدعوا الیہ وقرأ وان ھذا صراطی مستقیما فاتبعوہ الایۃ رواہ احمد والنسائی والدارمی

وعن عبد اللہ بن عمرو قال قال رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم ان بنی اسرائیل تفرقت علی ثنتین وسبعین ملۃ وتفرق امتی علی ثلاث وسبعین ملۃ کلہم فی النار الا ملۃ واحدۃ قالوا من ھی یا رسول اللہ قال ما انا علیہ واصحابی رواہ الترمذی

حاصل ایں ہر سہ احادیث سید الرسل صلی اللہ علیہ وسلم آنست کہ برائے اتباع بہترین چیز کتاب اللہ وسنت رسول اللہ است وبدترکارہا نو پیدا شدہ امور اند کہ بدعت اند وہر بدعت گمراہی است ونیز از عبد اللہ بن مسعود روایت است کہ رسول خدا صلی اللہ علیہ وسلم خطے کشیدہ فرمود کہ ایں راہ خدائی است پس چند خطوط دیگر از جانب راست وچپ آں کشیدہ فرمود کہ ایں راہہا اند بر سر ہر راہے شیطان است کہ می خواند بسوئی آں پس ایں آیت را قراءت فرمودند "وان ھذا صراطی مستقیما فاتبعوہ" ختلیش آنکہ حق تعالےٰ فرمودہ کہ تحقیق راہ راست من ایں است پس اتباع آں بکنید۔

وعبد اللہ بن عمرو گفت کہ فرمود رسول خدا صلی اللہ علیہ وسلم تحقیق بنی اسرائیل متفرق شدند بر ہفتاد ودو ملت وامت من متفرق خواہند شد بر ہفتاد وسہ ملت ہمہ دوزخی اند مگر یک ملت (یک فرقہ) اصحاب فرمودند یا رسول اللہ آں کدام فرقہ است

زمرہ ندم آنانکہ بر راہے باشند کہ من واصحاب من برآں می باشیم۔

ازیں احادیث ظاہر است کہ بغیر از شاہ رسول خدا و اصحاب او کہ فرقہ اہل سنت وجماعت برآں راہ مستقیم اند ماسوا برآنان دیگر تمامی فرقہای ملت کہ خود را مسلمان می نامند دوزخی اند خواہ صوفیان بی دین باشند خواہ مولویان بدمذہب یا رافضیان سابان اصحاب کبار یا خارجیان مبغضان آل اطہار یا وہابیان بی ادبان دربار سید الابرار صلی اللہ علیہ وسلم یا منکران حدیث سرور عالم سر اللہ الاعظم کہ خود را اہل قرآن گویند و درحقیقت منکران قرآن اند وغیرہم۔ ہمہ ایں فرقہا ضالہ ومضلہ اند و باحادیث مذکورہ ناری وغیر ناجی اند ومتبعان خطوات الشیاطین مومنان صادق الایمان را باید کہ صحبت ومجالست ایں فرقہ باطلہ احتراز واجتناب نمایند۔ و ایں رسالہ در رد اقوال صوفیان جہال کہ راہ خلاف شریعت گرفتہ اند کافی وشافی است ولنعم ما قال العارف شیرازی

خلاف پیمبر کسے رہ گزید کہ ہرگز بمنزل نخواہد رسید

واللہ یہدی الی سواء السبیل وهو نعم المولی ونعم الوکیل وصلی اللہ تعالی علی حبیبہ الجمیل سیدنا محمد صاحب الکرام الجزیل وعلی آلہ و اصحابہ الذین فازوا من فیوضہ بحظ جلیل

انا المحرر الفقیر الی اللہ الغنی محمد ابراهیم الیاسینی

محمد ابراہیم

٦٦ ٧٨٦ ٩٢

الحمد لله الذی جعل لکل فرعون موسیٰ والصلوٰۃ والسلام علیٰ نبیہ المصطفیٰ وعلیٰ آلہ المجتبیٰ واصحابہ ذوی التقیٰ امابعد پس کتاب بنام "سوالات کاذب انسان و جوابات صادق قرآن" زیر نظر این فقیر گذشتہ چہ نوشتہ جوابات برائے سوالات اند کہ ہر صاحب انصاف دیدہ از تحسین مجیب باز نخواہد ماند۔ فللہ درہ وعلی الناس شکرہ وصلی اللہ علیٰ حبیبہ سیدنا محمد وآلہ واصحابہ واتباعہ وذریاتہ وازواجہ وسلم

انا المصحح الفقیر محمد نجم الدین عفا عنہ رب العلمین المتوطن فی بلدۃ گڑھی یاسین۔ ۲۷ جمادی الاول سنہ ۱۳۷۶ھ

هذا هو الجواب الصحيح والرائ النجيح

انا الفقير عبد الباقي الهمايوني عفي عنه

٧٨٦

مبسملا حامدا مصليا مسلما

قرآن شريف کي جو مڃي ته هي واقعي الله تعالیٰ جو ڪتاب آهي ۽ جيڪي منجهس آهي سو حق آهي سو واقعي مسلمان آهي مگر جو مضمون قرآن شريف جي مڃڻ کان بعد هن جي مفهوم ۾ پنهنجي راءِ يا مردود مخالف قول کي دخل ڏئي ۽ ان کي ثابت ڪرڻ ٿو گهري ته هو گمراه آهي ۽ گمراه راست کان هٽيل بي راه آهي جنهن ڪري قرآن شريف جو مفهوم حضور صلي الله عليه وعلیٰ آله وسلم کان وٺي جيڪي سلف صالحن کان ثابت ٿيل آهي ان مطابق قائم رکيو۔ جنهن ڪري هن ڪتاب جي مؤلف جيڪي صحيح مفهوم قرآن شريف جي مطابق فرقه ضال کي رهنمائي ڪئي آهي سا برابر صحيح آهي۔

٦ محرم سنه ١٣٧٦ھ

حماد الله

انا هاليجي ۔ بيد عاقل

٤٨٩

هي رسالو ڪن هنڌن تان .. ڏٺو مصنف صاحب جا ڏنل جواب
قرآني آيتن سان پنهنجي دعويٰ تي ڏنل آهن

حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وعلىٰ آله وسلم جي اُمت لاءِ
قرآن شريف ئي مشعل راه آهي ء ٻس - جيڪڏهن سوال ڪندڙ
قرآن شريف تي ايمان رکندڙ آهي ته ڪيس پنهنجي ڪفريه عقائد
کان باز اچڻ گهرجي

اصل دين آمد ڪلام الله معظم داشتن

پس حديث مصطفىٰ بر جان مسلم داشتن

ننگ اڪابر محمود حسين عفي عنه

هالجي شريف پنو عاقل سکهر سنڌ
٦ محرم ١٣٨٣ھ

٤٨٦

اسان هن رساله جا بعض مقامات مطالع ڪيا
جو اسان کي بلڪل صحيح نظر آيو اسان کي اطمينان پيدا
ٿيو ته مصنف صاحب واقعي لکڻ جي لياقت رکي ٿو -
سندس لکيل اعتبار جوڳو آهي -

١٩ ذوالحج ١٣٧٥ھ

عزيز الله

نائب مهتمم جامعه دينيه

دار الهدىٰ ٺيڙهي

مبسملاً و محمدلاً و مصليًا و مسلمًا

مون هي رسالو بعض مقامات کان ڏٺو. انهن مقامات ۾ اعتراضات باطله جا ڪافي ۽ شافي جوابات نظر آيا. بقيه جي متعلق به اهائي اميد آهي. الله تعاليٰ مؤلف سلمه کي زياده توفيق عنايت فرمائي ته هو آئنده به فرق باطله ضاله ۽ مضله جي مقابله ۾ سينه سپر ٿي حق جي طرفان مدافعت جي خدمت انجام ڏيندو رهي. ۽ ايزدي تعاليٰ انهي سعي کي مشڪور ۽ قبول فرمائي.

وما ذالك على الله بعزيز

رشيد احمد عفي عنه

رشيد احمد عفي عنه

خادم دار الافتاء جامعه دينيه دار الهدیٰ ٺيڙهي

١٨ - ذوالحج سنه ١٣٧٥ھ

جامعه دينيه دار الهدیٰ ٺيڙهي
دار الافتاء
رياست خيرپور ميرس

نوٽ

هيءَ ڪتاب حرف بحرف منهنجي ملاحظي مان گذريو. هن ڪتاب ۾ هڪ مسلمان سڌ ائيندڙ ۽ قرآن شريف تي ايمان رکندڙ لاءِ ڪافي سرمايه علمي آهي جو هو هن کي قبول ڪري ۽ غلط نظريه کان نڪري راهه راست تي اچي. سچ ته ڪتاب جي لکندڙ حق کي ثابت ڪرڻ واسطي قرآني دلائل جي برابر بارش وسائي ڇڏي آهي مگر معاند پرڪشن ۽ هدايت کان محروم ٿي رهندو آهي

والله لا يهدي القوم الظالمين

خدا پاڪ کان سوال آهي ته شال هيءُ ڪتاب عام خلق جي هدايت جو سبب ٿئي ۽ الله تعاليٰ هن تصنيف کي پنهنجي پاڻ وٽ قبوليت جو درجو عطا فرمائي ۽ مصنف کي دارين جي سعادت نصيب فرمائي. آمين - ١٨ ذوالقعد سنه ١٣٧٥ھ

عبدالرحمان مهتمم و صدر مدرس
مدرسه عربيه اسلاميه انوار الرحمان
درياخان مري ضلع نوابشاه

۷۸۶

الحمد لله وكفى وسلامٌ على عباده اصطفى

احقر اِن رسالہ کي اوّل کان آخر تائين ڏٺو آهي جواب دردمند دل
کان نڪتا آهن جو انشاءالله تعالیٰ دل تي اثر ضرور ڪندا۔ صحيحين ۾
ام المؤمنين جناب بي بي عائشه صديقه رضي الله تعالیٰ عنها کان
مروي آهي مَنْ اَحْدَثَ فِي اَمْرِنَا هٰذَا مَا لَيْسَ مِنْهُ فَهُوَ رَدٌّ۔
يعني جو اسان جي امر دين ۾ اهڙي ڳالهه ايجاد ڪري جو اصل ۾ اسان جي
دين ۾ نه هجي ته اهو ماڻهو مردود آهي۔
۽ ظاهر آهي ته رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم ۽ خلفاءِ راشدين
۽ صحابه ۽ تابعين و تبع تابعين ۽ ائمه عظام ۽ اولياءِ ڪرام ماسلف
کان اهڙا ملحدانه عقائد تحريف في القرآن ثابت نه ٿيا آهي۔
اُميد ٿي آهي ته مجيب صاحب جو اخلاص ضرور تاثير بخشيندو۔
حق تعالیٰ سمورن مسلمانن کي الهيءَ رسالہ جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ ۽ عمل
ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اهڙي ڪفريه عقائد ۽ الحاد کان پناه ۾
رکي شال ۽ مجيب ممدوح کي اسلامي همدردي جو اجر جميل عنايت
فرمائي شال۔ آمين بحق اياك نعبد واياك نستعين۔

تاريخ ۶ ماه ذوالحج ۱۳۷۵ھ

فقير الهٰ بخش نجدي عفا الله عنه

۴۸۶

نحمده ونصلی ونسلم علی رسوله الکریم
الحق یعلوا ولا یعلی علیه

مولانا صاحب مجیب جواب باصواب پاک کلام الٰہی ماں واضح ہے
بالکل چتاپیش کیا آہن شاء اللہ سائین کیس جزا خیر عطا
فرمائے ہے سبنی مسلمانن کی توفیق تفہیم ۽ تعمیل عطا فرمائے -
آمین ثم آمین برحمتك یا ارحم الراحمین
۱۸ - ذوالحج ۷۵ ۱۳ھ
انا خادم العلماء والفقراء
نور محمد عفا عنه الرب الصمد - معلم مدرسه نور الهدیٰ
منگلا متصل ا.گ.ڙ انتعلقه گمبٽ ضلع خیرپور میرس

۴۸۷

هذا هو الحق والحق احق ان یتبع انا المصدق الفقیر

محمد عبد الحلیم النتحه ادکوئی

۸ - محرم الحرام سنه ۷۵ ۱۳ھ

٧٨٦

قد اصاب فيما اجاب

خادم فقهاء فحول ذ فقير غلام الرسول ساكن شهر قائم خان شيخ

تعلقه قنبر ضلع لاڙڪاڻه

بتاريخ ١٠ ربيع الاوّل

سنه ١٣٧٦ھ

٧٨٦

هذا هو الجواب صحيحٌ وهو من فضل ربّي

هي جواب معاندين دين جي لاءِ ڪافي جگر توڙ ڏنا ويا آهن مونجهس نهايت عجيب ولذيذ جوابات قرآني نظر آيا آهن الله جل وعلى شل جواب ڏيندڙ کي اجر عظيم عطا فرمائي ۽ هن جي پڙهندڙن کي به سعادت دارين جو نفعو عطا فرمائي -

فقير لاشئ الهي بخش غفاري - خانپوري

تعلقه ڪڪڙ ضلع دادو سنڌ -

تاريخ ١٠ - ربيع الاوّل سنه ١٣٧٦ هجري

٧٨٦

الحق حقٌ والعبد عبدٌ الحق خالقٌ والعبد مخلوقٌ الحق باقٍ والعبد فانٍ بحمد الله

جيڪي جوابات هن رسالي جي اندر نقل ٿيل آهن با ترجمه اُهي ذڪر ۽ فڪر مان بگڙيل ۽ نرڪيل شيطان نفس جي قيد ڪيل انسان لاءِ ڪافي رهنمائي جو سبب آهن الله جلّ شانهٗ هدايت نصيب فرمائي آمين۔

فقير حقير محمّد يوسف نقشبندي فضلي غفّاري
بتاريخ ١٠- ربيع الاول سنه ١٣٧٦ھ

٧٨٦

من اجاب اصاب

اکثر مقام دیکھے گئے معتقد وعامل بالقرآن کے لئے تو کافی ہیں ورنہ منکر کے لئے مثل ابوجھل علاج چاہئے۔

احقر العباد الله بخش پٹھان جھنگوي
حال رياست خیرپور میرس
گیارہ ماہ ربیع الاول سنہ ١٣٧٦ھ

٧٨٦

انا المصدق الفقير محمّد صالح صدر مدرّس مدرسه جامعه عربيه مخزن العلوم ڪاڪي - ضلع لاڙڪانه متصل ماهوٽه

سنة - ١١- ربيع الاول سنه ١٣٧٦ھ